
ڪرونا وائرس
۽
سياسي معيشت
ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو
پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ

ڪرونا وائرس

۽

سياسي معيشت

(سياسي تجزيا)

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ

2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	ڪرونا وائرس ۽ سياسي معيشت
ليکڪ:	ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو
ڇاپو:	پهريون
تعداد:	1000
ڇاپي جو سال:	جنوري 2021ع
ٽائيٽل:	سعيد منگي
لي آئوٽ:	مصور منگي
ڪمپوزنگ:	قمرالدين ڪوسو
ڇپائيندڙ:	محمد فاضل راهوجو ايڊووڪيٽ
ڇاپيندڙ:	پروگريسو ٽنڪرس فورم سنڌ
قيمت:	400 روپيہ
ڪتاب نمبر:	04

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال

لکپڑهه لاءِ:

بنگلو نمبر 61، ست فوٽ واري گهٽي سامهون کهڙا گيٽ ڪمپليڪس

سچل ڪالوني، لاڙڪاڻو سنڌ.

Email: faizyanthropologist@gmail.com

0331-3691175

اڄ

سڄي دنيا جي

مظلوم ۽ محڪوم

انسانن جي نانءُ

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جي لکيل سياسي تجزين تي مشتمل ڪتاب "ڪرونا وائرس ۽ سياسي معيشت" اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

هن ڪتاب جا مکيہ موضوع، سياسي معاشيات، ڪرونا جي وبا جا سماجي نظامن خاص ڪري سرمائيداري نظامن تي ۽ سماج جي مختلف شعبن خاص طرح صحت، تعليم ۽ سياسي سرشتن تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون ٽن حصن ۾ ورهايل آهن. پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ 2019/2020 دور جي سياسي ۽ معاشي مسئلن متعلق مضمون آهن. ٽئين حصي ۾ خاص ڪري ڪورونا جي صورتحال ۽ ان مان جنم وٺندڙ صحت، معاشيت سماجي ۽ سياسي مسئلن تي مشتمل مضمون آهن. اهي مضمون مختلف وقتن تي مختلف اخبارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ۽ اخبارن ۾ ٽوري فرقن سان ڇپيل آهن. ٻئي ۽ ٽئين حصي ۾ مضمون اندازن 20 کان 22 سال پراڻا آهن. اهي مضمون ان وقت جي معاشي سياسي ۽ سماجي مسئلن کي نظر ۾ رکندي لکيا ويا هئا.

هي ڪتاب پروگريسو ٽنڪرز فورم، حيدرآباد پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

اداري پاران _____	ڊاڪٽر ذوالفقار علي راهوجو	08
ليکڪ طرفان ٻہ اکر _____	ليکڪ	10
مهاڳ _____	ڊاڪٽر سڪندر مغل	12

پاڳو پهريون _ ڪرونا وائرس ۽ معيشت

عالمي مالياتي بحران ڏانهن شروع ٿيل سفر ۾ اسان ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟	17
وبائن کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام دنيا معاشي طور ٻہ ٻڏڻ لاءِ تيار رهي.	24
هيءَ وبا مستقبل جي معاشي شڪل کي ڪيترو تبديل ڪندي؟	31
ڪرونا وائرس ياحياتياتي جنگ ۽ معاشي سماجي تبديليون	40
ڪرونا وائرس جي ڪري ڪهڙيون تبديليون ايندیون؟	46
ڪرونا وائرس ۽ ناٽي جي ڪن ۾ ڦاسندڙ عالمي معيشت	49
ڪرونا سبب پيدا ٿيل عالمي معاشي جنگ ڪير ڪتندو	59

پاڳو ٻيو _ پاڪستان جي معيشت، مسئلا ۽ مشڪلاتون

اقتصاديات: پاڪستاني معيشت جو نازڪپڻو	62
پاڪستان جون معاشي پاليسيون، فيصلا ۽ نتيجا	72
ايندڙ صدي ۽ پاڪستان جي ترقيءَ جو اڏورو خواب	86
پاڪستان جي معاشي پاليسين جي قيمت ادا ڪندڙ هيٺيون طبقو	93
قرض جي ڪينواس تي چٽيل خوشحاليءَ جا ڪچا رنگ	99
ڊي ويليوئيشن: پاڪستاني معيشت جي مونجهاري جو بنياد	107
اسين غريب ڇو آهيون؟	111
پاڪستان ۽ ايشيائي معيشتون	118
پاڪستاني معيشت ۽ عالمي مالياتي ادارا	124
بين الاقوامي مالياتي ادارا ۽ آزاد معاشي پاليسي	130
نجڪاريءَ جي عمل مان ڇا حاصل ٿيو آهي؟	136

بجيٽ جو خسارو ۽ ميڪرو اڪنامڪ مئنيجمينٽ 144
نئين وفاقي بجيٽ ۾ قرضن جي عادي معيشت لاءِ ڪهڙو علاج آهي؟ 152
مالياتي ايوارڊ ۾ صوبن ۽ غربت جي ماريل عوام سان ٿيندڙ ناانصافي 160
وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مالياتي ڇڪتاڻ 171
حڪومت جا ٽي سال ۽ بجيٽ 97- 1996ع 178
ٽئڪسن جي سياسي معيشت ۽ حڪمران طبقو 193
ايندڙ بجيٽ ۽ مهانگائيءَ جي ڌار ۾ قاتل عوام 201

پاڪو ٽيون _ سياسي ۽ سماجي مضمون

چوندن ڪان پوءِ بي نقاب ٽيل آمريڪي جمهوريت 208
چوندن ۾رسوپارو ٽيل جوبائيڊن آمريڪا کي صحيح دڳ تي وڃي ايندو؟ 215
اسرائيل وچ اوپر ۾ آخر چاهي ڇا ٿو؟ 223
اسرائيل هٽلر جي جرمن رياست جهڙو ڇو ٿو ٽيڙ چاهي؟ 231
مسئلا ۽ مشڪلاتون - 21 هين صديءَ جون ممڪن واٽون! 239
سرمائيداري نظام جو تاريخي پسمنظر 256
لبرل جمهوري اليڪشنون يا ڪا بي وات 272
ڪردن جي قومي آزاديءَ جو سوال ڪهڙي نوعيت جو آهي؟ 279
اچو تہ وطن دوستيءَ جا معيار مقرر ڪريون 293
سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق 299
سنڌ جي تهذيب جا اڻوٽا ۽ هاڻوڪا شهر 303
بنيادي انساني حق، اولهہ جا ملڪ ۽ ويانا ڪانفرنس 312
تعليم لاءِ تڙپ ڪان محروم ماڻهو ۽ ذهني بغاوت ذريعي سماج بدلائڻ جي ضرورت 317
سنڌ جون مادرعلميون ۽ اسان جي ايندڙ پيڙهين جو مقدر 324
سماجي شعبي جي بدحالي ۽ انسانن جي "صحتمند" هجڻ وارو سوال! 331

اداري پاران

پروگريسو ٽنڪرس فورم سنڌ، طرفان هي ڪتاب "ڪرونا وائرس ۽ سياسي معيشت" اسان جي اداري جو چوٿون ڪتاب آهي. هن کان اڳ آيل ڪتابن جا موضوع "عورتن جي آزاديءَ بابت، سنڌ ۾ هاري سوال ۽ 21 صديءَ ۾ سنڌ جي نون بدلجندڙ حالتن ۾ معاشي، جمهوري ۽ قومي سوال ڪهڙا هوندا؟ آهن.

هن ڪتاب جا مکيہ موضوع، سياسي معاشيات، ڪرونا جي وبا جا سماجي نظامن خاص ڪري سرمائيداري نظامن تي ۽ سماج جي مختلف شعبن خاص طرح صحت، تعليم ۽ سياسي سرشتن تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪيل آهي. ڪتاب جي منڊ ۾ ليکڪ جا لکيل ٻہ اکر ۽ مانواري ڏاهي ڊاڪٽر سڪندڙ مغل جو خوبصورت ۽ تفصيلي مهاڳ ٻہ شامل آهي. ليکڪ جي هن اهم لکڻين تي ڊاڪٽر اختيار گهمري ۽ سرگرم صحافي ذوالفقار راجپر ۽ مون پڻ تفصيلي راءِ ڏني ۽ مضمونن کي نئين سر جائزي مان گذاريو. ليکڪ اسان جي راين کي مان ڏيئي لکتن کي وڌيڪ ڄاڻ وارو بڻايو.

سنڌ ۾ سياسي معاشيات، بين الاقوامي معاشيات ۽ 21 صدي جي نئين حالتن ۾ سنڌ ۽ پوري ملڪ جي معاشي يا سياسي صورتحال تي وسيع، گهري ۽ تنقيدي نظر نہ ٿي وڌي وجي ۽ نہ ئي انگن اکرن سان لکڻ جو ڪو گهڻو رواج آهي. 21 صدي ٻہ انسانن جي قرلٽ. طبقاتي جبر، قومي محڪومي، سامراجي تسلط کان خالي ناهي. سماج جنهن ۾ پورهيو ڪندڙ مزدور، هاري، عورتون، اقليتون، آديسي ماڻهو ۽ ٻين سماجي پرتن سان استحصال جاري

آهي. اهو به آهي ته ماڻهو ظلم ۽ استحصال کان انڪار ڪري ان جو مقابلو به ڪن ٿا.

پروگريسو ٿنڪرس فورم جي سٽ جا اهي خيال آهن ته سنڌي سماج تي نظر رکندڙ فرد ۽ ساڃاهه وند ماڻهو ۽ تنظيمون اها نظرياتي ڳالهه چٽي طرح سمجهي وٺن ته سنڌ توڙي پوري ملڪ جي عوام ۽ سموري دنيا جي محڪوم، مظلوم عوام ۽ انسان ذات 21 صدي ۾ پنهنجا هدف ڪهڙا ۽ ڪيئن ٿي طئي ڪري. سندن سياسي مزاحمت ۽ عوام جي حقن جا اصول ڪهڙا هجن تن کي نئين سر سمجهي. علمي طرح هن دور ۾ ايندڙ نظرياتي، علمي، سياسي جدوجهد ۽ سماجي انقلاب جي اصل سوالن کي لازمي سمجهڻو آهي. نون علمن ۽ نون حڪمت عملين جي روشني ۾ سياسي، سماجي، معاشي، جهموري دڳ ۽ رستا به طئي ڪرڻا آهن.

اميد آهي ته هي علمي ۽ نظرياتي پورهيو سنڌ جي سياسي ۽ نظرياتي سوال ۽ ملڪ جي معاشي حالتن ۽ ڪرونا توڙي ٻين اهم موضوعن کي وڌيڪ سمجهڻ ۽ نظرياتي رستا کولڻ ۾ مدد ڪندو .

ڈاڪٽر ذوالفقار علي راهوجو
پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ
20 ڊسمبر 2020ع

ليڪڪ طرفان ٻه اکر

هن ڪتاب ۾ شامل مضمون ٽن حصن ۾ ورهايل آهن. پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ 2019/2020 دور جي سياسي ۽ معاشي مسئلن متعلق مضمون آهن. ٽئين حصي ۾ خاص ڪري ڪورونا جي صورتحال ۽ ان مان جنم وٺندڙ صحت، معاشيت سماجي ۽ سياسي مئسلن تي مشتمل مضمون آهن.

مٿيان مضمون مختلف وقتن تي مختلف اخبارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ۽ اخبارن ۾ ٿوري فرقن سان ڇپيل آهن. ٻئي ۽ ٽئين حصي ۾ مضمون اندازن 20 کان 22 سال پراڻا آهن. اهي مضمون ان وقت جي معاشي سياسي ۽ سماجي مسئلن کي نظر ۾ رکندي لکيا ويا هئا. پر وقت گذرڻ سان گڏ انهن کي سهيڙي جڏهن ٻيهر پڙهيو ويو ته انهن جي اهميت جو اندازو ٿيڻ لڳو. سنڌ ۾ خاص ڪري معاشيات جي علم سان لاڳاپيل لکڻين جي شديد کوٽ محسوس ڪئي ويئي آهي. ۽ خاص طور دنيا جي معاشي مسئلن ڏانهن فڪري لاڑا ٻه هڪ مخصوص ۽ روائتي سوچ جو منظر آهن. ان روايت کي ٽوڙيندي لکيل مضمونن کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ۾ ڏيڻ سچ پچ ته اهو ڪم ليڪڪ جي وس کان گهڻو ڏکيو هو. آئون ٿورائتو آهيان، انهن دوست، شاگردن ۽ ساٿين جو جن انهن مضمونن کي نه صرف گڏي ڪري، درست ڪري، وري ڪتابي صورت ۾ سهيڙيو آهي. آئون سندن محنت جو قدر ڪندي ٿورائتو آهيان. اميد ته ڪتاب معاشيات سان لاڳاپيل مسئلن تي هڪ ننڍي ڪاوش ثابت ٿيندي.

ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ شامل مضمونن گهڻي ياڳي بين الاقوامي معاشي لاڙن ۽ ڪورونا جي صورتحال مان ڦٽي نڪتل

معاشي سماجي ۽ مالياتي بحرانن جي پسمنظر ۾ لکيل مضمونن جي آهي. ڪورونا وائرس دنيا جي صحت جي نظامن کي لوڏيندي، معاشي اٿل پٿل ڪندي، دنيا جي مالياتي نظامن کي تحس نحس ڪرڻ واري آهي. معاشي تبديلين جو سڏو سنئون نتيجو اسان جهڙي پوئتي پيل ملڪن تي اٽنر آهي، ان مان ڪيئي نتيجا اخذ ڪري سگهن ٿا. ڪتابن ۾ ڪجهه مضمون زرعي پاليسين متعلق مضمونن کي منهنجي ايندڙ ڪتاب نالي "21 صديءَ جي زرعي سوال" ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن موضوع سان مطابقت رکندڙ مضمونن کي ملائي موجوده وقت جي حاوي زرعي سوال ۽ ان مان جنم وٺندڙ پيچيده سوال جي پس منظر ۾ سمجهي سگهجي. اميد ڪجي ٿي ته پڙهندڙ جيڪي شاگرد، عام سياسي ڪارڪنن کي سنڌ، پاڪستان ۽ بين الاقوامي معاشي مسئلن ۽ ان مان جنم وٺندڙ معاشي ۽ سياسي سوالن کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

مسقط عُمان

نومبر 2020ع

مهاڳ

هي ڪتاب ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جي اخباري ڇپيل مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪي هن مختلف وقتن تي تحرير ڪيا آهن. ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو هڪ معاشي ماهر ۽ معاشيات جو استاد آهي. جيتوڻيڪ پاڻ ڪافي وقت کان سنڌ کان ٻاهر آهن پر سندس ناتو سنڌ ۽ عوام کان ڪڏهن به ڪٽيل نه رهيو آهي. سندن بنيادي علمي، سياسي ۽ نظرياتي تربيت عوامي تحريڪ جي پليٽ فارم کان ٿي. ڪتاب جي پهرين حصي ۾ عالمي وبائي بيماري ـ ڪرونا وائرس بيماريءَ جي عالمي معيشت، خاص طور تي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪيو آهي. هن مضمونن ۾ نه رڳو سرمائيداري نظام، ڪرونا وبا جي حوالي سان پتا پڌرا ڪيا آهن پر مستقبل ۾ اهڙن وبائن سان مهاڏو اٽڪائڻ جو حل به "گڏيل عالمي سهڪار" جي صورت ۾ ڏسيو آهي.

ڊاڪٽر هڪڙي جي تحقيق ۽ قلم جا موضوع تمام گهڻا مختلف ۽ گوناگون آهن. سندس دانشواراڻ ڪينواس تي معاشيات، سياست، عورتن جي آزادي، ڪردن جي تحريڪ، امريڪي الڪيشن ۽ سياست، تعليم، سنڌ جون مادر علميون، سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جا، سوين رنگ چٽيل آهن. هو جيڪا به ڳالهه ڪري ٿو، ان جي ثبوت طور هو ڪئين انگ اکر پيش ڪري ٿو. ان ڪري سندس لکيل ڳالهه کان انڪار ڪرڻ ڪنهن به ماڻهو لاءِ تمام گهڻو مشڪل هجي ٿو. هو پنهنجن مضمونن ۾ جيڪي تشبيهون ۽ فقرا استعمال ڪري ٿو، اهي به پنهنجو مثال پاڻ آهن، جيئن آءِ ايم ايف،

ورلڊ بينڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن کي "واٽيو چوڻ"، پاڪستان جي معيشيت کي هڪ "هيروئني" سان پيٽ ڏيڻ، جيڪو هيروئن جي پڙي هٿ ڪرڻ لاءِ گهر جا ٽپڙ ٻ وڪڻندو ويندو آهي. ملڪ جي معيشت کي "قرض جو عادي" يا "ناسوري معيشت"، بنيادي انساني حقن تي لکندي هو چوي ٿو، "ماڻهو ماڻهو نہ پر مِرُون آهي."

پنهنجي مضمون "ايڪيهين صديءَ جون ممڪن واٽون" ۾ ڊاڪٽر هڪڙي، روس جي تڻڻ ڪانپوءِ سياسي ۽ معاشي نظام جو بهترين تجزيو ڪيو آهي. هو لکي ٿو، "سرمائيداريءَ کي منافعي کان سواءِ ڪليل لفظن ۾ ٻي ڪا واٽ ئي ناهي، جنهن جو مطلب سڏيءَ طرح استحصال کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ آهي، اهو نظام پاڻ کي نفعي کانسواءِ محدود ڪري ئي نہ ٿو سگهي. اهو مسلسل منافعي جي اصول تي ئي واڌ ويجهہ ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سست رفتاري ڪندو تہ بيروزگاريون پئدا ڪندو، جي تيز رفتاري وڌندو تہ اٽبرابريون ۽ ناهمواريون پيدا ڪندو". اٽبربرابين ۽ ناهموارين جي هڪ جهلڪ آڪسفيم جي هن رپورٽ ۾ ڏسو تہ دنيا جي 99 سيڪڙو آبادي‌ءَ وٽ دنيا جي 99 سيڪڙو دولت آهي. هڪ سيڪڙو امير ترين آبادي‌ءَ وٽ دنيا جي 50 سيڪڙو دولت آهي ۽ دنيا جي 62 امير ترين ماڻهن وٽ جيتري دولت آهي، دنيا جي اڌ آبادي يعني 3.6 ارب آبادي وٽ نہ آهي". تہ پوءِ ڇا اهڙي انسان ۔ دشمن (سرمائيداري) نظرئي/نظام کي "حتمي" ڇئي سگهجي ٿو، جيئن سرمائيداري نظام جا حامي دانشور اهڙي دعوي ڪن ٿا؟. ڇا سوشلزم جي خاتمي کي تاريخ جو انت قرار ڏيئي سگهجي ٿو؟ يا ڪو نئون عالمي سياسي معاشي مستقبل ۾ سرمائيداري نظام جي جڳهہ والاري سگهي ٿو؟ ڇا انسان ذات جي مقدر ۾ اهوئي قرلٽ تي ٻڌل سرمائيداراٽو نظام لکيل آهي؟ هرگز

نہ. انسان ذات جي اڪثريت هڪ ڏينهن ضرور هن اٽبرابريءَ واري نظام جو خاتمو ڪندي.

ڪمپيوٽر، ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ، ٽري.ڊي پرنٽنگ، بائيوٽيڪنالاجي، آرٽيفيشل انٽيليجنس، بگ ڊيٽا الگوردمس ۽ صنعتي آٽوميشن ڇا اهي نيون ٽيڪنالاجيون سرمائيداري نظام کي ختم ڪنديون يا ان جي ڦرلٽ جا نوان هٿيار بڻجنديون؟ يووال نوح حراري، ايڪيهين صدي جي دانشور مطابق مصنوعي ذهانت، انسان جي معاشي اهميت ۽ سياسي طاقت کي ختم ڪري سگهي ٿي (پڙهو ڪتاب، "ٽوينٽي ون ليسنس فار ٽئنٽي فرسٽ سينچري" يووال نوح حراري). هن جي چوڻ مطابق بايوٽيڪنالاجي اقتصادي اٽبراريءَ کي حياتياتي اٽبرابريءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي. اهڙي طرح انسان تاريخ ۾ پهريون پيرو مختلف حياتياتي ذاتين (Biological caste) ۾ ورهائجي ويندا. بايو انجنيئرنگ ۽ مصنوعي ذهانت جي گڏجي وڃڻ سان مستقبل ۾ انسان ذات اعلي انسانن (Super Humans) جي هڪ ننڍڙي طبقي ۽ بيڪار انسانن (Homo_sapiens) جي هڪ تمام وڏي طبقي ۾ ورهائجي وڃي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر هڪڙي گهٽي پاڳي معاشيات جي موضوعن تي لکيو آهي. معاشيات هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو عام ماڻهو جي سمجهه کان مٿي آهي پر اسان کي خبر آهي تہ سماج کي معاشيات ئي هلائي ٿي. مارڪس جي تحقيقي ڪتاب "داس ڪيپيٽل" جي اڄ بہ اهميت آهي. هڪ معاشي ماهر هجڻ جي ڪري، ڊاڪٽر هڪڙو، ڪوويت ملڪ جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ واري وزير جو مشير بہ رهي چڪو آهي. ڊاڪٽر هڪڙي جي مضمونن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ ترجمو ٿيڻ گهرجي تہ جيئن ملڪ جا پاليسي ساز ادارا

هن جي ڏسيل تجويزن ۽ تجزيي مان رهنمائي حاصل ڪري سگھن. نہ رڳو ايترو پر حڪومت کي کپي تہ تہ اهڙم معاشي ماهرن کي پنهنجو صلاحڪار ڪري ڪٽي، جيئن هي ملڪ ۽ ان جو غريب عوام غربت مان ٻاهر نڪري سگھي.

ڊاڪٽر سڪندر علي مغل
30.11.2020

پاڳو پهريون
ڪرونا وائرس ۽ معيشت

عالمي مالياتي بحران ڈانهن شروع ٿيل سفر ۾ اسان ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟

ڪرونا وبا هڪ طرف دنيا جي صحت جي نظامن کي لوڏي ڇڏيو آهي، تہ بئي پاسي معاشي، ۽ مالياتي بحرانن جا خطرا وڌائي ڇڏيا آهن، جيڪي ايندڙ هفتن ۾ واضح نظر اچن ٿا. توڙي جو معاشي بحرانن جي اڳڪٿي اڳ ۾ ئي ڪئي ويئي هئي، وبا تہ مڙيوئي هڪ بهانو پيدا ڪيو آهي. عالمي رسد جو نظام متاثر ٿيو آهي. وڏيون ڪارپوريشنون اڳ ۾ ئي قرضن ۾ ورتل ۽ قرضن جي ادائيگين جي لائق نہ هيون، اُهي هينئر وڌيڪ خساري ۾ آهن. مٿان وري اسٽاڪ مارڪيٽن جون انڈيڪسون، اثاثن/ملڪيتن جون قيمتون، ڪرنسيءَ ۽ تيل جون عالمي قيمتون ڪري پيون آهن. ان جي مقابلي ۾ لوهہ، چاندي، اسٽيل ۽ سون جي قيمتن ۾ چاڙهہ واضح نموني ڏسڻ ۾ اچي ٿو. عام طلب ۾ گهٽتائي آئي آهي. ماڻهو تيزيءَ سان بيروزگار ٿي رهيا آهن، نجي دولت گهٽجي رهي آهي، آمدنين ۾ عدم توازن شديد ٿي رهيو آهي. سرمائيدار دنيا جي حڪومتن، عالمي ادارن ۽ عالمي بئنڪن جو خيال هو تہ ڪرونا وبا جي ڪجہ هفتن اندر عالمي معيشت جلد ئي واپس، اڳوٽي حالت ۾ اچي ويندي، پر اهڙين سمورين اڳڪٿين تي پاڻي ڦري چڪو آهي. لڳي ائين ٿو تہ وبا عالمي معيشت جي جان آسانيءَ سان ڇڏڻ واري نہ آهي. عالمي معاشي بحران يقيناً سخت دور ۾ داخل ٿي رهيا آهن. گهٽو امڪان آهي تہ هي بحران دنيا جي عالمي مالياتي ادارن، بئنڪن، ڪرنسين جي نظام ۽ اثاثن جي قيمتن کي لوڙهيندو، هڪ وڏي عالمي معاشي سرد بازاريءَ سان

گڏ ۽ اٽٽر مالياتي بحرانن جي نظر نہ چڙهي وڃي. اهڙي غير يقينيءَ جي صورتحال عالمي معيشت جي ڪرنگهي واري هڏيءَ ۾ هڪ خوف ۽ هراس آهي.

ظاهر آهي تہ مالي بحران ايندا ئي اهڙين خوف جي حالتن ۾ آهن، جڏهن مالي اثاثن جي قيمت ۽ قدر ۾ اوچتو ئي اوچتو گهٽتائي اچي، ڪاروباري ۽ عام صارف (ڪاپو ڪندڙ) قرض واپس ڪرڻ لائق نہ رهن، مالياتي ادارا وڌيڪ قرض ڏيڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي وڃن، سيڙپڪار تڙ تکڙ ۾ پنهنجي بچتِ ۽ اثاثا گهٽ قيمت تي وڪرو ڪندا هجن، پنهنجو ناڻو خوف ۾ بئنڪن ۽ مالياتي ادارن مان ٻاهر ڪڍندا هجن يا ڪنهن معاشي شعبي ۾ اوچتوئي اوچتو تمام وڏي سرگرمي ڏسڻ ۾ اچي، شيئرس جي ڪاروبار ۾ مصنوعي چاڙهه هجي، اسٽاڪ مارڪيٽن جي انڊيڪسن ۾ هيڻ مٿانهين، رياستن جي خود مختيار قرض جي ادائيگين ۾ ناڪامي يا ڪنهن ڪرنسيءَ جي قيمتن ۾ ڏسندي ڏسندي گهٽتائي اچي، اهڙا لقاءَ مالي بحرانن کي جنم ڏيندا آهن. اهڙي نوعيت جا بحران شروعات ۾ ڪنهن هڪ يا ٻن بئنڪن کان شروع ٿي يا ڪنهن هڪ ٻن شعبن ۾ يا هڪ معيشت يا هڪ ملڪ کان ٿيندا مختلف خطن ۾ پکڙجي ويندا آهن. بعد ۾ گهٽين معيشت کي لپيٽ ۾ آڻي، سڄي دنيا جي معيشتن کي بحرانن جي نظر ڪري ڇڏيندا آهن.

هينئر، دنيا ۾ معاشي ۽ مالياتي بحرانن جي جيڪا شڪل نهي رهي آهي، اها عالمي مالياتي ادارن جي اميدن جي اُبتڙ، ڊالر ڪرنسيءَ جي عالمي مضبوطي، پائيداري ۽ ان جي متاستا واري عالمي حيثيت ڪمزور ٿيڻ جا واضح اهجاڻ نظر اچي رهيا آهن. دنيا جون حڪومتون ۽ مرڪزي بئنڪون وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ

پاڻيءَ وانگر پئسي کي وهائي رهيون آهن. 1971ع کان کاغذي ناٽو مروج آهي. اهڙي ناٽي جي مسلسل واڌ ۾ هٿراڏو طور اضافي، ڏينهون ڏينهن نوان نوٽ ڇاپڻ ۽ بئنڪن جي ذريعي واڌو قرض ڏيڻ جي نتيجي ۾، قيمتن ۾ ڇاڙهه پيدا ٿئي ٿو. ايئن مالياتي اثاثن جي نسبتي قيمتن ۾ رڪارڊ گهٽتائي پيدا ٿئي ٿي. نتيجي ۾ بئنڪون هڪ حد تائين قرض مهيا ڪري سگهن ٿيون. حڪومتن ۽ مرڪزي بئنڪن لاءِ ناٽي جي اهڙي واڌ مالي گهرجن جو حل نه آهي. اهڙو ناٽو يا هيلي ڪاپٽر- فياٽ ناٽو پيدا ڪرڻ جو ملڪي ناٽي جو قدر ۽ ملهه ٻين ڪرنسين جي مقابلي ۾ ڪمزور ٿيندو ويندو آهي. سڄي دنيا جون مرڪزي بئنڪون اهڙي ناٽي جي واڌ ۽ اهڙين پاليسن جي ڪري معاشي تباهين کي منهن ڏيئي رهيون آهن. ٽرلين ڊالرن جو مصنوعي پئسو گذريل ٽن- چئن ڏهاڪن ۾ ناهيو ويو آهي. ظاهر آهي ته ان جا سياسي ۽ معاشي نتيجا پڻ نڪرڻا آهن. مستقبل ۾ اهڙن پيپر يا ڪاغذ وارين ڪرنسين تان عام اعتماد ڪڍندو ويندو. امڪان آهي ته متاسٽا جو موجوده عالمي نظام ناڪام ٿئي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي واقعا ٿي چڪا آهن. ويجهي ماضيءَ ۾ ميڪسيڪو، ارجنٽائن ۽ ٿائيليند کي ڪرنسي بحرانن جو منهن ڏسڻو پيو ۽ هاٿي لبنان پڻ ان جو مثال آهي. ممڪن آهي ته پيپر يا ڪاغذ وارين ڪرنسين جي جڳهه تي وري اڳي وانگر سون يا چانديءَ جي برابر جا سڪا واپس گردش ڪن. اهڙن ميٽلڪ سڪن جو وجود ۾ اچڻ هٿرادو ناٽي جي ڪرنسيءَ جو خاتمو آڻيندو. هينئر، اندازو هڪو ته سڄي دنيا ۾ گردش ڪندڙ هٿرادو ناٽو سڄي دنيا ۾ 253 ٽرلين ڊالر جو رڳو ڊالر ڪرنسيءَ ۾ بين الاقوامي عالمي قرض آهي. ٻن پارٽين جي وچ ۾ هڪ قسم جو مالياتي ناٽو- اثاثا (اوور ڪائونٽر ڊيريويٽو ناٽو) 596

ٽرلين ڊالر آهن. عالمي اسٽاڪ مارڪيٽن جو گردشي ناڻو 90 ٽرلين ڊالر جي ويجهو آهي. فيوچر آپشن (ناڻو) 63 ٽرلين ڊالر آهي، دنيا ۾ اهڙي ناڻي جو ڪل ڪاڻو 900 ٽرلين ڊالر آهي، اهو به دنيا جي هٿرادو ناڻي جي مقابلي ۾ صرف هڪ حصو آهي. دنيا جي بئنڪن ۾ 60 ٽرلين ڊالر اهڙو ناڻو آهي،جيڪو اڄ يا سياڻي وبائن يا مختلف خسارن جي ڪري پورو ٽيٽو آهي، ڪارپوريشنن جي ايڪيوئٽي (مالڪي) وارو ناڻو 70 ٽرلين ڊالر ڏار آهي. اهڙو ڪوبہ ناڻو، جيڪو هٿرادو ناڻي جي قيمت جي نسبت ۾ هوندو، مالي بحرانن جي ڪيفيت ۾ نہ وڪامبو، اهو گم ٿي ويندو. پلي ڪٽي ان جو گھٽو حصو ايڪسچينج ٽريڊ فنڈ (ETF) جي صورت ۾ هجي يا پلي ڪٽي اهو آف شور هيج فنڈ ڇو نہ هجي جيڪو تقريباً 5 ڪان 6 ٽرلين ڊالر آهي، آف شور مالياتي مرڪزن ۽ اهڙن سمورن هٿرادو ناڻن جو خاتمو اچڻو آهي.

هينئر وبا کان پوءِ دنيا ٻي آهي، گھٽا ملڪ ان لاءِ اڳواڻ تيار ئي نہ هئا، ۽ گھٽن ملڪن اهڙن هٿرادو ناڻن جي مقابلي ۾ ڪي ٻيا غير هٿرادو ناڻا پنهنجن خزانن ۾ محفوظ ڪري رکيا ئي ڪونہ، جيئن ڪي سون ۽ چانديءَ جا ذخيرا. جيڪڏهن سياڻي کو هٿرادو ناڻي يا متاستا جي ڪرنسين جي نظام ۾ کو ممڪن خاتمو اچي تہ ان جي مقابلي ۾ ڪو زبردست ۽ پروسي جوڳو متبادل هجي، ۽ نہ هئڻ جي صورت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن نہ ڏيڻو پوي. هٿرادو ناڻي جي مقابلي ۾ سون ۽ چانديءَ جهڙن اثاثن جي صحيح قدر جي اڳڪٿي ڪجي تہ اهڙا اثاثا غير معمولي حالتن ۾ وڪڻڻا پون تہ انهن جي قيمتن ۾ لڳاتار رڪارڊ اضافو ٿيندو، چاڪاڻ تہ سندن قيمت اهڙي هٿرادو ناڻي جي نسبت سان جڙيل آهي. 1920ع جي جرمنيءَ ۽ آسٽريا ۾ افراطِ زر جي وڏي وڃڻ جي نتيجي ۾

پوري جي پوري رياستن ۾ سون جي قيمت سان جڙيل ناٽي جو قدر ۾ 100 ڊالر ۾ پوري جو پورو محل خريد ڪري سگهجي ٿيو. هينئر اهڙي قسم جو ڪو تڪڙو امڪان نہ آهي، پر وبا کان پوءِ اهڙو امڪان وڌي ويو آهي. رڳو ائين نہ آهي تہ ڪو مالياتي بحران ۾ رڳو بئنڪون ۽ ڪارپوريشنون متاثر ٿيندیون، پر ان سان ننڍا ڪاروبار، عام ڪپائيندڙ ۽ ڪپت ڪندڙ بہ متاثر ٿيندا. جيتوٽيڪ معيشت دانن کي خبر آهي تہ اهڙن مالياتي يا ناٽي جي واڌ جا ڳرا نتيجا نڪرڻا آهن، وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙيون ناٽي جي واڌ جهڙيون مداخلتون اٽنر آهن. اهڙين پاليسن جي نتيجي ۾ مالياتي تباهي پڻ اٽنر ٿيڻ ظاهري لقاءُ آهي. آمريڪا، يورپ ۽ دنيا جي 170 ملڪن اهڙي قسم جو هٽرادو ناٽو پيدا ڪري، ڪرونا وبا کي منهن ڏيڻ ۽ 1929ع جهڙين عالمي سرد بازارين کي روڪڻ جي ڪوشش تہ ڪئي پر اهڙن بحرانن کي رد ڪندي آمريڪي - يورپي حڪمرانن ۽ بئنڪن ٽرلين ڊالرس جا هٽرادو ناٽي جا امدادي پيڪيج ڏيئي عام صارفين ۽ ڪارپوريشنن کي خرچ ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هارورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر نيٽ روگوف لکيو تہ، "هاٽوڪي معاشي تباهي پنڌين 150 سالن جي مقابلي ۾ وڏيڪ خراب معاشي لاٽ هوندي." عالمي معاشي لاٽ يا سرد بازاري اٽنر آهي.

اهڙيءَ صورتحال جي پس منظر ۾ چين پنهنجي اڳواٽ تياري ڪندي پنهنجي پاڻ کي ڊالر جي ڪرنسيءَ جي ادائيگي جي نظام کي چائنيز بئنڪن ۽ ڪارپوريشنن کي روسي ڪرنسيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. چين ان جي اڳواٽ تياري ڪئي آهي. چين پنهنجو پاڻ کي معيشت ۽ شرح تبادلي جي حفاظت لاءِ تيار ڪيو آهي. انهن ڊجيٽل ڪرنسي بين الاقوامي ادائيگي جو پنهنجو سسٽم

ناهيو آهي. چين وٽ هينئر به هڪ محتاط غير سرڪاري اندازي مطابق 27 هزار ٽن سون آهي، ۽ آمريڪا وٽ 8 هزارٽن، يورپ وٽ تقريباً ايترو ۽ انديا وٽ به لڳ پڳ ساڳيو آهي. چين پنهنجو پاڻ کي عالمي ڊالر جي تسلط واري نظام مان امڪاني طور ڇڏڻ جي خلاف تيار ڪيو آهي.

پاڻ جهڙن ملڪن ۾ جتي عالمي وبا جي مقابلي ۾ گهربل تياريءَ جو اندازو ۽ معيشت جي حالت ۽ سرڪاري ردعمل ۽ پاليسن مان اندازو لڳائڻ آسان آهي، اسان جي ناڻي جي واڌ تاريخي طرح هٿرادو ناڻو پيدا ڪرڻ مٿاسٺا جا ذخيرا غير ناڻي وارا اثاثا ڪيترا آهن. جيڪڏهن سياڻي عالمي ڪرنسي ڊالر يا بحران پيدا ٿيندا ته پنهنجي غريب معيشت اهڙي لقاءَ ۾ ڪهڙي سٽ جهلي سگهندي؟ دنيا جي معيشت ۾ لاٽ اٽٽر آهي، محفوظ اثاثن جي قيمت ۽ قدر ۾ اضافو ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته ڪاغذي ناڻي جو قدر ڪمزور ٿيڻ اٽٽر آهي. وبا جي نتيجي مان جنم ونندڙ صحت جي بحرانن معاشي بحرانن کي جنم ڏيندي عالمي مالياتي توازن کي بگاڙي ڇڏيو آهي، اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي رهيو آهي جڏهن ان جي پنيان عالمي ماحولياتي ۽ جنگين جي بحرانن کي دنيا "عام ڏنڏو" پئي سمجهيو. ٻن-ٽن مهينن جي اندر عالمي وبا دنيا جي ميڊيا ذريعي خوفناڪ منظرن عالمي صحت جي شعبن کي پهرين صفن ۾ بيهاري ڇڏيو. ڪرونا عالمي نظام جي ڊانچي ۾ نقص کي واضح ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ ناڻي جي مسلسل واڌاري جي ڪري، روپئي جي قدر ۾ گذريل سالن جي مقابلي ۾ واضح ڪمي آئي آهي ناڻي جي اهڙي واڌ، بجيٽ جي خساري، ڪرنسيءَ جي ملهه ۾ واضح ڪمي ڪئي آهي، ان جي قدر کي ٿوري عرصي ۾ وڌيڪ ڪيرائي ڇڏيندو، ان جا نتيجا خراب

نڪرندا.

پاڪستان بين الاقوامي ڊالر ڪرنسي جو قرضي ملڪ آهي ۽ پنهنجي بقا لاءِ بين الاقوامي مالياتي نظام تي انحصار ڪري ٿو. عالمي مالي ۽ مالياتي نظام ۾ تيز تبديليون يقيناً اسان جهڙن غريب ملڪن لاءِ زلزلو پيدا ڪنديون. پنهنجي ملڪ جي اهڙن ممڪن لقائن لاءِ تياري ڪهڙي آهي؟ پاڻ ڄاڻون ٿا تہ حڪمرانن جا حال ڪهڙا آهن.

وبائن کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام دنيا معاشي طور ب ٻڏڻ لاءِ تيار رهي.

صحت جي شعبي ۾ رونما ٿيندڙ گذريل هڪ صديءَ جون تبديليون، هڪ ئي وقت ڪيئي ڪاميابيون ۽ ناڪاميون ٻڌائين ٿيون. انساني زندگين ۾ ويهين صديءَ جي شروعات کان زبردست خوشحالي آئي، سراسري عمر ۾ 30 سال واڌ آئي آهي. ڪجھ موذي بيمارين جي واقعن ۾ گھٽتائي آئي آهي، مثال طور: ننڍي ماتا جي بيماري تقريباً ختم ٿي چڪي آهي. ڪوڙھ جي بيماري تمام گھٽ ٿي آهي ۽ پوليو جي بيماري تقريباً دنيا جي اڪثر علائقن مان ختم ٿي چڪي آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي حاصلات وڏي آهي. سائنسي ترقي جي ڪري، دنيا ان مقام تي پھچي چڪي آهي، جتي مختلف قسمن جي هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ تمام تيزيءَ سان پکيڙجندڙ جراثيمن جي تشخيص ڪري سگھجي ٿي. صديءَ جي ناڪامين ۾، هڪ طرف بنيادي صحت جي شعبن ڏانھن ڌيان ھٽائي، وڌندڙ عمر سان لاڳاپيل بيمارين تي توجھ وڌايو ويو آهي، جنھن جي نتيجي ۾ ڪڏھن ڪڏھن وري ٻيھر ڪالرا، ايبز، پوليو، مليريا، اُرڙي، ٽي- بي، ماتا جھڙين ۽ وچڑندڙ بيمارين جي شڪلين ۾ ظاھر ٿيو آهي. بي پناھ معاشي ترقيءَ جي نتيجي ۾ امير ۽ غريب جي مالي حالتن ۾ زبردست وٿي پيدا ٿي پيئي آهي، نتيجي ۾ صحت جي شعبي جو سڄو زور موذي مرضن سان لاڳاپيل بيمارين جي علاج تي اچڻ لڳو ۽ وچڑندڙ بيمارين تي تحقيق آهستي آهستي ختم ٿيندي ويئي. ٽيڪنالاجي ۽ مرضن جي تشخيص جي ڪري ان جو علاج آسان ٿي پيو ۽ غربتن جي خاتمي

ڪي سڃ سمجهي صحت جي شعبي جو سڃو زور علاج جي تشخيص، وڌين عمرين سان لاڳاپيل دوائن ڏانهن وڌندو رهيو.

وبائن کي جيڪڏهن وڏي پس منظر ۾ ڏٺو وڃي تہ سماجي ۽ پيداواري تعلقاتن جون نوعيتون گذريل صديءَ جي پيٽ ۾ تبديل ٿيون آهن، آبادیون وڌيون آهن، کاڌ خوراڪ جي پيداوار ۽ ڪائڻ، رهڻ سهڻ جون عادتون تبديل ٿيون آهن، وسيلن ۽ خاص طور زمين جو استعمال، فطرت سان انسان جو لاڳاپو تبديل ٿيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ انسان جو فطرت، ماحوليات ۽ جنگلات، وائلڊ لائف، رهڻ سهڻ، نون شهرن جي اڏڻ، ڪائڻ پيئڻ جي عادتن سان سڌو سنئون لاڳاپو رهيو آهي. وبائون هزارين سالن کان اهڙن جهنگلن ۽ جيوت ۾ رهندیون آيون آهن، انساني سرگرمين، جهڙوڪ: وڻن جي ڪٽائي ۽ پوکيءَ جي طريقن، زمين تي جيوت جي توازن کي متاثر ڪيو آهي، انساني سرگرمين جي ڪري اهڙيون وبائون وقت سر انسانن جي تعلق ۾ ايندیون رهيون آهن. دنيا جي فارماسيوٽيڪل ڪمپنين جو ڏيان بہ بنيادي صحت کان هٽي، وڌين بيمارين ڏانهن ٽي ويو، دنيا جي 18 وڌين دوائن جي ڪمپنين منجهان 15 ڪمپنين دل جي مرضن، نشيدار دوائن، جنسي طاقت جي دوائن ۽ منافعي خوريءَ وارين دوائن ڏانهن ڏيان ڏنو. ان جي مقابلي ۾ بنيادي بيمارين تان ڏيان هٽائي ڇڏيو. تحقيق بہ گهٽي پاڻي انهن بيمارين جي ٽي جن مان منافعي جو آسرو وڌيڪ هو.

وبا جي ڪري دنيا جي 3.3 ارب پورهيتن مان 81 سيڪڙو يعني 2.7 ارب پورهيت لاڪ ڊائون جي ڪري متاثر ٿيا آهن. ظاهر آهي تہ انهن جي آمدنين ۽ روزگار تي اثر پوڻو هو. آءِ.ايم.ايف ۽ يوروپين ملڪن سڃي دنيا جي مجموعي پيداوار ۾ 5سيڪڙو لاٿ

جي اڳڪٿي ڪئي آهي، جيڪا هينئر تائين وڌي 9 ٽرلين ڊالرن تائين پهچي چڪي آهي. عالمي سردبازي جي زماني 1929ع ۾ رڳو 5 سيڪڙو مجموعي قومي پيداوار ۾ لاٿ جي ڪري دنيا جي معيشت بيهجي ويئي هئي. هينئر يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾ ڪجھ شعبن ۾ معاشي لاٿ 25 سيڪڙو آهي. عالمي طرح هر مهيني جي لاڪ ڊائون جي نتيجي ۾ سراسري 2 سيڪڙو معاشي لاٿ ٿيٽي آهي. نتيجي ۾ اسان کي 150 سالن جي تاريخ ۾ اهڙي معاشي لاٿ جو ڪو مثال نٿو ملي. آءِ- ايم- ايف سڃي دنيا جي 170 ملڪن ۾ فيڪس آمدنين ۾ واضح ڪميءَ جو واضح اشارو ڏنو آهي. ان مان صورتحال جي سنگينيءَ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. ظاهر آهي ته سرمائيداراٽين معيشتن جون حڪومتون اها اميد ڪريو وينيون هيون ته تباهي ٿوري عرصي لاءِ آهي، بن- ڇئن مهينن کان پوءِ وري معاشي پٽڑيءَ تي واپس اچي ويندا سين. حڪومتون ۽ مرڪزي بئنڪون معاشي تباهيءَ مان جان بچائي، ساھ ۽ متو پاٽيءَ کان مٿي رکي، ٻڏڻ کان پاڻ کي بچائيندیون، قرض، پيڪيج، امدادون ڏيئي ڪمپنيون ۽ ڪارپوريشنز اهو سمجهي وينيون آهن ته لاڪ ڊائون يا وبا ٿوري عرصي لاءِ آهي، جلد ئي پاڻ وري ساڳئي ڪاروبار ۽ ساڳيءَ ڪرت کي لڳائي ويندا سين، پر ائين نه ٿيو. هينئر معيشت ۾ پيداوار، سيڙپڪاري ۽ بي روزگاريءَ جي تباهي سمورن شعبن ۾ واضح ڏسڻ ۾ اچي ٿي، رسد جي ڪمي واقعي ٿي آهي، انگ اکر ٻڌائين ٿا ته مالياتي تباهي ۽ بئنڪن جي ڏيوالپٽي جو انديشو وڌندو وجي ٿو ۽ دنيا جي معيشت هڪ عالمي سردبازاريءَ يا معاشي لاٿ ڏانهن وڌي پئي. وبائن صنعتي ۽ عام زندگي جي بيهجي وڃڻ جي اڳڪٿي نه ڪئي ۽ نه ئي وري طلب ۾ ڪو اضافو ٿيٽو آهي. ماٺهن جي

ڪيسن ۾ ڏوڪڙ وجھڻ سان بہ خرچ ڪرڻ جي صلاحيت نہ وڌندي. طلب جي گھٽ ٽيڻ سان ممڪن آھي تہ مالياتي ڏيوالپئي کي منھن ڏيڻو پئجي وڃي. ڪمپنيون ڪابہ شيءِ وڪرو ڪري نہ سگھنديون ۽ جيڪي بئنڪون قرض ڏينديون، اھي مشڪل سان قرض واپس ونيِ، اوڳاڙي سگھنديون. اھڙي صورتحال جي نتيجي ۾ پورھيتن ۽ پيداوار جا ٽرلين ڪلاڪ پورھيا ضايع ٽيا آھن يا وڌيڪ ٽيندا. پيداوار ۾ لاٽ آھي، معاشي ترقيءَ جي بريڪ تي لت اچي چڪي آھي. غريب ملڪن مان سرمائي جي اُڏام ملڪن کان ٻاھر ٽي آھي. بئنڪن ۽ ڪارپوريشنن اعتماد جي ھوائن جي ڪوٽ ۽ ٻڌڻ جي خوف کان پئسا ڪڍيا آھن. اسٽاڪ مارڪيٽون ويھجي ويون آھن. ترقي پذير ملڪن مان اڳ ۾ ئي 108 ارب ڊالرن کان مٿي سرمايو نڪري چڪو آھي. غريب ملڪ پنھنجي ڪمپنين کي اھڙين حالتن ۾ بچائي نہ سگھيا ۽ نہ ئي ڪو قرض يا اوڏر آڇي سگھيا. حڪومتون پنھنجو چرخو ھلائڻ لاءِ جدوجھد ڪنديون رھيون آھن. عالمي ادارن ڪجھ قرض ڏنو آھي. ظاھر آھي تہ عالمي تعاون بہ ايترو سخي نہ آھي جو غريب ملڪن جي ھن ڏڪئي وقت ۾ سار لھي. ويسٽرن امپائرس ھن ڏڪئي وقت ۾ نہ جنگيون بند ڪيون، نہ ئي ڪن ملڪن تان معاشي پابنديون ھٽايون آھن ۽ نہ ئي ڪن غريب ملڪن جا قرض معاف ڪيا آھن، بلڪ چين، ايران ۽ وينزويلا سان نيون جنگيون شروع ڪيون آھن. غريب ملڪن کي پنھنجي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آھي. اھي پنھنجي ورتل قرض ۽ اوڏر ڏيڻ ۾ پورا آھن. پاڻ جھڙا قرضي ملڪ پنھنجو قرض لاھين يا غريب عوام جي ھن ڏڪئي وقت تي مالڪي ڪن. اھڙين حالتن ھنن جا دڳ بند ڪري ڇڏيا آھن.

لکين ۽ ڪروڙين ماڻھون بي روزگار ٽيا آھن. تمام وڏي

آبادي ۾ جي غريب ٽيڻ جو خدشو وڌيو آهي. آڪسفيم، برطانيہ جي غير سرڪاري تنظيم جي انگن اکرن مطابق عام پورهيتن جي آمدنين ۾ 20 سيڪڙو لاڻ متوقع آهي، غريب ماڻهن جي شرح ۾ واڌ اڌ ارب ماڻهن کان وڌيڪ ارب غريب ماڻهن ۾ غربت وڌڻ جو خدشو آهي. جيڪڏهن روزاني اجرت 5.5 ڊالر ڏهاڙي ۾ سان ليکي وجي تہ دنيا ۾ 4 ارب ماڻهو غريب ٽيڻ جو خطرو آهي. هڪ محتاط اندازو لڳائجي تہ، لکين ماڻهو بک جو شڪار ٽيڻ جو خطرو آهي. ۽ ڪيترائي بک وگهي مرڻ جو خطرو آهي. اها صورتحال 21 صدي ۾ ۾ نہ ٽيڻ گهرجي.

ڪجهہ ماڻهو لاڪ ڊائون کي معاشي بحرانن جو ذميوار ڄاڻائين ٿا. سرمائيداري ۽ مندبيون ٻئي وبائن کي منهن ڏيڻ ۾ عالمي طور ناڪام ويون آهن. يورپ اڳ ئي مجموعي طور لاڻ ۾ هو، جاپان ۾ معاشي لاڻ هئي، ترکي ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ معاشي طور لاڻ هئي، آمريڪا ۾ معاشي لاڻ واضع هئي. آمريڪا ۾ معاشي واڌ ٻہ سيڪڙو هئي. هندوستان ۽ چين ۾ معاشي واڌ ۾ واڌارو نظر آيو پئي. رڳو معاشي لاڻ آمريڪا ۾ متوقع 10 سيڪڙو ڪاٽو اڳڪٿي آهي، جيڪا لاڻ 2005ع جي معاشي بحرانن ۾ لڳ ڀڳ 4 سيڪڙو ڪاٽو واڌ هئي.

هينئر سوچڻ جي ڳالهہ هي ۾ آهي تہ سرمائيداراڻي معيشت ان لاءِ ڪم نہ ڪندي آهي تہ پيداوار ڪجي ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪجن، ماڻهن جي آمدنين ۽ پيداوار ۾ اضافو ڪجي، بلڪ معاشي پيداوار ڪبي ئي ان لاءِ آهي تہ منافعو ڪمائجي. ڪارپوريشنون ان لاءِ گاڏيون نہ ناهيندیون آهن تہ ماڻهن کي انهن جي ضرورت آهي، بلڪ ان مان نفعو ڪمائڻو آهي. نانوائي، ڪاسائي، شراب، ڪولا ناهيندڙ خيرخواه نہ، پر ان جي پنهنجي مفادن وٽان آهي تہ شيون

ناهيون وجن.

پاڪستاني معيشت ۾ سالن جو جمود آهي. سيڙپڪاريءَ جي رفتار ۽ معاشي سرگرمين ۾ وڏي عرصي کان لاٿ آهي، معيشت جو دارومدار انفارمل خدمت جي شعبن ۽ غير رسمي، نيم صنعت ۽ نيم زرعي معاشي سرگرمين تي آهي، معاشي واڌ سالن کان رڪيل آهي. آبادي ۾ واڌ جي شرح ۽ معاشي واڌ هڪ رخ ۾ آهي. نتيجي ۾ في ڪس آمدنين ۾ ڪا خاص واڌ ويجهي عرصي ۾ نظر ڪونہ ٿي اچي، هينئر تہ، معاشي واڌ ڪاٿو زون ۾ داخل ٿي چڪي آهي. ان مان اندازو لڳايو تہ هڪ وبا پوري معيشت کي ڪٽي ڪاٿو زون ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. معاشي پائيداريءَ تي ڪيئي سوال آهن. عالمي معاشي بحران پاڪستان جي معيشت کي وڏيڪ ساڙو ڪندا، انهن مان نڪرڻ ايترو آسان نہ آهي. حڪمرانن کي ان جي گهرائيءَ جو گهٽ علم آهي، ڪنهن واضع معاشي پاليسيءَ جي اڻ هوند، ان غير يقينيءَ کي وڌائيندي تہ معاشي واڌ کي ٻيهر پٽڑيءَ تي ڪيئن وڃي اچجي. پاڪستان جي معيشت لاءِ خطرا وڏيڪ آهن. لاڪ ڊائون يا سمارٽ لاڪ ڊائون نہ هڻڻ جي حالتن ۾ تمام گهڻي آبادي وبائن جو شڪار ٿئي ۽ جيڪڏهن موت جي شرح 2 سيڪڙو ٻہ هجي، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي جوان آبادي جي ڪري 2.3% آبادي 65 سالن جي عمر کان وڏي آهي ۽ تقريباً 70% آبادي، 40 سالن کان گهٽ آهي، انهن لاءِ وبا جو خطرو اجان وڏيڪ آهي. ماڻهو غريب آهن، انهن کي وبا جي وچڑڻ جو خطرو وڏيڪ آهي. غريب هڻڻ جي ڪري هنن جي ڪاڌ خوراڪ سماجي ساک تہ پوري پئي آهي. ننڍا گهر ۽ جسماني ۽ سماجي وڃي ٻہ ناممڪن آهي. دل ۽ منن پيشابن جون بيماريون عام آهن. 10 هزار جي آبادي تي هڪ بسترو آهي ۽ هڪ هزار جي آبادي تي هڪ ڊاڪٽر ۽ 88 هزار جي آبادي تي هڪ

آئسوليشن واردِ آهي، تنهنڪري پاڪستان ۾ صورتحال ايتري چڱي نہ آهي. امير ماڻهو بهتر بچاءُ ڪري سگهندا. مٿين 20 سيڪڙو آمدنيءَ وارن وٽ 43 سيڪڙو دولت آهي ۽ مٿين 10 سيڪڙو وٽ 30 سيڪڙو دولت آهي. صحت ۽ وبائن تي حڪومتي خرچ نہ هئڻ برابر آهي. وبائن تي ڪل 70 ارب روپيا رکيا ويا آهن.

ان صورتحال مان سبق حاصل ڪري سگهجن ٿا .ڪرونا کا آفاقي يا فطري وبا نہ پر معاشي ۽ سماجي عملن، عادتن ۽ معاشي نظام جي پيداوار آهي. اُن انساني سرگرمين، ماحولياتي تباهين ۽ انساني رهڻ ڪهڻ، کائڻ جي عادتن ۽ دوکو کائڻ سان جنم ورتو آهي. معاشي منديون ۽ بازارون وبا کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام ويون آهن. سرمائيدار حڪومتون اهڙن بحرانن کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيون آهن. دوائن جون ڪمپنيون تحقيق ۽ ايمرجنسي لاءِ قطعي تيار نہ هيون. عام پورهيت ان وبا جو شڪار ٿيا آهن، انهن جي پورهئي جو قدر گهٽ پر اسٽاڪ مارڪيٽن ۽ ڪمپنين جي نقصان جي لڪيرن تي زور وڌيڪ آهي. نجي صحت جي شعبي، ٽڪن ۽ ويڪسن جي ايجاد ۾ ناڪامي، سرڪاري سيڙپڪاري ۽ دوائن جي ڪوٽ پيدا ٿي آهي. وڏن ڪاروبارن کي بچائڻ مشڪل ٿي پيو آهي. غريب ملڪن مان سرمائي جي اڏام ۽ قرض جي ادائيگين ۾ ناڪامي ٿي آهي. هاڻي اهو واضح ٿي چڪو آهي تہ وبائن کي منهن ڏيڻ جو واحد رستو عالمي طرح گڏيل ڪوششون ڪرڻ ۾ آهي.

روزاني ڪاوش،جولاء 7 ، 2020

هيءَ وبا مستقبل جي معاشي شڪل کي ڪيترو تبديل ڪندي؟

ڪرونا وائرس جي وبا "تاريخ جي انت" واري نظرئي جي تابوت لاءِ آخري ڪوڪو ثابت ٿي آهي. اهو نظريو فوڪوياما پاران 1990ع ۾ اڳتي وڌايو ويو هو، تہ معاشي لبرلزم هڪ سياسي ۽ اقتصادي نظريو آهي، جنهن جو بنياد پيداوار جي ذريعن، آزاد واپار ۽ سرمائي جي آزاد منڊين جي معيشت تي آهي. سرمائي، سيڙپڪاري ۽ واپار جي آزاد حرڪت، خانگي ملڪيت جي بنياد تي ٺهيل آهي. ان نظرئي ترقي يافتہ ۽ ترقي پذير ملڪن ۾دولت ۽ آمدنيءَ ۾ اڻ برابري پيدا ڪري ڇڏي هئي. ڪرونا وائرس نہ رڳو هن معاشي نظام جون پاڙون کولي ڇڏيون آهن، پر ڪرونا وبا اوچتو ئي اوچتو حڪمرانن جا چهرا، حڪمت عمليون ۽ پاليسون تبديل ڪري ڇڏيون آهن.

سرمائيدارحڪمران رات وچ ۾ بلين ۽ ٽرلين اربن ۽ ڪربن جا "بچاءَ جا پيڪيج" اعلان ڪري رهيا آهن. اسپين جهڙي ملڪ صحت کي نيشنلائيزيشن يا سرڪاري تحويل ۾ ونڊ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي حڪومت ہ ڪربن ڊالرز جو پيڪيج اعلان ڪيو آهي. جيڪي ماڻهو ۽ حڪمران ماحوليات جي تباهيءَ تي چٽرون ڪندا هئا، انهن کي هينئر ڪارخانا بند، رودِ رستا ۽ زندگي، باردر سپ بند، سپ ڪجهہ بند، حڪومتن جون بحثون، اوليتون سپ ابتي منهن پٺ اچي پيون آهن. جيڪي معاشي ماهر يا سرمائيدار معيشت جا بولڙيا / پولڙا منڊين کي سماجي مفادن تي ترجيح ڏيندا هئا، اهي سپ ڪُئون جي مٽين ڏندن وانگر غائب ٿي

ويا آهن. هي سڀ پيڪيج، ظاهر آهي ته لاڪ ڊائون يا هنگامي حالتن جي ڪري ڏنا ويا آهن، پر سڀني کي خبر آهي ته جيئن ئي هنگامي حالتون ختم ٿيندیون، سڀ حڪمران وري ساڳيو ورد ڪندا ته "سرمائيداريءَ کان سواءِ ڪو ٻيو حل آهي ئي ڪونہ."

هينئر وبا ۽ هنگامي حالتن ان هڪ ڳالهه کي صاف ۽ واضح ڪري ڇڏيو آهي ته گذريل چاليهن - پنجاهن سالن جي لبرل معيشت، مندين جي عالمي نظام ۽ رياستن جي ڊانچن جي پاليسين جي ابتڙ، گڏيل سهڪار ۽ عوامي ڀلائي ئي حقيقي رياست جو اهم مقصد هجڻ آهي ۽ ان طاقت کي کيئن عوام جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻجي. ڪرونا وائرس حڪمراني ۽ عوامي فلاح ۽ بهبود کي اولين شرط ڪري واضح ڪري ڇڏيو آهي. هن بحران سڄي دنيا جي معاشي، نظرياتي ۽ ثقافتي لکيرن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. هينئر امڪان آهي ته معاشي طور نئين صف بندي ٿيڻ شروع ٿيندي. اسان دنيا جي عوام دوست ۽ عوام دشمن ملڪن ۾ واضح تقسيم ٿيندي ڏسي رهيا آهيون. سڄي دنيا جو عالمي مالياتي ۽ سرمائيداراڻو نظام نئين شڪل ۾ ظاهر ٿيندو. نظام جون واڳون واضح طور تي آمريڪي هٿن مان کسجي چيني هٿن ڏانهن ويندي نظر اچن ٿيون.

دنيا هڪ طاقت مان گهڻ طاقتي حڪومتن ۾ تبديل ٿي رهي آهي. دنيا جي طاقتن جا محور تبديل ٿين يا نہ ٿين. پر هڪ ڳالهه واضع آهي، ته سڄي دنيا ۾ سياسي دز/ڏوڙ هينان لکيل تهه نکري نروار ٿيندا ۽ گهڻ رخي رفتار سان هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندا. وبا تي ڪنٽرول ٿئي نہ ٿئي، پر هڪ ڳالهه واضع آهي ته ايندڙ وقتن ۾ معاشي زلزلو ۽ بحران وڏيڪ شديد ايندو. وبا ته هڪ فيوز يا سرڪٽ بريڪر آهي، پر عالمي نظام جي سڄي مڪيہ

سوچ/بٽڻ کي ئي ساڙي پسم نہ ڪري ڇڏي.

مستقبل ۾ ڇا ٿيڻو آهي؟

وبا تہ رڳو هڪ اشارو آهي. ايندڙ وقتن ۾ ممڪن نيون صف بنديون ٿينديون، نوان سياسي معاشي بلاڪ نهندا، زندگيءَ کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ترتيب ڏيڻ جا نوان خيال پيش ٿيندا. واپار ۽ ڪاروبار نون طريقن سان ٿيندا. سير سفر جا ماپا ۽ معيار ٻيا هوندا، يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ جا طريقا بدلبا. گهر يا آفيس مان ويهي ڪم ڪجي يا ٽريفڪ تي بار نہ وجهجي. گهٽن ماڻهن کي هينئر ئي خبر پئجي ويئي آهي تہ گهر ۾ ويهڻ، خاندان سان ۽ ٻارن سان وقت گذارڻ، گهران ڪم ڪرڻ، ماحول ۽ فطرت لاءِ فائديمند آهي. انسان ذات کي هينئر سوچڻ جو سنو موقعو مليو آهي تہ بن صدين ۾ انسانن جي عملن جي ڪري، سرمائيدارن جي منافعن ۽ جنگين جي ڪري انسانن ۽ فطرت جو وڏو نقصان ٿي چڪو آهي. هينئر هنن بحرانن جي ڪري، اها اميد پيدا ٿي آهي تہ فطرت جي تباهيءَ کي ٽورڙو محتاط ٿي، پنهنجن روين ۾ تبديلي آڻي، هڪٻئي سان سهڪار ڪري، ماحوليات جو پڻ تحفظ ڪري سگهجي ٿو.

ڪجهہ ماڻهو تہ اڃان تائين سرمائيداراڻي بيمار سوچ مان جان آجي نہ ڪرائي سگهيا آهن. برطانيہ جي هڪ صحافيءَ تہ چئي ڏنو تہ، "هن بحران اسان لاءِ هڪ موقعو پيدا ڪيو آهي تہ پوڙهن جي آبادي‌ءَ مان جان ڇڏائجي."

سڄي دنيا جي عوامي، حڪومتن ان جي اُبتڙ، سالميت جو شاندار مظاهرو ڪيو آهي. ڪيوبا، چيني، روسي ۽ ٻين غريب عوام نہ رڳو پنهنجن پاڙيسرين، آفيسن ۾ گڏ ڪم ڪندڙن ۽ دوستن جي هن ڏکئي وقت ۾ مدد ڪئي آهي پر سات بہ ڏنو آهي.

سرمائيداريءَ جي 250 سالن جي تاريخ ۾ ڪٽي هڪڙو به مثال موجود نہ آهي، جنهن ۾ هن ڪن ڪمزورن، محڪومن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن جي ائين خدمت ڪئي هجي جهڙي چيني ۽ ڪيوبا جي عوام هينئر سماجي طور اهو ڪري ڏيکاريو آهي تہ اسين هڪ ٻئي جي سهڪار ۽ سالميت سان اهڙو معاشرو قائم ڪريون جيڪو گڏيل، سهڪاري ۽ هڪٻئي جو مددگار هجي ۽ هينئر اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ گڏپ ۽ سهڪار ۽ سالميت سان ئي مشڪلاتن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو .

سرمائيدار دنيا باردرن کي بند ڪري ڇڏيو، ويزائون رد ڪري ڇڏيون، پنهنجي ۽ باهرين ملڪن جي شهرين کي داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو، اهڙين حالتن ۾ به ڪيوبا جي عوام برطانيہ جي ڪروز شپ کي انساني همدرديءَ تحت ڪرونا وبا ۾ جڪڑيل مريضن کي پنهنجي ملڪ جي پورٽ تي لهڻ جي اجازت ڏني، چيني عوام سڄي دنيا کي طبي سازو سامان موڪليو. عام طرح اهو ممڪن نہ آهي، پر اهو چين ڪري ڏيکاريو. جيڪي ملڪ نجي شعبي ۽ مندين تي پاڻيندا هئا، انهن ملڪن ۾ تہ ٽشو پيپر، طب جو سامان، سينيٽائيزر ۽ ماسڪ به اٽلي ٿي پيا.

ڪرونا وائرس جي نتيجي ۾ هينئر دنيا ۾ ممڪن آهي تہ بيروزگاري وڌي. ڪارپوريشنن ۽ ڪمپنين ماڻهن کي اڳ ۾ ئي بيروزگار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. حقيقي اجرتون هونئن ئي گهٽ هيون، پر بحران جي ڪري معاشي اڻ تڻ ۾ اضافو ٿيندو ۽ ممڪن آهي تہ حڪمرانن کي مستقبل ۾ عوام جي ڪاوڙ ۽ نفرت کي منهن ڏيڻو پوندو، اها ڳالهہ امڪان کان ٻاهر نہ آهي تہ ڪن ملڪن ۾ سياسي انقلاب به اچن. وائرس، ٻئي طرف حڪمران طبقن لاءِ هڪ موقعو به پيدا ڪيو آهي، جنهن ۾ ملڪ جا غدار طبقا

پنهنجي صدين جي رت چوس عادت ۽ استحصال کي ڦٽو ڪرڻ بدران نوان عوام دوستي، وطن دوستي ۽ قوم دوستيءَ جي روپ ۾ رات وچ ۾ عوام جا رکوالا ٽي ايرڻ جي کوشش ڪندا ۽ نون طريقن سان عوام کي ڊيڄارينداِ.

سنڌ حڪومت ۽ فيڊرل حڪومت اهڙا ڊراما ڪرڻ شروع ڪيا آهن تہ بحرانن ۾ سندن قرض معاف ڪيا وڃن يا لاڪ ڊائون جي نتيجي ۾ رات وچ ۾ ڪرپٽ حڪمران عوام کي صابڻ مهيا ڪري ڏيندا.

عالمي بحرانن کي ڪڏهن بہ قومي ۽ محدود خود غرضيءَ جي سوچ ۾ ڏسڻ بيوقوفي هوندي، اهڙي وقت ۾ سڄي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سالميت ۽ بين الاقوامي سهڪار کي هٿي ڏجي. حڪمرانن جا مفاد تمام ننڍڙا ٿين ٿا. پنهنجي حڪمرانن جو حال پورو آهي. 2005ع جي زلزلي، 2010ع جي ٻوڏ يا ڪنهن سياسي بحران جي ڪيفيت ۾ سندن ڪردار ۽ صلاحيت ظاهر ٿي پئي ۽ سيني ڏٺو تہ اهڙين حالتن ۾ سندن ڪمزور دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏينداِ آهن. دنيا جي روشن خيال ۽ ترقي پسند سالميت ۾ يقين رکندڙن کي خبر آهي، تہ هي وقت بحرانن جي ڪيفيت کي سمجهڻ بدران عمل جو آهي ۽ عمل بہ ائين، جيئن چيني عوام ڪري ڏيکاريو. اسان کي اِها خبر هئڻ گهرجي تہ ايندڙ وقتن ۾ دنيا ساڳي نہ رهندي، دنيا کي بدلجڻو آهي _ تبديلي اٽلِ آهي. اسين رڳو هڪ ڪم ڪريون تہ ايندڙ نسلن دنيا ۾ اسان پنهنجي حصي جو ڪم ڪيئن ٿا ڪريون، ان سڄي بحث ۾ اسان ڪيترا لاڳاپيل آهيون ۽ پاڻ کي تبديل ڪريون ٿا يا نہ. اهو سوال اهم آهي.

دنيا ساڳي رهندي يا نہ؟

اهڙين هنگامي ۽ بحرانن جي حالتن ۾ اسان کي خبر آهي ته حڪومتون عوام جي آزادين حرڪت، سياسي چرپر ۽ هلچلن تي راتاها هڻنديون. اسان کي اها به خبر هئڻ گهرجي ته دهشتگرديءَ جي دور ۾ به تحفظ ۽ سيڪيورٽيءَ جي نالي ۾ ٽيڪنالاجين وسيلي اسان جي هر سياسي عمل جي نگراني ڪئي ويندي هئي. اهڙو ڪوبه عمل، جيڪو حڪومتن لاءِ خطرناڪ هجي، ان جي ردعمل ۾ اسان کي زبردستيءَ خاموش ڪرايو ويندو، رات وچ ۾ ڪنپيو ويندو يا سياسي طور خريديو ويندو. حڪمران عوام جون آزاديون ننگي نموني بحرانن جي نالي ۾ ڪسيندا ۽ ائين هنگامي حالتون ختم ٿيندیون ته به نه هٽائيندا، ڇاڪاڻ ته اهائي سرمائيدار، لبرل معيشت ۽ رياست جي اولين ضرورت آهي ته رياست کي ڪمزور، ڊڄندڙ ۽ گيدي شهري گهرجن، جيڪي حڪمرانن جي تعبيداري ڪندڙ هجن، پر اسان کي سياسي ۽ شهري حقن تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿيڻ گهرجي. سياسي پارٽين کي به اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي.

يورپ جي هڪ سياسي فلاسافر ته حڪمرانن کي ماڳهين چئلينج ڪري ڇڏيو. حڪمرانن کي چيائين ته، "جيڪڏهن اوهان طاقتور آهيو ته ڏيکاريو ته اوهان ڇا ٿا ڪري سگهو، ڇا اوهان اهو ڪجهه صاف ۽ شفاف نموني جمهوري طور ڪري سگهو ٿا، جيڪو ڪجهه چين ڪري ڏيکاريو آهي." سڄي دنيا جي محب وطن ۽ عوام دوست حڪمرانن عوام جي حقن تي ڏاڙو هڻڻ ڪانسواءِ ڪجهه ڪري ڏيکاريو آهي. هي اهوئي وقت آهي جڏهن عوام حقيقي معنيٰ ۾ باصلاحيت، ذميوار، سخت پورهيو ڪندڙ حڪومت ۽ حڪمرانن جي عزت ڪندا آهن.

پاڻ جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ جتي هر اداري ۽ حڪومت

تي چند آمرن جو ڪنٽرول هجي، حڪمران سالن کان تعبيدار بڻيل هجن، اتي وري صحت جي نظام جي ڇا صورتحال هوندي؟ پنهنجي ملڪ ۾ صحت تہ ڇڏيو، صحتمند ماڻهن لاءِ زندگيءَ جون بنيادي سهوليتون ئي اڻلپ آهن.

هن بحران حڪمرانن جي ميزائلن، ائٽم بمن، ٽينڪن ۽ حڪمرانيءَ جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. صحت جو عملو ناڪافي، دوائن جي ڪوٽ، ماسڪ ۽ سينٽائيزر اڻلپ، الٽو صحت جو شعبو ئي منافع خور نجي شعبي حوالي. نجي شعبي پهريان ڪهڙا صحت ۾ ڦاڙها ماريا آهن جو هينئر اسان جي صحت ٺيڪ ڪندا. سڄي دنيا ۾ صحت عوامي شعبو آهي، ڇو جو ان جو زندگيءَ سان واسطو آهي. ان نازڪ زندگيءَ کي نجي يا پرائيويٽ منافع خورن جي حوالي ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟ پاڪستان ۽ سنڌ ۾ صحت بجيٽ جو آخري اسر ۽ نہ هئڻ برابر بجيٽ هوندي آهي. حڪومت جي ڪا واضح حڪمت پاليسي ئي نہ آهي. ايمبولنسون اڻلپ، ڪتن جي چڪ جون ويڪسينون اڻلپ، انهن شين حڪمرانن جي پول کي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن صحت جي هنگامي حالت ۾ چاليهہ _ پنجاهہ هزار ڪرونا جي مريضن تي ڪنهن سڪيورٽي اداري کي گهرائڻو پوي تہ ان مان اسان جي حڪمرانيءَ جي حالت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. صحت جي شعبي ۽ اسپتالن کي فوراً سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي. صحت جي خدمتن جي نجڪاري ترقي يافتہ ملڪن ۾ ناقابلِ قبول آهي. فرانس جي صدر ان جي نجي ۽ لبرل پرائيويٽائيزيشن نجڪاريءَ تي سوال اٺاريو ۽ ان کي واپس ونڊ جو يقين ڏياريو. ميڪسيڪو ۾ ڪجهہ عرصو اڳ اتان جي صدر بئنڪن کي قومي تحويل ۾ ورتو، ان دليل سان، تہ جيڪڏهن بئنڪون عام ۽ غريب عوام تائين نٿيون پهچي

سگهن ٿا اها رياست جي ذميواري آهي ته بئنڪن کي عوام تائين پهچائجي. پلا عوام جي بهبود ۽ پلائيءَ تي خرچ ڪرڻ مهل ان ڳالهه کي ٿوروئي ڏسبو ته بجيٽ جا خسارا يا قرض ڪيترا آهن. ههڙين وبائي حالتن ۾ اهم ڳالهه اِها آهي ته ڪيئن هرهڪ زندگيءَ کي بچايو وڃي. ملڪ جا ائٽمي هٿيار، بم، ٽينڪون، ورتل قرض جيڪڏهن عوام جو گهربل تحفظ نه ڪري سگهن ته اهڙي سيڙپڪاري بيڪار آهي. دراصل هنن بحرانن اهڙي راز کي کولي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. حڪومتن کي هينئر وري سانباها ڪري، قرضن ۽ خسارن جا ڏٽا ڏيئي، ڳريون ٽيڪسون مڙهي، بجلي ۽ تيل جا اگهه مهانگا ڪري، وسيلن کي بچاءَ، دفاع ۽ ورتل قرض لاهڻ جهڙا بهانا هينئر هلي نه سگهندا.

هينئر دنيا ڳنڍيل آهي، قرض ڏيندڙ ملڪ ۽ ادارا پاڻ ۾ بحرانن ۾ ورتل آهن. تنهنڪري محدود "قومي سوچ" عالمي بحرانن جو مقابلو نه ٿي ڪري سگهي. عالمي مالياتي منڊيون خود خطري ۾ آهن. اسٽاڪ مارڪيٽون ويهجي ويون آهن. سعودي عرب ۾ سياسي بحران آهن، ته ڇا اسين ان بحران ۾ هڪ طرفا ٿي رڳو پنهنجي گهر جو بچاءُ ڪريون؟ جڏهن وبائون ڦهلجنديون، جنگيون لڳنديون، هجرتون ٿينديون، واپار ۽ ماحولياتي تبديليون ايندیون، ته ٻيڙي رڳو اسان جي نه بچندي، پر انهن جي به بچندي جيڪي اهڙين حالتن ۾ بحرانن کي منهن ڏيڻ جهڙا، لائق ۽ باصلاحيت هوندا. ان لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ معيشيت ۽ انسانن ۾ سيڙپڪاري ايتري مضبوط هجي جو اهڙي قسم جي طوفانن ۽ وبائن جو مقابلو ڪري سگهجي.

هنن بحرانن هڪ ڳالهه کي واضع ڪري ڇڏيو آهي ته وسيع آبادیءَ کي جاهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جي رحم ڪرم تي ڇڏي نٿو

سگهجي. هينئر اهو تجسس ۽ اميد پيدا ٿي آهي ته انساني ۽ پيداواري وسيلن ۽ حڪمرانن کي سالميت ۽ گڏيل سهڪار سان منظم ڪرڻو پوندو. حڪمران پنهنجي طاقت ۽ ڪنٽرول برقرار رکڻ لاءِ عوام جي آزادين ۽ وسيلن تي راتاها هٽندا؟ ڇا عوام جي طاقت پنهنجي حاصل ڪيل سياسي حقن تان دستبردار ٿيندي يا حڪمرانن جي طاقت کي نظر ۾ رکندي، نئين جهان اڏڻ جي جدوجهد جاري رکندي؟

قوي امڪان آهي ته سڄي دنيا جا مظلوم ۽ محڪوم عوام ۽ طبقا هن ڦرلٽ، استحصال ۽ عالمي ٽربو سرمائيداري، مالياتي لبرل معيشت تي سنڌائتو ڏڪ هڻي، هڪ نئون جهان اڏيندا، جيڪو نسبتاً گهٽ ظالماڻو ۽ گهٽ استحصالي هجي.

ڪرونا وائرس يا حياتياتي جنگ ۽ معاشي سماجي تبديليون

ڇا ڪرونا وائرس حياتياتي جنگ جو هٿيار آهي؟ ڇا تاريخ ۾ اهڙا حياتياتي/ ڪيميائي هٿيار اڳ ڪڏهن استعمال ٿيا آهن؟ ڪرونا جي وائرس ڪري ڪهڙيون معاشي، سياسي ۽ سماجي تبديليون ايندیون؟ ۽ ان جي عالمي بچاءَ لاءِ حڪمت عمليون ڪهڙيون هوندیون؟ ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟ اهڙن سوالن جا جواب اهم آهن ۽ خاص طور اهڙن لڳائن ۽ منظرن کي نہ رڳو سمجهڻ پر ان مان اهم نتيجا ۽ اخذ ڪرڻ گهرجن. هي مضمون ان ڏس ۾ ننڍڙي ڪوشش آهي.

ڇا ڪرونا وائرس حياتياتي جنگ جو اوزار ٿي سگهي ٿو؟

ويهين صديءَ ۾ اٽڪل 500 ملين يا پنجاهه ڪروڙ ماڻهو وبائي بيمارين جو شڪار ٿيا هئا. انهن مان ڪروڙين ماڻهو وائرس، بيڪٽيريا يا زهريلن مادن جو شڪار ٿيا هئا، مثال طور: جاپاني فوج، وبا ۽ پليگ واري بيماريءَ ۾ ورتل مڪيون ۽ جيت، جيڪي ڪالرا ۾ ورتل هئا، ڪٽي چيني عوام سان گڏيائون تہ جيئن چيني وبا ۾ مارجي وڃن. چيني ماڻهن تي اهڙا ئي هٿيار (بين الاقوامي حياتياتي هٿيارن جي عالمي معاهدن 1874ع، 1899ع، 1925ع ۽ 1972ع جي خلاف ورزي ڪندي) استعمال ڪيا ويا. چيني ڳوڻن جي اٽڪل هڪ هزار پاڻيءَ جي ڪوهن مان ڪالرا ۽ ٽائنس جا جراثيم ۽ وائرس نڪتا هئا، جن لاءِ چيو ويو هو تہ اهي جاپاني فوج استعمال ڪيا هئا. 2020ع واري ٽوڪيو جي ڪورٽ سڳوري اها ڳالهہ پهريون دفعو مڃي تہ جهان حياتياتي جنگ ۾ ملوث آهي، جنهن ڪري بي جنگِ عظيم جي الميي ۾ چين جا هزارين شهري ماڻهو ان جنگ جو ڪاڇ بڻيا. جرمن آرمي پهرين جنگِ عظيم ۾،

ننڍي پئماني تي ائنٽراڪس ۽ جولينڊرس حياتياتي هٿيار طور استعمال ڪيا، پر اهي گهٽو ڪامياب نہ ٿيا هئا. گذريل ڏهن صدين ۾ حياتياتي هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪجهہ تاريخ هئين آهي.

1155ع ۾ شهنشاهہ باربروسا، اتلي ۽ ٽورنٽو ۾ مئل انسانن جا جسم وجهي پاڻيءَ جي کوهن کي زهريلو ڪيو. 1346ع ۾ ڪرائيميہ (يوڪرين) ۾ منگول حڪمرانن، وبائي بيمارين وارن لاشن کي پاڻيءَ جي کوهن ۾ ڦٽو ڪيو. 1495 عيسويءَ ۾ اسپين، اتلي ۽ شراب ۾ ڪوڙهہ جي بيمار ماڻهن جو رت شامل ڪري، فرينچ فوجين ۾ وڪرو ڪيو. 1650 عيسويءَ ۾ پولش حڪمرانن چتي ڪتي جي گگ ڪٽي پنهنجي دشمنن تي اڇلائي. 1675 عيسويءَ ۾ جرمن ۽ فرينچ فوجن ۾ معاهدو ٿيو تہ هڪ ٻئي تي زهريلون گوليون نہ هلائيندا. 1763ع ۾ برطانيہ جي فوجن "ننڍي ماتا" جي مريض جا ورتل ڪمبل اصلي انڊين آمريڪن کي ڏنا. 1797ع ۾ نپولين اتليءَ ۾ ٻوڏ ۾ ملیريا ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي. 1863ع ۾ آمريڪي رياستن "پيلو بخار" ۽ ننڍي ماتا پنهنجي يونين مخالفن تي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

بي جنگِ عظيم ۾ جاپاني فوجن چيني ڳوٺن ۾ اٽڪل 6 لک ماڻهن مٿان بم وسايا، جن بمن ۾ ڪالرا، شگيلا جيترا ۽ ٻيا زهريلا مادا شامل هئا. 1981ع ۾ سي- آءِ- اي (CIA) کي ڪيوبا ۾ ڊينگي بخار ڦهلائڻ جو ذميوار قرار ڏنو ويو، جنهن ۾ اٽڪل ٻہ لک 73 هزار ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 158 مري ويا، جن مان 100 ڪان مٿي بارڙا هئا. آمريڪا فيڊرل ڪاسترو جي اهڙي الزام کي رد ڪندو رهيو. برطانيا بي جنگِ عظيم ڪانپوءِ حياتياتي هٿيار ناهڻ جو پروگرام 1950ع ۾ شروع ڪيو ۽ 1956ع ۾ سمنڊ ۾ ٽيسٽون ڪرڻ ڪانپوءِ ختم ڪيو. ائين دنيا جا ڪيترائي ملڪ حياتياتي ۽

ڪيميائي هٿيار ناهڻ ۾ انهن کي استعمال ڪرڻ ۾ شامل رهيا آهن.

18 سيپٽمبر 2001 تي آمريڪا ۾ سينيٽرس ۽ ٻين ڪيترن سياستدانن کي اينٿراڪس لڳل لفافا مليا، جنهن ۾ 23 ماڻهو متاثر ٿيا ۽ پنجن جڻن جو موت واقع ٿيو. ان ۾ ملوث شڪي ماڻهوءَ جو پتو 2008ع ۾ پيو، جنهن بعد ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي. 2011ع ۾ 165 ملڪن حياتياتي هٿيارن جي معاهدي تي صحيح ڪري، اُهي هٿيار استعمال نه ڪرڻ جو وچن ڪيو. صدر ٽرمپ جي بار بار بيانن جي باوجود ته ڪرونا وائرس واري وبا "غير متوقع" هئي ۽ "ڪنهن به جڳهه کان ٻاهر نه آئي" هئي پر پينٽاگون نه رڳو ناول انفلوئنزا جي خطري کان چگّيءَ ريت واقف هو، پر وينٽيليٽرز، منهن جو ماسڪ، اسپتال جا بسترا، 2017ع جي اخبار مطابق ان جي امڪاني ڪوٽ جي به ڪين ڄاڻ هئي.

ڇا چين ۽ آمريڪي معاشي حياتياتي جنگ جو آغاز ته نه آهي؟

چين پنهنجو پاڻ کي دنيا جي واپاري ۽ معاشي بيهڪ ۾، مرڪزي ڪردار ادا ڪندي بيهاريو آهي. تاريخ ۾ پهريون پيرو 1978ع ڪانپوءِ، چين ڪلي طرح آمريڪا کي پنهنجو خطرو ڄاڻايو آهي، اهو به رڳو ڪرونا وائرس جي ظاهر ٿيڻ کان رڳو هڪ هفتو اڳ جرمنيءَ جي شهر ميونخ ۾ عالمي تحفظ جي ڪانفرنس ۾. چين کي اڳ ۾ ئي خبر هئي ته ڪجهه عالمي طاقتون، چين جي اسرڻ ۽ ايرڻ تي ناخوش آهن. چيني صدر شي جا لفظ ۽ تقريرون ان جو ثبوت آهن. صدر شي اڳ ۾ ئي اهڙي حملي جي مخالفت ۾ "عوامي جنگ" جو اعلان ڪري چڪو هو. چيني حڪومت جي پرڏيهي وزارت ڪلي عام ٽوئٽر تي آمريڪي حڪومت کي چئلينج ڪندي چيو ته "ڪرونا" تي سگهي ٿو ته آمريڪي فوج ووهان ۾

اهڙي وبا آندي هجي." ياد رهي ته آڪٽوبر 2019ع ۾ 300 آمريڪي فوجي ووهان ۾ "فوجي راندين" ۾ لٽل هئا. آمريڪا جي بيمارين جي ڪنٽرول جي اداري واري سربراهه رابرٽ ريڊ فيلڊ کان جڏهن پڇيو ويو ته ڪجهه آمريڪي فوجي فورٽ ڊيٽرڪ (ميري لينڊ) مان ٻين جاين تي ڪرونا وائرس جي هٿان فوت ٿي چڪا آهن؟ ان جواب ڏنو ته، "ڪجهه اهڙا ڪيس آمريڪا ۾ اڃ تشخيص ڪيا ويا آهن." چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان زاوهه (Zhao) جي چوڻ مطابق، ته آمريڪا ۾ 2019ع جي فلو ۾ اٽڪل 20 هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا آهن، اٽڪل 19 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن. هڪ لک 80 هزار ماڻهو نزلو يا زڪام سمجهي، اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن. آمريڪا جي رياست ميري لينڊ ۾ آمريڪي فوج جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ حياتياتي ليبارٽريءَ کي جولاءِ 2019ع ۾ بند ئي ان ڪري ڪيو ويو هو ته جيئن اتي موجود اثرن کي ضايع ڪري سگهجي. ان ليبارٽريءَ ۾ حياتياتي هٿيارن ۾ اِبولا، ڪرونا، B/A انفلونئزا، انٿراڪس ۽ ٻيا سارس/ مارس وائرس موجود هئا. انهن سيني دعوائن جي باوجود سائنسدانن طرفان وڏي تعداد ۾ اجا تائين يقين ڏياريا پيا وڃن ته وائرس انسان ناهي ناهيو يا ڪنهن ليبارٽريءَ ۾ پيدا ناهي ڪيو ويو. محقق اهو به پيش ڪري رهيا آهن ته وائرس کي جانور کان انسان ۾ منتقل ٿيڻ ۾ مهينا لڳن ٿا ۽ بعد ۾ انسانن ۾ به هن کي واڌ (Mutation) ۾ ڪِرو وقت لڳو آهي ۽ ان کان پوءِ ئي ووهان ۾ ظاهر ٿيڻ جي قابل ٿيو آهي. اهو پهريون پيرو ڏکڻ چين ۾ مهينا رهڻ بعد ئي ماڻهن ۾ رهڻ جي قابل ٿيو آهي.

ووهان ۾ ڪرونا وائرس جا جينياتي سرشتا ايران ۽ اٽلي ۾ موجود ڪرونا وائرس جي جينياتي تسلسل، سرشتي ۽ جوڙجڪ

ڪان مختلف آهن. چيني ميڊيا هينئر ڪلي عام ان ڳالهه جو اظهار ڪري ٿي ته ڪٿي آمريڪي نزلو، زڪام، فورٿ ڊيٿريڪ مان ٿيندڙ "غير محفوظ" ملٽري گريڊ جا حياتياتي هٿيار ڪٿي چين، ايران ۽ اٽليءَ ۾ ته نه ڦهلايا ويا آهن؟ ڇاڪاڻ ته اهي وائرس حياتياتي سرشتي ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهن. چيني حڪومت اهڙا سوال آمريڪا کان پڇي رهي آهي. ظاهر آهي ته آمريڪا وٽ اهڙن سوالن جو ڪو جواب نه آهي. ان کان وڌيڪ نيويارڪ ۾ بل گيٽس جي تعاون ۽ جان هوپڪسن يونيورسٽيءَ ۽ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي ميزبانيءَ هيٺ آڪٽوبر 2019ع ۾ "ايونٽ 201" (Event 201) جي نالي سان مذاڪرو پڻ منعقد ٿيو. جنهن ۾ ماهرن ان ڳالهه تي غور ڪيو ته ڪو خطرناڪ وبائي وائرس جيڪڏهن اوچتو پکڙجي وڃي ته ڇا ڪيو وڃي؟ ۽ اها وبا هي ڪا نه پر ڪرونا وائرس تي بحث ٿي رهيو هو. اهو ساڳيو وقت هو، جڏهن آمريڪي ۽ چيني فوجي "جنگي راندين" ۾ ووهان ۾ مصروف هئا. ڪرونا وائرس ڪٽان ٻه آيو هجي، پر آمريڪي صدر مذاڪري ۾ ان کي "چائينز وائرس" سڏڻ شروع ڪيو.

پينٽاگون ۽ انٽيليجنس برادري وڌيڪ بااختيار طور تي ان تي تحقيق ڪري رهي آهي ته ڪرونا وائرس کي دشمن بائيو ويپن/ حياتياتي هٿيار جي طور تي استعمال ڪري سگهندا. دفاعي ۽ انٽيليجنس عملدارن جي مطابق، پهرين اپريل 2020ع جي هڪ رپورٽ ۾، جيڪا قومي سلامتيءَ جي ظاهري عڪاسي ڪندڙ وائرس ۽ ان جي خطرن جي وضاحت ڪري ٿي ته وائرس بنيادي طور تي هٿياربند بڻايو ويو آهي- انٽيليجنس ڪميونٽي اجا تائين وائرس جي امڪاني اصليت جي تحقيق ڪري رهي آهي، پر في الحال اها سخت جاڻ يا سائنسي ثبوت موجود نه آهن جو ان نظريي

جي حمايت ڪري سگھن ٿا هي وائرس چين ۾ ليبارٽريءَ ۾ ٺهيو آهي.

سياسي حڪمت عمليون ۽ ممڪن نتيجا:

چيني صدر جو ووهان ۾ فاتحاڻو مارچ ڪرڻ ان ڳالھ طرف اشارو ڪري ٿو ته چين اهڙي "عوامي جنگ" ۾ زبردست قربانين جي عيوض فاتح ٿي نمودار ٿيو آهي. چيني عوام جنگين، انقلابن، بکن ۽ ٻاهرين حملن جو دليراڻو مقابلو ڪيو آهي ۽ اهڙين جنگين جي زبردست تاريخ جا وارث ٻا آهن. ڪرونا وائرس جو خوف کڻي ختم ٿئي ٻا، وبا تي ڪنٽرول ٿي ٻا وڃي، تڏهن ٻا عالمي معاشي بحران، مارڪيٽن ۾ ڪسادبازاري، اسٽاڪ مارڪيٽون، عالمي سفر جي حڪمت ۽ واپار جو انتهائي وڏو نقصان ٿيڻو آهي. ايندڙ معاشي ۽ مالياتي بحران، هڪ عالمي سرد بازاري، حڪومتن جو خساري ۾ وڌهڻ، معاشي پيداوار جو سخت ٿيڻ، هينئر حقيقت بڻجندو وڃي ٿو ۽ اهڙو بحران 2008ع جي بحرانن جي مقابلي ۾ وڏو بحران ثابت ٿيندو.

هينئر عالمي طاقت جو توازن يا شطرنجي بورڊ، چين جي حق ۾ ٿيندو وڃي ٿو. ڪرونا وائرس سرمائيدار مرڪزي ملڪن ۾ ۽ خاص ڪري سرمائيدار آمريڪا، يورپ، جاپان، ڪئناڊا ۽ ٻين امير ملڪن ۾ ڦڦڙوٽ وجهي ڇڏي آهي. چين جي "عوامي جنگ" ڪرونا کي ڪنهن ٻا قيمت تي شڪست ڏيڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ چين پنهنجي معاشي ۽ طاقت جي توازن کي مخالفن جي تعلق جي نسبتن سان آمريڪا ۽ يورپ سان نئين جوڙجڪ ۽ بيهڪ ۾ نمودار ٿيندو.

ڪرونا وائرس جي ڪري ڪهڙيون سماجي تبديليون ايندیون؟

ڪرونا جي ڦهلجڻ سان سڄي دنيا جي عالمي شعور، هينئر سوال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته عالمي حڪومتون ۽ ادارا ڪرونا جي ويڑهه ۾ ڪٿي بينل آهن؟ ڇا دنيا جي نظام کي مدي خارج، نسل پرست، سرمائيداراڻا حڪمران ۽ رياستون هلائيندیون؟ يا ان جي مقابلي ۾ "عوامي صحت" کي بنيادي اوزار سمجهي چين، ڪيوبا، روس، ڪوريا يا اٽليءَ وانگر نموني طور پيش ڪري هلائجي؟ هينئر اهڙن ملڪن ۾ سنگاپور، ڪيوبا، ويٽنام، تائيوان ۽ چين کي نمونو ڪري پيش ڪيو وجي ٿو، ته عوام جي پلائي ۽ صحت جي مقابلي ۾ هٿيارن، جنگ، ٽئنڪن، ميزائلن ۽ ملڪيتن ۽ دولتن کي جمع ڪرڻ کان مختلف آهي.

هينئر عالمي شعور گهر ڪري ٿو ته سمارٽ بم، جنگيون ۽ ميزائل اهم آهن يا اسپتالون اهم آهن؟ ملڪن جون بجيٽون نه پر ويڪسين ۽ صحت جون بجيٽون اهم آهن. بندوقون اهم نه آهن، پر انساني وسيلا، سالميتون ۽ عوامي بهبود اهم آهي. انساني سماجن کي طبقن ۾ بدلائڻ، ظالماڻا نظام، منافعو، لالچ ۽ حوس ۽ دولت جي پوڄا اهم نه آهي پر انسان اهم آهن. ڪرونا وائرس رياست جي لياقت کي ڪولي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. حڪمرانن جي لياقتن تي سوال ڪرڻ شروع ڪيو آهي، عقيدن، درگاهن، مذهبن، مندرن، ڪليسائن، ڪعبن، قبلن ۽ ڪربلائن کي چئلينج ڪيو آهي ته انساني سماج جو حل سائنسي ايجادن ۾ آهي، ليبارٽرين ۽ يونيورسٽين ۾ آهي. ڪرونا وائرس عالمي ضمير کي جنهجهوڙي

ڇڏيو آهي تہ هي نظام وقت جي حالتن سان نھڪندڙ نہ آهي. انسان دشمن نظام آهن، جابرانا، آمراڻا ۽ استحصالي آهن، جيڪي چند گروهن جو فائدو چاهين ٿا. عالمي طاقتون ناڪاره، فرسوده ۽ دولت ۽ حوس جون پوڄاري آهن. سياسي، سماجي ۽ معاشرتي سڀ تبديليون هينئر ان نقطي تي متفق ٿي پهتيون آهن تہ ڪيئن انساني سالميت جو گڏيل بچاءُ ڪجي ۽ ڪيئن وسيلن ۽ دولتن جو هڪ هٿ گڏجڻ، چند هٿن ۾ هجڻ، عياش حڪمرانن، منافع خور سرمائيدارن ۽ جنگين تي لڳائڻ اهم نہ آهي پر انسانن جي ڀلائي ۽ گڏيل ملڪيت ۽ حصو آهن.

اٽليءَ جي فليٽن ۾ ڳايل گيت ۾ ووهان جي اسپتالن مان نڪتل طبي عملي کي گارڊ آف آنر (سلامي) ڏيڻ ۽ ڪيوبا، چين ۽ روس جا طبي امدادي جٿا اٽلي، ايران ۽ چين ۾ لهڻ جا منظر انسانيت ۾ سالميت ۽ يقين جي جذبي کي مضبوط ڪن ٿا. ٻئي طرف پوري آمريڪا ۾ مرڪزي بئنڪون ٽرلين ڊالر جا فنڊ قائم ڪرڻ تي بحث ڪري رهيون آهن ۽ G-7 جا ملڪ سعودي عرب جي ميزبانيءَ هيٺ وڊيو ڪانفرنسون ڪري رهيا آهن. ان ڳالهہ ڏانهن درحقيقت، اشارو ڪري رهيا آهن تہ هو ڪيترو نہ حقيقت کان ڏور بينل آهن. چين ۽ ٻيا ملڪ جلد ڪرونا وائرس مان ڪامياب ٿيندا، جيئن چيني "عوامي جنگ" ۾ سوپارا ٿيا آهن، پر اڃان بحران ختم نہ ٿيو آهي. ڪرونا وائرس وڏي بي رحميءَ سان معاشي ۽ مالي مارڪيٽن جي تباهي ڪئي آهي ۽ ڪيترن ئي خدائي بتن کي ڪيرائي وڌو آهي، ڪيترين ئي ڏند ڪٿائن کي پڄي پور ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيترين ئي حڪومتن جا پول کولي ڇڏيا آهن.

ان سان هڪ ڳالهہ عالم آشڪار ٿي آهي تہ ڪرونا وائرس جي نتيجي ۾ عالمي لبرل معيشت جو نظام، عالمي مالياتي نظام

۽ قرلٹ تي بڏل سرمائيداراٹي نظام جو مستقبل اونداهو ٿي ويو آهي. عالمي معاشي نظام کي وائرس جي شڪل ۾ هڪ سرڪٹ بريڪر لڳو آهي. ڪرونا وائرس ان کي هڪ تمام وڏو معاشي بريڪ هٹي بيهاري ڇڏيو آهي. جتي نہ تہ ڪو نظام، نہ ڪو نجي شعبو، نہ کي بئنڪون، واپار، صنعت، سياست ۽ سماجيات جواب ڏيئي چڪي آهي، جتان ئي دنيا هڪ ٻئي منظر ۾ داخل ٿيندي.

هينئر ڏسڻ ۾ هيئن اچي ٿو تہ زبردست انساني ۽ معاشي قربانين ۽ سالميت جي نتيجي ۾ دنيا جو عالمي نظام مشيني انداز ۾ ٻيهر ري اسٹارٹ/ ري بوٹ ٿيندو، پر سڀ کان وڏو سوال هي آهي تہ ڇا سڄي دنيا جا طاقتور ۽ دولتمند طبقا، سڄي دنيا تي ڪنٹرول ڪري، پنهنجي اُن ڪنٹرول کي جاري رکي ۽ چين سان جنگ ڪري پنهنجو تسلط قائم ڪري سگهندا؟ دنيا کي نيٺ تبديل ٿيڻو آهي. تبديلي اٹٽر آ. نڱيءَ جي ناهن کي ڌهڻو آ ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ.

ڪرونا وائرس ۽ نائي جي ڪن ۾ ڦاسندڙ عالمي معيشت

ڪرونا وائرس جو لڦاءُ ڇا آهي؟ ان لڦاءَ سڄي دنيا جي چالو معاشي، مالياتي نظام کي ڪيئن لوڏي ۽ ڏوڏي ڇڏيو آهي؟ ڪرونا وائرس جي وبا، عالمي طاقت جي توازن، معاشي درجي بندين ۽ حڪومتي نظامن جا چرخا بيهاري ڇڏيا آهن، ڪرونا وبا، جيڪڏهن رات وچ ۾ ختم ٻه ٽي وجي تہ ٻہ معاشي ۽ مالياتي نظامن ۾ جيڪو لاٽ يا جمود آيو آهي يا اچڻو آهي، اهو عالمي سياسي، معاشي توازن، سوچ ۽ فڪر کي وسيع پس منظر ۾ متاثر ڪندو.

هن مضمون ۾ اسين اهڙين ئي تبديلين جو ڇيد ڪري، ڪجهہ اهم نتيجا ڪڍنداسين.

ڪارين بدڪن وارو نظريو:

سائنسي ٻوليءَ ۾، ڪرونا وائرس جهڙن لڦائن ۽ واقعن متعلق هڪ نظريو آهي، جنهن کي پاڻ اهڙا لڦاءُ ۽ واقعا سڏيون ٿا، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن، غير يقيني طور، اوچتو، دماغ چرخ ڪندڙ واقعا يا لڦاءَ هجن ٿا، جن جي رونما ٿيڻ جا امڪان نہ هڪڙ برابر يا تمام گهٽ هجن ٿا، ان نظريي کي سائنسي ٻوليءَ ۾ "ڪارين بدڪن وارو نظريو" يا 'بليڪ سوائن' نظريو سڏجي ٿو. ظاهر آ، بدڪون ڪاريون نہ ٿيندڙيون آهن ۽ ڪارين بدڪن جو پيدا ٿيڻ، اصطلاحي معنيٰ ۾، امڪان تمام ٿورو ٿئي ٿو. اهڙو نظريو هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ لبناني پروفيسر، نسيم نڪولس طالب ڏنو آهي. هن جي چواڻي تہ اهڙي قسم جا لڦاءَ يا واقعا، جيڪي تقريباً

ناممڪن هجن ٿا، تمام اهم ۽ اثر وجهندڙ هجن ٿا، جن جي اڳڪٿيءَ جو ذري جو به امڪان نه هجي، جن جي اچڻ، نازل ٿيڻ جو امڪان عام رواجي اُميدن جي ابتڙ هجي ٿو. اهڙا لقاءَ ۽ واقعا تاريخ، سائنس، ماليات يا ٽيڪنالاجيءَ جي اميدن ۽ امڪانن جي ابتڙ متوقع ٿين ٿا. پروفيسر نسيم نڪولس طالب جي ڪارين بدڪن واري نظرئي موجب اهڙا اڻ ٽيٽا لقاءَ ۽ واقعا، جيڪي زبردست ۽ وڏي پئماني تي تاريخ ۾ وڏو ۽ اهم اثر ڇڏين، اهڙا غير معمولي واقعا ۽ لقاءَ عام رواجي واقعن ۽ لقائن جي ٻيٽ ۾ وڏو اثر پيدا ڪن ٿا. انهن جي اچڻ يا رونما ٿيڻ جو امڪان ڇڻ ته ڪائي خبر نه هجي يا خاموشيءَ سان اوچتو رونما ٿين.

ڪرونا وائرس به اهڙين ڪارين بدڪن جهڙو هڪ وڏو ۽ تمام اهم تاريخي لقاءُ آهي، جنهن کي هڪ وبا طور سڃاتو وڃي ٿو، جنهن جي ڪنهن کي به خبر نه آهي ته اها وبا ڪيئن ڦهلبي ۽ ڪٿي وڃي دنگ ڪندي؟ هيءَ وبا ڪيتري وقت کان پوءِ ختم ٿيندي؟ ويندي به يا نه؟ ڪوبه سائنسي، غير سائنسي ماڻهو اڳڪٿي ڪرڻ کان ڪيبائي ٿو. ان وبا ۾ ڪيترا ماڻهو بيمار ٿيندا ۽ ڪرونا وائرس ڪيترا انسان ڪڙڪائيندو. هينئر تائين هڪ اندازي موجب هڪ لک 70 هزار ماڻهو موت جي نند سمهي چڪا آهن. (اهي روزانو اجان وڌندا ئي رهن ٿا) ۽ تقريباً 25 لک کان به وڌيڪ ماڻهو ان وبا ۾ وکوڙجي چڪا آهن.

ڪرونا وائرس نه رڳو عالمي صحت جي نظام جا بحران پيدا ڪيا آهن، پر گڏوگڏ معاشي ۽ سياسي اثر به ڇڏيا آهن. هن وبا سڃي دنيا جي عوامي زندگيءَ کي متاثر ڪيو آهي. سڃي دنيا جي معاشي پيداوار هڪ هنڌ بيهجي ويئي آهي. ڪارخانا، ملون، سرڪاري توڙي غير سرڪاري، ڪاروبار، هوائي سفر، بئنڪون ۽

واپار جا ٻيا وسيلا سڀ بند ٿي يا سڪڙجي چڪا آهن. سڄي دنيا جي آمدورفت بند ٿي چڪي آهي. ان ڳالهه ۾ هاٿي ڪنهن وڌاءَ جي گنجائش ئي نه رهي آهي ته بظاهر چين مان شروع ٿيل ڪرونا وائرس سڄي دنيا جي صحت ۽ واپار کي متاثر ڪندي، طبي ۽ معاشي تباهيون آڻيندي، وڏين وڏين ڪمپنين، واپارين، ڪارپوريشنن ۽ صنعتن کي خساري ۾ وجهندي، وڏي تباهيءَ هيٺ آڻي بيهاري ڇڏيندو. اسٽاڪ مارڪيٽ انڊيڪسون ۽ عالمي تيل جون قيمتون منهن ڀر ڪري چڪيون آهن. ڪيترن هوائي جهازن، سير سفر جي ڪمپنين جا منصوبا ٻڌل جو شڪار آهن. جهاز ايئرپورٽن تي پارڪ ٿي چڪا آهن، هوٽلون خالي ٿي چڪيون آهن، ٽوئرسٽ ملڪن مان سياحن جي واپسي شروع ٿي چڪي آهي. خريدارن وڏا وڏا آرڊر ڪينسل يا واپس ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن طلب هڪدم گهٽجي وجي ته رسد جي به اسپيڊ بريڪر تي بريڪ لڳائڻو پئجي وجي ٿو. هن وبا جي ڪري سڄي دنيا جي معاشي ماهرن جو خيال آهي ته سڄي دنيا ۾ معاشي لاٽ ته اڳ ۾ ئي هئي، پر هاٿوڪي ڪرونا وائرس جي وبا، يورپ، آمريڪا، جپان ۽ ٻي دنيا جي معيشت ۾ هڪ وڏي عالمي ڪساد بازاري يا معاشي لاٽ کي جنم ڏنو آهي، جنهن جا معاشي نقصان تمام گهڻ طرفا ٿيندا.

سڄي دنيا ۾ ۽ خاص ڪري چين ۾ وڌندڙ بي چيني، عام جنسن ۽ شين جي طلب کي ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي. روسي ۽ چيني ملڪن تيل جي تعاون واري تنظيم ۾ تيل جي عالمي رسد ۽ قيمت تي متفق نه ٿيڻ جي نتيجي ۾ روس تيل جي پيداوار گهٽ ڪرڻ واري سعودي مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو آهي. روس جي اهڙي راضپي سان عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن ۾ استحڪام/ مضبوطي اچي ها. روس جي انڪار/ متفق نه ٿيڻ جي نتيجي ۾،

سعودي عرب جي حڪمت عمليءَ تحت عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن کي ڪيرائي ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ تيل جي عالمي قيمتن، پنهنجي تاريخي لاٿ ۾ وڃي ترو ورتو آهي. ٿوري عرصي لاءِ قيمتن جي اهڙي گهٽتائي خريدارن ۽ صنعتن کي فائدو ته ڏيندي، پر ان نفسياتي خوف، معاشي لاٿ ۽ ڪرونا وبا عالمي مالياتي نظام ۾ اهڙي ته ڦڦوٽ وجهي ڇڏي آهي، جو نه صرف اسٽاڪ مارڪيٽون ۽ مندي ڏڙام سان پٽ اچي پيون آهن، پر معيشتون به ويهجي ويون آهن. هينئر ته اهو امڪان به وڌي ويو آهي، ته ڪٿي عالمي معاشي نظام نه منهن ڀر ڪري پوي. سڄي دنيا جا ملڪ ۽ مرڪزي بئنڪون، پارليامينٽون ۽ حڪومتون، بچاءَ جا معاشي پيڪيج تيار ڪري رهيون آهن. ظاهر آهي ته معاشي بچاءَ جا پيڪيج اتان جي حڪمران طبقن، وڏين ڪارپوريشنن ۽ بئنڪن جو بچاءُ ڪندا، نه ڪي محروم ۽ غريب طبقن جو. آمريڪي سينيٽ ۾ ڪرب ڊالرن (۾ هزار ارب ڊالرن) جو پيڪيج منظور ڪيو آهي، جيڪو ڪمپنين، ڪارپوريشنن ۽ عوام کي هن موقعي تي رليف/بچاءُ فراهم ڪندو.

پاڪستان به 1200 ارب روپين جي پيڪيج جو اعلان ڪيو آهي. ان کي معاشي هوليءَ ۾ اسٽيمولس پيڪيج يا "زور وٺرائڻ"وارو پيڪيج سڏبو آهي. ان کي معاشي زبان ۾ "هيلي ڪاپٽر ناڻو" سڏي سگهجي ٿو. اهڙو هيلي ڪاپٽر ناڻو، هيلي ڪاپٽر وانگر اڏاري ماڻهن جي ڪيسن ۾ وجهجي، ته جيئن هو خرچ ڪن ۽ معيشيت جو ڦيٿو هلڻ لائق ٿئي. سوال آهي ته هاڻي اهڙو ناڻو بينل معيشت کي زور وٺرائيندو به يا نه؟ ان ڳالهه جو دارومدار ان تي آهي ته معيشت ۾ لاٿ ڪيتري قدر سخت آهي ۽ بحران ۽ وبا سرشتي کي ڪيتري قدر وکوڙيل آهن. اهڙن پراڻن

بحرانن جي نوعيت سادي هئي، ٿوري عرصي لاءِ معاشي لاٿ ٿيندي هئي، معيشتون وري واڌاري جي دڳ تي جلد واپس چڙهي ويندیون هيون. هينئر ڪرونا وائرس جي وبا جي شدت تيز آهي، انهيءَ ڪري بحرانن جي نوعيت بہ بي هوندي. ان تي اثرانداز ٿيندڙ عنصر بہ مختلف هوندا. ان سڄي ڳالهہ جو دارومدار ان تي آهي تہ وبا جي شدت جو عرصو ڪيترو ڊگهو يا مختصر آهي.

هن قسم جي جهٽڪي، سڄي دنيا جي بيمار مالياتي نظام جي رڳن ۾ عضون ۾ خوف ڊوڙائي ڇڏيو آهي. بيمار عالمي مالياتي نظام جيڪو 2008ع جي بحرانن ۾ اڳ ۾ ئي جمود جو شڪار هو، پر ڪيس پلي پت خبر هئي تہ عام آمريڪي، يورپي آبادي، ڪارپوريشنون ۽ حڪومتون اڳ ۾ ئي قرضن ۾ ورتل آهن. چين جون بئنڪون، ريئل اسٽيٽ ڪمپنيون، نجي ۽ سرڪاري ڪارپوريشنون، صوبا، سپ جا سپ قرضن ۾ وکوڙيل آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني ملڪن جون حڪومتون ۽ نجي شعبا پڻ قرضن جي اهڙي جار ۾ ڦاٿل آهن. يورپي بئنڪون بہ 2008ع جي بحران مان اجان ڪ ڪٽي سڌيون ٿيون ئي ناهن. يونان، اٽلي، اسپين، پورتگال جي قرضن ۾ ٻڏل معيشتن اجان پراٽن بحرانن مان ساهہ ئي نہ پٽيو آهي تہ وبائي وهڪري ۾ سندن معيشتون هڪدم ويهجي ويون آهن. سيڙپڪار جهڙي نموني مارڪيٽن مان پنهنجيون سيڙپڪاريون ڪڍي رهيا آهن، ان مان تہ لڳي ائين ٿو تہ حڪومتن کي جيڪڏهن سياڻي خساري يا گهاٽي عيوض پنهنجا سرڪاري بانڊ وڪرو ڪرڻا پون تہ سندن بانڊن جو خريدار بہ ملڻ مشڪل ٿي پوندو. سڄي دنيا جي مرڪزي بئنڪن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو آهي تہ هي تاش جي پتن وانگر نهيل مالياتي گهر ڍهي پڻ نہ پئجي وڃن. ڪرونا وائرس عالمي مالياتي بحرانن کي جڙ هڪ

چين/زنجير جي لڙهي ۾ پوئي عالمي مالياتي ۽ معاشي بحرانن جي حرڪتن کي جڙ تيز ڪري ڇڏيو آهي.

2008ع جي بحرانن کي حڪومتن، بئنڪن ۽ عوام جي ٽيڪس جي سهاري کڻي منهن ڏنو هو، پر هن دفعي عالمي مرڪزي ڊانچي ۾ بئنڪون هن وبائي طوفان مان جنم ونندڙ معاشي ۽ مالياتي بحرانن کي منهن ڪيئن ڏيئي سگهنديون؟ سڄي دنيا ۽ خاص ڪري سرمائيدار ملڪن ۾ وياج جا اڳهه اڳ ۾ ئي ٻڙيءَ جي برابر هئا. بئنڪن ۾ اڃ ڪٽ ناڻو موجود هو، تڏهن به معيشتون پاڻ ۾ريون ڪونه ٽيون، هينئر ته نه صرف بحران آهي پر خوف به آهي، مندبيون بند آهن، ڪپت ٻڙيءَ تي آهي، اتي اهڙي خوف کي مرڪزي بئنڪون ڪيئن منهن ڏينديون؟ سڄي دنيا جي ناڻي وارين پاليسين، جن کي مانيٽري پاليسون سڏجي ٿو، وائڙيون ۽ بتال آهن ته هن صورتحال ۾ ڪجي ته ڇا ڪجي؟ ان جو سبب آهي ته بحران هينئر رڳو معاشي نوعيت جا نه آهن، طبي ۽ مالياتي به آهن. حڪومتن لاءِ سڀ کان وڏا درپيش چئلنيجز/مقابلا يا مشڪلاتون هي آهن ته ڪيئن انسانن کي هن وبا مان بچائجي؟ ظاهر آهي ته تمام گهڻين حڪومتن جا خول، پول ئي ڪلي پيا آهن ته ڇا واقعي اهڙي وبا کي منهن ڏيڻ جي حقيقي معنيٰ ۾ منجهن لياقت ۽ صلاحيت به آهي؟ سڄي دنيا جي عوام هينئر سوال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن ته خاص ڪري هن وبا جي صورتحال ۾ حڪومتن جي اجگر، وڏين فوجين، هٿيارن، ٽيڪنالاجي ۽ طاقتن هجڻ باوجود، جيڪڏهن وبا کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت به نه اٿن ته پوءِ حڪومتن جي هئڻ يا نه هئڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟

سڄي دنيا جي تاريخ ۾ ۽ خاص ڪري آمريتن ۽ بادشاهتن ۾ مضبوط آمر، حڪومت يا رياست جي هئڻ جو دليل ئي اهو هوندو

آهي ته بادشاهه/ رياست، "جان ۽ مال جي حفاظت" ڪري سگهي. پوئتي پيل حڪومتن، سامراجي ۽ سرمائيدار ملڪن جي رياستن، طاقت ۽ حڪومتن جو جڙ ته پول ئي ويتر ڪلي پيو آهي. منجهن بحرانن کي حل ڪرڻ يا منهن ڏيڻ جي بنيادي طرح صلاحيت ئي نه آهي. ان جي ابتڙ چيني صدر شي ۽ چيني عوام ان ڳالهه کي نه صرف سمجهيو پر پنهنجي تاريخي تجربن آهر، "عوامي جنگ" جو اعلان ڪري، هن مصيبت کي ڪنهن به قيمت تي ڪنٽرول ڪرڻ جا نه صرف اپاءَ ورتا پر سڄي دنيا کي واهر ۽ مدد ڪرڻ لاءِ به پاڻ پتوڙيو. باقي سڄي دنيا ۾ حڪومتن جي غير سنجيده رويي، وبا کي منهن ڏيڻ ۽ اپائن تي عوام پنهنجن حڪمرانن تي سخت ناراض آهي. هڪ اندازو هي به آهي ته جيڪڏهن وقت جي حڪمرانن اهڙين آفتن ۾ پنهنجي عوام جي مالڪي نه ڪئي ته کين عوامي ردعمل کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ خاص طور تي ايندڙ اليڪشن ۾ سندن ڪٽڻ ۽ نه ڪٽڻ جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو ته هن وبائي آفت کي منهن ڏيڻ وقت، سندن ڪردار ڇا هو. سڄي دنيا جي محڪوم ۽ مظلوم طبقن ۽ بي عوام کي چگيءَ ريت خبر آهي، ته هر بحران، جنگين، زلزلن ۽ غير معمولي حالتن جو نزلو ۽ بار عوام تي ئي پوڻو آهي. سڄي دنيا جا ملڪ ۽ رياستون 2008ع جي بحرانن ۽ قرض جي بحرانن مان اڃا نڪتا ئي نه هئا ته سرمائيدار مرڪزي ملڪن شام، ليبيا، عراق، يمن ۽ افغانستان سان جنگيون چيڙي ڇڏيون آهن. جيڪي ٿوريون گهٽيون، نالي ماتر، ڪوڙيون ۽ سرمائيدار ملڪن جون ڪيجهو جمهوريتون آهن، انهن کي پنهنجي وزن ۽ طاقت جي خبر آهي. کين خبر آهي ته بجيٽ جو اڌ قرض ۽ اڌ دفاعي ۽ فوجي خرچ انهن جي حوالي آهي. معاشي پاليسيون سالن کان قرضن جي قسطن، ٻاهرئين قرض ۽ امدادن

جي حوالي آهن. ناڻي ۽ مالياتي پاليسين جا فائدا مٿين طبقن جي هٿ ۾ فائدي ۾ آهن. سندن بنيادي صحت ۽ تعليم پوئتي پيل، فرسوده، ناڪاره ۽ گهٽي پاڳي عوام دشمن نظامن تي ٻڌل آهن. صحت تي خرچ ٽوٽل قومي بجيٽ جو هڪ اڏ سيڪڙو مس آهي. سندن عوام جي زندگي جانورن جهڙي آهي. عوام کي ٻه خبر آهي ته سندن حڪمران سورما اهڙن بحرانن/ لقائن کي منهن ڏيڻ جي ڪيتري صلاحيتن رکن ٿا. عوام کي خبر آهي ۽ هينئر سخت ڪاوڙ ٻه آهي ته سندن غدار حڪمران، لالچي ۽ عوام دشمن طبقا آهن. اٽلي ۽ اسپين جو عوام، حڪمرانن کان سخت نارض آهي. ان جي باوجود توڙي جو تڙ تڪڙ ۾ حڪمرانن نجي اسپتالن کي قومي تحويل ۾ ونڻي ڇڏيو آهي، پر رڳو هڪ هفتي ۾ 50 هزار ماڻهن کي وائرس ظاهر ٿيڻ ۽ هڪ هفتي اندر وبا کان متاثر ماڻهن جو تعداد هينئر تائين چين ۾ موت جي تعداد کان وڌي ويو آهي. آمريڪا ۾ ته اهو سيني ملڪن کان مٿي سرندو ٿو وڃي. اٽليءَ جو عوام حڪمرانن کان سخت ناراض آهي ته هو سپ کان پهرين پنهنجي عالمگيريت هيٺ ناڻي ۽ ڪرنسي کي وڃائي وينا، شام ۽ لبيا ۾ جنگين جي نتيجي ۾ نه صرف مهاجرن کي منهن ڏيڻو پئجي وين، ملڪ اڳ ۾ ئي قرضي، مٿان معاشي ۽ حڪمرانيءَ جا بحران. هن وبا اٽليءَ جي ڪرپٽ حڪمرانن جون متيون منجهائي ڇڏيون آهن. خود حڪومتون عوام لاءِ نه رڳو استحصالي ۽ ڪرپٽ بلڪ زهريليون وبائون ٿي چڪيون آهن. هينئر ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ئي نه رهيو آهي ته سرمائيدار ملڪن جون لبرل معيشتون معاشي طرح مڪمل طور ناڪام ٿي چڪيون آهن. انهن ۾ برازيل، برطانيه، انڊيا ۽ پاڪستان جهڙيون رياستون يا حڪومتون چونڊ هجن، جتي وڏا وڏا طاقتور جمهوري ملڪ ٻه وبا کي منهن

ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن تہ پوئتي پيل ملڪن ۾ سرمائيدار ملڪن جا تعبيدار، پنهنجي عوام جو رت چوسيندڙ حڪمران طبقا، پنهنجي عوام ۽ انهن جي زندگين کي هن ڏکئي وقت ۾ ڪهڙو بچائيندا؟

هينئر عوام ۽ محڪوم طبقن جون زندگيون ۽ آزاديون "لاڪ ڊائون" جي ور چڙهيل آهن. حڪمران غائب آهن. ڪرفيو ۽ ايمرجنسيون ڪڏهن ختم ٿيندیون، ڪا خبر نہ آهي. چين ۽ ان جي عوام، پنهنجي عوام ۽ دنيا سان سالميت ۽ گڏيل سهڪار جو شاندار مظاهرو ڪيو آهي ۽ اولهہ ۽ سرمائيدار ملڪن جي شخصي پٽي ۽ ذات تائين محدود دنيا جي ڪِلي ڪولي چڏي آهي. پنهنجو پاڻ کي گهرن ۾ بند ڪري، "سماجي وٿي" برقرار رکي آهي، هن وبا کي منهن ڏنو آهي. اولهہ ۽ خاص ڪري آمريڪا ۽ ٻين سرمائيدار ملڪن ۾ وبا جي ڦهلجڻ جو هڪ وڏو سبب اتان جي عوام جي صحت جو نظام آهي، جيڪو بيمار کي اسپتال کان پري ٿو رکي، بيمار خوف وچان اسپتال ئي نٿو وجي تہ سندس وجڻ ۽ علاج شرط هڪ وڏي رقم واري بل کي منهن ڏيڻو پئجي ويندو. اسپتالون، انشورنس ڪمپنين جي مالڪيءَ هيٺ آهن. پوئتي پيل ملڪن ۽ پاڻ جهڙن ملڪن ۾ جتي سهوليتون ئي اڻ پوريون، آباديءَ جو دباءَ، رهڻ لاءِ محدود گهر، اتي "سماجي وٿي" ڪجي تہ ڪجي ڪيئن؟ جتي ماڻهن ۽ وڏي آباديءَ جو گذر ئي "آٽين ۽ چاڑهين، ڏٺ ڏهاڙي سومرا" تي هجي. اتي سالميت جيڪڏهن ڪم ڪري تہ ڪيئن ڪري؟ ڪرونا وائرس دراصل عوام ۽ حڪومت/رياست جي وٿيءَ کي واضح ڪري چڏيو آهي. سڄي دنيا جا ملڪ ۽ قومون محدود سوچ هيٺ رڳو پنهنجا باردر بند ڪرڻ، پنهنجو تحفظ ڪرڻ ۽ ان کي ئي ترجيح ڏيڻ جي نتيجي۾ هن وبا کي عالمي طرح گڏيل سهڪار سان منهن ڏيڻ بدران ڪلڻ هارکا ٿي پيا آهن.

يورپي ملڪن ۾ سالميت تہ ڪلٹھارڪي ٿي پئي آهي. اٽليءَ ۽ اسپين کي هن ڏڪئي وقت ۾ بچائڻ وارو ڪوبہ يورپي ملڪ اڳتي نہ آيو آهي. ايستائين جو سلوويڪيا جي صدر ڪُلي عام چئي ڏنو تہ، "هن نازڪ وقت ۾ جيڪڏهن ڪو ملڪ اسان جو بچاءُ ڪري سگهي ٿو تہ اهو چين آهي. يورپي سالميت ڪاغذن ۾ لکيل هڪ پرين جي ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي." چين 23 ٽن طبي امداد جا جهاز سالميت هيٺ اٽلي ۽ ٻين ملڪن ڏانهن روانا ڪيا، جڏهن تہ آمريڪي حڪومت تہ يورپ سان فضائي رابطو ئي ڪٽي ڇڏيو، ٻڌائڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ڪيائين ۽ جرمنيءَ کان پنهنجي ماڻهن لاءِ، هڪ ارب ڊالرن عيوض ويڪسين جا حق خريد ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪيائين. يورپ جو عوام آمريڪا جي اهڙن عملن تي سخت ناراض آهي.

ڪرونا سبب پيدا ٿيل عالمي معاشي جنگ ڪير ڪٿندو؟

اهڙي وقت ۾ اهڙي منافقت ۽ منافعي خوري، عالمي سرمائيدار ملڪن ۾ جڙ ته ڪرنسيءَ جي شڪل ونڊي ڇڏي آهي. اهڙي ڏکئي وقت ۾ اقوامِ متحده جي جنرل سيڪريٽري ۽ ٻين عوام دوست ملڪن ۽ حڪمرانن، آمريڪا ۽ سرمائيدار ملڪن کان گهر ڪئي آهي ته عالمي وبا جي صورتحال ڪري هڪدم جنگيون بند ڪيون وڃن يا جنگ بنديون ڪيون وڃن ۽ ايران، ڪيوبا، روس، وينزويلا، اتر ڪوريا تي لڳل پابنديون هڪدم هٽايون وڃن. توڙي جو ايران ۾ وبا جي صورتحال شدت اختيار ڪري وئي آهي ۽ خود آمريڪا هن وبا جو سڀ کان وڏو متاثر ٿيندڙ ملڪ ظاهر ٿيو آهي، پر پوءِ به آمريڪا پنهنجي هوڏ ۽ مفادن خاطر انهن ملڪن تان پابنديون هٽائڻ کان نابري واري وينو آهي.

عالمي ملڪن جي پنهنجي معاشي مفادن، اهڙن جهيڙن ۾ وڌيڪ تيزي آندي آهي. عالمي تيل جي رسد ۽ قيمت تي روس ۽ سعودي عرب پاڻ ۾ اٽڪي پيا آهن، تيل جي عالمي تعاون جي تنظيم ۾ جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو آهي. آمريڪي تيل ڪمپنيون مقروض ۽ خساري طرف وڌي رهيون آهن. سستو تيل ڪن ملڪن لاءِ ته رحمت آهي، پر ٻين ملڪن لاءِ عذاب آهي. جيستائين جهيڙي جو ڪو نبيرو ٿئي، تيستائين آمريڪي تيل ڪمپنين جو ڏيوالو نڪري ويندو ۽ اهڙي صورتحال ۾ ٽرمپ سعودي ۽ روس جي وچ ۾ ٽپاڪڙيءَ جي آڇ ڪري چڪو آهي. تيل جي قيمت جو جيڪو به نتيجو نڪري، عالمي تيل مارڪيٽ ۾ هينئر جيڪو به سويارو ٿئي، پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته تيل جو استعمال ايندڙ وقتن ۾ گهٽبو، توانائيءَ جا ٻيا وسيلا ڳولجن پيا.

گهٽا ملڪ هينئر اهڙا وسيلا ڳولي ۽ مارڪيٽ ۾ رسد کي وڌائي رهيا آهن. جيڪڏهن تيل جي قيمت وڏي عرصي تائين هيٺ رهي ته تيل ۽ ان جي پيدا ڪندڙ ملڪن ۽ صحت تي وڏو اثر پوڻو آهي. اهڙي قسم جا جهيڙا سياسي ۽ سماجي طاقتن جي نئين سر صف بندي ڪندي نظر ايندا.

هن وبا ۾ چين ۽ آمريڪي جهيڙي کي وڌي هٿي وٺرائي آهي. آمريڪي حڪمران طبقا ان ڳالهه تي متفق آهن ته ڪهڙي به طريقي سان چين جي ايرندڙ معيشت، طاقت، اثر ۽ مقابلي بازيءَ جي صلاحيت ۽ فوقيت کي روڪجي، ڪيس ناٽي، تخليق ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان محروم رکجي. هن بحران جي نتيجي ۾ سڄي دنيا جون ڪمپنيون رات وچ ۾ آمريڪي ڇوڙ تي چين مان واپس ته ڪونه ورنديون. سڄي دنيا جون ڪارپوريشنون، چين جي سستي مزدور ۽ خام مال تي منافعو ڪمائڻ جون هيراڪ آهن. چيني هوائي ٽيليفونڪ ڪمپنيءَ جي G5 ٽيڪنالاجي، آمريڪي ۽ يورپي مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائڻ جي ڪليل رستا روڪ ڪئي ويئي. چين تي واپاري پابنديون لڳائي ڳرا محصول لڳايا ويا. لڳي ائين ٿو ته عالمگيريت جي هن جنگ ۾ سوپارو اهوئي ٽيندو، جيڪو وڌيڪ چاهه ۽ مقابلي بازيءَ جي سگهه رکندو. ان ۾ چين جي ڪيميا ۽ لياقت، آمريڪي ۽ يورپي ساخت جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي ۽ چين آمريڪا تي حياتياتي جنگ ڇيڙڻ جو الزام اڳ ۾ ئي لڳائي چڪو آهي.

پاڳو ٻيو
پاڪستان جي معيشت مسئلا
۽ مشڪلاتون

اقتصاديات: پاڪستاني معيشت جو نازڪ پڙو

سنڌي صحافت ۾ عام طور اقتصادي معاملن کي گهربل اهميت نه ڏيندي ويندي آهي. ادارن هن جديد دور ۾ اقتصاديات جي بنيادي اهميت کي سامهون رکندي، اقتصاديات جي حوالي سان هڪ مستقل ڪالم جو سلسلو شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عابد هڪڙو صاحب ان حوالي سان اقتصادي معاملن تي ڪالم لکندو. عابد اقتصاديات جو استاد آهي ۽ هينئر ڪراچي يونيورسٽي جي اپلائيڊ اڪنامڪس ريسرچ سينٽر ۾ تحقيق ڪري رهيو آهي.

پاڪستان پنهنجي جوهر ۾ هڪ نرالو ملڪ آهي ۽ جديد دنيا ۾ سندس سڃاڻپ جي واحد نشاني "مذهب" يعني اسلام آهي. ڪيس پنهنجي شروعاتي ڏينهن کان ئي ڪيترن ڏکين معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. مسلمانن ۽ هندن جون شروعاتي هجرتون، ڪوبه مناسب معاشي نظام جو نه هئڻ، مواصلاتي وسيلن ۽ ذريعن جي ڪوٽ، هنرمندن، سول ملازمن، فني ماهرن، بئنڪن ۽ تجارتي طبقن جي ڪوٽ وغيره. ان کان بعد ۾ به سياسي پڄ ڌاهه، اندروني سازشون، هندستان سان جنگيون، فوجي بغاوتون، بنگلاديش جو ٽٽڻ ۽ افغانستان مان پڳوڙن جي ڪاهن کي منهن ڏيڻ جيڏا وڏا معاشي مسئلا، واڳونءَ وارو وات ڦاڙيو وينا هئا. ان کان ٿورو اڳ پٽي صاحب جي زماني ۾ سڄي دنيا جي معاشي صورتحال "آئل شاڪ"، ٻوڏون ۽ نيشنلائيزيشن لاءِ سياسي ۽ دانشوراٽي بين الاقوامي صورتحال خود معيشت تي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

مٿين سمورين خراب حالتن هوندي، پاڪستان جي معيشت، ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ تيز رفتاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ سندس پيٽ جيڪڏهن ترقي پذير ملڪن سان ڪجي

ٿي ته سندس نمبر پهرين ٻن- چئن ملڪن ۾ اچي ٿو.

پاڪستان جي ترقيءَ جي سراسري سالياني شرح هيٺينءَ ريت آهي:

1970-60	8.6
1970-82	1.5
1982-88	5.6
1988-91	4.5

جيڪا ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن، يعني (آمريڪا، جاپان، جرمني، انگلينڊ) جي مقابلي ۾ بہ ڪافي وڌيڪ آهي، پر ان کان اڳ، اسان کي معيشت کي ٽلهي ليکي پرکڻ جا معيار ڳولڻا پوندا، ته ڇا واقعي اسان جي معيشت گهربل مضبوطي رکي ٿي يا نہ!

ڪجهہ معاشي ماهرن جو خيال آهي ته ملڪن جي معيشت پرکڻ لاءِ مجموعي قومي پيداوار (يعني جي- اين- پي) سڀ کان اڀيڪيٽر آهي، جيڪو ساڳئي وقت في ڪس/ في ماڻهو آمدني بہ ٻڌائيندو آهي، پر ٻين معاشي ماهرن جو خيال آهي ته مجموعي قومي پيداوار ملڪي ترقيءَ لاءِ گهربل لياقتون نٿي رکي ۽ ان وسيلي مجموعي خوشحاليءَ کي پرکڻ مشڪل آهي، ڇوتہ هي اڀيڪيٽر معاشي ڏانچي جي ٻين اهم پهلوئن، يعني پيداوار جي مختلف سيڪٽرن، يعني زراعت، صنعت ۽ خدمتن متعلق ڏار ڏار ڪارڪردگي پيش نٿو ڪري. ساڳئي وقت مجموعي ليبر فورس، بين الاقوامي واپار، بيروزگاري ۽ باهرين قرضن متعلق، جيڪو غريب ملڪن لاءِ موت ۽ جياپي جو مسئلو آهي، انهيءَ متعلق ڪا ڄاڻ نٿو ڏئي ۽ اهي اهم فيڪٽر آهن، جيڪي ڪنهن ملڪ جي معيشت کي تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

اڄان بہ ٻيا معاشي ماهر ڪنهن ملڪ جي مجموعي معاشي

ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ غربت جي خاتمي لاءِ ورتل اپاءَ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تبديلي، ماڻهن کي زندگيءَ جي ضرورتن جو موجود هجڻ، يعني ڪپڙي لٽي، اجهي، صحت، تعليم، بجلي، روڊ رستن ۽ صاف پاڻيءَ جي سهوليت هجڻ کي هڪ معيار ناهين ٿا.

جيڪڏهن مٿيان معيار رکي پنهنجي پياري ملڪ جي معاشي صورتحال کي پنهنجن پاڙيسرين يا پاڪستان جهڙن گهڻ آبادي‌ءَ وارن، يا هڪجهڙن ملڪن سان پيٽ ڪجي، يعني هندستان، برازيل، لاطيني آمريڪا ۽ مصر سان پيٽ ڪجي ته پنهنجي صورتحال گهڻي نازڪ آهي. ٿورو غور ڪريو ته جيڪو ملڪ 30 تعليمي شرح رکندڙ هجي، 26 ماڻهن کي بجليءَ جي سهوليت هجي، صرف چوٿائي آبادي‌ءَ کي پاڻي (پائيپ واٽر) جي سهوليت هجي، تقريباً 15000 ماڻهن تي هڪ ڊاڪٽر هجي، ڳوناڻي زندگي مجرمانہ حد تائين لاپرواهيءَ جو شڪار ٿيل هجي، ان ملڪ جي معاشي ترقيءَ جي رفتار جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هاڻي انهيءَ سڄي صورتحال جو جيڪڏهن مڪ ڪارڻ پيش ڪجي ته هيئن چئبو ته، "پاڪستان جي معيشت جو دارومدار گهڻي ياڳي ٻاهرين فيڪٽرن تي آهي." ٻاهريان فيڪٽر، يعني جيڪڏهن موسم ٺيڪ رهي، برساتون وغيره گهٽ پيون، ٻوڏن وغيره جو ڪو خطرو نہ آهي ته پيداوار چڱي ٿيندي، ڪپهہ پيدا ٿيندي، ملون ڪم ڪنديون. جيڪڏهن نار واري جنگ لڳندي ته پاڪستان جي بين الاقوامي ادائيگين ۾ خسارو ايندو، ڇاڪاڻ ته پاڪستان کان ٻاهر يعني نار وارن ملڪن ۾ پاڪستاني ماڻهن جون آمدنيون تقريباً سالياني هڪ ڪرب روپين کان بہ وڌيڪ آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي ته جيڪڏهن ٻاهرئين امداد يا قرض ملي ٿو ته صورتحال ڪنهن حد تائين بهتر آهي. جيڪڏهن قرض بند ته

معيشت بہ ڊائون. پاڪستان جي معيشت جي تشبيهہ ڪنهن هيروئنيءَ سان ڪجي، جنهن کي امداد يا قرض جي پڙي ملي تہ ٺيڪ رهندي ۽ جي نہ ملندي تہ سندس صورتحال خراب ٿيندي، پوءِ نوٽن ڇاپڻ تي زور وڌي ويندو. جيئن هيروئني خساري ۾ چوري ڪري، گٽرن جا ڍڪ وڪڻي پورائو ڪندا آهن، انهيءَ ڪري پاڪستاني معيشت کي معاشي ماهر "قرض جي عادي يا ناسوري معيشت" (Aid Addictive) ڪوٺين ٿا.

پاڪستان جي معيشت جون اهي بہ بيماريون، يعني سندس طبيعت جو نازڪپڻو، يعني ٻاهرين فيڪٽرن (موسم ۽ قرض) تي دارومدار ۽ ٻيو اهم پهلو سماجي شعبي کان مجرمانہ لاپرواهي آهي، جنهن سندس طبيعت کي حد کان وڌيڪ بگاڙي ڇڏيو آهي، جو هينئر ڪيس ڪنهن بہ تڪليف جي سني انجيڪشن يا قرض جو سيرپ (شربت) بہ اثر ڪونہ ٿو ڪري.

جيئن جيئن قرض اچي ٿو، سندس اڳوٽن قرضن جي وياج ۾ پورو ٿي وجي ٿو. خدا واسطي ملندڙ خيرات، جيڪا اڳ آمريڪا سڳوري ۽ ٻي دنيا مان افغانستان جي نالي ۾ ملندي هئي، سا روس جي ٽٽڻ کان پوءِ ملڻ بہ بند ٿي وئي ۽ اسان جي حڪمرانن جي هٿن ۾ خالي باسڪيٽون آهن، پوءِ هر عالمي اداري، آءِ- ايم- ايف، ورلڊ بئنڪ کان خيرات/ قرض ونڻ لاءِ سندن هر جائز ۽ ناجائز مطالبن کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وجون ٿا.

معاشي رٽابندي ۽ ناڪاميون:

پاڪستان جي مضبوط معيشت ڏڳهي عرصي کان ترقيءَ لاءِ ۽ سندس وڏي آبادیءَ جي باعزت زندگيءَ لاءِ معاشي رٽابندي موت ۽ زندگيءَ جي بہ واڻي تي بينل آهي. معاشي سڌارا تمام اهم آهن،

انهن تي اثر ڪندڙ فيڪٽر اهم آهن ۽ پاڪستان کي مضبوط معاشي رڌابندي واري مشينريءَ جي ضرورت آهي. اهي وقت جا اهم ۽ وڏا سوال آهن، پاڻ هينئر انهن جو جائزو وٺنداسين.

ڊگهي عرصي وارن معاشي سڌارن لاءِ ۽ پاڪستان جي وسيع آبادي‌ءَ جي خوشحالي لاءِ جن ايجنڊائن تي بحث ڪرڻ ضروري آهي، انهن ۾ غربت اهم سوال آهي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ ٻه طرفا اپائن جي ضرورت آهي. هڪ پاسي غريب ماڻهن کي ملازمت جا وسيع موقعا فراهم ڪيا وڃن، ڪين بنيادي تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن، ٻئي پاسي آبادي‌ءَ جو ڦهلاءُ/ واڌ 2.9 سالياني شرح آهي، ان مسئلي کي فوري منهن ڏنو وڃي ۽ تڪڙا اپاءَ ورتا وڃن. ٻئي نمبر جو سوال آهي ته سماجي شعبي تي ڏيان ڏيڻ گهرجي، روڊن رستن، مواصلات ۽ پوري انفرااسٽرڪچر کي وڌايو وڃي. انهن سمورن ڪمن کي پورو ڪرڻ لاءِ امير ماڻهن تي ٽيڪسون لڳايون وڃن. نجي شعبي جي ڪردار کي همٿايو وڃي، نه رڳو صنعتي شعبي ۾ پر مالياتي (فنانس) جي شعبي ۾ ٻه سيڙپڪاريءَ کي همٿايو وڃي. ان سان گڏ انفرااسٽرڪچر ۽ سوشل نظام/ سيڪٽر کي ٻه بهتر ڪيو وڃي. پيداوار کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ مهارت لاءِ گهربل اپاءَ ورتا وڃن، معاشيات کي وڌيڪ مقابلي بازيءَ لاءِ تيار ڪيو وڃي، ملڪي شين کي بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪيو وڃي.

اهي مٿيان اُپاءَ، پاڪستان جي ترقي جي رڌابندي‌ءَ لاءِ اهم جڳهه والارين ٿا ۽ ڏانچي کي سڌارن واري پروگرام، يعني ايس-اي- پي (اسٽرڪچر ايڊجسٽمينٽ پروگرام) ۾ ڏنو ويو آهي ته ان سلسلي ۾ ڊگهي عرصي واري رڌابندي‌ءَ لاءِ شروعاتي اُپاءُ هيٺئين سطح جا ورتل آهن.

مٿين سمورن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو ايس- اي- پي پروگرام ڪافي ناهي، مثال طور: صرف واپار جي پاليسي کي ئي ڏنو وڃي تہ 92-1988ع تائين محصولن کي گهٽائڻ ۾ سست رفتاريءَ جو مظاهرو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ بجيٽ ۾ خسارو ڪافي هو، جڏهن تہ 1992ع کان پوءِ محصولن جي سطح ڪافي حد تائين گهٽائڻ ڪپندي هئي، تہ جيئن غير جانبدار يا آزاد واپاري نظام قائم ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح مالياتي فنانشنل شعبي ۾ بہ ڪافي اپائن جي ضرورت آهي، تہ جيئن فنانشل سرگرمين جي دائري کي مارڪيٽ جي سسٽم جي ويجهو ڪيو وڃي ۽ ناڻي وارين پاليسين کي وڌيڪ زور ونرايو وڃي، بجاءِ قرض کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ وياج جي اڳهه کي وڌيڪ رکيو وڃي ۽ ساڳئي وقت ملڪي توانائيءَ جا وسيلا، يعني هائيڊل ۽ ڪوئلي جي ذريعن مان گهٽ خرچ سان توانائي پيدا ڪري ملڪي ضرورتن جو ڪنهن حد تائين پورائو ڪيو وڃي ها. درآمدي تيل جي وڌين ادائيگين جي پيٽ ۾ مٿين ذريعن تي خاص ڌيان ڏيڻ ڪپندو هو.

اهڙيءَ طرح جيڪي سرڪاري تحويل ۾ ورتل ۽ خساري ۾ صنعتون آهن، انهن کي نجي شعبي ۾ ڏيڻ لاءِ ڏگهي عرصي جي پلاننگ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ها.

زراعت جي شعبي ۾ بہ فصل جي لهڻ کان پوءِ سرڪار کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها، يعني مارڪيٽنگ ۽ ورڇ جي سهولتن کي بهتر بڻايو وڃي ها، پر سرڪار الٽو زرعي شعبي ۾ قيمتون فصل لهڻ وقت مقرر ڪري ٿي. پاڻيءَ جي ورڇ ۽ امدادي قيمتن کي ٽاپ ليول تي منظم ڪيو وڃي ها، زرعي شين کي تبديل ٿيندڙ حالتن ۾ برآمداد لاءِ ڪوششون ونڻ، اهم مقصد هئڻ ڪپندو هو، پر اهي سڀ بنيادي ۽ اهم ڪم ۽ فيصلا، منظم

رڪاوٽ سان ڪونہ ٿي سگھيا. اسٽرڪچرل پروگرام ۾ سڀ کان وڏي خامي اها آهي، جيڪا ڏگھي عرصي جي رڪاوٽ لاءِ ضروري آهي ۽ اها آهي سماجي شعبي جي ترقي، جيڪا پاڪستان جي سمورن سماجي انڊيڪيٽرن جي پوزيشن گذريل 50 سالن کان خراب رهي آهي، انهيءَ ڪري سماجي شعبي کي گھربل مهارت سان، گھٽ خرچ، سيڙپ، بهتر خدمتن ۽ ماهر ايڊمنسٽريشن جي مدد سان ڪافي سڌا نتيجا حاصل نہ ٿي سگھيا. ٻئي طرف، صحت ۽ تعليم جي شعبي جي مدد سان ٻنهي ادارن کي مضبوط ڪري سگھجي ٿو. انهن ادارن ۽ خدمتن کي هيٺاهين سطح تي فيصلا ڪندڙ مشينري ۽ گھربل فنڊن جي مدد سان سڌا نتيجا حاصل ڪري سگھجن ٿا ۽ آخر ۾ ڏگھي عرصي لاءِ جامع، واضح ۽ قابلِ عمل آبادي‌ءَ جي رڪاوٽ، جم جي شرح کي گھٽ ڪرڻ لاءِ سڀ طرفيون ڪوششون ڪرڻ لاءِ سياسي ڪمٽمينٽ جي ضرورت کي وقت جي اهم ضرورت ڪري تسليم ڪيو وڃي، پر حڪومت کي ان سلسلي ۾ سندن زندگين کي بهتر بنائڻ لاءِ سماجي شعبن مٿان آبادي، صحت ۽ تعليم جي صورتحال ڪجھ هينئر آهي. صرف هنن ٻن شعبن جي ڪارڪردگيءَ کي ئي ڏسو وڃي تہ پاڪستان جي معاشي پاليسيءَ جي ناڪامين جي خبر پئجي ويندي. صحت ۽ آبادي‌ءَ ۾ پاڪستان جي 13 ملين يعني 13 ڪروڙ آبادي‌ءَ ۾ پاڪستان دنيا جو ڏهون نمبر ملڪ آهي ۽ آبادي‌ءَ جي واڌ جي شرح تقريباً 2.9 سيڪڙو سالياني آهي، جيڪا ايشيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. پاڪستان جي آبادي 23 سالن ۾ ٻيڻي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن مضبوط تعليمي پلاننگ ۽ سٺيون صحت جون سهولتون ڏنيون وڃن تہ ان شرح کي ڪافي گھٽائي سگھجي ٿو، پر سرڪار جو پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جڏهڪ مذاق آهي ۽ هن وقت تائين

جم جي شرح گهٽ ٽيڻ جو ڪو آثار ئي نظر ڪونہ ٿو اچي. مزي جي ڳالھ تہ پاڪستان جي آبادي‌ءَ جي عمر جي ورڇ بہ عجيب آهي. هڪ تہ آبادي‌ءَ جي واڌ جي شرح وڌي ٿي ۽ ان ۾ بہ 15 سالن کان گهٽ ماڻهن جو تعداد ڪل آبادي‌ءَ ۾ تقريباً 45 سيڪڙو آهي ۽ شهري آبادي‌ءَ جي واڌ جي شرح 1.4 سيڪڙو سالياني آهي، جڏهن تہ سموري آبادي‌ءَ جو 28 سيڪڙو حصو شهرن ۾ رهي ٿو. آبادي‌ءَ جي شرح، عمرن جو فرق ۽ جڳهين جو تعين، ڪين صحت ۽ تعليم جون سهولتون ميسر ڪرڻ ۾ اڃان بہ وڏيڪ مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ڪن ٿا.

ملڪ جي صحت جي نظام جي حالت هي‌ءَ آهي تہ هر عام ۽ خاص بيماري خراب ۽ غير صحتمندانہ ماحول جي ڪري عام جام آهي، صحت جي سهوليتن جي نہ هجڻ جي ڪري، گهٽ تعليم جي هجڻ جي ڪري، صحت جي سهوليتن کي پهچائڻ پڻ هڪ مسئلو آهي. ڳوناڻي زندگي‌ءَ ۾ صرف 44 سيڪڙو ماڻهن کي پاڻي‌ءَ جي سهوليت آهي ۽ 19 سيڪڙو ماڻهن کي سينيٽيشن جي سهوليت آهي. 91-1990ع جي انگن مطابق ٻارن جي موت جي شرح 5.09 آهي. هڪ هزار ٻار جمڻ کان پوءِ مريو وجن، جڏهن تہ 1 سال کان 5 سالن تائين هڪ هزار تي 5.92 ٻار مريو وجن. حڪومت جي 3 سالن جي ڪوششن جي باوجود ماڻهو فيملي پلاننگ جي تصور کان اڻ واقف آهن. انهن اُپائن جي ناڪاميءَ جي گهڻن سببن مان هڪ سبب سماجي ماحول پيدا نہ ڪرڻ بہ آهي. سرڪاري ايڊمنسٽريشن ۽ آرگنائيزيشن ۾ بار بار تبديليون، فيملي پلاننگ جي پروگرامن لاءِ گهربل طلب جي ڪوٽ، ناقابلِ عمل ٽارگيٽ جي خدمتن جي ڪوٽ وغيره ۽ ٻيا اڻ ڳٽيا مسئلا پڻ آهن. صحت جي سهوليتن جو ٻيهر جائزو ورتو وڃي ۽ ان کي وقت جي گهرجن سان هم آهنگ

ڪيو وڃي، صحت جي سهوليتن جو دائرو وسيع ڪيو وڃي، صحت جي سهوليتن لاءِ فنڊز مهيا ڪيا وڃن، نجي شعبي ۽ غير سرڪاري تنظيمن جو تعاون حاصل ڪيو وڃي ۽ سياسي ڪمٽمينٽ ۽ پراڻي تجربي جي روشنيءَ ۾ نوان منصوبا ٺاهيا وڃن.

ٻئي طرف صرف تعليم جو حال هي آهي، جو ترقي پذير ملڪن جي پيٽ ۾ پاڪستان ۾ تعليم جو معيار اڃا ٻه وڏيڪ پيمانڪ آهي. ان جي شرح 34 سيڪڙو آهي. گذريل سالن ۾ انگ جي واڌ تہ نظر اچي ٿي، پر اها اڃا ٻه دنيا جي مقابلي ۾ تمام گهٽي گهٽ آهي. ڳوٺن ۾ نياڻين جي تعليم جي شرح 1981ع مطابق 3.7 سيڪڙو آهي، جيڪا سڄي دنيا ۾ سڀ کان گهٽ آهي. تعليم جون سهوليتون غير منصفانہ طور شهري علاقن ۾ وڏيڪ آهن. 30 سيڪڙو اسڪولن کي چتيون نہ آهن، 70 سيڪڙو اسڪولن کي Toilet جي سهوليت نہ آهي. نياڻين جي داخلا جي شرح پرائمري ۾ 32 سيڪڙو آهي. اهي انگ ايشيا ۾ سڀني ملڪن جي پيٽ ۾ گهٽ آهن. ڊراپ آئوٽ سيڪڙو اڃا ٻه وڏيڪ آهي.

تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ جن اُپائن جي ضرورت آهي، انهن ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ، تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ، تعليمي ڊانچي جو جائزو وٺڻ، تعليم جي انتظام کي بهتر بنائڻ، ڪيس گهربل فنڊس مهيا ڪرڻ ۽ تعليمي پاليسين تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ شامل آهن.

هيءَ رڳو صحت ۽ تعليم جي صورتحال آهي. زرعي ۽ صنعتي شعبي ۾ سرڪار جي لاپرواهي، معاشي پاليسيون، سياسي ڇڪ ڏاهہ، اهي سڀ گڏيل سبب آهن، جو معاشي ڊانچو سڄو سارو ڊانوان ڊول لڳو پيو آهي ۽ ٻاهرئين سيڙپڪاري ٻه سرڪاري جي

تمام گھٽين رعايتن ڏيڻ جي باوجود بہ ڪانہ ٿي سگھي آهي. انهيءَ جا مکيہ ڪارڻ بہ مٿيان آهن. پلا ٻاهريان يا اندريان، يعني پنهنجا سيڙپڪار بہ ايترا چريا تہ ڪونہ آهن، جو مٿين شين يا مسئلن جي هوندي ۽ بجيٺ جي خساري، قرضن جي سهوليت، افراطِ زر، مواصلات جي وسيلن جي سهوليت، ماهر ليبر فورس ۽ ٻيا سمورا اڻ ڳٽيا مسئلا آهن، انهن کي ڏيان ۾ رکن ٿا. رڳو حڪومت جي نعري بازي ڏسي ڪري، هو سيڙپڪاري ڪيئن ڪندا؟

پاڪستان جون معاشي پاليسيون، فيصلا ۽ نتيجا

پاڪستان جي معاشي صورتحال، لڳ ڀڳ گذريل 50 سالن کان اڄ تائين ڇا هئڻ کپندي هئي ۽ ڇا آهي؟ اهي ۽ الڳ الڳ سوال ۽ هڪ ٻئي جي ساخت کندڙ جواب ۽ آهن. هن مضمون ۾، پاڪستان جي فيصلا کندڙ مشينريءَ کڻڻا فيصلا ۽ پاليسيون اپنايون آهن، انهن جو اسين اندرئين ۽ ٻاهرئين معاشي صورتحال ۾ جائزو وٺنداسين ۽ اهو پڻ ڏسنداسين ته کڻڻا اهم فيڪٽر يا سبب هئا، جو اهي فيصلا ڪيا ويا.

سادو مثال ئي وٺجي ته ٻاهريون قرض جيڪو سيڙپڪاريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ جيڪي ادارا يا ملڪ اسان کي قرض ڏين ٿا، انهن جا پنهنجا شرط ۽ شرائط آهن. اهي اسان جي سياسي ۽ معاشي آزاديءَ لا ڪيتري قدر موزون آهن؟ انهيءَ وقت ۾ حڪمران پارٽي ڪهڙي آهي؟ وقت ڪهڙو آهي؟ قرض جي نوعيت ۽ سائيز ڪيتري آهي ۽ ان تي ئي سخت ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي ته قرض جي مئنيجمينٽ/ ايڊمنسٽريشن ۽ ٻيا معاشي شرط قرض جي منظوريءَ کان اڳ رکيا ويندا آهن ۽ اهم ڳالهه ته فيصلو کندڙ قوتون اهڙيون هونديون آهن، جن جو پاڪستان جي معاشي منصوبه بنديءَ سان ڪو تعلق ئي نه هوندو آهي.

اهڙا ۽ ٻيا هزارين فيصلا ٻه ائين سواءِ رٽابنديءَ جي ڪيا وڃن ٿا. اسين وڌيڪ ڏسنداسين ته پاڪستان ۾ کڻڻا معاشي فيصلا ڪيا ويا، انهن جو خراب يا سٺو، کڻڻو نتيجو نڪتو، پاڪستان جي (Mixed) گڏيل معاشي نظام ۾ کڻڻا فيصلا ڪرڻ گهرجن، انهن جون خصوصيتون کڻڻيون هجن، وقت جو تعين کڻڻو هجي، مقصديت جي وضاحت سان گڏوگڏ وسيلن جي پهچ ۽

ڪنٽرول ۾ هجي ۽ ساڳئي وقت اندريان ۽ ٻاهريان فيڪٽر، جيڪي فيصلن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا، انهن جو ۾ جائزو ورتو وڃي ۽ آخر ۾ پاڪستان جي پلاننگ مشينريءَ تي ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

پاڪستان جي معاشي پاليسين جي تاريخ: (پهريان سال 58-1947ع):

1947ع ۾ پاڪستان جي في ڪس آمدني 83 آمريڪي ڊالر هئي، جيڪا 1994ع ۾ 430 آمريڪي ڊالر جي لڳ ڀڳ ٻهڪي آهي، اها اڃان تائين غريب ملڪن جي صفن ۾ بينل آهي. پاڪستان ٺهڻ سان وسيلن جي اٽاڻ، فني مهارت جي ڪوٽ ۽ بنگال جو تقريباً هڪ هزار ميل پري هئڻ، اولهه پاڪستان ۾ رڳو ڪپهه جي پيداوار ۽ اوير پاڪستان ۾ رڳو سٽيءَ جي مڪيه پيداوار آهي. بنيادي گهرجن ۽ رسد جا مارڪيٽ مڪمل نه ٿي سگهيا، ڪٽڪ جو مارڪيٽ پيدا نه ٿي سگهيو، ڪوبه بنيادي صنعتي ادارو پاڪستان جي حصي ۾ نه آيو ۽ نسبتاً تباهه حال معاشي خدمتون ميسر ٿي سگهيون.

اهي سڀ مٿيان فيڪٽر هئا، جن ۾ گورنمينٽ جي اهم ڪردار جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. حڪومت نجي شعبي کي صنعتي ترقي ونڊائڻ لاءِ ان شعبي کي گهٽيون رعايتون ڏنيون ۽ صنعتڪار گهٽو ڪري هندستان مان لڏي آيل، ڪراچيءَ ۾ سيٽ ٽيل پناهگير هئا، جن مان ڪجهه ماڻهن وٽ سرمايو هو، جن ۾ دادا يائي، منشا گروپ، جاپان والا، هارون فيملي ۽ ٻيا شامل هئا.

سنه 50ع ۾ ڪوريا جي جنگ جي ڪري سٽيءَ ۽ ڪپهه جون عالمي منڊيءَ ۾ قيمتون وڌي وڃڻ جي ڪري هنن تمام وڏا نفعا

ڪمايا. ڪوريا جي جنگ ختم ٿيڻ تي پاڪستان جي اندر شين جي طلب هونئن تہ گھٽي هئي، سرڪاري امپورٽ سبسٽيوشن (Import Substitution) جي پاليسيءَ تحت (جنهن جو مطلب سڌن لفظن ۾ اهو ٿئي ٿو تہ گھرو طلب کي پورو ڪرڻ واسطي اهڙيون پاليسيون لاڳو ڪيون وڃن، جن هيٺ پنهنجي صحت کي ترقي ونرائي سگھجي)، جنهن جو معاشي مهارت يا صنعت تي برو اثر پوي ٿو.

نتيجي ۾ ٻاهرين درآمدي شين تي ڳرا ٽئڪس لاڳو ڪيا ويا، صنعتڪارن کي ٽئڪسن ۾ وڏيون ڇوٽون ڏنيون ويون ۽ وڏا وڏا لاٽ الائونس (Depreciation) وڌيڪ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ همت افزائي ڪئي وئي.

روپئي جي قيمت کي بين الاقوامي قيمت جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط رکيو ويو، تہ جيئن ٻاهرين شين جي پاڪستان ۾ اچڻ جي حوصلہ شڪني ڪئي وڃي.

وڏي مزي جي ڳالھ تہ عام ڪاپي جي شين تي ٽئڪسن جو سراسري حصو وچولين ۽ ڳرين سرمائي وارين شين ۽ مشينن جي مقابلي ۾ تمام گھٽو وڌيڪ هو، جنهن جي نتيجي ۾ ٿوٽل عام ڪاپي جي شين جي پيداوار، جيڪا 1952ع ۾ 22 سيڪڙو هئي، 1960ع ۾ 92 سيڪڙو ٿي وئي.

پهريون اقتصادي پلان 1955ع ۾ ناهيو ويو، جيڪو سماجي ضرورتن، علائقائي ترقين، آمدنيءَ جي ورڇ سان گڏوگڏ ڳرن ٽئڪسن ۽ زرعي شين تي قيمتن جي ڪنٽرول سان شروع ڪيو ويو، جنهن جو نتيجو اٿندي ئي ايترو برو نڪتو جو زرعي شيون حڪومت زرعي شعبي کان خريد ڪري گھٽ اگھ تي شهرن ۾ وڪڻڻ لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي ۽ صنعتي واپاري توازن صنعتڪارن جي حق ۾ هليو ويو ۽ باقي آمدني هارين جي ڪيسن

مان نڪري سرمائيدارن جي هٿن ۾ پهچي وئي. عام مڊل ڪلاس طبقن جون بچتون، سرڪاري ڪريڊٽ ۽ پاليسين جي ڪري بئنڪن وسيلي اڻ سڌيءَ طرح قرض سرمائيدارن کي ملڻ لڳا. پهرين معاشي رڪاوٽ شهري سرمائيدارن جي حق ۾ نڪتي، جنهن جي نتيجي ۾ 1952ع ۾ سرڪار، جيڪا زرعي شين تي برآمدات مان نفعو ڪمائيندي هئي، 1960ع ۾ 22 ڪروڙ روپين جي نقصان ۾ پهچي وئي ۽ پاڪستان ۾ خوراڪ جي زبردست ڪوٽ پيدا ٿي وئي.

ترقيءَ جا سال: (58-1955ع)

58-1955ع ۾ ملڪ ۾ سياسي پڄ ڌاهه ۽ علائقائي جهڳڙن جي نتيجي ۾ جنرل ايوب خان جي حڪومت شروع ٿي، جنهن کي معاشي منصوبه بندي ۽ ترقيءَ لاءِ آئيڊيل دور ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. ايوب خاص ڪري هيٺين ڳالهين تي زور ڏنو:

1. زرعي سڌارن ۾ تبديليون آنديون ويون.
2. آبپاشي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ ڳري سيڙپڪاري ڪئي وئي. تربيلا ڊيم جو قيام عمل ۾ آيو.
3. زرعي واپار ۾ اضافو ٿيو.
4. نوان ٻج، پاڻ، جيت مار دوائون، ڪيميڪلز ۽ قرض جون سهولتون مهيا ڪيون ويون. پاڻيءَ جي استعمال کي وڌايو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ چيو ويو ته "سبز انقلاب اچي ويو آهي." ٽريڪٽرن جي استعمال کي وڌايو ويو.
5. ٻاهرئين امداد تي گهڻو دارومدار رهيو.

1960ع ۽ 1965ع ۾ ٻه پنج سالا رڪاوٽون ڏنيون ويون، جن جا ٻه مقصد هئا.

ايڪسپورٽ بونس اسڪيم تحت روپئي جي قيمت کي چونڊيل جڳهه تي ڪيرائڻ.

صنعتي برآمدات کي ترقي ونڻائي وئي ۽ گهريلو ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، گهريلو پيداوار کي زور ونڻايو ويو.

ڪٽڪ ۽ چانورن لاءِ نون ٻجن جي متعارف ڪرائڻ ۽ ٽيوب ويلن جي سهوليتن کي پکيڙڻ سان گڏ نوان پاڻ پڻ ڏنا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ پيداوار ڪيئي حصا وڌي وئي.

پر جيڪو هڪ خال رهجي ويو، اهو گهٽي پاڳي زرعي سڌارن جي ناڪاميءَ ڪري ٿيو. (زرعي سڌارن تي آئنده مضمونن ۾ بحث ڪبو.)

زرعي سڌارن جي ناڪاميءَ جي ڪري زمين تي قبضو وڌيرن ۽ جاگيردارن جو رهيو. پيداوار ۾ اضافي جي ڪري پيداواري رشتا ٽٽڻ لڳا، زرعي واڌو آمدني جاگيردار جي هٿ چڙهڻ لڳي. نتيجي ۾ غربت ۽ آمدنيءَ ۾ فرق وڌندو ويو.

1970ع ۾ صنعتي ترقيءَ جي رفتار 9.8 سيڪڙو رکارڊ ڪئي وئي، پر جيئن ته صنعتي ترقي ٻاهرئين امداد جي وسيلي ڪئي وئي هئي، ان ڪري ڳوناٽي زندگيءَ تي ان جو ڪوبه اثر نه ٿيو، چوته ڪلاسيڪل لوئيس معاشي ماڊل مطابق زرعي سيڪٽر/شعبو پنهنجي اضافي پيداوار جيڪڏهن صنعتي ترقيءَ ۾ لڳائي ته صنعتي ترقي تيزيءَ سان منافعو ڪمائيندي ۽ اهو منافعو وڌيڪ سيڙپڪاري ڪري زرعي ۽ صنعتي شعبي کي همٿائيندو ۽ زرعي شعبي ۾ جيڪا بيروزگاري يا اضافي مزدور/ هاري آهي، ان کي به صنعت ۾ کپائيندو، پر هتي اثر الٽو ٿيو. هڪ ته زرعي شعبي جي فالتو پيداوار وڌيري جي عياشين ۾ کپندي رهي، ڊفينس ۽ ٻاهرين ملڪن جي امداد وسيلي ڪئي وئي ۽ ان ۾ جيڪا

ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي وئي، اها بنيادي طرح سرمائيداري يعني Capital Intensive هئي، يعني مزدورن کي هضم ڪرڻ واري نہ، بلڪ ڳري سرمائيداري هئي. نتيجي طور بيروزگاريءَ ۽ فالتو ليبر کي هضم (Absorb) نہ ڪري سگهي.

صنعت کي بچاءُ (Protection) ڏنو ويو. درآمدي شين تي ڳرا ٽئڪس لڳايا ويا. اڄ بہ غريب ملڪن جي پيٽ ۾ پاڪستان کان سراسري Inefficient يا دنيا سان مقابلي نہ ڪرڻ جهڙي بيمار صنعت پيدا ٿي. اضافي پورهيتن کي روزگار نہ ملڻ جي ڪري انهن جي ڪاپي جي طاقت ۽ طلب ۾ ڪوبہ اضافو نہ ٿي سگهيو. صنعت گهٽ طلب جي ڪري Under Utilization رهندي آئي، جيڪا اڳتي هلي چٽاپيٽيءَ ۾ پوئتي پئجي وئي.

اوپر پاڪستان جو سڀئ جو واڌو ناڻو، اولهہ پاڪستان ۾ سيڙايو ويو، نتيجي ۾ غريب ۽ امير جي وچ ۾ آمدنيءَ جو فرق تہ اڳ ئي هو، تنهن ڪري علائقائي ۽ چند گروپن جي هٿن ۾ دولت جي Concentration وڌندي وئي.

پٽو گورنمينٽ ۽ نيشنلائيزيشن جو دور: (77-1972ع)

پٽي جي اقتدار ۾ اچڻ جا ڪجهہ بنيادي ۽ اهم سبب هيٺيان هئا:

ايوب خان جي "سبز انقلاب" جي پاليسين ۽ زميني سڌارن جي ناڪاميءَ سبب "آمدنيءَ ۾ گيپ" تمام وڏي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ تي خاص ڪري ان دور جي مشهور 22 خاندانن جو چرچو ٿيڻ لڳو. غريب ۽ امير جي آمدنين ۾ فرق انهن ڏينهن واضح ٿيڻ لڳو هو. اوپر پاڪستان جي واڌو مٽاسٽا واري ناڻي کي اولهہ پاڪستان ۾، خاص ڪري ڪراچي، لاهور ۽ فيصل آباد جي

سرمائيدارن ۽ صنعتي ترقيءَ ۾ سيڙايو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ جاگرافيائي، سياسي ۽ معاشي قبضو وڌندو ويو ۽ ان سبب جي ڪري ملڪ جون اڄ به 70 سيڪڙو کان وڌيڪ صنعتون مٽين شهرن ۾ آهن. نجي شعبي ۾ عمل دخل ڪافي گهٽ هو، ٽيڪسن جي چوري اڄ وانگر عام جام هئي، جنهن جي نتيجي ۾ غربت ۽ آمدنيءَ ۾ فرق حد کان ٽپي ويو، شهري ۽ ڳوناٽين زندگين جي معيار ۾ واضح فرق ڏسڻ ۾ آيو.

پٽي ان فرق کي محسوس ڪندي، "اٽي، لٽي ۽ اجهي" جي نعري ڏنو، جنهن سان ڪيس عوام جي بيحد حمايت ملي ۽ هو نيشنلائيزيشن جون پاليسيون ڪٽي حڪومت ۾ آيو.

1972ع ۾ تقريباً 31 وڏين ڳرين صنعتن کي قومي تحويل ۾ ورتائين. 1973ع ۾ گيهه جي صنعت کي قومي تحويل ۾ ورتائين. 1972ع ۾ انشورنس ۽ تيل جي صنعتن کي قومي تحويل ۾ ورتو ويو. بئنڪن ۽ شپنگ ڪمپنين کي 1974ع ۾ قومي تحويل ۾ ورتو ويو. پيداوار ۽ قيمتن تي (خاص ڪري چانورن، ڪپهه تي) جيڪا هڪ هٽيءَ واري قيمتن جي پاليسي هئي، ان تي گرفت کي گهٽايائين. مزدورن ۽ هارين لاءِ 1972ع ۾ سڌارا متعارف ڪرايا ويا. رپئي جي قيمت ڊالر جي مقابلي ۾ تقريباً 5 روپين جي واڌ سان 11 روپيا ڪري، "ايڪسپورٽ بونس اسڪيم" کي ختم ڪيائين.

1972ع- 1971ع جي سالن کي شروعاتي تباهيءَ وارا سال ڪري ليکيو ويو، ڇوتہ انهن ڏينهن ۾ زرعي پيداواري شين ۾ سرڪار جي مداخلت گهٽي هئي، موسم موافق نہ هئي ۽ زرعي ترقيءَ جي رفتار آبادي جي رفتار کان گهٽي سست هئي.

نجي شعبي جي حوصلہ شڪنيءَ جي ڪري، صنعتي شعبو جيڪو 60ع جي ڏهاڪي ۾ صحتمند نفعو ڪمائيندو هو، اهو 73-

1972ع جي پاليسين، خاص ڪري روپئي جي قيمت ۾ گھٽتائيءَ جي ڪري، ڪچي ڪپھ ۽ ٽيڪسٽائيل جي شين جي قيمتن جي وڌڻ جي ڪري نقصان ۾ پئجي ويو. سرڪار جو خيال ھو تہ روپئي جي قيمت گھٽائي، برآمدات مان پئسا ڪمائي، وڌيڪ وچولين ۽ ڳرين صنعتن ۾ سيڙپڪاري ڪئي ويندي ۽ سرڪاري شعبي کي ترقي ونرائي عام پلائيءَ ۽ بھبود جا ڪم ڪيا ويندا، پر سرڪار جي ٻين پاليسين، خاص ڪري اجرتن ۾ اضافي، مضبوط ٽريڊ يونين، 1972ع ۾ روپئي جي قيمت ۾ ڪمي ڪرڻ، درآمدي شين ۽ ڳرين شين جي قيمت وڌي وڃڻ، ٻاھرئين قرض جي ادائيگي ۽ وياج وڌي وڃڻ ۽ ايڪسپورٽ بونس اسڪيم ختم ڪرڻ جي ڪري، جيڪو صنعتي شعبو 1960ع ۾ ڪنھن حد تائين ٽيڪ ھو، اھو اڃي زمين ۾ ڪري پيو. ان ۾ خاص ڪري ٽيڪسٽائيل شعبو سخت متاثر ٿيو ۽ اھڙو ڪريو جو اڄ تائين سڌو نہ ٿي سگھيو آھي.

بچتون گھٽ ٿيندڙون ويون، حڪومت جا خرچ وڌندا ويا، وسيلن ۾ واضح فرق ٿيڻ لڳو، درآمدي شيون وڌيڪ اچڻ لڳيون برآمدات گھٽجي وئي، بين الاقوامي ادائيگين جي توازن ۾ فرق ٿيڻ لڳو، پر انھن ڏينھن ۾ ٻاھر ڪمائيندڙ پاڪستانين جي آمدني ڪنھن حد تائين پورائو ڪيو ۽ عرب دنيا ڪافي رعايتي قرض مھيا ڪيا.

سيڙپڪاري 24 سيڪڙو مان گھٽجي سراسري 14 سيڪڙو سالياني رھجي وئي. نجي شعبي ۾ سيڙپڪاري، جيڪا 1960ع ۾ 50 سيڪڙو سالياني واڌ سان ترقي ڪري رھي ھئي، اھا 30 سيڪڙو وجي بچي.

سرڪار تحويل ۾ ورتل صنعتون ھڪ پاسي، گھڻ سرمائي

واري (Capital Intensive) هئي، روزگار مهيا ڪرڻ کان قاصر هئي ۽ ساڳئي وقت انهن کي مڪمل سگهه سان استعمال ڪرڻ بدران، انهن ۾ نااهل پرتي ڪئي وئي ۽ ورهاست سان ڪيو ويو. تعليم جي شعبي ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم تي ڏيان ڏيڻ بدران يونيورسٽين جي تعليم تي ڏيان ڏنو ويو.

معيشت جيڪا 50ع ۽ 60ع جي ڏهاڪي ۾ ڪنهن حد تائين آئيڊيل هئي، اها 70ع جي ڏهاڪي ۾ خراب صورتحال ۾ پهچي وئي. رهندي ڪسر به اوپر پاڪستان جي عليحدگي پوري ڪري ڇڏي.

نيشنلائيزيشن جي پاليسيءَ پوري صنعت، خاص ڪري بئنڪ انشورنس تي برا ۽ خراب اثر ڇڏيا. سمورا معاشي ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته نيشنلائيزيشن جي پاليسي تمام جلدي ۽ سواءِ مڪمل تيارين جي شروع ڪئي وئي، جنهن جي ڪري سرڪار شعبي کي گرفت ۾ رکڻ ۾ ناڪام وئي. زرعي سڌارن، سرڪاري پاليسين ۽ خراب موسمي اثرن جي ڪري زرعي شعبو وڌيڪ متاثر ٿيو.

وڌيڪ بدقسمتي اها ٿي ته بين الاقوامي خراب معاشي صورتحال ۽ پاڪستان جي خراب معاشي ڏانچي تي وڌيڪ برا اثر ڇڏيا. بين الاقوامي طور تيل جون قيمتون وڌي ويون. سڄي دنيا ۾ انفليشن (ناڻي جي واڌ) وڌي ويو. پوئتي پيل ملڪن جا پاري توازن خراب ٿيا. بهرحال، سعودي عرب جي مدد جي ڪري پاڪستان ۾ تيل جي قيمت جو ڪو ايڏو وڏو اثر ڪونه ٿيو.

1972-77ع ۾ پٽي صاحب جي دور ۾، خراب معاشي پاليسين جي نتيجي ۾ وڏن ترقياتي ڪمن لاءِ رٿابندي ڪئي وئي، غير ترقياتي ڪمن تي وڏو خرچ ڪيو ويو، بين الاقوامي ادائيگين جي

صورتحال خراب رهي، ناڻي جو ڦهلاءُ وڌيو، صنعت نيشنلائيزيشن جي ڪري متاثر ٿي، ٽلهي ليکي پاڪستان جو گذارو پنهنجي وسيلن کان تمام گهٽو مٿي رهيو ۽ مجموعي طرح پاڪستان جي معاشي تاريخ ۾ ڪو چگو دور ڪونہ رهيو.

ضياءُ جو دور: (88-1977ع)

ضياءُ، پٽي جي معاشي پاليسين سان اختلاف رکندي، ڊينيشنلائيزيشن، ڊي ڪنٽرول ۽ ڊي ريگيوليشن (3-D) جي نالي سان مشهور معاشي پاليسيون متعارف ڪرايون، جيڪي پهرين سالن ۾ سست هيون پر اڳتي هلي ڪنهن حد تائين سڌارا آيا. ضياءُ بن- چئن ڳالهين ۾ خوشقسمت هو. هڪ تہ افغانستان جي جنگ جي ڪري ٻاهرئين امداد ۽ قرض وڏي مقدار ۾ اچڻ لڳا، ٻيو تہ سٺي موسم جي ڪري فصل ۽ زرعي پيداوار ڪافي وڌي. بين الاقوامي معاشي صورتحال جي ڪري، ٻاهرين پاڪستاني ماڻهن جي ڪمائيءَ جا ذريعا ۽ آمدني پاڪستاني معيشت کي سهارو (Relief) ڏنو. غير ترقياتي خرچن، وڏن سرڪاري ترقياتي ڪمن تي گهٽ خرچ، صنعت تي ڪنٽرول ۽ نجي شعبي کي رعايتون ڏيڻ جهڙا ايمرجنسي قدم کنيا ويا. زرعي صنعت کي نجي شعبن ۾ ڏيڻ، قرضن جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ برآمدات کي ترقي ڏيارڻ جا قدم اهم هئا.

انهن سمورن قدمن ڪجهہ ڪم ڪيو ۽ ترقيءَ جي رفتار 70ع جي مقابلي ۾ بحال (Recover) ٿي، پر مجموعي طرح سياسي ڇڄ ڊاهہ، هڙتالن ۽ بجيٽ ۾ خساري جي ڪري ٻاهريان قرض حد کان وڌي ويا. سماجي ترقيءَ تي ڪو ڏيان ڪونہ ڏنو ويو ۽ مجموعي طرح ملڪ جي معيشت ترقي پذير ملڪن جي معيشت جي صفن ۾ آخري ملڪن جي لسٽ ۾ رهندي آئي.

ڏانچي کي سڌارڻ جا پروگرام:

ضياءَ جي ايمرجنسي اُپاءَ ونڊ جي باوجود معيشت جي مجموعي صورتحال ڪجھ هيئن هئي:

1. هيٺاهين سطح جي بچت ليول، بجيٽ ۾ تمام گھٽو خسارو، غير لچڪدار ٽيڪس سسٽم، جيڪو گھٽي ياڳي ٻاھرئين واپار تي دارومدار رکندڙ، کاپي جو خرچ وڌيڪ ۽ ترقياتي خرچ گھٽ.
2. ٻاھرين قرضن جي وياج جي خطرناڪ صورتحال.
3. ڪمزور مارڪيٽنگ سروسز/ ڪمزور ڪمرشل بئنڪنگ نظام.
4. سرڪاري مالڪي (Ownership)، مضبوط قانوني ڏانچو، قيمتن جي سرڪاري ڪنٽرول ۽ صنعتي لائين جھڙيون پاليسيون.
5. غير مقابلي باز صنعت، ڳريون درآمدي ٽئڪسون، درآمدي لائسنس ۽ غير متوازن واپاري نظام.

بجيٽ جو خسارو ڪل ملڪي پيداوار جو 58 سيڪڙو تائين پھچي ويو ھو ۽ واپاري خسارو 3.4 سيڪڙو ھو. زرِ مبادلہ يا ٻاھرين ادائيگين جي صورتحال تقريباً 50 سيڪڙو گھٽجي وئي ھئي.

متئين خطرناڪ معاشي صورتحال کي ڏسندي، گورنمينٽ تکڙا سڌارا آڻڻ لاءِ وسيلن ۽ ڏانچن کي بئلنس ڪرڻ واسطي آءِ-ايم- ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ايشين بئنڪ سان پھريان ٽن سالن لاءِ، بعد ۾ 4 سالن لاءِ 1996ع تائين ڏانچي کي سڌارڻ جي پروگرام جو معاھدو ڪيو، جنھن ۾ ڪجھ ھيٺيان ٽارگيٽ رکيا ويا:

1. بجيٽ جي خساري کي 50 سيڪڙو تائين گھٽ ڪرڻ.
2. ٻاھرئين واپار کي 5.2 سيڪڙو ملڪي پيداوار جي نسبت تائين آڻڻ.

3. انفليشن يا افراطِ زر کي 5.6 سيڪڙو تائين گهٽائڻ، جيڪو ان وقت 10 سيڪڙو هو.
4. ٻاهرئين قرض کي ٻاهرئين واپار جي نسبت سان 30 سيڪڙو مان گهٽائي 24 سيڪڙو تائين پهچائڻ.
5. داخلي ناڻي جي ڦهلاءَ ۽ قرض جي سهوليت کي ملڪي قومي پيداوار جي رفتار جي افراطِ زر جي رفتار سان هم آهنگ ڪرڻ.

ملڪي پيداوار جي ترقيءَ جي رفتار 2.5 سيڪڙو 90-1989ع ۽ باقي سالن لاءِ 5.5 سيڪڙو سالياني رکڻ جا ٽارگيٽ طئ ڪيا ويا.

بينظير ٻٽو جي پهرين حڪومت، نواز شريف جي 90ع واري حڪومت ۽ وري بينظير جي حڪومت، مٿين بين الاقوامي معاهدن سان هڪ نہ ٻئي فارم ۾ پابند رهنديون آيون. ڪيئي پاليسيون ۽ سڌارا، نوان نوان تجربا ڪيا ويا، هر نئين ڏينهن نئين پاليسي، پر معيشت ۾ ڪابہ Take off ڪرڻ جي پوزيشن ڪونہ آهي. بجيٽ جو خسارو ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي ٿو، جيڪو هينئر 120 بلين روپيا سالياني ٿي ويو آهي. ٻاهرئين قرض جي سالياني قسط تقريباً هڪ ڪرب 50 ارب روپين تائين پهچي وئي آهي. افراطِ زر جو سرڪاري اعلان 13 سيڪڙو آهي ۽ آزاد معاشي ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهو پهريائين 18 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. ٻاهرين ادائيگين جو توازن ۽ واپاري توازن اڃان بہ ڪاٿو آهي. مجرمانہ حد تائين سماجي شعبو غير ترقي يافتہ آهي، انهيءَ جو بنيادي سبب اسان جي معيشت جو ٻاهرئين امداد تي پاڙڻ آهي.

پاڻ اڳ واري مضمون ۾ بہ بحث ڪيو هو تہ پاڪستان جي معيشت جو دارومدار ٻاهرين فيڪٽرن تي گهٽو آهي. ٻاهرئين امداد ملندي تہ ملڪ هلندو. هر نئون/نئين وزيراعظم، ٻاهرين ملڪن جي

امداد ۽ قرض لاءِ (باسڪيٽ) ڪشڪول ڪنيون گهمندا وتن ٿا. قرض ملي ٿو ته معيشت نيڪ آهي ۽ نه ٿو ملي ته معيشت جو حشر برو ٿيو وڃي. ٻيو ٻاهريون فيڪٽر اهو آهي ته جڏهن ٿوريون برساتون پونديون، هڪ اڌ ٻوڏ جي صورتحال ٿيندي ته بيت المال، زڪوات، ايستائين جو اقراءَ سرچارج (تعليم لاءِ ٽيڪس) جا پئسا به ٻوڏ جي لاءِ ڪتب ايندا، ايستائين جو ٻوڏ جي ستايلن جي واهر ڪرڻ لاءِ ڪلرڪن، سپاهين، ماسترن جون به جبري پگهارون ڪٽيون ويندیون. حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته اهي ٻوڏ جا پئسا به اسان جا وڏيرا هضم ڪيو ويندا يا انهن پئسن مان شاميانه هٽي، غريبن کي به گيهه جا ڏٻا ڏيڻ لاءِ لکين روپيا انتظامن جي حوالي ڪري ڇڏيندا، اتي صرف ڪو وزير هڪ اڌ چيڪ ڏيڻ ايندو ۽ فوٽو ڪيرائيندو.

هينئر حالت اها آهي ته سرڪار ٻاهرين سيڙپڪارن کي ايشيائي ملڪن جي پيٽ ۾ وڏيون وڏيون رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار آهي، پر ڪوبه ماڻهو هتي سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سرڪار جي وڏن وڏن ڳڻ سرڪاري دورن جي باوجود، ڪل 15 ارب روپين جي سيڙپڪاري ٿي سگهي آهي. "ميمورينڊم آف انڊراسٽينڊنگ" يو- او- يو- ايس ته ڪربين روپين جا صحيح ڪري آيا آهن، پر بنيادي مواصلات، روڊن رستن، جديد واپاري سهوليتن، تعليم جي تباهه حال ڍانچي، افراطِ زر، بجيٽ جي خساري، وياج ۽ بئنڪ جي قرضن جي وڏن ريٽن جي ڪري ڪوبه سرمائيدار هن ملڪ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ڏينهون ڏينهن عام ماڻهوءَ تي دٻاءُ وڌندو پيو وڃي. هيءَ مجموعي طرح پاڪستاني معاشي پاليسين جي تاريخ آهي. لطيف سائينءَ چيو آهي ته:

جه سي لوڙائو ٽيا، جنين سندي ڏير،

ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي!

هن صورتحال جا ٻہ مکيہ سبب آهن:

غير مضبوط ترقي:

وڏي سرمائي وارين مشينن جي کوٽ جي ڪري، جيڪو خال ڪلاسيڪل ماڊل ۾ رهجي ويو (ڪلاسيڪل ماڊل ۾ پهرين چڪر ۾ عام کاپي جون شيون پيدا ڪيون وڃن، زرعي پيداوار وڌڻ گهرجي، ان جو نفعو صنعت ۾ لڳائي ملڪ کي مجموعي طرح ترقي ڏياري سگهجي ٿي ۽ اها صحت طلب کي ۽ روزگار کي هٿي وٺرائي) صنعتي ترقيءَ جو راز عام کاپي جي شين کان ڳرين مشينن ڏانهن ترقيءَ ۾ سمايل آهي.

پر اهو معاشي سرڪل پاڪستان ۾ ان ڪري مڪمل نہ ٿي سگهيو جو صنعتي ترقي پنهنجي ملڪ جي واڌو زرعي پيداوار مان نہ، بلڪ ٻاهرئين قرض ۽ امداد ۽ غير کاپي وارين شين واري صنعت جي نہ هجڻ ڪري کا صنعتي ترقي ٻہ نہ ٿي سگهي.

سماجي شعبي ڏانهن لاپرواهي:

سماجي شعبي ڏانهن لاپرواهيءَ جي ڪري نہ تعليم، نہ صحت، نہ مواصلات، نہ شهر ۽ نہ ڳوٺ ترقي ڪري سگهيا ۽ نہ ماهر تعليمي ۽ پڙهيل لکيل ڪيدر پيدا ٿي سگهيو ۽ نہ ئي پاڪستان جي توانائيءَ جي شعبي ۾ کا گهربل پيش قدمي ٿي سگهي آهي.

ايندڙ صدي ۾ پاڪستان جي ترقيءَ جو اڌورو خواب

پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي تاريخ به ايتري پراڻي آهي جيتري خود پاڪستان جي تاريخ. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ واري ڏينهن کان ئي "نيم حڪيم خطرءِ جان" معيشتدانن مختلف قسم جا ترقيءَ جا نسخا تجرباتي طور هن ملڪ تي لاڳو ڪيا. گهٽي پاڳي ترقيءَ جا نسخا اڻ ٺهڪندڙ، پراڻا، فرسوده ۽ ڪجهه چگا پر اهي به انتظامي ۽ بنيادي نوعيت جي شين کان محروم هئا، جن جو مجموعي نتيجو اڄ هي آهي ته پاڪستان جي پوري معيشت ۾ ڪابه پائيداري ڪانهي، پاڪستان بين الاقوامي امداد ۽ قرض جو محتاج آهي ۽ حڪمرانن وٽ ايندڙ سالن جي لاءِ ڪنهن ڏگهي ۽ مضبوط معاشي منصوبه بنديءَ لاءِ ڪو چارٽ، ڪو نقشو يا ڪو پلان وغيره نظر ڪونه ٿو اچي. ايستائين جو 5 سالہ منصوبا به صرف ڪاغذن جي زينت بڻيل آهن.

پاڪستان ۾ شروعات وارن ڏينهن کان ئي 68-1947ع تائين ترقيءَ لاءِ Functional چالو - وڌندڙ ناهمواريت کي نظريو سمجهندي، سرمائيدارانہ طرز ترقيءَ جي لاءِ هڪ رستو هموار ڪيو ويو. ان وقت اها سوچ هئي ته ملڪ ۾ جيئن ته بچتن جي شرح تمام گهٽ آهي ۽ جن طبقن جي سراسري بچتن جي شرح وڌيڪ آهي، انهن کي وڌا وڌا فائدا ڏئي، بچتن جي شرح کي وڌائي، صنعتي ترقيءَ لاءِ رستو هموار ڪيو وڃي، ان لاءِ جيڪي به مناسب فائدا ۽ سهولتون قرض ڏيڻ کان وٺي، رعايتون، ڇوٽ، قيمتن کي صنعتي ترقيءَ ڏانهن مائل ۽ متاستا جي وسيلن کي به صنعتن ڏانهن جهڪاءَ جي پاليسيءَ هيٺ اڻ ڳٽيا فائدا ڏنا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ زراعت جي هڪ وسيع آبادي جي وسيلن جو رخ، سرڪاري

پاليسين جي ڪري، مالدار صنعتڪارن ڏانهن ٽي ويو. صنعتي پيداواري شين جي قيمتن ۾ حيرت انگيز اضافو ڪيو ويو، زرعي شين جي قيمتن کي گهٽ رکيو ويو، زرعي شيون حڪومتي ڪنٽرول هيٺ رکي شهرن ۾ معمولي قيمتي تي وڪرو ڪيون ويون. ايڪسچينج ڪنٽرول نظام هيٺ (مٽاسٽا جي سسٽم هيٺ) صنعت کي ضروري خام مال بين الاقوامي قيمتن کان ڪافي گهٽ اگهه ۾ وڪرو ڪيو ويو. امپورٽ تي راشن ڪري، سياسي طرح صنعتڪارن کي امپورٽ لائسنس ۽ ڪوٽا جون سهولتون ڏنيون ويون. ٽئڪس هاليدي چوٽ، زمينون، ٻاهريان قرض ۽ داخلي قرض جي سهولت فراهم ڪئي وئي.

چوڻ جو مطلب هي ته حڪومت جي مالياتي ۽ ناڻي واري هر ممڪن پاليسيءَ هيٺ زراعت جي بچتن، ٻاهرين امدادن ۽ قرضن جو رخ هڪ پاسي ڪري، صنعتي ترقيءَ کي زور ونڍائڻ لاءِ "ناهموار ترقي" (Unbalanced Growth) جو بنياد وڌو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ اڳواٽ طئه ٿيل اهو هو ته پهرين ڏاکي ۾ صنعتي ترقي ٿئي، ان مان پيدا ٿيل ناهمواريت ۽ غربت کي بعد ۾ منهن ڏنو ويندو. پهريائين سرمائي جي سيڙپڪاري اشد ضروري سمجهي وئي ۽ ان سيڙپڪاريءَ جي فائدي يعني منافعي ۽ اضافي بچتن کي ٻيهر سيڙپڪاري ڪري معاشي ۽ صنعتي ترقي کي ڪيئي حصا وڌائي سگهجي، ته جيئن Lewis جي ڪلاسيڪل ڊيوٽل ماڊل جي پورائي ڪري سگهجي، جنهن جي نظريي هيٺ پهريائين فالتو زرعي پيداوار ۽ ليبر فورس کي صنعت جي لاءِ خام مال طور استعمال ڪري، واڌو سرمايو ڪمائي زراعت جي شعبي ۽ فالتو ليبر فورس کي روزگار ڏئي سائيڪل ناهي وڃي، ۽ اها سائيڪل ناهي ويندي جيڪا غربت جو خاتمو آڻيندي ۽ ملڪ مجموعي

معاشي ترقي ڪندو. اهو هڪ مضبوط معاشي نظريو هو. 68 1947ع تائين خاص ڪري صنعتي ترقيءَ ڏانهن، (ان ۾ ڪهڙا جهول (Flaws) هئا، ان تي پاڻ بحث ڪنداسين) پر اڇو تہ ان کان اڳ ۾ زراعت متعلق معاشي پاليسي ڏسجي. زراعت جي شعبي سان مٿين پاليسين ڪري 10- 12 سال ويڙن رهي، زراعت جي صنعت سان واپاري ناتا (Terms of Trade) خراب رهيا. ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي زرعي ترقيءَ لاءِ مختلف ماڊل پيش ڪيا ويا. انهن ڏينهن ۾ پاڪستان جي معاشي ماهر، خاص ڪري هارورڊ ۽ ڪيمبرج اسڪول آف ٿاٽ جا نظريا رکندڙ، زراعت لاءِ ميڪسيڪو ماڊل جي چونڊ ڪئي، جنهن کي معاشي علم ۾ باءِ ماڊل Bi- Model ڪري سڏيو ويندو آهي. ان ماڊل هيٺ پهريائين (صنعتي ترقيءَ وانگر) وڏن جاگيردارن کي هر قسم جا فائدا ۽ سهولتون ڏنيون وجن، تہ جيئن انهن جي بچتن کي وڌائي، زراعت ۾ سيڙپڪاري ڪري، زراعت کي جديد بڻائي، زرعي ترقيءَ جي راهہ هموار ڪئي وجي. ان لاءِ وڏن جاگيردارن کي قرضن جي سهولتن کان وني، ٽريڪٽر، ٽيوب ويل، ٽريشر ۽ هر قسم مشينري رعايتي اگهہ تي فراهم ڪئي وئي. ٻجن، پاڻ ۽ جيت مار دوائن تي هر قسم جي رعايت ڏني وئي. اضافي ۽ امدادي قيمتون ڏنيون ويون، نتيجي طور وڏن وڏن جاگيردارن ڏانهن زرعي پاليسين جو جهڪاءُ رهيو ۽ پيداوار ۾ ڪيئي حصا اضافو ٿيو. زراعت جيڪا 55ع ۽ 60ع ۾ 3 يا 4 سيڪڙو سالياني شرح سان وڌندي هئي، اها 69- 1965ع تائين 11 سيڪڙو تائين پهچي وئي، پر ٻنهي ترقين ۾ فالتو ۽ اضافي سرمايو ٻيهر سيڙپ نہ ٿي سگهيو. پهريان تہ جاگيردارن جي فالتو آمدني عياشين ۾ خرچ ٿي وئي ۽ ٻيو تہ سرمائيدارن کي غير ضروري رعايتون ڏئي، صنعتن کي بين الاقوامي طرح اڻ چست

Inefficient بڻايو ويو ۽ وڏو جهول جيڪو هو، اهو هي هيو ته ٻنهي ترقين ۾ ٽيڪنالاجي داخلي (Indigenous) نه هئي ۽ سرمائي طرف جهڪيل هئي. گهڻ ليبر فورس ڳائيندڙ نه هئي، جنهن ڪري بيروزگاري ساڳي رهي ۽ ٻيو ته ترقيءَ جو گهڻو دارومدار اندروني طاقت بدران قرضن جي پئسي تي رکيو ويو. هاڻي ٻنهي صنعتي ۽ زرعي ترقيءَ جا سماجي نتيجا جيڪي نڪرڻا هئا، اهي اڻٽر هئا، مثال طور: صنعتي ترقيءَ جي نالي ۾ ملڪ ۾ چند سرمائيدار غالب رهيا، دادا پائي، هارون فيملي ۽ يو- پي، سي- پيءَ جي سمورن صنعتڪارن صنعتڪارن جو ملڪ جي صنعت تي قبضو ٿي ويو. پاڪستان جي 70 سيڪڙو بئنڪنگ، انشورنس ۽ ٽيڪسٽائل صنعت تي ڪراچيءَ جي (هندستان کان آيل) چند سرمائيدارن جو قبضو ٿي ويو. طبقن جي وچ ۾ آمدنيءَ جوGap خال وڌندو ويو. اهڙي ئي طريقي سان زراعت ۾ به ترقيءَ جو رخ جاگيردارانه مائل رهيو. ترقي رڳو پنجاب جي اندس بيسن ۽ سنڌ جي ڪجهه علائقن تائين محدود رهي. زراعت ۾ به صرف پوک کي ترقي ونڻائي وئي. فاريسٽري، فشنگ، جهنگلات، چوپائي مال ۽ فروٽ فارمنگ ڏانهن به اکيائيءَ وارو رويو رکيو ويو. پيداوار جي وڌڻ ڪري، پيداواري رشتا تبديل ٿيا، اجرتي پورهيو- ليبر کي زراعت ۾ هٿي ملي، پر سڄي ترقي وري به غير پائيدار رهي. صنعتي ترقي جيڪا 55- 1960ع ۾، زرعي ترقي جيڪا 65- 1960ع ۽ 1965ع ۾ حيرت انگيز اضافو ڪيو. هڪ وڏي ڏماڪي سان 73- 1970ع ۾ پنهنجا پير جمائي نه سگهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي ترقيون، ترقين جي آئيڊيل نظريي هيٺ نه هيون، ٻنهي ترقين ۾ جهول هئا، ٻئي ترقيون خارجي اثرن تي وڌيڪ دارومدار رکن پيون، ٻاهريان فيڪٽر اهم هئا، ٻنهي ترقين جو دارومدار امداد ۽ قرض تي هو ۽

تيل جي بين الاقوامي قيمتن جي لاٽ ۽ چاڙهه جي ڪري ۽ ٻوڏن (خارجي قدرتي فيڪٽر) جي ڪري پيداوارنازڪ Sensitive- رهي ۽ ٻنهي ترقين مان اضافي فالتو سرمايو ٻيهر سيڙپڪاري (Re-investment) ٽيڻ بدران وڏيرن ۽ جاگيردارن جي عياشين تي خرچ ٿي ويو يا سرمائيدارن ٻاهرئين ملڪ منتقل ڪري يا سياسي جوائن ۾ لڳائي ڇڏيو. نتيجي طور جيڪو نام نهاد (So called) معاشي ماهرن جو خيال هو ته ٻيهر سيڙپڪاري ٿي ويندي، ترقيءَ جي هڪ سائيڪل ٺهندي، پهريائين غربت ۽ پوءِ غرب جو خاتمو ايندو، اهو خواب اڄ تائين خواب آهي. غربت حقيقي معنيٰ ۾ وڌندڙ آهي، فرق صرف اهو آهي ته اها قرض جي ناڻي هيٺ لڪل ۽ ڊيل آهي، خاص ڪري افغانستان جي نالي ۾ مليل امداد ۽ آمريڪا نواز خارجي پاليسيءَ جي ڪري.

1970ع ڪان پوءِ نيشنلائيزيشن جي پاليسيءَ وري ڪا خاص مهارت نه ڏيکاري، ليبر رفارمز (زرعي سڌارا) هڪ دفعو ٻيهر مضبوط ڪاموراشاهي ۽ جاگيردارن جي ڪري ناڪام ٿيا. 80ع ۾ فوجي حڪومت جي نااهل معاشي پاليسين جي ڪري مالياتي Crises (بحران) وڌيا، بجيٽ جو خسارو، واپار جو خسارو، صنعتي ۽ زرعي ترقي، بين الاقوامي حالتون، داخلي صورتحال، نسلي ۽ قومي ڦڙا ۽ دهشتگرديون، سڀ ملي ڪري ۽ هيستائين 88- 1998ع تائين، ملڪ جي معيشت جي Rescue Operation لاءِIMF ، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن جي مدد طلب ڪئي وئي. انهن جيOperation (آپريشن) يا طريقہ واردات الڳ آهي. انهن جي پاليسيءَ ۾ جهول الڳ آهن (جن تي پاڻ وقتي بحث ڪيا آهن ۽ ڪنداسين.) هينئر ملڪ جي معيشت تي حڪم بين الاقوامي قرض ڏيندڙ سينئين يعني ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم- ايف جو هلي ٿو. اسين سندن ٻڌا ٻانها

۽ غلام آهيون، جيئن هو چاهين اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. بهرحال، مجموعي طرح صورتحال هيءَ آهي تہ قرض جو پئسو ملندو تہ معيشت ۾ استحڪام هوندو. پئسو بند ٿيندو تہ صورتحال خراب ۽ خارجي فيڪٽرين ۾ ٻوڏن جي صورتحال ڪجهہ ڇڱي هوندي. ٻاهرئين ملڪ پاڪستانين جون ڪمايون بهتر هونديون تہ معيشت بهتر ٿيندي، نہ تہ آءِ- ايم- ايف جي قرضي شرطن تي لبيڪ چوڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ڪونہ آهي.

ان سڄي صورتحال کي جيڪڏهن نظرياتي طور ڏٺو وڃي تہ ترقيءَ جي مڃيل نظرين هيٺ ۽ خاص ڪري پنتي پيل ملڪن جي لاءِ نظرين هيٺ، مثال طور: روستو (Rostow) جي ترقيءَ جي ڏاڪن، ترڪيءَ جي 1993ع جي مادرنائيزيشن جي نظريي، 1954ع جي لوئيز (Lewis) (نوبل پرائيز يافتہ آمريڪي) جي "ڪلاسيڪل ڊونل مادل" ۽ Tadaro جي "ڳوناٽي ۽ شهري ترقيءَ جا مادل"، روسي معيشتدانن جي "ڪيج اپ نظريي"، جديد "اوپر ايشيا جي ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ" مادل ۽ "نيو ٽريڊ اسٽريجڪ ٿيوري" هيٺ ۽ جاپان، چين ۽ روس جي معاشي رڃابنديءَ جا هڪ هزار مثال ۽ ڪيس پيش ڪري سگهجن ٿا، جن جي پاڪستان جي معاشي ۽ سماجي ڄاڻچي سان هڪ زبردست مشابهت آهي ۽ هڪ مضبوط معاشي پلاننگ ۽ سياسي ڪمٽمينٽ سان ترقيءَ جي رفتار کي ڏهوڻو ڪري سگهجي ٿو. ان جا Potentials آهن، پر سڀ کان وڌيون رڪاوٽون، سياسي فرسوده ڪلچر، معاشي منصوبہ بنديءَ جي ڪوٽ، Aphorism، فرسوده خارجہ پاليسي، غير سياسي ڏرين جي حد کان وڌيڪ مداخلت، ملڪي وسيلن جي حيرت انگيز ڦرلٽ (سڄي دنيا کان نرالي)، غلط معاشي پاليسيون، قرض جي معيشت تي دارومدار ۽ سماجي شعبي ڏانهن مجرمانہ لاپرواهي آهي ۽ انهن معاملن جي

جيڪڏهن اها رفتار رهي تہ 21هين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ بدران هڪ صدي اڃا پنڌتي 18هين صديءَ ۾ ويندا سين، جوتہ اسين اڳ ۾ ئي 19هين صديءَ ۾ آهيون.

پاڪستان جي معاشي پاليسين جي قيمت ادا ڪندڙ هيٺيون طبقو

پاڪستان جي تاريخ ۾ معاشي فيصلا گهٽي پاڳي ڏينهون ڏينهن جي بنياد تي، ٿوري عرصي يا وچولي عرصي ۽ ڊانچي ۾ تبديليءَ جا معاشي فيصلا وقت جي نسبت سان مختلف سرڪاري سطحن تي ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن جو اثر مختلف طبقا پوڳين ٿا.

روز بروز جا فيصلا خاص ڪري موسمي حالتن، ٻوڏن جي صورتحالن ۽ حساس شهري علائقن ۾ روزمره جي بجلي، پاڻي، زندگيءَ جي روزاني ضرورتن ۽ ڪين خوش رکڻ لاءِ اسپيشل پئڪيج، رعايتون ڏنيون ويون آهن. ايوب ۽ يٽي جا مثال پنهنجي جاءِ تي، پر بينظير سرڪار ڪراچيءَ لاءِ اٽڪل ڏيڍ ڪرب روپين جي اقتصادي پئڪيج جو اعلان ڪري چڪي آهي ۽ سنڌ جي ڪنهن به ٻئي شهر (لاڙڪاڻي سوڌو) لاءِ شايد هڪ ارب ڪان وڌيڪ گرانٽ مشڪل سان هوندي، شايد اها گرانٽ چند ڪروڙن ۾ هجي، ڇاڪاڻ ته سياسي ڇڪ ڊاهه جي ڪري سنڌ جي سمورن وسيلن سميت، مرڪز جي وسيلن جو منهن به ڪراچيءَ ڏانهن ٿي ويو آهي. (شل خدا رحم ڪري).

ٿوري عرصي واري رٿابنديءَ جو بنياد، عام طور هڪ سال لاءِ گهربل نتيجا ونڊ جو بنياد يٽي صاحب جي دور ۾ پيو، ڇاڪاڻ ته قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ، سرڪار کي تڪڙن وسيلن جي ضرورت، فوجن کي ڪارائڻ ۽ ٻين ضرورتن کي پورو ڪرڻ واسطي، ٿوري عرصي وارا پلان تيار ڪرڻا پيا. سالياني ترقياتي پروگرام جو بنياد يٽي صاحب وڌو. هينئر 5 سالہ منصوبا تيار ڪرڻ

جڙ رڳو ڪتابي ڳالهيون آهن. گذريل پنج سالہ منصوبو بہ پنهنجا گهربل مفاصلا طئہ ڪري نہ سگهيو.

اهڙي طريقي سان ڏڳهن منصوبن ۽ ڊانچن کي درست ڪرڻ وارا پروگرام بہ سياسي، وڏيرڪي ۽ آفيسرشاهيءَ جي مفادن جي نظر ٿيندا رهيا آهن يا وڏن بين الاقوامي مالياتي ادارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيا ويا آهن. انهن سمورن مسئلن ۾ سڀ کان وڏا سبب هي آهن:

1. هڪ مضبوط، ماهر ۽ آزاد پلاننگ ڪميشن جو نہ هجڻ ۽ ڪيس هڪ حد تائين مشروط ترقياتي پاليسين تائين محدود رکڻ.
2. پاڪستان ۾ معاشي ماهرن جي ڪوٽ آهي. گهٽي پاڳي معاشي رڃابندي، پاليسي ۽ پلاننگ جو ڪم آفيسرشاهيءَ جي جنرل ڪيڊر تي دارومدار رکي ٿو.
3. انگريزن جو مليل دقيانوسي فيصلا ڪندڙ ڇئنل، ڪلارڪ کان وزيراعظم تائين هڪ وڏو ٽائيم ونڊڙ ۽ صبر آزما منصوبي جي تياري ۽ منظوريءَ جو پيچيده نظام ۽ مختلف ايجنسين ۾ تعاون جي ڪوٽ.
4. تحقيق جي ڪوٽ.
5. منصوبہ بنديءَ جي ڪاميابيءَ جي غير يقيني صورتحال.
6. منصوبن جي ترقيءَ جي رفتار ۽ فالو اپ سسٽم جو نہ هجڻ.

انهن مان ڪجهہ فيصلا ڪچا، روز بروز جي بنياد تي بينل، عمل کان وانجهيل، سطحي، دڳ وجايل ۽ عارضي رهندا آيا آهن، جن کي عمل جو تسلسل نہ مليو ۽ ٻيا فيصلا جيڪي ڪجهہ مفاد پرست، قابض ۽ مضبوط لابين جي سرگرمين ۽ انهن جي عمل دخل ۽ مفادن کي ڏسي ڪيا ويا آهن.

پاڪستان جي معاشي فيصلن ۽ پاليسين تي تفصيلي بحث

ڪيو ويو آهي ۽ اهي فيصلا هروپرو آئين خلاف ڪونہ ڪيا ويندا آهن. انهن فيصلن تي خاص گروپن جو اثر هوندو آهي ۽ ان جا نتيجا پوري معاشي صورتحال ۾ مختلف طبقن ۽ شعبن تي پوندا آهن، جيئن ايوب خان جي "سبز انقلاب" جي پاليسيءَ جي ڪري ملڪ جي چوندڙ حصي ۾ ترقي ٿي ۽ مڪمل طرح فائدو وڏن جاگيردارن کي ٿيو، ائين زميني سڌارن بابت رپورٽن ۽ فيصلن جا اثر پوري ملڪي معيشت تي پيا. انهن ۾ مسلم ليگ جي هاري انڪوائري ڪميٽيءَ تي مسٽر مسعود جو اختلافي نوٽ ۽ ايوب خان جي زميني سڌارن تي غلام اسحاق خان جو اختلافي نوٽ، مستقبل ۾ زميني سڌارن جي ناڪاميءَ جي اڳڪٿي ثابت ٿيا تہ ڪيئن جاگيردارن، ڪامورن سان ملي زميني سڌارن جا تختا ڪيي ڇڏيا.

پاڪستان جي پوري معاشي تاريخ ۾ اهڙا مضبوط گروپ رهيا آهن، جيڪي اهڙن فيصلن تي هڪ نہ ٻئي فارم ۾ اثرانداز ٿيندا رهيا آهن: جيئن زرعي شعبي ۾ جاگيردار، مڊل ڪلاس هاري ۽ بي زمين هاري جا طبقا آهن ۽ صنعتي شعبي ۾ وڏا صنعتڪار، وچولا صنعتڪار ۽ مزدور طبقا آهن، ائين واپاري شعبي ۾ وڏيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون، وچولي سائيز جون ڪمپنيون ۽ ٻاهرئين شعبي ۾ بين الاقوامي مالياتي ادارا ۽ وڏا قرض ڏيندڙ ملڪ ۽ آخر ۾ آفيسر شاهي ۽ پريشر گروپ، شاگرد ۽ مذهبي جماعتون وغيره، يا فوجي قوتون.

اهي سمورا مٿيان گروپ پاڪستان جي معاشي رٿابنديءَ وارن فيصلن تي مختلف انداز ۾ اثرانداز ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن جي ڪٽ جوڙ، ڏي وٺ ۽ مفادن جي بچاءَ خاطر، "جيري خاطر ٻکري کهڻ" واري پاليسيءَ هيٺ معيشت جو ٻيڙو گل ڪيو ويو

آهي.

ائين جيئن آفيسرشاهيءَ جا وڏا جاگيردار ملي زميني سڌارن کي ناڪام بنائڻ لاءِ روينيو رڪارڊ سان هٿ چراند ڪندا رهيا ۽ آفيسرشاهي ترقياتي رٿائن ۽ ٻاهرين امدادن جو ٻيڙو گل ڪرڻ لاءِ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي، ائين جيئن نواز شريف مسلم ڪمرشل بئنڪ کي پرائيويٽائيز ڪرڻ لاءِ اُها پنهنجي من پسند "منشا گروپ" جي مالڪيءَ ۾ ڏئي ڇڏي آهي، ائين جيئن 50ع ۽ 60ع واري ڏهاڪي جي پاليسين جي ڪري اوپر پاڪستان جو واڌو سرمايو، صنعتي ترقيءَ جي نالي ۾ ڪراچي، لاهور ۽ فيصل آباد کي صنعتي ترقي ونڊائي وئي ۽ ائين ئي صنعتي پاليسين جي ڪري ملڪ جي 70 سيڪڙو بئنڪن، انشورنس ۽ ٻين صنعتن جو قبضو ٻن- چئن صنعتي گروپن (دادا پائي، منشا گروپ، آدم جي، هارون فيملي ۽ ڪراچيءَ جي چند سرمائيدارن) جي هٿ هيٺ رهيو آهي ۽ ڪيئن ڏسندي ڏسندي ملڪ جي معيشت تي 22 خاندانن جي حڪومت قائم ٿي وئي.

هينئر ٻہ ڪپهہ ۽ ڪڻڪ جون مضبوط لابيون پنهنجون من پسند قيمتون مقرر ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويون آهن. شگر جي لابي ٻہ هينئر وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي ۽ اُها ڄاڻي واڻي بليڪ مارڪيٽنگ ڪري ڪنڊ برآمد ڪرائڻ لاءِ سرڪار تي زور ڀري رهي آهي. پڙهندڙ اهو پڙهي حيران ٿيندا تہ اسين دنيا جي مقابلي ۾، يعني بين الاقوامي قيمتن جي مقابلي ۾، پنهنجي ملڪ ۾ وڌيڪ مهانگي ڪڻڪ، ڪپهہ ۽ ڪنڊ پيدا ڪري رهيا آهيون. انهن قيمتن کي ماپڻ واري طريقي کي Domestic Resource Cost جو ماپو (DRC) سڏيو ويندو آهي.

ملڪي قيمت، بين الاقوامي قيمت. ڊي- آر- سي:

جيڪڏهن ڊي- آر- سي جو ملهه هڪ کان گهٽ ٿئي تہ پوءِ قيمت ۾ اضافو ڪبو آهي، پر سرڪارون هڪ کان وڌيڪ ملهه هوندي بہ اضافي قيمتون ڏين ٿيون ۽ نتيجي ۾ عام ماڻهن تي وڌيڪ قيمت ٻرڻ جو بار وجهي کين ڦرين ٿيون. ٻئي طرف غير مقابلہ دار صنعت کين بچاءُ مهيا ڪري ٿي ۽ اضافي قيمت جو بار عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو.

انهن ڪجهه پاليسين مان صحت جي "امپورٽ سٽيٽيوشن" واري پاليسي، "گرين محصولات واري پاليسي"، "امپورٽ لائسنگ" ۽ "امپورٽ ڪنٽرول" وارين پاليسين جي لکيل ترقيءَ جو رخ ڦيرائي، صنعتي شعبي ڏانهن منهن ڪري، زرعي ڪمائيءَ جو استحصال ڪيو ويو، انهيءَ ڪري جو صنعتي شين جون قيمتون وڌايون ويون ۽ زرعي خام مال جي قيمتن کي گهٽايو ويو ۽ انهن کي عالمي قيمتن کان گهٽ اڳهه تي خريد ڪري صنعتن کي ڏنو ويو. ان غير متوازن پاليسيءَ جي ڪري زراعت ۽ صنعت ۾ توازن کي ڏڪ لڳو. زراعت ۾ هڪ صارف قيمت تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ صنعتي شين تي ڪو ڪنٽرول نہ ڪرڻ سان صنعتي شعبي کي وڌيڪ هٿي ملي ۽ زرعي شعبو پوئتي رهجي ويو.

رڳو هڪ ئي مثال ونجي تہ ايوب جي زماني ۾ مشيني ڪاشتڪاري، ٽريڪٽرن جي درآمد ڪرڻ، قرض جي سهولت ڏيڻ ۽ ٽيوب ويل لڳائڻ سان هينيان نتيجا نڪتا ۽ هينين گروپن ۽ طبقن کي فائدا رسيا:

مشيني ڪاشتڪاريءَ سان بيروزگاريءَ ۾ اضافو ٿيو ۽ وڏن زميندارن کي فائدو پهتو، جو تہ پيداوار وڌي ۽ نوان تعلق جاگيرداري/هاري طبقن ۾ پيدا ٿيا، جنهن جي ڪري جاگيردار هاريءَ کي هاريءَ بدران ليبر طور ملازم رکڻ لڳو.

قرض جي سهوليت، ٽريڪٽرن، نون ٻجن، پاٽن ۽ جيت مار دوائن وڌن زميندارن کي فائدو پهچايو، جوتہ سي کان اڳ استعمال ڪندڙ اهي هئا.

سبز انقلاب جو اثر گهٽي ياڳي پنجاب ۽ سنڌ جي ڪجهہ حصي تي ٿيو. سرحد، اوپر پاڪستان ۽ بلوچستان جي ماڻهن کي ڪوبہ فائدو نہ رسيو. ٻيو مثال بين الاقوامي امدادي ادارن جي پاليسين جي ڪري بين الاقوامي مالياتي ادارن وٽ ڏاڍو نرم ۽ نازڪ ۽ هردم، هر وقت تيار ساڳيا اپاءَ هڪجهڙا ئي هوندا آهن تہ، قيمتون وڌايو، روپئي جي قميت گهٽايو ۽ مواصلات کي گهٽايو، جنهن جي نتيجي ۾ قيمتن وڌائڻ سان سرمائيدار ۽ صنعتڪار کي نقصان هوندو آهي، جوتہ مشينريءَ ۽ پيداواري جزن جي قيمت وڌندي ويندي آهي ۽ اجرتن جي اضافي جو پريشر بہ پوندو آهي، جڏهن تہ جاگيردار کي فائدو هوندو آهي، جوتہ ملڪي قيمتون وڌڻ سان کين نفعو وڌيڪ ٿيندو آهي.

اهي ڪجهہ پاليسيون هيون، جن سان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح فائدو مضبوط ۽ پاورفل، ڪجهہ گروپن ۽ طبقن کي ٿيندو آيو آهي، جڏهن تہ ان جي قيمت گهٽي ياڳي فيصلن کان دور، اڻ واقف، ملڪ جي هڪ وڏي اڪثريت مزدور، هاري، ماستر، ڪلارڪ ۽ عام ماڻهو ادا ڪندا آيا آهن. غور ڪبو تہ پاڪستان جي هر معاشي پاليسي ۽ فيصلن جا اثر مختلف گروپن ۽ طبقن تي ڪيئن پيا آهن، جو هن وقت تائين صوبن، طبقن ۽ قومن جي وچ ۾ ناهمواريت وڌي وئي آهي.

روزاني عبرت، فيبروري 1996ع، سيپٽمبر 1996ع

قرض جي ڪينواس تي چٽيل خوشحاليءَ جا ڪچا رنگ

پاڪستان جي معيشت ڪي قرض جي عادي معيشت (Aid Addicted) انهيءَ ڪري سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندن معيشت جا سڀ بنياد ٻاهرين ۽ اندرين قرضن تي بينل آهن، مثال طور: مالي خساري جو پورائو اسٽيٽ بئنڪ کان قرض وٺي ڪيو وڃي ٿو، سرڪار جي شاهاڻن خرچن جو پورائو نوٽ ڇاپي ڪيو وڃي ٿو، زرِ مبادلا جي ذخيرن ۾ واڌ ٻاهريون قرض کڻي ڪئي وڃي ٿي.

بچاءَ لاءِ هٿيار خريد ڪرڻا هجن، ڊيم ٺاهڻا هجن يا ڪي وڏا پروجيڪٽ هجن ته آءِ- ايم- ايف ۽ ورلڊ بئنڪ ڏانهن ڪشتو کڻي ويندا سين، جيڪي پنهنجن شرطن تي قرض ڏين ٿا. قرضي معيشت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو ته سڀ کان گهٽ ۾ گهٽ (بجيٽ مان) تعليم تي خرچ ڪيو ويندو آهي ۽ ان پرائمري تعليم جي پروجيڪٽس کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ به قرض ورلڊ بئنڪ کان ونڊو پوي ٿو.

قرض معاشي ترقيءَ لاءِ اهم آهي ۽ خاص ڪري انهن پوئتي پيل ملڪن لاءِ، جن کي شروعاتي طرح صنعتي ترقيءَ لاءِ وسيلن جي ڪوٽ آهي ۽ بهتر معاشي منصوبہ بنديءَ سان هو معاشي ترقي ڪري هڪ مضبوط ۽ ترقي يافتہ معاشي ترقيءَ جو بنياد وجهي سگهن ٿا. انهيءَ جو بهترين مثال بي جنگِ عظيم کان پوءِ اولهه يورپ جا ملڪ آهن، جيڪي جنگ ۾ متاثر ٿيا. آمريڪا انهن کي امداد ۽ قرض ڏئي مضبوط معاشي پلاننگ سان پاڻيرو ڪيو. ساڳئي طرح سوويت يونين به پنهنجن اتحادي ملڪن کي لبرل

قرض ۽ امداد جون وڏيون سهولتون فراهم ڪري کين پنهنجن پيرن تي بيهاريو، جنهن جو بهترين مثال 50ع واري ڏهاڪي ۾ چين جي صنعتي ترقيءَ کي هٿي ونرائڻ آهي، چين کي 50ع کان پوءِ تقريباً سوويت ايڊ نالي ماتر آهي ۽ هينئر چين جي صرف گانگ ڊانگ (Gang Dang) جي صنعتي صوبي جي ترقيءَ جي سالياني رفتار 33 سيڪڙو آهي، جنهن تي سوچي سرمائيدار ملڪ ڏندين آڱريون ڏين ٿا. گذريل چئن- پنجن سالن کان چين جي قومي پيداوار جي شرح سالياني 10 سيڪڙو آهي.

آئون اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان ته دير سان معاشي ترقيءَ جا هزارين فائدا آهن. روسي ۽ چيني ترقيءَ جا مثال انهن ۾ اچن ٿا، ڇاڪاڻ ته ٽيڪنالاجيءَ جو موجود هجڻ، وسيلن، جاڻ، تجربي، مواصلات ۽ ٻين بيشمار سهولتن جي ميسر هجڻ جي ڪري جيڪي به پوئتي پيل ملڪ هڪ مضبوط معاشي پلاننگ جو آغاز ڪرڻ چاهين ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ سياسي طور ڪميٽڊ هجن ته کو سبب ئي نه آهي ته اُهي معاشي ترقي نه ڪري سگهن.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي پهرين ڏينهن کان وٺي معاشي ترقيءَ جي منصوبہ بنديءَ جو بنياد ٻاهرئين قرض تي رکيو ويو ۽ ان کي به جيڪڏهن صحيح انداز ۾ استعمال ڪيو وڃي ها ته ان جا نتيجا سٺا نڪرن ها. نتيجا ته هينئر به سٺا آهن، سٺن نتيجن مان مراد هيءَ آهي ته هينئر تائين جيڪڏهن پاڪستان جي هر مسئلي جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو وڃي ته خبر پوندي ته سندس بنياد ڪنهن ٻاهرئين امدادي ايجنسيءَ جي ڪري سندس ڪارڪردگي آهي. مثال طور: سينڊڪ بلوچستان کان وٺي، اسٽيل مل، هيوي مڪينيڪل انجنيئرنگ، واهه (هٿيار ناهڻ وارو ڪارخانو)، تربيلا ۽ منگلا ڊيم، LBOD پراجيڪٽ، شاهراهِ فيصل،

شاهراهِ قراقرم، انڊس ۽ R.I.D هاءِ وي، بجلي گهر، چوڻ جو مطلب ته هر مواصلات، صنعت، بجلي، وڏن صنعتي ادارن ۽ ڪارخانن جو سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح جائزو ورتو وجي ته اهي هڪ نه ٻئي فارم ۾ اوهان کي ٻاهرئين امداد يا قرض جي بنياد تي بينل نظر ايندا ۽ هينئر ٻه پاڪستان جي سموري معاشي ترقيءَ جو دارومدار ٻاهرين عنصرن تي بينل آهي، يعني قرض ۽ موسمي حالتن تي. جيڪڏهن قرض ملندو ۽ موسم چگي رهندي ته معاشي ترقي ٿيندي، نه ته اسان جو پيارو ملڪ، زرعي ملڪ هوندي ٻه ڪڙڪ، بصر ۽ ڪنڌ ٻه ٻاهران گهرائڻ تي مجبور آهي، اها آهي اسان جي معاشي ترقي! بين ملڪن ۽ پاڪستان ۾ فرق اهو آهي ته پاڪستان پنهنجن پيرن تي بينل نه آهي، يعني پاڻيرو (Sustainable) نه آهي، ڪيس دوائن ۽ انجيڪشن جي ضرورت آهي، جيڪا ڪيس بار بار ٻاهرين امدادن ۽ قرضن جي صورت ۾ ملي ٿي. انهيءَ ڪري معيشتدان اُن جي معيشت کي Aid-addicted معيشت سڏين ٿا.

ملڪ کي قرض جي بيساکين تي بيهارڻ جا ذميوار حڪمران طبقا ۽ سندن غلط معاشي پاليسيون آهن، جيڪي صنعتڪار نواز ۽ جاگيردار نواز رهيون آهن. 1950ع کان وٺي چند سرمائيدارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ معاشي ۽ صنعتي ترقيءَ جي نالي ۾ قرض ڏنا ويا. زرعي واڌو سرمايو صنعتي ترقيءَ ۾ لڳائي زرعي ترقيءَ جي رفتار کي متاثر ڪيو ويو، نتيجي ۾ صنعت ۽ زراعت جي توازن کي ڏڪ لڳو، زرعي شيون سستي اگهه تي وٺي شهرن ۾ اجا ٻه سستي اگهه تي وڪرو ڪيو ويون، زرعي واڌو برآمد جي سرمائي کي چند سرمائيدار گروپن لاءِ مخصوص ڪيو ويو، ون يونٽ ۽ ايوب شاهيءَ جي سبز انقلاب جي پاليسين جي ڪري جاگيردار طبقي کي وڏا فائدا ۽ قرض ڏنا ويا،

مشينريون، ٽريڪٽر، قرض، پاڻ ۽ دوائن تي وڏيون وڏيون چوٽون ۽ رعايتون ڏنيون ويون. انهن سمورين جاگيردار نواز ۽ سرمائيدار نواز پاليسين جي ڪري ملڪ مٿان چند ٽولن جي حڪمراني قائم ٿي، جن ۾ چند سرمائيدار يو- پي جا (داد پائي، علي پائي، هارون فيملي) ۽ پنجاب، فيصل آباد، شيخپوره ۽ لاهور جا چند سرمائيدار چوڌري ٽولا قابض ٿيا ۽ ون يونٽ جي ڪري سمورن جاگيردارن جي هڪ ٽ سياسي حيثيت وڌي وئي، ٻيو ٽ حڪومت ۾ عمل دخل، قرضن جي سهولت ۽ مجموعي معاشي طور ۽ سبز انقلاب جي پاليسين جي ڪري کين وڏا معاشي فائدا پهتا. انهن ڏينهن ۾ 22 خاندانن جو چرچو ٻ انهيءَ ڪري عام هو. ڳوناٽي ۽ شهري زندگيءَ ۾ آمدنيءَ ۽ زندگيءَ جو توازن بگڙجي ويو.

ملڪ تي "اصل تي وڏا" حڪمران پنجابي پناهگير سرمائيدار قابض رهيا ۽ نتيجي ۾ ترقيءَ جو رخ صرف اندس بيس جي علائقي ڏانهن رهيو يا سرمائيدار ۽ جاگيردار جي حق ۾ رهيو ۽ مزيدار ڳالهه هيءَ آهي ٽ 20هين صديءَ ۾ ورلي ڪو اهڙو ملڪ هوندو جنهن ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار سياسي ۽ معاشي طرح اهڙا قابض هجن جهڙا هتي آهن. مثال ئي ونو ٽ هن وقت 4000 صنعتي ادارا Sick Units بيمار ادارا آهن، بيمار آهن، چا کين زڪام ٿي پيو آهي يا ٽڏ لڳي اٿن؟ پر اهي ٽ رڳو ڪاغذن ۾ ڪارخانا آهن. سرمائيدار صنعتڪاريءَ جي نالي ۾ قرض ونڻي، موٽائڻ جي ڳالهه ٽ پري جي آهي، پر انهن ادارن جون ٽيڪسون ۽ بجليءَ جا بل ٻ ڪونہ ٽا پرين. صنعتڪاريءَ جي نالي ۾ ڦاٽل قرضن جو تخمينو 100 ارب روپين کان ٻ مٿي آهي ۽ سندن سياسي اثر جي ڪري هر دفعي کانئن قرض معاف ڪرڻ لاءِ سياسي داءُ پيچ کيڏڻ لاءِ ڪڏهن مسلم ليگ جي پاسي ٿي وڃن ٿا ٽ ڪڏهن پيپلز پارٽيءَ ڏانهن.

سرمائيدارن ۽ جاگيردارن لاءِ پارٽيءَ جي ڪا معنيٰ نہ آهي، پر سندن مفادن جي تحفظ لاءِ ڪيس اهڙي سسٽم جي ضرورت آهي، جنهن کي نہ پيپلز پارٽي ڏوڏي سگهي ۽ نہ مسلم ليگ چوري سگهي.

ڳالهہ آهي قرض ونڊي معاشي ترقي ڪرڻ جي! قرض جي بنياد تي معاشي ترقيءَ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ:

1. ڪهڙن شرطن تي قرض جي آڇ آهي.
2. قرضن جو بهتر استعمال ٿئي ٿو يا نہ.

پاڪستان ان ڏس ۾ شروعاتي ڏينهن کان ناڪام ويو آهي. ٻاهرين قرضن جو وڏو حصو ايڊمنسٽريٽر Cost ۾ خرچ ٿيو وڃي، ڪامورن جي لاءِ وڏين گاڏين ۽ پگهارن، ٻاهرين ماهرن جي فيس ۽ عمل درآمد ڪرڻ جي خرچ ۾ پورو ٿيو وڃي، جنهن جو بهترين مثال LBOD جو پروجيڪٽ آهي، جيڪو پنهنجي خرچ سان گڏ، فني پاسي کان بہ ناڪاره ثابت ٿيو آهي ۽ ان تي هينئر تائين ڪيترائي ارب روپياخرچ ٿي ويا آهن.

ٻاهريان مالياتي يا قرض ڏيندڙ ادارا بہ ايترا چريا ڪونہ آهن، جو ڪين سموري صورتحال کان واقفيت نہ هجي. هينئر اهي ادارا حڪومت جي اهڙين پاليسين جي ڪري غير سرڪاري تنظيمن کي قرض ۽ امدادون ڏين ٿا، جيڪي ڪارڪردگيءَ جي لحاظ کان حڪومت جي مقابلي نسبتاً بهتر آهن، پر حڪومت چالاڪي ڪري انهن ۾ پنهنجا ماڻهو پرتي ڪيا آهن ۽ پنهنجون غير سرڪاري تنظيمون بہ ناهيون اٽائون ۽ شروعاتي ڏينهن ۾ بہ جيڪي قرض ورتا ويا، مثال طور 1980ع تائين 9 ارب آمريڪي ڊالر، جن جو هڪ وڏو حصو امپورٽ اسٽيٽيوشن انڊسٽريلائيزيشن (ISI) جي پاليسي تحت مشينريءَ کي گهرائڻ ۽ سبز انقلاب جي پاليسين کي سپورٽ ڪرڻ ۾ خرچ ٿي ويو ۽ گهٽي ياڳي انهن ملڪن کان قرض ورتا ويا، جن جا سياسي مقصد اهي نہ هئا تہ ڪو اسان جي معاشي ترقيءَ سان سلهاڙيل هجن، پر ان جي بدلي ۾ اسان کي

سندن سياسي ۽ خارجي پاليسين کي سپورٽ ڪرڻ سان وڌيڪ سلهاڙيل هئا. 1980ع ڪان پوءِ SAP قرض جي نوعيت استرڪچرل ايڊجسٽمينٽ پروگرام هيٺ ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ.ايم.ايف جي شرطن تي شروع ٿئي ٿي، جن جون مضبوطي اسٽيبلائيزيشن ۽ ڊانچي کي درست ڪرڻ جون پاليسيون به پاڪستان جي بنيادي معاشي ڊانچي ۾ ڪو اهم ڪردار ادا نه ڪري سگهيون آهن ۽ هينئر صورتحال اتي وڃي بيٺي آهي ته عالمي ادارا بجليءَ، پاڻيءَ ۽ ٽيليفون جو اڳهه وڌائڻ، سرڪاري ادارا تين وال ڪرڻ ۽ غير ملڪي ڪمپنين لاءِ رعايتون گهرڻ لاءِ سخت شرط رکن ٿا، پر حڪومتي خرچ ۽ بچاءَ (فوجي خرچ) گهٽائڻ لاءِ سندن شرطن ۾ ڪا گنجائش نه آهي ۽ اسان جي پياري ملڪ جي صورتحال هيءَ آهي ته رڳو هن سال 140 ارب روپيا پنهنجي پراڻي قرض جي وياج جي قسط پريون ٿا ۽ سماجي شعبي تي نالي ماتر خرچ ڪرڻ سان ئي بجيٽ جو سڌو سنئون خسارو 120 ارب روپيا سالياڻو آهي. نين ٽئڪسن لڳائڻ جو ڪو فائدو حڪمرانن کي ڪونه ٿو ٿئي، چاڪاڻ ته ماڻهن کي بچتن جو ريٽ تمام ٿورو آهي، ٽئڪسون غير لچڪدار آهن ۽ سرڪار جو آخري هٿيار عام واهپي جي شين جون قميتون وڌائڻ سان وسيلن جي پورائي ڪرڻ تي گذارو ٽيڪ لڳو آهي. نتيجي ۾ افراطِ رز جي شرح وڌي وئي آهي. اندازو لڳايو ته رڳو هن سال ڪيترا دفعا ٽماٽن، بصرن، ڪڪڙ، انڊي ۽ ڪنڊ جي قيمتن ۾ اضافو ٽيو آهي. روپئي جي قيمت گهٽائڻ سان جيڪو عام ماڻهن جي زندگيءَ سان حشر ٽيو آهي، اهو اقتدار جي ايوان ۾ وينل بلڪ ستل همراهن کي ڪهڙي خبر؟ حڪومت جو انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان گهٽ آهي، الٽو مسخري ڪرڻ لاءِ اعلان ڪندا ٿا وتن ته شين جون قيمتون گهٽ ٽيون آهن، عام ماڻهن جون زندگيون بهتر ٽيون آهن، افراطِ رز جو انگ گهٽيو آهي وغيره.

ملڪ جي قرضن جي صورتحال هيءَ آهي ته 30 ارب آمريڪي ڊالر ٻاهرين مالياتي ادارن جو قرض آهي ۽ تقريباً 800 ارب روپيا داخلي قرض آهي، جنهن جو سراسري في ماڻهوءَ تي

حساب لڳائجي تہ في فرد ڏيڍ لک روپين جو قرضي آهي ۽ هر جمندڙ ٻار جمندي ئي قرضي ٿيو وڃي. ملڪ جي 80 سيڪڙو کان مٿي آبادي‌ءَ جي قوتِ خريداري ايتري بہ نہ آهي جو هو ڪا فرج، موٽر سائيڪل يا ڪا ٽيليويزن خريد ڪري سگهن. تصور ڪريو تہ جيڪڏهن اهو ايڏو سارو قرض تقريباً 1900 ارب روپيا واپس ڪجي، (جيڪو مجموعي سالياني قومي پيداوار جو 110 سيڪڙو آهي) تہ ملڪ جا ڪهڙا ٽپڙ وڪڙيا پون؟ هي‌ءَ جيڪا نالي ماتر خوشحالي خاص ڪري وڏن شهرن ۾ نظر اچي ٿي، فرض ڪريو تہ ٻاهريان سينيا پئسا واپس گهرن تہ هن ملڪ جو حشر ڇا ٿيندو؟ قرض حاصل ڪري، انهن کي هڪ وڏي اقليت ۽ ان جي فائدي لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، عام ماڻهن کي بنيادي سهولتن جي ڪوٽ آهي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون اڻ پوريون آهن. هڪ وڏي اڪثريت کي پيئڻ جو صاف پاڻي بہ ميسر نہ آهي. ٽر ۾ نانگن جي بچاءَ جون انجيڪشنون ڪونہ آهن، بجلي‌ءَ ۽ مواصلات جون جديد سهولتون ڪونہ آهن ۽ وڌيڪ قرض کڻيو، ڏيمو ٿاهيو ۽ ان مان ٿهندڙ بجلي ڪهڙي ڪلاس (سرمائيدار ڪلاس) لاءِ ڪتب ايندي ۽ وياج جو پورائو ڪرڻ لاءِ عام واهپي جي شين تي ٽئڪس لڳائبا!

ايڏو سارو قرض کڻي جيڪڏهن هڪ زبردست معاشي منصوبہ بندي ڪري زراعت ۽ صنعت کي ترقي ونرائي، وڏ پئماني تي روزگار جون سهولتون پيدا ڪري، شهر، روڊ رستا، اسپتالون، ڪاليجون ۽ يونيورسٽيون لڳائي، ماهر ليبر فورس پيدا ڪري، اضافي سرمائي ۽ واڌو نفعي کي عياشين بدران سيڙپڪاري ڪري صنعتي ترقي ڪئي وڃي ها، اضافي دولت تي ۽ ان جي غلط استعمال تي پابندي هنئي وڃي ها، زرعي پاليسين جي ناڪاميءَ

جو واحد سبب (لينڊ رفارمس) کي ڪامياب ڪيو وڃي ها، آفيسر شاهي ۽ وڏي سبب سياسي فيڪٽر کي ڪنٽرول ڪيو وڃي ها تہ هوند ملڪ جي معاشي صورتحال ٻي هجي ها!

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

ڊي ويليوئيشن: پاڪستاني معيشت جي مونجهاري جو بنياد

روپئي جي ملهه ۾ 12 پئسن جي تازي لاٿ (Devaluation) 28 آڪٽوبر 1995ع کان هيل تائين ايڪهين لاٿ آهي ۽ جيڪڏهن ائين مسلسل لاٿ ٿيندي رهي ته پڪ آهي ته روپئي جو ملهه ڊالر جي مقابلي ۾ 40 روپيا في ڊالر ٿي ويندو. اختياريءَ وارا ناميد ۽ مايوس آهن، ڇاڪاڻ ته سندن خيال هو ته روپئي جو ملهه بار بار ڪيرائڻ سان ڪوبه گهربل مقصد پورو ٿي ڪونه سگهيو، حڪومت جيڪي بار بار عذر ۽ دليل ڏنا ۽ مشهوري ڪرائي ته روپئي جي ملهه ۾ ڪمي ڪرڻ سان برآمداد ۾ اضافو ٿيندو، برآمدات جي هدف ۽ ٽارگيٽ کي 10 ارب آمريڪي ڊالر مقرر ڪيو ويو، حالانڪ پاڪستان جا برآمدات ڪڏهن به 6.8 ارب ڊالر جا برآمدات به هن سال قيمتن جي وڌي وڃڻ ڪري ۽ افراطِ زر جي ڪري وڌو انگ آهي، نه ته ٻئي ڪيس ۾ يا گڏپ جي لحاظ کان ڪوبه اضافو ڪونه ٿيو آهي.

بار بار روپئي جي ملهه ڪيرائڻ سان برآمداد ۾ ڪا مدد نه ملي سگهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي برآمد طلب جي لچڪ قيمتن سان لاڳاپيل نه آهي، بلڪ برآمدات ۾ اضافي تي ٻيا ڪوڙ سارا فيڪٽر اثرانداز ٿين ٿا، مثال طور: خاص ڪري شيءِ جي ڪوالٽي، واپاري تعلقات، مقابلي بازيءَ لاءِ خدمتون، انساني حقن جي صورتحال، خارجہ پاليسي وغيره. پاليسي ساز ادارا سمجهن ٿا ته روپئي جو ملهه ڪيرائڻ سان برآمدات ۾ مدد ملي ويندي، پر روپئي جو ملهه ڪيرائڻ ڪنهن خاص وقت ۾ ته نيڪ هوندو آهي پر هميشہ جي لاءِ

ساڳيو اوزار ڪتب آڻڻ برآمدات ۾ اضافو نه ڪندو آهي. آءِ.ايم.ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جو خيال به غلط آهي ته ڪو ملهه ڪيرائڻ سان هميشه برآمدات ۾ اضافو ٿيندو رهندو، بهرحال بار بار جي ملهه ڪيرائڻ سان ۽ وري وري ساڳيو ڪم ڪرڻ سان ڪو خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو!

ان ڏس ۾ معاشي ماهرن، مثال طور: مارشل ۽ لرنر هڪ زبردست نظريو ڏنو ته ملهه ڪيرائڻ لاءِ ضروري آهي ته سمورين لڇڪن کي جوڙ ڪيو وڃي. لڇڪن مان مراد ملهه ڪيرائڻ سان جيڪي به ممڪن اثر ۽ لڇڪون پيدا ٿين، مثال طور: 7 سيڪڙو ملهه ڪيرائڻ سان برآمدات ۾ ڪيترو اضافو ٿيندو، قرضن جي لڇڪ تي، ادائيگين جي توازن تي ۽ ايڪسچينج جي ذخيرن تي ڪهڙو اثر پوندو، پوءِ اثر جي ڪاٽو ۽ واڌو کي جوڙ ڪري ڏسجي ته ڇا انهن جو جوڙ هڪ (1) کان مٿي ٿئي ٿو، يعني واڌو آهي ته پوءِ ملهه ڪيرائڻ فائديمند ٿيندو. انهيءَ کي مارشل لونر ڪنديشن سڏبو آهي.

هاڻي ڏسجي ته ملهه ڪرڻ جو پاڪستان ۾ ڪو خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو، شروع ڪجي ته ملڪ اڳ ۾ ئي وڏي افراطِ زر جي شرح مان گذري رهيو آهي. 8 يا 10 سيڪڙو جي شرح ڪا خطرناڪ حد نه آهي پر هتي ته سرڪار جي انگن اکرن جي جادوگري ٻڌائي ٿي ته سڀ خير آهي، جڏهن ته غير سرڪاري انگن اکرن مطابق افراطِ زر جي شرح 20 سيڪڙو کان به مٿي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ برآمدات جو انگ 6.8 ارب روپيا رڳو قيمتن جي اضافي جي نشاندهي ڪن ٿا. ٻيو جيڪو الٽو نتيجو نڪتو، سو ڊي ويليوئيشن افراطِ زر کي گهٽ ڪندو، پر الٽو ان کي وڌائيندو رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هينئر اسان کي وڌيڪ درآمدات/ امپورٽس تي

پئسا ڏيڻا پون ٿا، جنهن جو مطلب هي ٿئي ٿو ته اسان کي وڌيڪ ٽئڪس ڏيڻا پون ٿا ۽ ٻاهرين قرضن جي ادائيگين جو انگ پڻ وڌي وڃي ٿو ۽ سڀ کان وڏو اثر شين جي قيمتن جي وڌي وڃڻ جي ڪري بين الاقوامي واپار ۾ مقابلي بازيءَ کي ڏڪ لڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته شين جي پرادڪشن ڪاسٽ ملڪ جي اندر وڌي وڃي ٿي ۽ برآمدات کي ڏڪ لڳي ٿو. ملڪ اندر شين جي قيمت وڌي وڃڻ جو ڏڪ ٻڌو ٿئي ٿو، هڪ ته سمگلنگ کي هٿي ملي ٿي ۽ ٻئي پاسي حڪومت کي اڻ سڌا ٽئڪس، جيڪي ملڪي شين مٿان لاڳو آهن، انهن تان هٽ ڏوئڻا پون ٿا، ڇاڪاڻ ته غير ملڪي شين جي اچڻ جي ڪري ملڪي شين جي پيداوار گهٽجيو وڃي ۽ پيداوار گهٽجڻ جو نتيجو وري وڃي اسٽاڪ مارڪيٽ جي خريد ۽ فروخت تي پوي ٿو. گهٽ پيداواري ڪمپنين جي شيئرز/ حصي کي خريدار ئي نٿا ملن ۽ ائين پوري ملڪ جي معاشي صورتحال بيهجي وڃي ٿي ۽ پوءِ قيمتن ۽ بجيٽ جي خسارن جو انگ وڌندو وڃي ٿو ۽ پوءِ سرڪار قرض ڏانهن واجهائي ٿي ۽ نوٽ ڇاپي ٿي.

تازي خبر مطابق، حڪومت 18 ڏينهن ۾ ارب روپيا بئنڪن کان قرض کڻي چڪي آهي، ڇالاڪي ڪندي جون جي آخري ڏينهن ۾ تقريباً 40 ارب روپيا جمع ڪرائي هترادو بجيٽ جي خساري جي انگ کي گهٽ ڏيکارڻ لاءِ ڄاڻي واڻي اهو عمل ڪيو ويو، نه ته ٻئي ڪيس ۾ بجيٽ جو خسارو 7.5 سيڪڙي بدران 5 سيڪڙو کان ٻه وڌي وڃي ها.

هيءَ آهي پاڪستان جي معاشي صورتحال! هر قسم جي Rescue بچاءَ، آپريشن، نااميدي ۽ مايوسيءَ جو شڪار بڻيل آهي، هرهڪ ماڻهو سمجهي ٿو ته ان جو سبب آهي ته ٻين کوڙ سارن سببن کي هڪ پاسي ڪندي رڳو پنهنجي صنعتي پاليسين تي

غور ڪريون تہ اسين ڪهڙي انداز ۾ صنعتن کي ترقي ڏياري آهي، اسان جو صنعتي ڪلاس وڏو رعايت يافتہ آهي، ڪيس ويهاري چمچن سان ڪارايو ويو آهي ۽ جيئن جيئن ڪانئس رعايتون (قرض) رعايتون (Subsidies) گهٽايون ويون آهن تہ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون اٽائون، ڪم جا قدر ۽ شين جي ڪوالٽيءَ جو معيار گهٽجي ويو آهي، پر ٻين فائدن، جهڙوڪ: ڊيوٽيدار بيسڪ ٽئڪسن جي چوٽ، ٽئڪس هاليڊي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا فائدا گهرڻ جا مطالبا ٿي رهيا آهن.

دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ تيستائين برآمدات ۾ اضافو نٿو ڪري سگهي، جيستائين هو ملڪ ۾ پيداواري قوت کي وڌائي، افراطِ زر کي گهٽ رکي ۽ بجيٽ جي خساري کي گرفت ۾ رکي. هتي اها ڳالهہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ ملهہ ڪيرائڻ جو اوزار پاڪستاني معيشت ۾ گهربل نتيجا نٿو ڏئي. ان لاءِ پهريون شرط اهو آهي تہ معيشت ۾ خرابين جي اصل سببن کي تلاش ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان جي حل/ دوا لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي. حڪومت لاءِ نرم ۽ تکڙا اپاءَ گهٽين حالتن ۾ نقصانڪار ثابت ٿيا آهن. جيڪڏهن ثابت قدميءَ سان سخت آپشن لاڳو ڪيا وڃن تہ ڪو سبب نہ آهي تہ ان جا چڱا نتيجا نہ نڪرن. ان لاءِ سڀ کان پهرين ميڪرو اڪنامڪس مضبوط هئڻ ضروري آهي ۽ مضبوطيِ، افراطِ زر کي بجيٽ جي خساري گهٽائڻ سان حاصل ٿيندي، نہ تہ ٻئي ڪيس ۾ بار بار جي ڊي ويليوئيشن منفي اثر ڇڏيندي.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

اسين غريب ڇو آهيون؟

اسين غريب ڇو آهيون؟ ايشيائي ملڪ، خاص ڪري پاڪستان، بنگلاديش ۽ هندستان ڇو پوئتي پيل آهن؟ مغربي ۽ يورپي ملڪ امير ڇو آهن؟ ان جو هڪڙو جواب ته هي آهي ته هو امير آهن ۽ اسين غريب آهيون، چاڪاڻ ته هو چڱا آهن ۽ اسين خراب آهيون، يا هو سخت محنتي آهن، ڄاڻو، باعلم، تعليم يافته، Well governed، پيداواري ۽ تخليقي ذهنيت رکندڙ آهن ۽ اسين مٿيون خاصيتون رکندڙ نه آهيون، يا هيئن ڳالهه رکجي ته هو امير آهن ۽ اسين غريب آهيون، چاڪاڻ جو هو تمام برا آهن ۽ اسين چڱا آهيون، چاڪاڻ ته هو ڦورو، لالچي، ظالم ۽ استحصال ڪندڙ آهن، جڏهن ته اسين ڪمزور، بي پهچ، اٻوجهه، هيٺا ۽ سادا آهيون.

هڪڙو جواب آدم سمٿ جو هو ته، "معاشي ترقيءَ کي ڇڏي ڏيو، اها پنهنجو خيال پاڻ ڪندي." ماڻهو پنهنجون Priorities چونڊي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين طريقا ۽ وسيلا استعمال ڪري ته مارڪيٽ جون قوتون پنهنجو پاڻ شين کي سڌي رستي تي آڻيندیون. واپار، صنعت ۽ زراعت ۾ فطري ترقيءَ جي معاشي نظريي کي ڏڪ تڏهن لڳو، جڏهن مالٿيس آبادیءَ جو نظريو ڏنو ته، "وسيلن جي سخت اٽاڻ آهي، انهن جي وڌڻ جي رفتار سست آهي ۽ آبادیءَ جو دٻاءُ وقت گذرڻ سان تيزيءَ سان وڌندو رهي ٿو." پر 19هين صديءَ جي زبردست ايجادن ان ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو، گهٽ ۾ گهٽ ڪافي ملڪن ۾، خاص ڪري صنعتي انقلابن جو اثر ونندڙ ملڪن ۾، جتي ضرورت جي حد تائين کاڌ خوراڪ جي کوٽ نه هئي، چاڪاڻ ته انهن ملڪن ۾ پٽاٽي ۽ مڪئيءَ جي پوک جا فصل شروع ٿي چڪا هئا، زمين جي پيداوار جي صورتحال

بهتر ٿي چڪي هئي، مواصلات ۽ ٽرانسپورٽ جون سهولتون ڪافي حد تائين ٺيڪ هيون ۽ باقي ڪسر به ٻئي صنعتي انقلاب پوري ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ گئس، تيل ۽ بجليءَ جي استعمال کي صنعتي ترقيءَ لاءِ ڪتب آندو ويو هو.

"ترقي فطري عمل آهي." اهو خيال 100 سالن تائين قابض رهيو، بعد ۾ ان ڳالهه جي شدت سان مخالفت ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته سرڪار جي مداخلت، بازارن کي، واپار کي، صنعتن، زراعت ۽ مجموعي معاشي ترقيءَ کي بهتر بنائي سگهي ٿو، پر خيال وري اهو غالب رهيو ته قومون انهيءَ ڪري امير آهن جو کين فطري طرح، خدائي طرح رعايتون مليل آهن، سندن زمينون چگيون آهن، آبهوا ٺيڪ آهي، ليبر، سرمايو خدا طرفان ڏنل عطيو اٿن، انهيءَ ڪري کين معتبريءَ جو درجو حاصل آهي ۽ جن قومن جي وچ ۾ نابرابري يا سماجي اٽبرابري آهي، اها خدا طرفان عطا ڪيل آهي ۽ ان ڪري اُهي غريب آهن، پر 19هين صدي ڏاري اهو خيال به ناڪاره ٿيو، جڏهن فرانس، برطانيا کان صنعتي ٽيڪنالاجي، ماهر ليبر فورس ۽ باقي انجڻ کي پاڻيءَ تي هلايو، سستو ڪچو مال حاصل ڪري پيداوار ۾ زبردست تبديليون ۽ تخليقون ڪيون، ماهر ليبر فورس کي تربيتون ڏنيون ۽ وڏي سرمائي کي صنعتي ترقيءَ ۾ لڳايو ويو.

صنعتي ترقيءَ کي Catch ڪرڻ نتيجو هو هڪ مضبوط معاشي ترقيءَ جي تياريءَ جو ۽ گهربل محنت جو، ثقافتي ۽ دانشوراڻي ماحول پيدا ڪرڻ جو، دولت ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقيءَ جي وچ ۾ پازيٽو تعلق ٻڌائي ٿو. مارڪس اڳيان بنيادي تعلق اٽبرابريءَ واري ورچ ۽ طبقاتي نظام آهي. مارڪس ٽيڪنالاجيءَ جي تبديليءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيداواري طريقي تي ٽورو خاموش

آهي. بعد ۾ معراڊيل Myrdal Brain Drying ٿيوري ڏني ته جنهن رفتار سان غريب ملڪن مان سرمايو (شين ۽ خدمتن جي صورت ۾) امير ملڪن ڏانهن ٽرانسفر ٿئي ٿو، اهو سرمايو ئي دراصل امير ۽ غريب ملڪن جي وچ ۾ ويڇي کي وڌائي ٿو، جنهن جي بنياد تي بينڪيت ۽ سياسي ۽ معاشي استحصال جو نظريو قائم ٿيو.

غريب ملڪ آهستي آهستي ۽ چوند شعبن ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن سنجيده انداز ۾ ڊگهي عرصي لاءِ معاشي رٽابندي ڪرڻ ۽ سوچڻ شروع نه ڪري سگهيا آهن. معاشي ترقيءَ کي ڏاکي ۾ ڏاکي، زراعت ۽ صنعت جي هر آهنگيءَ سان، ماهر ليبر فورس، مواصلات ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تعارف سان، جيڪي ملڪ پهرين ڏينهن ۾ معاشي ترقي نه ڪري سگهيا آهن، اهي معاشي ترقي ڪري سگهن ٿا، معاشيات ۾ ان کي Catching up ٿيوري يا Hypothesis سڏجي ٿو.

دير سان ترقي شروع ڪرڻ جا به ڪيئي فائدا آهن. هڪ ته جديد ٽيڪنالاجي، جديد انفارميشن، مواصلات، سالن جا تجربا، سرمايو ۽ بين الاقوامي ادارن جي موجودگي، انهن سمورن فائدن هوندي گهٽ قيمتن ۽ ٽوري محنت سان زبردست معاشي ترقيون ڪري سگهجن ٿيون، جن جو زبردست مثال ايسٽ ايشيا جا ملڪ تائيوان، ڪوريا، سينگاپور ۽ روس، چين ۽ هانگ ڪانگ ۽ ملائيشيا آهن. هندستان ڪم ڪٽي پيو. انهن ملڪن چوند شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪري پنهنجين معاشي حالتن کي چند سالن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

اسان جهڙا غريب ملڪ، محلاتي سازشن جو شڪار، سياسي ڇڪ ڏاهه ۾ مشغول، معاشي جاڙ کان وانجهيل، مضبوط ۽ ڊگهي

عرصي واري معاشي ترقيءَ کان لاپرواهه، چند ڏينهن واريون حڪومتون، ڪم ٽپائو، بنيادي طرح عوامي مسئلن کان اڻواقف، واپار ۽ صنعت جون جانبدار سرمائيدار ۽ جاگيردار نواز پاليسيون، شاهاڻا خرچ ۽ سماجي شعبي ڏانهن مجرمانہ لاپرواهي آهي، جو اسين غريب آهيون.

حڪمرانن لاءِ اهو ڇڙ مسئلو رهيو ئي نہ آهي تہ ڪنهن جي گهر ۾ ڪو ڇيو ٽڪر آهي يا نہ! ڪنهن جو انگ اگهاڙو آهي، ڪو پيٽ بکايل آهي، ڪنهن کي بنيادي سهولتون، پاڻي، گئس، بجليءَ جون سهولتون آهن يا نہ؟ يا ترقيءَ سان گڏوگڏ سماجي پلائيءَ ۾ بہ ترقي ٿي آهي يا نہ!

پاڪستان ۾ بہ معاشي ترقي ۽ غربت جو Trade off ڪيو ويو آهي. پاڪستان کي ڪجهہ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو ملڪ بڻايو ويو آهي. سموري معاشي ترڪيب جو رخ وڏن ۽ امير ماڻهن لاءِ لازم بڻايو ويو آهي. پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي سالياني سراسري شرح تہ 6 سيڪڙو رهي آهي پر غربت جي ليول گهٽجڻ بدران وڌي وئي آهي. سمجهيو ويو تہ بعد ۾ Trickle down اثر ٿيندو، پر دولت سئرزليند وئي.

پاڪستان ۾ غربت کي ماپڻ جا جيڪي بين الاقوامي نظريا ۽ معيار مقرر ڪري، غربت جي مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ Welfares Approach يعني عام ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ بنيادي شين جي سهوليت جو ميسر هجڻ لازمي قرار ڏنل آهي ۽ Non-Well Fairest Approach جنهن ۾ هڪ خاص قسم جي محروميءَ يعني بنيادي کاڌ خوراڪ جي کوٽ، آمدنيءَ جي کوٽ، بنيادي ضرورتن، يعني روزانہ هڪ خاص Calories جو مهيا نہ هجڻ کي معيار قرار ڏئي، غربت جي نوعيت کي ماپيو ويندو

آهي. مثال طور: عام ماڻهوءَ کي روزانو 2250 ڪئلوريز جي ضرورت آهي ۽ جن کي 2250 ڪئلوريز جي سهوليت نہ آهي، اها ڪٹ آف پوائنٹ Poverty يا غربت جي لائين آهي. ڪئلوريز کي پئسن ۾ تبديل Convert ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي Absolute حقيقي غربت جي لائين (Poverty Line) ڪوٹيو ويندو آهي، جڏهن تہ نسبتي (Relative) غربت، جيڪا بنيادي طرح آمدنيءَ ۾ فرق جي ويچي ۽ بنيادي گهرجن جي ڪوٹ کي ماپي ٿي، جنهن ۾ پيئٹ جو صاف پاڻي، صحت ۽ تعليم جي سهوليتن جي ڪوٹ کي معيار قرار ڏنو ويو آهي. پاڪستان ۾ بنيادي سهوليتن جي ڪوٹ جو ذڪر تہ بعد ۾ اچي ٿو، پر پهرين تمام وڏي آبادي‌ءَ کي Malnutrition (بنيادي غذائي) ضرورتون بہ پوريون ڪونہ ٹيون ٹين.

مٹيون معيار رکندي پاڪستان ۾ غربت جي نوعيت کي ماپيو ويو آهي، مثال طور: عام ڳوناٹي ماڻهوءَ کي ماهوار 1000 روپين جي ڪاڏي جي ضروت آهي ۽ ائين ڪجهہ 1000 يا 1100 روپيا هڪ شهري ماڻهوءَ کي ماهوار ضرورت آهي.

84-85ع جي Survey (HIES) (House Hold Income Expenditure جي انگن اکرن مان پاڪستان ۾ غربت جي سنگيني ڳوناٹن علائقن ۾ 40 سيڪڙو ۽ شهري علائقن ۾ 35 سيڪڙو ماپي وئي آهي. ورلڊ بئنڪ بہ ساڳيو معيار رکندي، پاڪستان ۾ غربت جي انگ جو ڪاٹو 35 سيڪڙو لڳايو آهي، جيڪو گذريل ڏهن سالن ۾ صرف 5 سيڪڙو گهٹيو آهي ۽ صوبائي ڪاٹي مطابق (نسبتي غربت) بلوچستان ۾ 30 سيڪڙو ۽ سرحد ۾ 10 سيڪڙو غربت جي سنگيني آهي.

غربت جي وڌڻ جا اهم سبب:

- ايوب خان جي سبز انقلاب جون پاليسيون، جن سان جاگيردارن کي فائدو رسيو.
- آمدنيءَ ۾ فرق، شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ شهري ترقيءَ جي نتيجي ۾ غربت جي سطح جو وڌي وڃڻ.
- تعليم جي سهوليت کان محرومي ۽ حڪومت جي سماجي شعبي، تعليم ۽ صحت ڏانهن لاپرواهي.
- گهٽ تعليم يافته ۽ ڳوناٽي آبادي ۾ غربت جي سنگين نوعيت ۽ روزگار جي اٽهوند.

جيڪڏهن في ڪس آمدنيءَ کي معيار مقرر ڪري غربت کي ماپيو وڃي، مثال طور: في ڪس آمدنيءَ جو 75 يا 50 سيڪڙو، عام زندگي گذارڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو غريب آهن.

پاڪستان ۾ 1950ع کان Anti- Poverty Program شروع ڪيا ويا آهن، جن ۾ "ڳوناٽي ايڊ" 1950ع ۾، 1960ع ۾ رورل ورڪس پروگرام، 77-72ع ۾ انٽيگريٽيڊ رورل ڊولپمينٽ پروگرام، 88-77ع ۾ پيپلز ورڪس پروگرام، 85ع ۾ پنج نڪاتي منصوبو ۽ هينئر سوشل ايڪشن پروگرام شامل آهن.

مٿيان سڀ پروگرام پنهنجي عملي منصوبن ۾، وڏيرن ۽ ڪامورن جي ڪائڻ پيئڻ ۾، سرڪاري گاڏين، آفيسن ۽ ناقص ڪمن جي نظر ٿيندا رهيا، ڪا ڪليل تبديلي ۽ عام ماڻهن جي زندگين ۾ ڪا خاطر خواهہ تبديلي نہ آئي آهي.

اهوئي سبب آهي جو سماجي شعبي ۾ بين الاقوامي ادارا سرڪار بدران غير سرڪاري تنظيمن کي امداد ڏيڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ سرڪار قرض لاءِ ڪشتا ڪنيو سڄي دنيا ۾ پنڻ لاءِ آتي آهي يا سندس وسيلن جو سڄو رخ وقف ٿيل آهي يا دهشتگردن ۽ شهرين کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪتب آندا ويا آهن. عوام جي وڏي اڪثريت ۽ ڳوٺاڻي آبادي بنيادي سهوليتون ته پري جي ڳالهه آهي پر ڪين عام سادي گذر سفر جا ڪي خاص وسيلا به نه آهن. حڪومت کي هنگامي بنيادن تي غربت جي خاتمي لاءِ هيٺيان اپاءَ وٺڻ گهرجن:

1. زراعت ۽ صنعت جي Terms of Trade کي بهتر بڻايو وڃي. زراعت ۾ جديد مشينري، بج، پاڻ ۽ جيت مار دوائون ۽ قرضن جي سهوليت عام زرعي ماڻهن تائين پهچائي وڃي.
2. زمين جي پيداواري قوت کي بهتر بنائڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
3. روزگار جي سهوليتن کي بهتر بڻايو ۽ وڌايو وڃي.
4. صنعتي ۽ Non فارم سرگرمين کي بهتر بڻايو وڃي.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

پاڪستان ۽ ايشيائي معيشتون

سڄي دنيا ۾ (سواءِ چند ايشيائي ملڪن جي) گذريل چند سالن ۾ ۽ خاص ڪري 90ع کان پوءِ معاشي سرگرميءَ جي رفتار سست رهندي آئي آهي. بين الاقوامي معاشي لاڙا نوان رخ اختيار ڪري چڪا آهن، توڙي جو مواصلات جا جديد ذريعا ايجاد ڪيا ويا آهن، سائنسي ترقيءَ جي رفتار ۾ تيز ٿي وئي آهي، سموري دنيا جي ملڪن جو هڪبئي تي معاشي دارومدار وڌي ويو آهي، پر انهن سمورن سببن هوندي ۾ مختلف علائقن ۽ ملڪن تي معاشي ترقيءَ لاءِ اثر ڪندڙ فيڪٽر ڏار ڏار ۽ پيچيده نوعيت جا آهن، جن کي سمجهڻ ضروري آهي.

گذريل ڏهاڪي ۾ خاص ڪري سياسي ۽ فوجي تبديليون، نار واري جنگ، بوسينا جي جنگ، روسي گهرو ويڑهه، فلسطين جو معاملو، بين الاقوامي سياسي ۽ معاشي حڪمت عمليون، جيئن ايسٽ ايشيا جي ملڪن ۾ معاشي رڌابندي ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ حيرت انگيز تبديليون، اهي سڀ فيڪٽر ملڪن جي ترقي، خوشحالي ۽ پيداوار تي خاص اثر ڇڏين ٿا. 1975ع جي "آئل شاڪ" وانگر نار جي جنگ جي ڪري سڄي دنيا جي تمام گهڻن ملڪن تي قيمتن جو اثر سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح پيو. تيل درآمد ڪندڙ ملڪن جي آمدنيءَ ۾ گهٽتائي، پاڻي جي واڌ يعني افراطِ زر درآمد ۾ اضافو ۽ نتيجي ۾ سڄي دنيا ۾ (سواءِ چند ايشيائي ملڪن جي) معاشي سرگرمي سست رهندي آئي آهي.

پر سڄي دنيا ۾ معاشي سستي هوندي ۾ ايشيائي ملڪن ۾ ترقيءَ جي واڌاري جي رفتار زبردست رهي آهي. سالياني سراسري ترقيءَ جي رفتار (Growth Rate) 8 سيڪڙو آهي. ان ۾ ۾ خاص

ڪري چين ۽ جاپان جي معيشت ۾ حيرت انگيز ۽ زبردست ترقيءَ جو وڏو هٿ آهي.

"نئين صنعتي معيشت" (Newly Industrialized Economies) وارن ملڪن، يعني ڪوريا، تائيوان، سنگاپور، هانگ ڪانگ، فلپائين، انڊونيشيا ۽ ملائيشيا زبردست معاشي منصوبہ بنديءَ ۽ بهتر معاشي پاليسين جي نتيجي ۾ جيڪي معاشي چال ڏنا آهن، انهن جو مثال سڄي دنيا جي معاشي ترقيءَ لاءِ هڪ مادل آهي. انهن علائقن ۾ خاص ڪري طلب کي قابو ڪري، عام ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪري، سيڙپڪاريءَ کي همٿائي، پرائيوٽ سيڪٽر کي هٿي ڏياري ۽ ان ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ ڪشش پيدا ڪري، سرڪاري ترقياتي خرچن ۾ اضافو ڪري، بنيادي انفرا_اسٽرڪچر ۽ مواصلات جون سهولتون پيدا ڪري، زميني سڌارا آڻي، تعليم ۽ صحت تي خرچ وڌائي، بين الاقوامي واپاري رخن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري، ادائيگين جي توازن ۽ ڪرنسيءَ جي طاقت کي مضبوط رکي، انهن ملڪن حيرت انگيز حد تائين معاشي ترقي ڪئي آهي، جنهن جي ڪري اُهي ايشيائي ديو يا ايشيائي ٽائيگر سڏجن ٿا.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اُهي ڪهڙيون محرڪ پاليسيون آهن، جيڪي انهن ملڪن جي ترقيءَ کي اسان کان جدا ڪري بيهارين ٿيون؟ جواب آسان آهي تہ اسان جون معاشي پاليسيون "اندرون مائل" (Inward Orientated) رهيون آهن، جنهن ۾ معاشي ترقيءَ لاءِ پنهنجن سرمائيدارن کي فائدو ڏئي، کين مضبوط بڻائي، وڏا فائدا حاصل ڪرائي ۽ انهن پئسن ۽ سرمائي کي بيهر سيڙپڪاريءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. 1950ع کان ونئي اها پاليسي هئي، پر بدقسمتيءَ سان ٿيو ڇا؟ بنيادي طرح اها پاليسي ئي غلط

هئي تہ ڪو ترقي ائين سرمائيدارن کي فائدا ڏيڻ سان ٿيندي. فائدا ڪهڙا هئا، هر طرف هر انڊسٽري/صنعت کي هر قسم جو بچاءُ هو، ٽئڪسن ۾ ڇوٽ هئي، اوپر پاڪستان جو واپاري واڌو سرمايو ۽ هنن کي ڏنو ويو، اجا نہ رڳو هڪ مثال تہ صنعتڪاريءَ لاءِ سهولتون ڏنيون ويون. اوپر ايشيا جي ملڪن جو جيڪڏهن جائزو ونڊاسين تہ معلوم ٿيندو تہ انهن جون پاليسيون "ٻاهر مائل برآمدات" (Out Ward Orientated) ۾ اضافو ڪرڻ واريون پاليسيون رهيون آهن. انهن پنهنجن سرمائيدارن کي بين الاقوامي معيشت ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪيو، ڪانئن آهستي آهستي رعايتون واپس ورتيون ويون، ناٽي جي واڌ کي ڪنٽرول ڪيو ويو، ايڪسچينج ريٽ کي گرفت ۾ رکيو ويو، ٻئي طرف اسان جي معيشت ۾ سرڪاري ڪردار جاري رهيو. سرڪار پنهنجن من پسند ماڻهن کي نوازيندي رهي، انهن کي پرمٽون، قرض ۽ صنعتون هٽڻ لاءِ فائدا ڏيندي رهي، سرڪاري تحويل ۾ ورتل صنعتن جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي رهي، انهن ۾ اوور امپلائيمينٽ ۽ حڪومتي عمل دخل گهڻو رهندو آيو، جڏهن تہ ايسٽ ايشين ملڪن جي معيشت ۾ نجي شعبي کي هٿي ڏني وئي، اتي مقابلي بازيءَ جو رجحان وڌندو رهيو، سرڪاري عمل دخل کي بلڪل ختم ڪيو ويو، پر انهيءَ سان گڏوگڏ ٻاهرئين سيڙپڪاريءَ کي Attract ڪرڻ لاءِ ايڪسچينج ريٽ پاليسيءَ کي مضبوط بٹائي، انفرا_اسٽرڪچر، مواصلات ۽ ماهر ليبر فورس پيدا ڪري، ٻاهرئين سرمائيدار کي آئيديل گهربل سهولتون پيدا ڪري ڏنيون ويون ۽ مشيني ۽ گهڻ ليبر ڪپائيندڙ لڳائي وئي تہ جيئن روزگار ۾ ۽ اضافو ٿي سگهي ۽ ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ ۽ اضافو ٿئي. ساڳئي وقت زراعت ۾ زميني سڌارن زميندارين ۽ جاگيرداريءَ جو رات وچ ۾ خاتمو

ڪري ڇڏيو.

هاڻي جڏهن اسين پيٽ ڪنداسين ته اسان جو ليبر جو مناسب سرمايو جاپان کان به وڌيڪ آهي، يعني اسان جون صنعتون سرمائي مائل گهڻيون آهن، ليبر فورس کي هضم ڪرڻ کان قاصر آهن، اهي روزگار جا وسيلا مهيا نٿيون ڪري سگهن ۽ هڪ تحقيق (پاشا، اڪبر) مطابق کين ليبر مائل ڪرڻ به ممڪن ئي نه آهي. اسان وٽ سماجي نابرابري وڌي آهي، هڪ طبقي کي روزگار ته ڇا کيس زنده رهڻ لاءِ بين الاقوامي معيار مطابق به سهولت ڪانه آهي. اهڙي آبادي‌ءَ جو تعداد 45 سيڪڙو آهي. اها گذريل سال ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ آهي. شرمندگي‌ءَ جي حد تائين غربت آهي ۽ ٻئي طرف پاڪستان جو امير ڪلاس آهي جيڪو مڪمل طرح معاشي ۽ سياسي گرفت رکي ٿو. سندن تعلق هڪ نه ٻئي فارم ۾ حڪمران ڏر سان ئي آهي، چاهي اها مارشلا هجي، مسلم ليگ هجي يا پيپلز پارٽي هجي. اهوئي سبب آهي جو زميني سڌارا به بار بار ناڪامي‌ءَ جو شڪار ٿيا آهن. بنيادي سهولتن جي وڏي کوٽ آهي. هڪ وڏي آبادي‌ءَ کي، تقريباً 78 سيڪڙو ماڻهن کي صاف پاڻي‌ءَ جي سهوليت نه آهي. 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن کي بجلي‌ءَ جي سهوليت ڪانهي. تعليم ۽ صحت جي صورتحال سڀ کنهن کي خبر آهي، پر انهي‌ءَ کان به وڌيڪ معاشي ترقي‌ءَ لاءِ جنهن سرمائي ۽ سيڙپڪاري‌ءَ جي ضرورت آهي، اسان جي ملڪ ۾ ان جي کوٽ آهي. ٻاهريان سرمائيدار چريا ڪونه آهن، اهي هڪ هڪ شيءِ جي تحقيق ڪن ٿا ۽ سوچي سمجهي سيڙپڪاري ڪن ٿا. پلا سوچجي ته جنهن ملڪ ۾ افراطِ زر (Inflation) 15 سيڪڙو کان وڌيڪ هجي، قرض ڪٽڻ لاءِ Interest Rate يا وياج جو اگهه لڳ ڀڳ 18 يا 20 سيڪڙو هجي، بجيٽ ۾ خسارو 120 ارب روپيا هجي، اسٽاڪ

مارڪيٽ جي صورتحال اها هجي جيڪا اڃڪلهه آهي، پرائيويٽائيزيشن جي پروسيس ۾ ايڏيون ڏانڊليون هجن، روز قيمتن تي ايڏو وڏو واپار هجي، سال ۾ چار- چار دفعا ڊي ويليوئيشن ۽ تيل جا اگهه وڌندا رهن ۽ حڪومت جي ڍڍ ۽ نهڙ جي ڪا سڌ نه هجي، اتي ڪي پاڳل سرمائيدار ئي سيڙپ ڪري سگهن ٿا.

سرڪار جي اٽڪل ڪوششن ۽ اربين روپين جي "ياداشت نامن" جي صحيح ڪرڻ جي باوجود، تمام وڏين رعايتن جي اعلان ڪرڻ جي باوجود، سيڙپڪاريءَ نالي ڪا شيءِ نظر ڪونه ٿي اچي. سرڪاري انگن اکرن مطابق هڪ هزار ملين ڊالر جي سيڙپڪاري اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ۽ 500 ملين ڊالر جي انرجي ۽ ٻين شعبن ۾ ٿي آهي. (ڏسو اسٽيٽ بئنڪ جي سالياني رپورٽ) جڏهن ته ياداشت نامن تي ٻه سال اڳ تقريباً 10 ارب ڊالرن جون صحيحون ٿي چڪيون هيون.

اسان جا حڪمران روزانو پيا اعلان ڪندا آهن ته ملڪ ۾ معاشي ترقيءَ جي رفتار تيز آهي، پاڪستان ايندڙ ڪجهه سالن ۾ قرض ونندڙ نه بلڪ قرض ڏيندڙ ملڪ بڻجي ويندو، پر حالت هيءَ آهي ته ملڪي وسيلن جو ذري گهٽ اڌ حصو قرض ۽ انهن جي وياج تي پورو ٿي وڃي ٿو. بين الاقوامي ادارا اڳ جيڪو قرض بجيٽ خساري جي 50 سيڪڙو کان ٻه گهٽ ڏيندا هئا، هينئر اسان جي افعالن جي ڪري اسان 60 سيڪڙو کان ٻه وڌيڪ گهر ڪيون ٿا. ملڪ جي حڪمرانن جو رويو هي آهي ته بجيٽ جيئن ويجهي ايندي ته دفاعي خرچن ۽ ضرورتن لاءِ نعري سازي ٻه وڌي ويندي، روز نعرا: "حڪومت پنهنجي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ڪري ڇاڏي." "دفاعي خرچن ۾ ڪا گهٽتائي نه ٿيندي."

"دفاعي ضرورتن کي پورو ڪيو ويندو." "ملڪ جي ايٽمي پاليسيءَ تان هٽ نہ ڪٽبو." جنهن جو مطلب هي آهي تہ عوام جي ٽئڪس جو 35 سيڪڙو، يعني لڳ ڀڳ 140 ارب روپيا دفاع تي خرچ ڪيا ويندا، جيڪو ملڪ جي 50 سالن جي پرائمري تعليم قربان ڪرڻ جي برابر آهي. اسان جي ملڪ جي فوج جو معيارِ زندگي دنيا جي ڪنهن بہ سڌريل ملڪ جي پيٽ ۾ گهٽ نہ آهي. سندس پيشيوراٽين مهارتن جو مثال بلوچ، بنگالي ۽ سنڌي ماڻهو 70، 74 ۽ 83ع ۾ ڏسي چڪا آهن.

هاڻي ڏسجي تہ انهن معاشي پاليسين ۽ حالتن هوندي، اسان جو ملڪ ايشيائي ٽائيگر ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيندو؟

هي جيڪي ايشيائي ديو هيڪل معيشتون آهن، انهن کو رات وچ ۾ پاڻ کي خوشحال ۽ مضبوط نہ ڪيو آهي، پر تمام ٿوري عرصي ۾ مضبوط معاشي منصوبہ بندي، ڏاهپ ۽ حڪمت عملين سان پاڻ مجايو آهي. جاپان ۽ چين جو جيڪڏهن مثال نہ ونجي، تڏهن بہ ڪوريا، تائيوان، هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور ان ڏس ۾ بهترين مثال آهن، جن Strategic Trade Theory تحت، مختلف شعبن کي رعايتون ڏئي، کين سڄي دنيا سان مقابلي لاءِ تيار ڪيو. بعد ۾ انهن شعبن سڄي دنيا ۾ غير معمولي ڪارناما سرانجام ڏنا، جيئن ڪوريا ۽ جاپان جي آٽو موبائيل انڊسٽريءَ جي شين، آمريڪن ڪارن جي مارڪيٽ کي وڏو ڏڪ هنيو. ڪوريا هيوي انڊسٽري لڳائڻ لاءِ، جتي اُجرتون پهريائين گهٽ هيون، وياج جي اگهہ کي گهٽ رکي، ڪچن مالن تي رعايتون ڏئي، صنعتن کي بين الاقوامي مقابلي لاءِ تيار ڪيو. ٻئي پاسي اسان پنهنجين صنعتن کي Infant Industry جي دليلن ۽ رعايتن هيٺ هلايو.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

پاڪستاني معيشت ۽ عالمي مالياتي ادارا

بين الاقوامي مالياتي ادارن کان اڳ، پاڪستان جو سڄو معاشي ڍانچو تباهه حال هو، مثال طور: 1980ع کان وٺي مالي خسارو، ملڪي پيداوار جي سالياني شرح جو تقريباً 7 يا 8 سيڪڙو رهندو آيو آهي. 91-1990ع ۾ اهو چوٽ تي، يعني 9 سيڪڙو هو. بچتن جي صورتحال خراب رهندي آئي آهي. سيڙپڪاريءَ جو تصور به نه ڪري سگهبو هو، ٽئڪسن جي شرح 125 سيڪڙو کان 235 سيڪڙو هئي، صرف ڪارين تي درآمدي ڊيوٽي تقريباً 445 سيڪڙو هئي، سالياتو انفليشن Inflation تقريباً 10 سيڪڙو هو، ٻاهريان سرمائيدار سيڙپڪاري انهيءَ ڪري نه ڪندا هئا، جو نه ته ملڪ ۾ ڪي مواصلات جا سڌريل ذريعا هئا ۽ نه ماهر ليبر فورس هو. صنعت کي وڏي ۽ ڳري قسم جون غير ضروري رعايتون مليل هيون، رعايتي قيمتون زرعي شعبي ۾ هونئن ئي چوٽ ڇڙهيل هيون، درآمدي شين جو تعداد وڌيڪ هو، برآمدات جي صورتحال ناڪاره هئي، مالي خسارو، افراط زر، واپاري خسارو، وسيلن جي اٽاڻ، زرِ مبادلہ جي ذخيرن ۾ ڪوٽ ۽ ادائيگين جو توازن پکڙيل هو.

هاڻ فيصلو ڪجي ته ان وقت قرض جي ضرورت هئي يا نه هئي؟ هڪ ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته بين الاقوامي مالياتي ادارا ڪو دڳ وٺي اوهان کي قرض ڪونه ٿا آڇين، پر حڪومتون پاڻ انهن ادارن سان رجوع ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ ته سندن وياج جي شرح تمام گهٽ، سالياني هڪ سيڪڙو کان به گهٽ آهي. سو اهو سوچڻ ته بين الاقوامي مالياتي ادارا اوهان کي قرضن ۾ جڪڙين ٿا، اها ڳالهه سچ جي منافي آهي.

هاڻ واپس پنهنجي بحيث جي شروعات ڪنداسين ته، پاڪستان جي معيشت قرض کان سواءِ هلي نٿي سگهي، نه ته اهي سڀ بيماريون، جيڪي مٿي بيان ڪري چڪا آهيون، وڌي ويندیون.

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (I.M.F) بنيادي طرح معيشت جي ڪلي جون، يعني بين الاقوامي ادائيگين جي توازن کي درست ڪرڻ، زر مبادلہ جا ذخيرا وڌائڻ لاءِ واپار کي هٿي ونرائڻ، مطلب ته (Macro) ڪلي معيشت جي جزن کي طلب جي وسيلن سان نيڪ ڪرڻ جا نسخا ۽ اپاءَ تجويز ڪري ٿو ۽ قرض ڏئي ٿو. بعد ۾ ورلڊ بئنڪ ڏانچي کي نيڪ ڪرڻ لاءِ قرض ڏئي ٿي ۽ وڏا وڏا آبپاشي نظام، سم ۽ ڪلر جي خاتمي، صحت، تعليم ۽ مواصلات کي نيڪ ڪرڻ جا ڊگهي عرصي جا پروگرام ٻڌائي ٿي ۽ تجويزون ۽ قرض ڏئي ٿي.

هاڻي جيڪڏهن سوال ڪجي ته، انهن پروگرامن سان ملڪ جي معيشت تي ڪو خاص اثر پيو آهي يا نه؟ ته جواب ايندو ته، پاڪستان پنهنجي شروعاتي ڏينهن کان وٺي هن وقت تائين مالياتي ادارن کان ڪافي قرض وٺي چڪو آهي ۽ هينئر تائين جيڪا ٿوري گهڻي ترقي نظر اچي رهي آهي، اها ان قرض جو ڪرشمو آهي، نه ته "اسين بہ پنهنجين حالتن ۾ سرڪار جي نااهلين جي ڪري، ڪن آفريڪن ۽ بنگالين کان گهٽ غريب ڪونہ هجون ها."

آءِ- ايم- ايف ۽ ورلڊ بئنڪ کان قرضن ونڻ لاءِ سندن ڪجهہ شرط آهن، جن کي سمجهڻ ضروري آهي. انهن مان ڪجهہ هينيان آهن:

1. پنهنجي معيشت کي بين الاقوامي معيشت سان ڳنڊيو.
2. قيمتن تان غير ضروري رعايتون هٽائي، انهن کي بين الاقوامي

قيمتن سان ملايو.

3. ٽئڪسن کي گهٽائي، آزاد واپاري نظام قائم ڪريو.

4. معيشت تان سرڪاري قبضو هٽائي، ان کي نجي شعبي ۾ ڏيو.

مٿيون ڳالهيون بظاهر ته نيڪ آهن، پر انهن جو پاڪستاني معيشت جي حوالي سان ڪجهه ڏڪهو بحث ٿي پوندو. چوڻ جي ڳالهه ته، "مرض جي شناس سڻي آهي، پر دوا غلط تجويز ٿيل آهي." ۽ اسان جا حڪمران ڇاڻي واڻي، اکيون بند ڪري، هٿ ٻڌي، ڪشتو ڪنيو قرض ونڻ لاءِ وفدن پويان وفد موڪلين ٿا.

ادارا پنهنجي جڳهه تي صحيح آهن. سڌن لفظن ۾ ته افراطِ زر کي صرف 7 سيڪڙو رکو، عام ماڻهن تان قيمتن جو بار هٽايو، مالي خساري کي ملکي پيداوار جي 5 سيڪڙي تائين آڻيو، غير ضروري قيمتون ۽ رعايتون ختم ڪريو، ٽئڪسن کي 3 سالن تائين 35 سيڪڙو تي آڻيو، ته جيئن پنهنجي ملکي صحت کي بين الاقوامي صحت سان مقابلي بازيءَ لاءِ تيار ڪيو وڃي. وياج ۽ بئنڪ جي وياج جي شرح ۾ گهٽتائي ڪري، قرضن جي سهوليت ۽ آساني ڪري، صنعتڪاريءَ ۽ سيڙپڪاريءَ کي همٿايو وڃي، خدمتن جي قيمتن (User Charges) کي وڌايو وڃي، سرڪاري شعبي جي گرفت گهٽائي، صنعتن کي نجي شعبي ۾ ڏنو وڃي، ته جيئن بجيٽ تان بار هلڪو ٿئي. محصولات کي گهٽائي سيلز ٽئڪس لاڳو ڪيو وڃي. هاڻي اهي سڀ ڳالهيون زبردست ته آهن، پر سرڪار جو انهن تي عمل ڪرائڻ ڪجهه نرالو ۽ مختلف آهي.

حڪم ٿيو آهي ته نجي شعبي کي ترقي ونرائجي ته مسلم ڪمرشل بئنڪ پنهنجن من پسند ماڻهن کي ڏبي، نجي شعبي کي ترقي ونرائڻي آهي ته PTC جا شيئر سستي اگهه تي وڪڻبا، (ياد رهي ته PTC جي نوڪريءَ جي قيمت ان جي بن - ٽن سالن جي

منافعي کان وڌيڪ نہ آهي.)

سرڪار جي سمورين ڪوششن جي باوجود نقصان ۾ ويندڙ ڪارخانا ڪوئي خريد نہ ڪري رهيو آهي. پلا نقصان ۾ ويندڙ ڪارخانا ڪير خريد ڪندو؟ شروعات کان وٺي صنعتن کي غير ضروري رعايتون ڏئي، من پسند ماڻهن کي ڳرا صنعتي قرض ڏئي، هٿ وٺي کين بيمار ڪيو ويو آهي. اسان جو پروفيسر چوندو آهي، پلا پاڪستان جا صنعتي ادارا بيمار (Sick) ڇو آهن؟ ڪو زڪام اٿن؟ ڪو بخار يا تپ اٿن؟ اٽڪل 4 هزار اهڙا صنعتي ادارا آهن، جيڪي بيمار آهن. دراصل اهي ادارا صنعتي ترقيءَ جي نالي ۾ ڪروڙين ۽ اربين روپيا پنهنجن من پسند ماڻهن کي ڏنا ويا آهن ۽ وقت بوقت اهي قرض معاف ٿيندا رهيا آهن، هينئر ب صنعتڪارن تي قرض تقريباً 100 ارب روپين کان وڌيڪ آهن، انهيءَ ڪري صنعت جي نالي ۾ ورتل اهي ڪارخانا ائين بند پيا آهن ۽ صنعتڪار قرض جا پئسا تہ نهيو، بجليءَ ۽ توانائيءَ جا بل ب نہ ٽا پرين ۽ سرڪار PTC، ريلوي، واپڊا ۽ بين اهڙن سوين عام ادارن کي خود مختيار ڪري کين مرضيءَ جا ڪرايا ۽ بل جون قيمتون مقرر ڪرائي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ قيمتن ۾ اڻ ڀڳيو اضافو ٿئي ٿو.

وري مزيدار ڳالهہ هيءَ ٿي آهي تہ ورلڊ بئنڪ سان واعدو ڪيو ويو هو تہ صنعتون وڪٽي اسان سماجي شعبي کي ترقي ونڙائينداسين، روڊ، اسڪول، صحت، پاڻيءَ جون سهولتون مهيا ڪنداسين يا جيڪو قرض آهي ان جون قسطون ادا ڪنداسين. هاڻي سوچيو، ڪٽي 1200 ارب روپيا ٻاهريون قرض ۽ 800 ارب روپيا پنهنجو اندرين بئنڪن ۽ بين وسيلن جو قرض ۽ نجي شعبي جي ڪمائيءَ جو ڪل وڪرو 11 ارب روپيا.

اهو ب نہ تہ قرض جي قسطن ۾ ويو ۽ نہ ئي سماجي شعبي

ڪي ترقي ونرائي وئي، الٽو سرڪار روزمره جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ گذريل سال صرف 45 ارب روپين جا نوان نوٽ ڇاپي ڪم ڪيو آهي، پوءِ پلا قيمتون ڇونہ وڌن؟ اها اسان جي ملڪ جي حڪمرانن جي نااهلي آهي. غير ترقياتي خرچ، قرضن جون ادائيگيون ۽ صرف فوج تي ئي سالياںو خرچ ايترو آهي، جو في سال تي 120 ارب روپيا سڌو نقصان / مالي خسارو آهي، تنهن هوندي بہ بينظير صاحبہ روز معيشت جي مضبوطيءَ جا ڳيچ ڳائي ٿي.

هاڻي ٿورو غور ڪنداسين تہ اسان جي حڪمرانن جي نااهلي هڪ پاسي، پر ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم- ايف جي پاليسين جي ڳالھ ٻئي پاسي آهي. جيڪي ملڪ انهن ادارن کان قرض نٿا وٺن، انهن تي سندن ڪو وس يا هٿ پهچ ڪانهي. پاڪستان جهڙا ٻيا ڪيئي قرضي ملڪ بين الاقوامي واپار ۾ مقابلي بازيءَ لاءِ انهيءَ ڪري بہ تيار نٿا ٿي سگھن، ڇوتہ انهن ملڪن ۾ صنعت ۽ زراعت کي ڪافي رعايتون مليل آهن، جيئن پاڪستان جو واپار ۾ هندستان سان مقابلو آهي، پر ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم- ايف غير قرضي ملڪن تي رعايتون ختم ڪرڻ جو دٻاءُ نٿا وجهي سگھن.

جيڪڏهن قرضي ملڪ پنهنجي محصولاتن کي گھٽائين، تہ بہ ٻيا ملڪ ائين ڪونہ ٿا ڪن. نتيجي ۾ قرضي ملڪن جي اندر درآمدي شيون گھٽيون اچي وڃن ٿيون، (جيئن ڪراچيءَ ۾) تہ پوءِ پنهنجي ملڪي صنعت جو ٻيڙو گل ٿئي ٿو. سرڪار فوجن تان خرچ نہ گھٽائڻ جو تہ قسم کٽي ڇڏيو آهي ۽ هندستان سان خوامخواهہ ڇڪتاڻ برقرار رکڻ جي اسلامي فرض جي ناتي عام ماڻهن جي زندگي زهر ٿيندي وڃي ٿي. فوج تي خرچ نہ گھٽائبو، ٽئڪسون لڳائبيون،سائيڪلن تي، پکن تي، استرين ۽ ڪائڻ پيئڻ جي شين تي، ڪنڊ تي، بجليءَ جي بلن تي، ٽيليفون جي بلن تي ۽

نوٽ ڇاپيا ۽ بئنڪن کان قرض کڻيا. 9 ارب روپين جون ساموندي ميرنس (Sea Marines) فرانس کان خريد ڪيون، 12 ارب روپين جا ايف- 16 جهاز آمريڪا کان خريد ڪيا، جيڪي پوري ملڪ جي 2 سالن جي تعليم جي بجيٽ جي برابر آهن ۽ ان بجيٽ مان ملڪ جي سموري آبادي‌۽ کي تعليم، صحت، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ بجلي‌۽ جون سهوليتون فراهم ڪري سگهجن ٿيون. بجلي صرف 50 سيڪڙو ماڻهن تائين پهتل آهي. تعليم (صرف نالو لکندڙن) جي شرح به 35 سيڪڙو آهي.

انهي‌۽ ڳالهه مان ثابتي ٿئي ٿي ته ڏوهي عالمي ادارا نه، پر اسان جا حڪمران ۽ سندن غلط پاليسيون آهن، جيستائين اسين پنهنجون پاليسيون پنهنجي گهربل ضرورتن مطابق نه ٺاهينداسين، تيستائين آءِ- ايم- ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي قرض جي اهميت ۽ ان جو معيشت تي اثر خاص ڏسڻ ۾ نه ايندو.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1994ع

بين الاقوامي مالياتي ادارا ۽ آزاد معاشي پاليسي

هن وقت Post Budget بحث جاري آهي. سرڪار جي مالياتي پاليسيءَ جي ممڪن اثرن تي ڪافي بحث مباحثو ٿي رهيو آهي. سرڪاري ۽ غير سرڪاري معاشي ماهرن جا الڳ الڳ تجزيا اخبارن جي زينت بڻيل آهن ۽ خاص ڪري جيڪو بحث جو وڏو موضوع آهي، اهو هي ته آخر حڪومت بجيٽ جي خساري کي ايڏي وڏي اهميت ڇو ڏني آهي؟

بجيٽ ۽ حڪومت جي مالياتي پاليسيءَ جا ٻيا ڪوڙ سارا پهلو ۽ پاسا آهن، جن تي حڪومت کي گهربل پلاننگ ڪرڻ کپندي هئي. (اها ٻي ڳالهه آهي ته صاف ستري جمهوري ڪلچر ۾ باشعور سياسي پارٽيون پنهنجين معاشي پاليسين جي سڌ ۽ ڄاڻ حڪومت ۾ اچڻ کان اڳ ئي اعلان ڪنديون آهن.)

ملڪ ۾ گذريل 16 سالن کان بجيٽ جو خسارو آهي. عالمي مالياتي ادارن جي بين الاقوامي امدادن ۽ قرضن جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي. ٽئڪس جي چوري ٿي رهي آهي، ڪرپشن پنهنجي وڏي جاهه و جلال سان عروج تي آهي، (هينئر ته ڪرپشن جي موضوع تي بحث فيشن جو درجو اختيار ڪري چڪو آهي!) ٻيا به ڪوڙ سارا مسئلا آهن، مثال طور: غربت، سماجي پلائي وغيره، بهرحال هميشه وانگر ميڊيا ۾ بجيٽ کي انگن اکرن جي جادوگري ۽ بجيٽ جي خساري کي سمورين معاشي براين جي "جڙ" ڪري پيش ڪيو ويو، بلڪ هن سال ته بجيٽ جي خساري کي ضرورت کان ڪجهه وڌيڪ ئي رنگين بڻائي پيش ڪيو ويو. ياد رهي ته بجيٽ جو خسارو 93-1992ع ۾ 2.7 سيڪڙو، 95-94ع ۾ 8.5 سيڪڙو ۽ هن سال يعني 96-95ع ۾ 6.5 سيڪڙو آهي. گذريل سال بجيٽ

جي خساري کي پورو ڪرڻ لاءِ 5.4 ارب روپين جا ۽ 96-95ع ۾ 40 ارب روپين جا ٽئڪس لڳايا ويا هئا ۽ هن سال بجيٽ جو خسارو 5.4 سيڪڙي بدران 6.5 سيڪڙو رهيو. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته حڪومت ايترا سارا ٽئڪس به هڻي ٿي، آمدنيءَ جا ٽارگيٽ به مقرر ڪري ٿي، ڇا اهي سڀ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي يا ڪامياب ويندي؟ باوجود انهيءَ جي، جو 4 ارب روپين جا نوان نوٽ هن سال ڇاپيا اٽائين، بئنڪ کان قرض جو انگ 50 ارب روپين کان اورانگهي چڪو آهي، بين الاقوامي واپاري توازن ۾ خسارو 5.4 ارب آمريڪي ڊالر، يعني اٽڪل 150 ارب روپين کان وڌيڪ آهي. صنعتي ترقيءَ جي رفتار گذريل سالن جي پيٽ ۾ گهٽجي وئي آهي. افراطِ زر، جنهن جو ٽارگيٽ هن سال 9 سيڪڙو هو، اهو سرڪاري انگ اکرن مطابق 13 سيڪڙي کان وڌيڪ آهي ۽ آزاد معاشي ماهرن جي انگن مطابق 20 سيڪڙي کان به وڌيڪ آهي. قيمتن کي سرڪار جو ڪو آرڊيننس يا صدارتي حڪم به روڪي نه سگهيو آهي، (ڪڍهن ڪڍهن آئون خود حيران هوندو آهيان ته جيڪا حڪومت بصرن ۽ ٽماٽن جي رسد / پهچ ۽ قيمت تي ڪنٽرول نٿي ڪري سگهي، اها اسان جي مستقبل جي ڪهڙن حسين خوابن جي تعمير ڪندي!؟)

زرِ مبادلہ جا ذخيرا هڪ ارب آمريڪي ڊالر کان به گهٽجي ويا آهن، ايستائين جو اسٽيٽ بئنڪ موجب 1000 آمريڪي ڊالر کان مٿي آهن. ڪوبہ ماڻهو ٻاهرئين ملڪ سفر نٿو ڪري سگهي. گذريل ٻن- ڇهن سالن ۾ جيڪو نالي ماتر 7.1 سيڪڙو بجيٽ جو خسارو گهٽيو به آهي ته ان جو نزلو ترقياتي ڪمن تي پيو آهي، جو هن سال ADP سالياني ترقياتي پروگرام کي گهربل 96 ارب روپين منجهان 86 ارب روپيا ڏنا ويا. آمدنيءَ جو جيڪو ڪٽيل ٽارگيٽ

هو، اهو به پورو نہ ٿي سگهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ايڪسائيز ۽ ڪسٽم ڊيوٽيز ۾ گذريل سال ڪافي گهٽتائي ڪئي وئي هئي، بجاءِ ان جي جو آمدنيءَ جي وسيلن کي بهتر بنائجي ۽ بجيٽ جي خساري کي گهٽ ڪجي ۽ ان ڏس ۾ سرڪاري شاهہ خرچين کان وٺي قرضن تي پاڙ بند ڪجي ها، دفاع جي خرچن ۽ غير ترقياتي خرچن ۾ ڪا لات ڪئي وجي ها، پر ان جي ابتڙ دفاع جي بجيٽ ۾ 13 سيڪڙو يعني اٽڪل 20 ارب روپيا اضافو ڪيو ويو آهي ۽ وياج جي قسط ۾ تقريباً 18 ارب روپيا اضافو ٿيو آهي. قرضن جي حالت هيءَ آهي جو ٻاهرين قرضن جو انگ پاڪستان اڪنامڪ سروي مطابق 24 ارب آمريڪي ڊالر يعني اٽڪل 800 ارب پاڪستاني روپين ۾ ملڪي قرض 859 ارب روپيا ۽ تقريباً ٻہ سئو ارب روپيا حڪومت جي فرمانبردار پاليسين جي نتيجي ۾ ملٽا آهن. هن ملڪ مٿان لڳ ڀڳ 2000 ارب روپين جو قرض آهي ۽ جيڪر في پاڪستاني ماڻهوءَ جي حساب سان ڪاڍو ڪجي تہ هرهڪ ڪم ڪندڙ پاڪستانيءَ تي 50 هزار روپين جو قرض آهي، جنهن ۾ 90 سيڪڙو اهڙا ماڻهو آهن جيڪي هڪ عدد T.V ٻہ نٿا وٺي سگهن. 70 سيڪڙي کان وڌيڪ ماڻهن کي صاف پاڻيءَ جي سهوليت نہ آهي، 60 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو اڻ پڙهيل آهن، 90 سيڪڙو اسڪولن ۽ اسپتالن کي Toilet جون سهوليتون نہ آهن، ملڪ جي اڌ آبادي عالمي غربت جي معيارن کان ٻہ وڌيڪ غريب زندگي گذاري رهي آهي ۽ ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم، وڏي جمهوري پارٽيءَ جي اڳواڻ محترمہ بينظير ڀٽو چوي ٿي تہ، "ملڪ تي 41 ارب روپين جا ٽئڪس غربت گهٽائيندا!" جيئن گذريل سال 45 ارب روپين جي ٽئڪسن ملڪ ۾ غربت گهٽائي آهي، بلڪ (معافيءَ سان) بصرن ۽ ٽماٽن جو اگهہ ٻہ نہ گهٽيو آهي. بين الاقوامي ادارن

ڪان ورتل قرض ۽ ان جي نتيجي ۾ مليل شرطن ملڪ جي پنهنجي آزاد معاشي پاليسين کي وٽن گروي رکي ڇڏيو آهي. انهن مالياتي ادارن لاءِ مشهور آهي ته اهي معاشي موضوعن جي نشاندهي ته صحيح ڪن ٿا پر ان لاءِ ڏسيل دوا (Prescription) غلط ڏين ٿا. هو سرڪاري ڪاتن مان سرڪاري ملازمن کي خارج ڪرڻ، حڪومت جي Size کي گهٽائڻ، مارڪيٽ جي ناڪامي (Failure) ۽ آزاد معاشي واپاري پاليسيءَ لاءِ ته هڻ هٽان ڪن ٿا، قيمتون گهٽائڻ ۽ درآمدي محصول گهٽائڻ ۽ رعايتون ختم ڪرڻ لاءِ ته وڏا وڏا ۽ تکڙا نظريا ۽ عمل ڪرائيندڙ معاشي ماهر به آهن، پر سندن پاليسين ۾ جيڪا سڀ کان وڏي خامي آهي، اها هيءَ آهي ته سندن پاليسين کي "انساني چهرو" نه آهي، جيئن فارسيءَ جي ڪنهن شاعر چواڻي ته:

"منهنجا محبوب! تون حسين آهين، خوبصورت آهين،
پر تنهنجي چمڙيءَ تي وفا جو تر نه آهي."

عالمي مالياتي ادارا به ائين ملڪ جي وسيلن جي ٻيڙي گل ڪندڙ، شاهه خرچين، سمگلنگ، (ساليانو 100 ارب روپين جي آمدنيءَ ۾ ڪوت) دفاع تي خرچ ۽ سماجي شعبي ڏانهن مجرمانه لاپرواهيءَ تي خاموش آهن، پر بجليءَ جا اڳهه، ريلوي جا پاڻا، ٽيليفون ۽ پاڻيءَ جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو، (حالانڪ انهن ادارن ۾ ڪرپشن ۽ نااهليءَ تي قابو پاتو وڃي ته ٻيڙ تي ڪمائي ٿي سگهي ٿي.) روپئي جي مٽاسٽا ۽ ملهه کي گهٽايو، تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو وغيره وغيره، جڙ سندن لاءِ قيمتون وڌائڻ وڏو صاف، سڌو ۽ سادو تيار رستو ۽ اوزار آهي، جنهن کي استعمال ڪن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ قيمتون وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿيون. افراطِ زر جيڪو هن سال 4.9 سيڪڙو هئڻ ڪپندو هو،

اهو Consumer Price Index (CPI) مطابق 15 سيڪڙو گهريلو استعمال جي شين ۾ اضافو، 13 سيڪڙو ٽيڪسٽائيل، 12 سيڪڙو ڪاڏي ۽ سافٽ ڊرنڪ جي قيمتن ۾ اضافو، وغيره وغيره، بجاءِ جو افراطِ زر کي Indexation ڪري، اجرتن ۾ اضافو ڪري عام ماڻهن کي کو Relief ڏنو وڃي ها، الٽو عجيب و غريب انداز ۾ Corporate سيڪٽر جي ملازمن کي گهر ويني پنهنجي پگهارن تان ڳپل حصو وڃائڻو پيو. ڪارپوريٽ سيڪٽر جي سائيز هڪ ٽ تمام ننڍي آهي، ٻيو ٽ سرڪار کي ان مان گهربل متوقع آمدني 40 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ نه آهي، (خوامخواهه سرڪار کي خواري ڪٽڻي پئي آهي.) خبر نه آهي ٽ ڪهڙن معاشي ماهرن اها صلاح ڏني اٿن. اسيمبلي ميمبرن جي زبردست پگهارن، پجيروئن، مرسڊيز، ڪوئين ۽ بنگلن تي کو اضافي ٽئڪس هٽڻ بدران نزلو وڃي ڪارپوريٽ سيڪٽر تي پيو. ڳالهه هئي وڌندڙ قيمتن جي ڪري عام ماڻهن کي کو رليف ڏيڻ جي، الٽو گهريلو ائٽمن صابڻ، ڊٽرجنٽ،Soft Drink ، پکن، دوائن ۽ اٽڪل 300 ائٽمن تي سيلز ٽئڪس لاڳو ڪيو ويو، اهو ٻ 12 سيڪڙي کان وڌائي 15 سيڪڙي تائين ۽ جن شين تي 15 سيڪڙو هو، انهن تي وڌائي 18 سيڪڙو ۽ جن تي 20 سيڪڙو هو، انهن تي 23 سيڪڙو ڪيو ويو. اها بي ڳالهه آهي ٽ سڌريل ملڪن بلڪ ڪٽي ائين چئجي ٽ ترقي يافته ملڪن، آمريڪا، برطانيا، جاپان ۽ جرمنيءَ ۾ اهو ٽئڪس مشڪل سان 8 کان 10 سيڪڙي اندر آهي.

مٿين سمورن عملن جا جيڪي ممڪنہ نتيجا نڪرڻا آهن، اهي معاشي ماهرن جي نظر ۾ صاف صاف، واضح ۽ چٽا آهن ٽ قيمتن ۾ حيرت انگيز اضافو ٿيندو، نين لڳايل ٽئڪسن سان، جن جو تعلق ڪپت سان آهي (سيلز ٽئڪس) معاشي سرگرميءَ تي ڪاٽو

اثر ڇڏيندي. ڪا گارنٽي نہ آهي تہ 500 ارب روپين جو سرڪاري آمدنيءَ جو ٽارگيٽ پورو ڪيو ويندو ۽ پوري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ حڪومت هر سال وانگر 75 ارب روپين جا نوٽ نہ ڇاپيندي، بئنڪن کان ٽارگيٽ رکيل 20 ارب روپين کان وڌيڪ قرض نہ کڻندي، ڪو نئون اضافي ٽئڪس گذريل سال آڪٽوبر وانگر نہ هڻندي، ڪا مني بجيٽ پيش نہ ڪندي، بلڪ 9، 9 مني بجيٽون پيش نہ ڪندي، روپئي جي ملھ ۾ ڪمي نہ ڪندي، اضافي قرض نہ کڻندي، سماجي شعبي جي ترقيءَ، سيڙپڪاري، بچتن، صحت ۽ تعليم ڏانهن ڏيان ڏيندي. انهن ڳالهين جو تعلق ايندڙ وقت سان آهي، پر منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو سوال هي آهي تہ ڇا بصرن، ٽماٽن ۽ پٽاٽن جون قيمتون ساڳيون رهنديون يا نہ؟

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

نجڪاريءَ جي عمل مان ڇا حاصل ٿيو آهي؟

1988ع ۾ آءِ- جي- آءِ گورنمينٽ جي خزاني واري وفاقي وزير سرتاج عزيز نجڪاريءَ متعلق هڪ بيان ڏنو هو تہ، "نجڪاري، سماجي ناهمواريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ شروع ڪجي ٿي."

پاڪستان ۾ نجڪاري 1988ع ۾ شروع ٿي، 1991ع ۾ ان جي رفتار تيز ٿي وئي ۽ 1996ع تائين نجڪاريءَ جي پاليسي مان ڇا حاصل ٿيو، ان جو پاڻ هتي جائزو ونڌاسين.

نجڪاري بنيادي طرح قومي صنعتن کي نجي شعبي جي قبضي/ تحويل ۾ ڏيڻ جو عمل آهي. نجي شعبي ۾ ڏيڻ جا بنيادي دليل هي آهن تہ:

- صنعتون حڪومت جي خرچن تي اجايو بار آهن.
- صنعتون گهٽي پاڳي نقصان ۾ آهن.
- صنعتن ۾ سرڪاري مداخلت وڌيڪ آهي.
- ڪين گهٽيون رعايتون مليل آهن.
- صنعتن تي هڪ هٿي قائم آهي.
- نقصان ۾ ويندڙ صنعتون حڪومت جي خرچن ۽ قرضن کي گهٽائڻ بدران واڌائين ٿيون.

نجڪاريءَ جا بنيادي مقصد هئا تہ:

1. حڪومت جي محدود وسيلن تي بار کي گهٽائجي، يعني صنعتن کي نجي شعبي ۾ ڏجي.
2. نجي شعبي ۾ ڏيڻ سان حاصل ڪيل وسيلن مان سماجي شعبي

ڪي ترقي وٺرائي وڃي، يعني نجڪاريءَ جي عمل مان حاصل ڪيل ڪمائيءَ کي "سوشل ايڪشن پروگرام" ۾ سيڙايو ويندو.

3. صنعتن جي ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو ۽ جيڪي پاليسيون هيون، انهن مان ڪجهه هي هيون تہ پهرئين مرحلي ۾:

- قومي بئنڪن کي نجي شعبي جي تحويل ۾ ڏنو ويندو.
- ڪمرشل بئنڪن کي پرائيويٽ سيڪٽر جي حوالي ڪيو ويندو.
- آزاد واپاري نظام، محصولاتن ۾ لاٽ ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ خوشگوار ماحول پيدا ڪيو ويندو.
- مالي شعبي (فنانشل سيڪٽر) ۾ سرڪاري مداخلت کي گھٽايو ويندو.
- ۽ ڪل 114 صنعتي يونٽن کي نجي شعبي ۾ ڏنو ويندو.

هي مٿيان مقصد ۽ پاليسيون هيون، جن تحت نجڪاريءَ جو عمل شروع ڪيو ويو.

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا نجڪاريءَ جي مقصدن جو تعين صحيح آهي؟ ڇا نجي شعبي جي تحويل ۾ وڃڻ سان صنعتن جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي؟ ڇا سرڪاري / قومي شعبو بنيادي طور نااهل آهي؟ ڇا نجي شعبي جي تحويل سان دولت جي ڪجهه هٿن ۾ وڃڻ سان طبقاتي ويڇو وڌو نہ ٿيندو؟ ڇا لبرلائيزيشن جي پاليسين سان سرڪاري وسيلن جي ڪوٽ نہ ٿيندي؟ ڇا بيروزگاري وڌڻ جو خطرو نہ آهي؟ ڇا نجڪاريءَ جو عمل صاف ستڙو آهي؟ ڇا نجڪاريءَ جي عمل سان People's Capital وڌيو آهي؟

نجڪاريءَ جي عمل ۾ تمام جلد بازيءَ جو مظاهرو ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ نجڪاريءَ جو سڄو عمل پاڪستان ۾ بريءَ طرح ناڪام ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ نقصان ۾ ويندڙ صنعتي يونٽن کي ڪير بہ خريد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. نجي شعبي ۾

استاڪ مارڪيٽ ۾ عام ماڻهن وٽ ايترو پئسو نه آهي جو سيڙپڪاري ڪري سگهن، جنهن جو تازو مثال PTC جا Voucher آهن. سرڪار جي سمورين ڪوششن جي باوجود PTC جو چوٽون حصو وڪٽڻ سان به مارڪيٽ ۾ سندس قيمت ان جي بن سالن جي منافعي کان به وڌيڪ نه آهي. جيڪي ادارا نجي شعبي ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ آڇيا ويا، انهن جي اثاثن جي مالیت ۽ قيمت انهن ادارن جي اصل مالیتن کان گهٽ آهي، قيمتن مقرر ڪرڻ وقت تمام جلد بازيءَ جو مظاهرو ڪيو ويو ۽ نتيجي ۾ اهي انهن جي حقيقي قيمت کان ڪافي گهٽ اڳهه تي وڪرو ٿي ويا. ٻيو ته حڪومت جي سمورن واعدن جي ابتڙ نجڪاريءَ جي عمل مان ڪمايل پئسا، سماجي خساري کي پورو ڪرڻ بدران بجيٽ جي خساري ۾ استعمال ۾ خرچ ڪيا ويا.

وڏو جيڪو ڊرامو ٿيو، اهو هي ته نجڪاريءَ جي عمل جي سموري ساک کي ان وقت ڏک لڳو، جڏهن نجڪاريءَ جي عمل دوران حڪومتن پنهنجي پسند جي ماڻهن کان ڪروڙين روپيا وٺي انهن کي قومي ادارا سستي اڳهه تي وڪرو ڪيا، جيئن MCB منشا گروپ کي ڏني وئي. ان سڄي عمل مان هينئر به ان ڳالهه جو خدشو وڌيڪ آهي ته ادارن جي نجي شعبي جي تحويل چند سرمائيدارن جي هٿن ۾ نه هلي وڃي، جيئن هينئر به بئنڪن، انشورنس ۽ ٽيڪسٽائيل جي صنعتن تي چند خاندانن جو قبضو آهي. (منشا، آدم جي، دادا پائي ۽ پنجاب جا چند گروپ وغيره.)

نجڪاريءَ جي سموري عمل مان بيروزگاريءَ جي وڏي وڃڻ جو جيڪو انديشو هو، اهو به سچ ثابت ٿيو آهي. حڪومت هڪ ته انهن صنعتن ۾ پرتيءَ جي لائين لڳائي هئي، ته ٻئي طرف نجي شعبي ۾ ڏيڻ سان مزدورن ۽ ملازمن جي تحفظ واري سوال تي

بلڪل خاموش هئي. نتيجي ۾ نون مالڪن 6 ۽ 12 مهينن کان پوءِ گهٽن ملازمن جي چانتي ڪري ڇڏي. 89-1988ع ڏاري جڏهن قومي ملڪيت جي تحويل ۾ ادارن جي اثاثن جي ڪل مالیت 800 ارب روپيا هئي، جن ۾ بئنڪنگ، انشورنس، ڪامرس، مينيوفيڪچرنگ، مائيننگ، گيس، پاور، ڪنسٽرڪشن، ماس ميڊيا، مواصلات ۽ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ جا ادارا شامل هئا، جن مان 8 وڏين ڪارپوريشنن مان 5 ڪارپوريشنن جي سالیانو سراسري منافعي جي شرح 8 کان 10 سيڪڙو آهي. پرائيويٽائيز ڪرڻ وقت 1980ع جي قائم ڪيل "Expert Advisory Cell" جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، جن خاص انديڪيٽرن (مثال طور: منافعي، مقابلي بازي، سڌي ۽ چگي ليبر انٽينسو (Capital intensive) ۽ گهربل شعبي جي اهميت) جي بنياد تي انهن سمورن ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي پرکيو، جنهن جي نتيجي ۾ 75 قومي صنعتن مان 23 صنعتون اهڙيون هيون، جن جي ڪل مالیت 1990ع ۾ 56 ارب روپيا ٿئي ٿي. هونئن ب ٽوٽل قومي ادارن جي ملڪي معيشت ۾ حصي جي سالياني شرح 16.1 سيڪڙو، مجموعي پيداوار جي برابر هئي.

نجي شعبي ۾ اڳ ئي زرعي، جهنگلات، فشنگ ۽ ماهيگيري جا شعبا آهن، جيڪي گهٽو ڪري ليبر Intensive آهن ۽ قومي شعبي ۾ صنعتن جو ڇار گهٽو ڪري بجلي، پاڻي، انفرا اسٽرڪچر، معدنيات جي شعبي ۾ آهي. Capital Intensive آهن ۽ قومي صنعتون جن جو تعلق پيداوار جي Value Added سان آهي، انهن صنعتن جو ڪل حصو مجموعي قومي صنعتن جو 2 سيڪڙو آهي. اميد هئي ته انهن کي پرائيويٽائيز ڪري، انهن مان 10 سيڪڙو Efficiency حاصل ڪجي، پر انهن مان پيداواري مهارت

ڏهائي ۾ سيڪڙو ۾ حاصل ٿي نه سگهي.

جيڪي صنعتون وڪرو ڪرڻ لاءِ آڇيون ويون، انهن کي جيڪڏهن ۾ن حصن ۾ ورهائجي، مثال طور: 15 سيڪڙو منافعي کان مٿي ۽ باقي گهٽ واريون، تہ انهن مان 15 سيڪڙو کان گهٽ وارين صنعتن جي اثاثن جي ڪل مالیت 27 ارب روپيا ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن اسٽيل مل کي ان قطار مان ڪڍي ڇڏجي تہ ڪل اثاثن جي مالیت 6.4 ارب روپيا ٿئي ٿي. انهن کي پرائيويٽائيز ڪرڻ سان 2.05 (ڏهائي ۾ ڏي ۾) سيڪڙو efficiency ۾ حاصل ڪونہ ٿي ٿئي ۽ باقي سرڪار جي سمورين ڪوششن باوجود نقصان ۾ ويندڙ ادارن کي خريد ڪرڻ لاءِ ڪوئي تيار نہ آهي. UBL جي ڪيس ۾ تہ منافعي ۾ ويندڙ اداري لاءِ ۾ ڪا خاص قسم جي چگي ۽ گهربل آڇ ڪونہ ٿي. خيال ڪيو وجي ٿو تہ UBL کي ۾ ڪافي گهٽ اگهہ تي وڪيو ويو آهي. جيڪو خيال هو تہ ادارن جي نجي شعبي ۾ وڃڻ سان انهن جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي، پيداوار ۾ اضافو ٿيندو، چاڪاڻ تہ نجي شعبي جو واسطو صرف منافعو ڪمائڻ سان هوندو آهي، پر فيڪٽر مارڪيٽ ۾ قيمتن ۽ ۾ين ڪيترن Distortions جي ڪري ۽ وسيع رعايتن جي ڪري اهو گهربل مقصد ۾ پورو نہ ٿي سگهيو. صرف فرٽيلائيزر جو ئي مثال ونو، جنهن ۾ 3 صنعتي يونٽ قومي تحويل ۾ ۽ پنج يونٽ نجي شعبي ۾ آهن. مقابلي بازيءَ جي هوندي ۾ قومي فرٽيلائيزر جي ڪارڪردگي ڪافي بهتر آهي.

ڪجهہ معاشي ماهرن جو خيال آهي تہ نجي شعبي کي اهي گهربل سهوليتون ميسر نہ آهن، جيڪي هئڻ گهرجن، مثال طور: انهن جو خيال آهي تہ سرڪار جي مالي خساري جي ڪري، قرضن جي سهوليت گهٽ آهي، قيمتن تي سرڪاري قبضو آهي،

سيڙپڪاريءَ لاءِ رعايتون ۽ نجي شعبي ۾ ڪافي رڪاوٽون آهن، انهن کي هٽايو ته نجي شعبي جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي. ماهرن جو خيال آهي ته سرڪار جي ڪردار جي ڪري پرائيوٽائيزيشن جون پاليسيون ناڪام ٿيون آهن، مالي خساري جي ڪري وسيلن جو رخ نجي شعبي بدران، قومي شعبي ڏانهن ٿي ويو ۽ قرضن جي سهوليت نہ هجڻ ڪري ۽ وياج جو اڳهه 2 سيڪڙو رکڻ سان سيڙپڪاري متاثر ٿي.

هاڻي نتيجو اهو نڪتو، جو نہ ته صنعتون صحيح هٿن ۾ ويون ۽ نہ گهربل نتيجا حاصل ٿي سگهيا. مالي خسارو ۽ بچيٽ جو خسارو الٽو وڌندو رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سرڪار جي نوٽن ڇاپڻ ۽ قيمتن وڌڻ ڪري پيداواري جزن جون قيمتون وڌي وڃن ٿيون. قرضن جي سهوليت گهٽبي وڃي ٿي ۽ جيڪي صنعتون پهريان سرڪار کي ايڪسائيز ٽئڪسون ڏينديون هيون، نجي شعبي ۾ وڃڻ سان انهن ٽئڪسن جون وصوليون ڪافي گهٽجي ويون، جنهن جو ٽوٽل نتيجو بہ ڪاٽو نڪتو آهي.

نجڪاريءَ جي عمل مان جيڪا مقابلي بازيءَ جي توقع هئي، اها بہ پوري نہ ٿي سگهي، ڇوتہ سرڪاري ۽ قومي تحويل ۾ هوندي بہ صنعتون گهٽي ياڳي نجي شعبي سان اڳ ئي مقابلي ۾ هيون. هن عمل سان بہ ڪا خاطر خواهہ تبديلي نہ آئي ۽ نجڪاريءَ جي عمل مان ڪل ملڪي پيداوار جي صرف 0.6 سيڪڙو آمدني متوقع آهي، ڇاڪاڻ ته سمورين قومي صنعتن کي نجي شعبي ۾ ڏيڻ سان ڪمائيءَ جو تخمينو صرف 51 ارب روپيا ملڻ جي اميد آهي، جڏهن ته بچيٽ جي خساري جو سالياتو تخمينو تقريباً ملڪي پيداوار جو 6 سيڪڙو آهي ۽ ملڪي ۽ ٻاهريون قرض، تقريباً 30 ارب ڊالر ٻاهريون ۽ 8 ارب روپيا ملڪي آهي.

خيال هو ته نجڪاريءَ جي عمل سان عام ماڻهن جي مالڪيءَ کي به يقيني بڻايو ويندو، پر ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ بچتن جي شرح تمام گهٽ آهي، اسٽاڪ ۽ ڪيپيٽل مارڪيٽ تمام سوڙها آهن ۽ سيڙپڪاريءَ جي شرح اوپر ايشيائي ملڪن جي پيٽ ۾ نه هئڻ برابر آهي. پاڪستان جو عام ماڻهو اهڙي سيڙپڪاريءَ لاءِ اجان تيار ئي ڪونه ٿيو آهي.

ان سڄي بحث جو مطلب هي آهي ته صنعتون پلي ڪٽي نجي شعبي ۾ هجن يا قومي تحويل ۾ هجن، اهي بنيادي طرح بيمار ۽ غير مقابلي باز نه هوندیون آهن، پر حڪومت جون غلط پاليسيون انهن کي Inefficient بڻائين ٿيون. انهن کي نجي شعبي ۾ ڏيڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي ۽ نجڪاريءَ جي عمل جو صرف هڪ ئي مقصد هئڻ گهرجي ته جيڪي صنعتون نجڪاريءَ جي عمل سان Efficient ٿين ٿيون، انهن کي پرائيوٽائيز ڪيو وڃي ۽ جيڪي قومي صنعتون انهيءَ ڪري منافعي ۾ نه آهن جو انهن کي خاص رعايتون مليل آهن پر اهي واقعي ئي پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ پيداواري عمل ۾ نيڪ آهن.

انهيءَ ڪري صرف مالڪيءَ جي تبديليءَ سان نه رڳو ضروري پر اهم گهرجون به پوريون نه ٿيون ٿين، جو صنعتون Efficient ٿين، انهيءَ ڪري ان جو واحد حل اهو آهي ته قومي ۽ نجي شعبي کي گڏوگڏ هلائجي، ڇاڪاڻ ته گذريل 9 سالن ۾، يعني 1978ع کان 1988ع تائين، صنعتي پيداوار جي شرح تقريباً 9.8 سيڪڙو هئي ۽ هڪ بي ڳالهه ته ڇا سرڪار پنهنجي واعدي مطابق نجي عمل مان حاصل ڪيل آمدنيءَ کي Social Action Program لاءِ خرچ ڪندي؟ اهو سرڪار جي ماهوار خرچن ۽ بجيٽ جو خسارو پورو ڪرڻ ۾ پورو ٿي ويو ۽ هينئر ورلڊ بئنڪ ۽ بين الاقوامي

مالياتي ادارن جي زور تي جون 96ع کان ٽيندڙ ڪمائيءَ کي قرضن لاهڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو. آئنده ڪهڙي ڪمائي ٽيڻ جي توقع آهي؟ ان مان رشوت ۽ ڪرپشن کي ڪٽي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مجموعي طرح نجڪاريءَ جي عمل مان ڇا حاصل ٿيو ۽ ڇا وڃايو.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

بجيٽ جو خسارو ۽ ميڪرو اڪنامڪ مئنيجمينٽ

بجيٽ جو ڏينهن سڄي سال جي اُپٽ ۽ ڪپت جو پوتاميل پيش ڪرڻ جو ڏينهن هوندو آهي، انگن اکرن جي جادوگري ڏيکارڻ جو ڏينهن هوندو آهي، عوام کي ملڪ جي دفاعي حالتن ۽ نظرياتي سرحدن جي حفاظت خاطر قربانيون گهرڻ جو ڏينهن هوندو آهي، ڪائنڪ ملڪ جي سالميت، عام پلائي ۽ ميڪرو اڪنامڪ مئنيجمينٽ جي ڪارڪردگيءَ جي بهاني ۽ ڏکيا لفظ ٽي- وي تي ڳالهائي، انگريزيءَ ۾ ملڪ جي معيشت جي بهتر هجڻ جا سچا ڪوڙا دليل ڏئي، ڪائنڪ رت ۽ ست جي پورهئي مان ڪمايل چند روپيا بہ ڪسجڻ جو ڏينهن هوندو آهي. پلا ويچارن عام ماڻهن کي ملڪ جي معيشت جي نظام ۽ سرڪار جي بهادرانہ، دليرانہ ۽ ڏاهپ سان ٺمٽار معاشي پاليسين جي ڪهڙي خبر؟ هنن کي تہ رڳو اها خبرآهي تہ اٽي، چانورن، گيهہ، ڪنڊ ۽ ڪير جي قيمت هينئر ڪيتري آهي ۽ گذريل سال ۾ ڪيتري هئي! هو سرڪار سڳوريءَ جي ڪارڪردگي، سندس ڏنل بجيٽ ۽ معاشي پاليسيءَ سان گهٽ، بلڪ پنهنجي آمدني ۽ خرچن جي حساب سان وڌيڪ پيٽ ڪرڻ ڄاڻن ٿا. هنن مسڪين ۽ عام ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ مرسڊيز يا F-1 جي قيمت ڪيتري آهي يا حڪومت ٻاهرين ادارن ۽ حڪومتن کان ڪيترو قرض کڻي ٽي؟ کين اها بہ خبر ڪانهي تہ سندن مٿان قرض جو ڪيترو سراسري بار آهي، جيڪو سڌي اڻ سڌيءَ طرح هر سال ٽئڪسن جي صورت ۾ سندن کيسي مان نڪري ٿو.

ڳالهہ ڪئيسون پئي سالياتو پوتاميل پيش ڪرڻ جي.....! حڪومت هڪ دفعو وري عوام کي قرباني ڏيڻ جو سڏ ڏنو آهي. "ڪراچيءَ ۾ آل پاڪستان ٽيڪسٽائيل ملز ايسوسيئيشن جي

ميٽنگ ۾ خطاب ڪندي وزيراعظم چيو تہ هن سال بجيٽ ۾ 40 ارب روپين جا نوان ٽئڪس لڳايا ويندا." گڏوگڏ اهو بہ اعلان ڪيو ويو آهي تہ اضافي ٽئڪسن سان ڪيترن سالن کان مسلسل بجيٽ جي خساري کي ممڪن حد يعني 4 سيڪڙو ملڪي پيداوار جي شرح جي برابر آندو ويندو، تيستائين ڪجھ سال قرباني ڏيڻي پوندي. وزيراعظم جي لفظن ۾، تہ بجيٽ جو خسارو سندس 1990ع جي دور ۾ 5.6 سيڪڙو هو، جيڪو نواز شريف جي دور ۾ وڌي وڃي 8 سيڪڙو ملڪي پيداوار جي نسبت سان ٻيڻو، پر اهو خسارو هينئر جون 30 تائين 5 سيڪڙو ٿي ويندو ۽ سندس 1998ع جي اڳڪٿين مطابق اهو 5.3 سيڪڙو ٿي ويندو. وڌيڪ فرمايائين تہ حڪومت جي آمدنيءَ ۽ خرچن ۾ وڏو فرق آهي. آمدني 280 ارب روپيا آهي، جڏهن تہ خرچ 500 ارب روپيا آهي. جيڪڏهن سندس ئي ڏنل انگن اکرن جو حساب ڪتاب ڪجي تہ بجيٽ ۾ خسارو 220 ارب روپيا ٿئي ٿو، جيڪڏهن ان کي ملڪي پيداوار جي نسبت سان پيٽجي تہ بجيٽ جو خسارو 5 سيڪڙو نہ بلڪ 10 سيڪڙو ملڪي پيداوار جي نسبت سان بيهي ٿو. هن سال 97-1996ع ۾ 186 ارب روپيا قرض ۽ وياج جي ادائيگين ۾ هليا ويندا، جيڪي گذريل سال جي پيٽ ۾ 26 ارب روپيا مٿي آهن ۽ لڳ ڀڳ 135 کان 145 ارب روپين تائين دفاع جي خرچن لاءِ آهن، (جيڪي گذريل سال 11 سيڪڙو وڌايا ويا ۽ هن سال پڻ 15 سيڪڙو وڌڻ جو امڪان آهي.) هاڻي جوڙ ڪجي تہ رڳو انهن بن اڪائونٽن ۾ ئي ملڪ جي وسيلن جي ٻيڙي گل ٿي وڃي ٿي، باقي رهيو سوال تہ ڊولپمينٽ، جنرل ايڊمنسٽريشن، سوشل سيڪٽر، صحت، تعليم، بجلي، پاڻي لاءِ پئسا ڪٿان ايندا؟ ظاهر آهي يا تہ قرض کڻبو يا وري نوان نوٽ ڇاپبا، حڪمرانن جي حڪم مطابق نوان ٽئڪس

لاڳو ڪرڻا پوندا ۽ قربانين لاءِ تيار ٿيڻو پوندو! قيمتون جيڪي اڳ ۾ ئي آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿيون، روپئي جي قيمت/ ملهه ڪرڻ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو پيو ٿيندو وڃي. ادائيگين جو توازن خراب آهي، زرِ مبادلہ جا ذخيرا خالي آهن، ٽئڪس جي اوڳاڙي خراب آهي ۽ حڪومت جو اعلان آهي تہ ميڪرو اڪنامڪ مئنيجمينٽ پئي ٿئي.

ٽئڪسن هٽڻ کان اڳ هڪ ڳالهه جو خيال رکيو وڃي تہ انهن جو مجموعي طرح اثر معاشي سرگرميءَ تي ڪهڙو پوي ٿو، ٽئڪس Distortionary آهن يا برابريءَ جي بنياد تي بينل آهن. ٽئڪسن جو هڪ عالمي اصول آهي تہ جيڪو ٽئڪس ادا ڪري سگهي، ان تي ٽئڪس جو بار وڌو وڃي. انگريزيءَ ۾ ان کي Tax-Incidence سڏيندا آهن. جن طبقن تي ٽئڪس لڳڻ کپي، انهن کي ٽئڪس جي ڇوٽ آهي، مثال طور: انڪم، ڪارپوريٽ ۽ ويلٿ ٽئڪس ۾ وڏن امير ماڻهن جي ادائيگيءَ جو Ratio تمام گهٽ آهي. جڏهن تہ ملڪ ۾ اڃ سڌين ٽئڪسن جي شرح 5.8 سيڪڙي کان بہ مٿي آهي ۽ انڪم ٽئڪس تہ خاص ڪري رضاڪارانہ Returns پرڻ سان گهٽ، پر With Hold ۽ Presumptive انداز ۾ ڪٽوتي وڌيڪ آهي. نون ٽئڪسن ۾ 1000 ايڪڙ زمين رکندڙ صرف 5 هزار روپيا سالياني ٽئڪس ڏيندو، جيڪو جاگيردارن جي لاءِ ڪا معنيٰ نٿو رکي. ٻئي پاسي دوڪاندارن کان وڻي عام ڏنڊي تائين جنرل سيلز ٽئڪس لاڳو ڪيو ويندو. فليٽ ٽئڪس ريٽ ۾ سيني ماڻهن کي هڪجهڙي انداز ۾ Deal ڪرڻ معاشي ناانصافي آهي. هڪڙو ماڻهو جنهن کي 8 ٻار آهن، هن جي گهرواري بيمار آهي، هو پاڻ پوڙهو آهي، ڪيس نياڻين جون شاديون ڪرائٽيون آهن، اهو بہ ساڳيو ٽئڪس ڏئي تہ هڪ غير شادي شده، شام جو ڪلبن ۽ جيمخاني ۾

ويندڙ ٻہ ساڳيو ٽئڪس پري. جيڪڏهن ٽئڪسن جو نظام معاشي اصولن جي برابري ۽ ڪارڪردگيءَ جي اصولن تي ٻڌل نہ آهي تہ اهي هڪ طرف معاشي سرگرميءَ جي رفتار کي گهٽائين ٿا، تہ ٻئي طرف طبقن جي وچ ۾ آمدنيءَ جي فرق ۾GAP کي ٻہ وڌائين ٿا. ٽئڪس جون نيون تجويزون پروپوزل، جيڪي غير معاشي ماهرن ويهي ناهيا آهن، انهن تي غور ڪريو تہ اٿي، لٿي ۽ اجهي وارو نظريو مذاق نظر ايندو.

تاريخي طرح ڏٺو وڃي تہ 1994ع کان وٺي بجيٽ جي خساري کي پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت 95-1994ع ۾ 45 ارب روپين جا ٽئڪس متعارف ڪرايا، جيڪي بعد ۾ صنعتڪارن جي هڙتالن جي ڪري گهٽائي 25 ارب روپين تائين Revised ڪيا ويا. 96-1995ع ۾ يعني گذريل سال جي بجيٽ ۾ اٽڪل 17 ارب روپين جا نوان ٽئڪس لڳايا ويا ۽ وري هن سال 97-1996ع ۾ 40 ارب روپين جا ٽئڪس متعارف ڪرائڻ لاءِ "قرباني گهرڻ" لاءِ بجيٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. لڳي ائين ٿو تہ هينئر سرڪار عوام کان اڳ جمهوريت لاءِ قربانيون، ان کان اڳ آزاديءَ لاءِ قربانيون ۽ هينئر سندس سرڪار لاءِ ٽئڪسن جون قربانيون گهري پئي. حڪومت پلي ڪٽي ڪيترا ٻہ اعلان ڪري تہ ٽئڪسن جو عام ۽ غريب طبقي تي ڪو اثر نہ پوندو، پر ڇا ٽئڪسن ۽ بجيٽ جي خساري، ٻئنڪن کان قرض، عالمي مالياتي ادارن کان قرض ۽ انهن جي ادائيگين لاءِ وياج جون قسطون عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي خراب اثر نٿيون ڇڏين؟ سرڪار جي گذريل سال جي پاليسين جي ڪري روپئي ۾ لاٿ، تيل جي قيمتن ۾ اضافو، گئس، بجلي، ٽيليفون ۽ پاڻيءَ جي اڳهن ۾ اضافو، (توڙي جو تيل جي قيمتن ۾ اضافو هڪ طرفو ڪيو ويو. ڇو جو عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڪو اضافو ڪونہ

ٿيو هو) حڪومت جا معاشي ماهر شاهد حسين خان ۽ وي-اي جعفري قيمتن جي اضافي جي ڪري هيٺين طبقن تي پوندڙ خراب اثرن تي خاموش آهن ۽ هينئر جيڪي ٽئڪس متعارف ڪرائجن ٿا، انهن جي قيمتن تي ڇا اثر پوندو؟ حڪومت جنوري 96ع ۾ وزيرِ تجارت جي نگرانيءَ ۾ اطلاعات جي وزير ۽ بورڊ آف ريونيو جي هڪ عملدار تي مشتمل هڪ ڪاميٽي ٻه ڏاهي آهي، جن انهن ٽئڪسن لاءِ پروپوزل ڏاهيا آهن ۽ سرڪاري ڪامورن ۽ سياستدانن تي مشتمل ڪميٽي (جيڪا ٽئڪسن جي ڪارڪردگي، اهميت ۽ ان جي اثرن ۽ بنيادي معاشي نظرين کان وانجهيل آهي) ڀلا ڪهڙا رفارم ۽ رٽون ڏئي سگهي ٿي؟ مثال طور: انهن مان ڪجهه وڌين جاکوڙن ۽ ڏاهپ جي مشقن کان پوءِ هي آهن:

- سرڪاري ملازمن جي سموري پگهار تي ٽئڪس هٽڻ ڪپي.
- هڪ لک روپيا سال ۾ ڪمائيندڙ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ 5000 روپيا ٽئڪس ڏئي يا هڪ مهيني جو پگهار ان مهيني ۾.....؟
- پان، بيڙيءَ جي دڪانن، ڳوناڻن دوڪانن کان شهرن جي دڪانن تائين سالياني گهٽ ۾ گهٽ 12 هزار يا وڌ 40 هزار روپيا ٽئڪس.
- ڳرين قيمتن وارين شين جي خريداريءَ تي 10 سيڪڙو ٽئڪس، ٽي- وي ۽ ريڊيو لائسنس في ڪي پرائيويٽ سيڪٽر جي حوالي ڪيو وڃي.
- ميونسپل جي حد ۾ هر دڪان تي 300 روپيا سالياني، سگريٽ جي دوڪان تي 1200 روپيا، جيڪڏهن مارڪيٽ هجي تہ 6000 کان 12000 تائين. سونارن جي دوڪانن تي 24 هزار روپيا سالياني.
- وڏن شهرن ۾ مٽين دڪانن تي 1200 روپيا سگريٽن جي دڪان تي ۽ 120000 سونارن جي دڪان تي.

- هوٽلن تي 36000، اسٽيٽ ايجنسين تي، 24000، ڊراءِ ڪلينرز تي 24000، بيوٽي پارلر تي 36000 ۽ اهڙي طريقي سان ڊاڪٽرن، انجنيئرن، وڪيلن ۽ پروفيسرن اڪائونٽن تي، وڊيو شاپس تي وغيره.

اهي ته ٿيا سڌا ٽئڪس ۽ ايگريڪلچر ٽئڪسن ۾ هر آبپاشيءَ واري زمين جي هڪ ايڪڙ تي 50 روپيا ۽ غير آباد زمين تي 10 روپيا سالياني ٽئڪس.

هن سال سرڪار جيڪو سپ ڪان وڌيڪ زور پئي ڏئي، اهو آهي جنرلائيزڊ سيلز ٽئڪس (GST) تي ڏئي رهي آهي، جيڪو اٽڪل 200 ضروري شين تي اٽڪل 15 سيڪڙو جي حساب سان لڳندو. حڪومت ان لاءِ دليل ڏئي ٿي ته اهو IMF ۽ ورلڊ بئنڪ جو دباءُ آهي، حالانڪ اهڙي قسم جا ٽئڪس جن ۾ دستاويزن يعني اڪائونٽن جو حساب ڪتاب رکڻ، ملازم رکڻ وغيره تي وڏا خرچ آهن ۽ اهي ٽئڪس ته ترقي يافته ملڪن ۾ به ناپائيدار آهن، مثال طور: اهي ٽئڪس آمريڪا وغيره ۾ به ڪونهن. سرڪار سالن ڪان GST لاڳو ڪرڻ تي زور ڏيو ٻيڻي آهي. ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم-ايف، جن لاءِ مشهور آهي ته سندن پاليسين ۾ "انساني چهرو" ڪونهي، سو مٿيان ادارا دفاع ۽ سرڪاري شاهه خرچي بند نه ڪرائيندا. حڪومت جيڪا گذريل ڪيترن سالن ڪان 60-60 ارب روپين جا نوٽ ڇاپي ٿي، 30-30 ارب روپيا سالياني بئنڪن ڪان قرض کڻي ٿي، اهو بند ڪونه ڪرائي سگهيا آهن، باقي روز روز ڳالهيون پيون ٿين ته تيل ۽ بنيادي خدمتن، بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٽيليفون جا اڳهه وڌايو، نوان ٽئڪس لاڳو ڪرايو، وسيلن جي ڪوٽ آهي. بجيٽ ۾ خسارو آهي! پلا جيڪڏهن بجيٽ جو خسارو پورو ڪرڻو آهي ته ڇو نه حڪومت صنعتڪارن ۽ جاگيردارن کي ڏنل هڪ ڪرب ڪان مٿي ڏوکڙ، جيڪي ڦاٽل آهن، انهن ڪان اوڳاڙي ۽ غير ضروري طرح ورتل قرض ۽ انهن

جو غلط ۽ غليظ استعمال بند ڪري، سرڪاري ۽ ڪامورڪي شاهه خرچي ۽ ڪرپشن ختم ڪري، F-16 ۽ فرانسيسي ميرين ونڊ بند ڪري، (ياد رهي ته مٿين ٻنهي خريدارين جو تخمينو اٽڪل 60 ارب روپين کان وڌيڪ آهي) اها رقم جيڪا ايندڙ سال لاءِ 10 سيڪڙو تعليم جو معيار بلند ڪري سگهي ٿي، اٽڪل 40 سيڪڙو آبادي ڪي صاف پاڻي مهيا ڪري سگهي ٿي ۽ اٽڪل سموري لوڊشيڊنگ ختم ڪري سگهي ٿي. هن گرميءَ ۽ لوڊشيڊنگ جي ڪري پنجاب ۽ اتر سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ روز ڪيترائي ماڻهو گرميءَ وگهي مري وڃن ٿا. شايد ايترا ماڻهو جمهوريت لاءِ يا MRD جي جدوجهد ۾ نه مئا هئا، پر سرڪار کين ٽرانسفارمر ۽ بجليءَ جي سهوليت به مهيا ڪري ڏئي ڪونه ٿي سگهي ۽ دعوىٰ ڪري پئي ته قوم کي اسين 21 هين صديءَ ۾ وڃي وجڻ لاءِ تياريون ڪريون پيا ۽ ساڳيءَ اخبار جي خبر آهي ته جيڪب آباد جهڙي گرم ترين علائقي ۾ 70 ٽرانسفارمر سڙيل، پورو ضلعو 15 ڏينهن کان اونداهيءَ ۾. بجليءَ کان سواءِ ملڪ ۾ ميڪرو اڪنامڪ مئنيجمينٽ پئي ٿي!

ملڪ ۾ ڪو معاشي ضابطو ۽ ڊسيپلين ڪونهي، قيمتن تي ڪو ڪنٽرول نه آهي، افراطِ زر جي شرح ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ٿي، بئنڪن جي قرضن کان وڌي نوٽن ڇاپڻ تائين صورتحال نازڪ آهي. الٽو دفاع جي خرچن ۾ اضافو، قرضن جون قسطون ۽ گڏوگڏ 40 ارب روپين جا نوان ٽئڪس متعارف ڪرائڻ. بجيٽ جو سال ڪنهن به طرح ايذائن ۽ عذابن جي سال کان گهٽ ڪونهي. عام ماڻهو اڳ ۾ وڌيرن، جاگيردارن ۽ دهشتگردن جي عذاب هيٺ رهيا آهن ۽ هينئر سندن مٿان معاشي عذاب نازل ڪرڻ عوام جي خدمت نه پر سندن معاشي آزادي ۽ جيئڻ جي حق تي ڏاڙو هڻڻ برابر ٿيندو.

ڇا اتي، لٽي ۽ اجهي جا نعرا هڻندڙ ۽ معاشي انصاف جا خواب ڏسندڙ پٽي مرحوم اهڙي جمهوريت جا خواب ڏٺا هئا، جنهن ۾ عام

ماڻهوءَ کان پيٽ جو گرهه، تن جو لٽو ۽ رهيل سهيل اجهو به کسيو وڃي!؟

جه سي لوڙائو ٽيا، جنين سندي ڏير،
ته ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.
(شاهه لطيف)

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

نئين وفاقي بجيٽ ۾ قرضن جي عادي معيشت لاءِ ڪهڙو علاج آهي؟

ڪرونا وائرس جي هلندڙ صورتحال جي ڪري عالمي معيشت جو ساهه وينٽيليٽر تي آهي، خاص ڪري سرمائيدار دنيا جي معيشتن ۾ هڪ خاص معاشي بحران جي ڪيفيت حاوي آهي، جنهن۾ بيروزگاري هڪ ملڪ کان ٻيندي ٻين ملڪن ڏانهن تمام تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. معاشي سرگرميون رڪجي ويون آهن. اقتصادي ترقيون منفي يا ڪاٽو زون/دائري ۾ آهن. هڪ اڀياس ٻڌائي ٿو ته لڳ ڀڳ 5 ڪروڙ ماڻهو صرف آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ بي روزگار ٿيا آهن. دنيا جي لڳ ڀڳ ٻن ارب ماڻهن جي بيروزگار ٿيڻ جو خدشو آهي. حڪمران طبقا معاشي بحران جو الزام ڪرونا وائرس تي لڳائي رهيا آهن. دراصل اهو بحران معاشي نظامن جي ڪوڪلائپ کي ظاهر ڪري ٿو. هي وائرس ته عالمي معيشت جي صرف سطحي تضادن کي وائکو ڪري رهيو آهي، جيڪي سرمائيداراڻي نظام جي اندر ڪيترن ڏهاڪن کان ڦهي رهيا آهن. واضح امڪان آهي ته دنيا بنيادي تضادن جي ڪري عدم استحڪام، سرد بازاري ۽ شديد طبقاتي جدوجهد جي هڪ نئين تاريخي دور ۾ داخل ٿئي. اهو ناممڪن آهي ته پاڪستاني معيشت انهن بحرانن کان متاثر نه ٿئي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي معيشت به سرمائيداراڻي معيشت آهي. سرمائيدار دنيا جي معيشتن تي دارومدار رکندڙ "قرض جي عادي معيشت" آهي. سندن معيشت جا سڀ بنياد ٻاهرين ۽ اندرين قرضن تي بيٺل آهن. خارجي يا ٻاهرئين توازن لاءِ وڏي پئماني تي ملڪ کان ٻاهر، ٻاهرئين مزدور جي

ڪمائي/ رقم ۽ بين الاقوامي ادارن کان قرض ونڊ تي پاڙي ٿي. اندروني توازن لاءِ اها اندروني ۽ باهرين قرضن جي ذريعن تي دارومدار رکي ٿي. زرعي پيداوار لاءِ ان جو موسمي حالتن تي دارومدار آهي. صنعتي ترقيءَ لاءِ اها توانائيءَ جي وسيلن جي محتاج رهي ٿي. باقي معيشت، خدمتن ۽ غير رسمي معاشي سرگرمين تي منحصر يا دارومدار رکندڙ معيشت آهي.

پاڪستان جي تازي اقتصادي سروي 2019-20ع مطابق مجموعي قومي پيداوار (جي ڊي پي) جي واڌ منفي 0.38 آهي، جنهن جو مطلب آهي ته اسان گذريل سال جي پيداوار جي مقابلي ۾ ڪاٽو يا گهٽ پيداوار ڪئي آهي. مجموعي قومي پيداوار جي واڌ جي عارضي شرح مالي سال 2019-20ع زرعي شرح 2.67، صنعتي شرح منفي 2.67 ۽ سروسز شعبن ۾ واڌ منفي 0.59 آهي. اندازو آهي ته عام قيمتن ۾ چاڙهه ٿئي. افراطِ زر/ قيمتن ۾ چاڙهه جنوري 2020ع ۾ 14.6 سيڪڙو تائين وڌي ويو. معاشي سرگرمين ۾ سستي اچڻ جي ڪري ممڪن آهي ته بيروزگاري ۾ اضافو ٿئي، في ڪس آمدنين ۾ گهٽتائي اچي ۽ غربت ۾ اضافو ٿئي. اڳ ۾ ئي 8 لک کان وڌيڪ ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن. ڪاروبار بند آهن، غير رسمي مزدورن ۽ روزاني اجرت جي مزدورن جي حالت تمام خراب آهي. مارچ 2020ع جي آخر ۾ داخلي قرض 22،478 بلين روپيا رکارڊ ڪيو ويو آهي. باهريون قرض 110بلين ڊالر تائين پهچي ويو آهي، جيڪو مجموعي پيداوار جو 88 سيڪڙو آهي.

هن سال جي بجيٽ، خساري واري بجيٽ آهي. تقريباً 3437 ارب روپيا خسارو آهي، جيڪو جي-ڊي-پي جي 7 سيڪڙو جي برابر آهي. اهو خسارو، عوام ۽ بئنڪن کان قرض ونڊ سان ۽ اثاثن جي نجڪاري جي ذريعي پريو ويندو. مجموعي آمدنيءَ وارا

وسيلا، جن ۾ ٽيڪس ۽ نان ٽيڪس، آمدني ۽ قرض ونڊ سوڏو 7136 بلين روپيا هوندو. ٽيڪس مان آمدني 5484 ارب روپيا ۽ نان ٽيڪس آمدني 1100 ارب روپيا هوندي ۽ باقي بجيٽ جو خسارو هوندو. ان مان صوبن جو حصو 2874 ارب روپيا هوندو. جڏهن ته موجوده ۽ غير ترقياتي خرچ 6345 ارب ۽ ترقياتي خرچ 792 ارب روپيا ٿين ٿا. صرف وياج/سود جي ادائيگي ۽ قرض جي واپسيءَ تي خرچ 2946 ارب روپيا هوندو. 470 ارب روپيا پينشن تي خرچ (جنهن مان 369 ارب فوجي پينشن)، 1289 ارب دفاع تي خرچ، گرانٽس ۽ ٽرانسفر 905 ارب روپيا، سبسڊي/ڇوٽ 209 بلين روپيا ۽ سول حڪومتي خرچ 476 ارب روپيا هوندا.

نانيِ نوريءَ جي سادي حساب ڪتاب موجب ملڪ ۾ ٽيندڙ هرهڪ روپئي جي خرچ تي 42 پيسا وياج ۽ قرض جي ادائيگيءَ ڏانهن ويندا. 23 پئسا فوجي خرچن تي، 12 پئسا گرانٽس ۽ ٽرانسفرز ڏانهن ويندا، 06 پئسا وفاقي حڪومت هلائڻ ۽ 09 پيسا ڊيولپمينٽ / ترقياتي خرچن تي خرچ ٿيندا. ائين 'نانيِ نوريءَ' جي گهرو بجيٽ جو خرچ ڪم ڪندو.

انهن انگن اکرن کان سواءِ اڃو ته وڌيڪ ٻين پاسن کان ان جو جائزو ونڊون. ملڪ جي مالياتي/ناڻي پاليسي (Fiscal Policy) حڪومت جي بجيٽ کي معيشت تي اثرانداز ڪرڻ لاءِ (خرچ ۽ لاڳو ٽيڪس) استعمال ڪرڻ جو اوزار هوندي آهي. اهڙيون پاليسيون عام طور تي پيداوار ۽ معيشت جي واڌاري لاءِ استعمال ٿيندڙيون آهن. ان جي ابتڙ، پنهنجون پاليسيون متضاد يا ٽڪراءَ ۾ آهن. مطلب ته مالياتي پاليسي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ۽ خرچن ۾ سادگيءَ جي نوعيت واريو ن آهن. يا ته غير ترقياتي خرچ وڌي وڃن ٿايا ٽيڪس آمدنيءَ ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي. نتيجي ۾ بجيٽ جو

خسارو وڌي وڃي ٿو، جنهن جي ڪري مالي خساري جو پورائو ٻاهريون ۽ اندريون قرض وڻي يا استيٽ بئنڪ کان قرض وڻي پورو ڪيو وڃي ٿو، سرڪار جي شاهاٽن خرچن جو پورائو نوٽ ڇاپي ڪيو وڃي ٿو، متاستا جي وسيلن جي ذخيرن ۾ واڌ، ٻاهريون قرض ڪٽي پوري ڪئي وڃي ٿي.

بچاءَ لاءِ هٿيار خريد ڪرڻا هجن، ڊيم ناهڻا هجن يا ڪي وڏا پروجيڪٽ هجن، تہ آءِ- ايم- ايف ۽ ورلڊ بئنڪ ڏانهن پنڻ وارو ڪشتو ڪٽي ويندا سين، جيڪي پنهنجن شرطن تي قرض ڏين ٿا. قرضي معيشت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ سڀ کان گهٽ ۾ گهٽ خرچ (بجيٽ مان سماجي شعبن، صحت ۽ تعليم ۽ سماجي ترقيءَ تي خرچ ڪيو ويندو آهي) سماجي شعبي کي مجرماڻي حد تائين نظرانداز ڪيو ويو آهي.

هيءَ بجيٽ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان محدود مالياتي پاليسي واري لڳي ٿي. گهٽ امڪان آهن تہ هيءَ بجيٽ اقتصادي ترقيءَ سان لاڳاپيل سرگرمين کي وڌائڻ ۾ مدد ڏيندي. آمدنيءَ جا ذريعا محدود آهن. قرض لاهڻ، فوجي خرچن لاهڻ ڪانپوءِ عام حڪومت هلائڻ لاءِ مشڪلاتون ڪافي آهن، جن لاءِ 5000 ارب روپين کان وڌيڪ جي ضرورت آهي. (3000 قرض ۽ ان جي قسطن لاءِ ۽ 1300 ارب روپيا دفاع لاءِ ۽ 470 ارب حڪومت هلائڻ لاءِ).

بجيٽ نہ عوام دوست ۽ نہ ئي وري ترقيءَ جي لحاظ سان ترقي دوست آهي. خرچ آمدنيءَ کان وڌيڪ آهن. حڪومت قرض واپس ڪرڻ ۽ وڏا دفاعي خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. معاشي سست رفتاري ۽ ڪرونا بحران جي پيٽ ۾ دفاعي خرچن کي گهٽائڻ بدران انهن خرچن کي گذريل سال جي مقابلي ۾ 11 سيڪڙو تائين وڌايو ويو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ

حڪومت وٽ ٻين شعبن تي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪا مالياتي وٿي ئي ناهي. حڪومت يا ته قرض گهٽائي يا دفاعي خرچن کي گهٽائي يا ٽيڪس لاڳو ڪري. هن واري ۾ ٽيڪس جو نظام بهتر نه ڪيو ويو آهي. گهٽو ڪري معيشت غير رسمي، مخفي/ڳجهي معيشت آهي، جتي ڪنڊ، اٽي، بجلي، مالياتي معاملن ۾ ڪجهه تجارتي ۽ دفاعي_تجارتي مفاد ڪم ڪري رهيا آهن. مختلف گروهن ۽ مافيائن ڪاميابيءَ سان معيشت مان وڌ کان وڌ معاشي مسواڙ حاصل ڪرڻ، معاشي اقتصادي پاليسين، قانونن ۽ ڪمزورين مان فائدو حاصل ڪري ورتو آهي.

حڪومت وٽ مالياتي وٿي محدود آهي. حڪومت ماڻهن تي خرچ ڪرڻ لاءِ ٽيڪس آمدني وصول ڪندي آهي، ته جيئن عوام تي ترقيءَ جي شڪل ۾ واپس ٿئي. لڳي ٿو ته حڪومت وٽ واپس ڏيڻ جي گنجائش گهٽ آهي. حڪومت وڏي حد تائين زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون مهيا ڪري ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي.

پاڪستان جي سموري معاشي چرخي جو دارومدار ٻاهرين عنصرن تي بينل آهي، يعني قرض ۽ موسمي حالتن تي، جيڪڏهن قرض ملندو ۽ موسم چڱي رهندي ته معاشي چرخو هلندو، نه ته اسان جو پيارو ملڪ، زرعي ملڪ هوندي به ڪڪ، بصر ۽ ڪنڊ به ٻاهران گهرائڻ تي مجبور آهي، اها آهي معاشي ترقي. فرق اهو آهي ته ملڪ جي معاشيات پنهنجن پيرن تي بينل نه آهي يعني پاڻ پري ۽ پائيدار نه آهي. ڪيس امداد ۽ قرضن، دوائن ۽ انجيڪشنن جي ضرورت آهي، جيڪي ڪيس بار بار ٻاهرين امدادن ۽ قرضن جي صورت ۾ ملن ٿيون، انهيءَ ڪري معاشيات جا ڄاڻو (Economist)ڪيس debt -addicted/، قرضن جي عادي معيشت يا اوڏر جي عادي معيشت سڏين ٿا.

اسان کي ڏسڻو اهو آهي ته ملڪ کي ائين لولو لنگڙو ڪري بيهارڻ جا ذميوار ڪير آهن؟ دراصل ملڪ کي قرض جي بيساکين تي بيهارڻ جا ذميوار حڪمران طبقا ۽ سندن غلط معاشي پاليسيون آهن، جيڪي سينيون/صنعتڪار نواز ۽ جاگيردار نواز رهيون آهن. 1950ع کان وٺي چند سرمائيدارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ معاشي ۽ صنعتي ترقيءَ جي نالي ۾ سرمائيدارن کي قرض ڏنا ويا. زرعي واڌو سرمائي کي، صنعتي ترقيءَ ۾ لڳائي، زرعي ترقيءَ جي رفتار کي متاثر ڪيو ويو. نتيجي ۾ صنعتي زراعت جي توازن کي ڏڪ لڳو. زرعي شيون سستي اڳهه تي وٺي شهرن ۾ ايا ۽ سستي اڳهه تي وڪرو ڪيون ويون، زرعي واڌو برآمد جي سرمائي کي چند سرمائيدار گروپن لاءِ مخصوص ڪيو ويو. جاگيردار نواز ۽ سرمائيدار نواز پاليسين جي ڪري ملڪ مٿان چند ٽولن جي حڪمراني قائم ٿي، اقتدار تي چند سرمائيدار ٽولا قابض ٿيا ۽ سمورن جاگيردارن جي هڪ ته سياسي حيثيت وڌي وئي ۽ ٻيو ته حڪومت ۾ عمل دخل، قرضن جي سهولت ۽ مجموعي معاشي طور پاليسين جي ڪري کين وڌا معاشي فائدا پهتا. انهن عملن ۽ پاليسين جي ڪري ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ ۾ آمدنيءَ ۽ زندگيءَ جو توازن بگڙجي ويو. ملڪ تي "اصل تي وڌا" حڪمران ۽ سرمائيدار قابض رهيا ۽ نتيجي ۾ ترقيءَ جو رخ سرمائيدار ۽ جاگيردار جي حق ۾ رهيو ۽ مزيدار ڳالهه هيءَ آهي ته ورلي ڪو اهڙو ملڪ هوندو جنهن ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار سياسي ۽ معاشي طرح اهڙا قابض هجن جهڙا هتي آهن. 1980ع ڪانپوءِ SAP قرض جي نوعيت اسٽرڪچرل ايڈجسٽمينٽ پروگرام هيٺ ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم- ايف جي شرطن تي شروع ٿئي ٿي، جن جون مضبوطي (استيبلائيزيشن ۽ ڊانچي کي درست ڪرڻ جون

پاليسيون) ۾ پاڪستان جي بنيادي معاشي ڍانچي ۾ ڪو اهم ڪردار ادا نه ڪري سگھيون آهن. تجارت، سيڙپڪاري ۽ چالیهن سالن جي نجڪاري پاليسين جي لبرلائزيشن نه ئي ترقي ڪئي آهي ۽ نه ئي هن ملڪ کي ترقيءَ جي رستي تي ورتو آهي، بلڪ سادگي ۽ قرضن تي ٻڌل معيشت، غير رسمي معيشت ۾ تبديل ٿي وئي آهي جتي وڏي آبادي يا ته بيروزگار ٿي وئي آهي يا معاشي ٻڌي معيار جي ڪري اشرافيا جي تجارتي ۽ مالي مفادن هيٺ آهي.

هينئر صورتحال اتي وڃي بيني آهي ته عالمي ادارا بجليءَ، پاڻيءَ ۽ ٽيليفون جو اڳهه وڌائڻ، سرڪاري ادارا تين وال ڪرڻ ۽ غير ملڪي ڪمپنين لاءِ رعايتون گهرڻ لاءِ سخت شرط رکن ٿا، پر حڪومتي خرچ ۾ بچاءَ (فوجي خرچ گھٽائڻ لاءِ) سندن شرطن ۾ ڪا گنجائش نه آهي. نين ٽئڪسن لڳائڻ جو ڪو فائدو حڪمرانن کي ڪونه ٿو ٽئي، ڇاڪاڻ ته ماڻهن وٽ بچتن جي سگھ تمام ٿوري آهي. ٽئڪسون غير لچڪدار آهن ۽ سرڪار جو آخري هٿيار عام واهپي جي شين جون قميتون وڌائڻ سان وسيلن جي پورائي ڪرڻ تي گذارو ٽيڻ لڳو آهي، نتيجي ۾ افراطِزر جي شرح وڌي وئي آهي. اندازو لڳايو ته رڳو هن سال ڪيترا دفعا ٽماٽن، بصر، ڪڪڙ، اٽي ۽ ڪنڊ جي قيمتن ۾ اضافو ٽيو آهي. روپئي جي قيمت گھٽائڻ سان جيڪو عام ماڻهن جي زندگيءَ سان حشر ٽيو آهي، ان جي اقتدار جي ايوان ۾ وينل بلڪ ستل همراهن کي ڪهڙي خبر. حڪومت کي ان ڳالهين ڏانهن ڌيان گهٽ، الٽو مسخري ڪرڻ لاءِ اعلان ڪندا ٿا وتن ته 'شين جون قيمتون گهٽ ٽيون آهن'، 'عام ماڻهن جون زندگيون بهتر ٽيون آهن'، 'افراطِ رز جو انگ گهٽيو آهي' وغيره.

ملڪ جي قرضن جي صورتحال هيءَ آهي ته في فرد ٻن لک

روپين جو قرضي آهي ۽ هر جمندڙ ٻار جمندي ئي قرضي ٿيو وڃي ٿو. تصور ڪريو ته جيڪڏهن اهو ايڏو سارو قرض تقريباً 40 هزار ارب روپيا واپس ڪجي، ته ملڪ جا ڪهڙا ڪهڙا ٽيڪ وڪٽڻا پوندا؟ هتي طريقيڪار هي آهي ته قرض حاصل ڪري، انهن کي هڪ وڏي اقليت ۽ ان جي فائدي لاءِ استعمال نه ڪيو ويو آهي. عام ماڻهن کي بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي. تعليم ۽ صحت جون سهولتون نالي ماتر آهن. هزارين اسڪول ۽ صحت جا مرڪز بند يا نالي ماتر ڪليل آهن. هڪ وڏي اڪثريت کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه آهي. ٿر ۾ نانگن جي بچاءَ جون انجيڪشنون ڪونه آهن. بجليءَ ۽ مواصلات جون جديد سهولتون ڪونه آهن ۽ وڌيڪ قرض کڻو، ڏيم ناهيو ۽ ان مان پوءِ خوشحالي پيدا ٿيندي؟ "لوڪ لڏڻ تي- چري اڏڻ تي." وياج جو پورائو ڪرڻ لاءِ عام واهپي جي شين تي ٽئڪس لڳائبا! اها ڪرت حڪمران جاري رکيو ٿا اچن.

دراصل، جيڪڏهن هڪ زبردست معاشي منصوبہ بندي ڪري، زراعت ۽ صنعت کي ترقي ونرائجي ها، وڏي پيماني تي روزگار جون سهولتون پيدا ڪري، شهر، روڊ رستا، اسپتالون، ڪاليجون ۽ يونيورسٽيون ناهي، ماهر/هنرمند ليبر فورس پيدا ڪري، اضافي سرمائي ۽ واڌو نفعي کي عياشين بدران سيڙپڪاري ڪري صنعتي ترقي ڪئي وڃي ها، اضافي دولت تي ۽ ان جي غلط استعمال تي پابندي هنئي وڃي ها، زرعي پاليسين جي واحد ناڪاميءَ جي سبب (لينڊ رفارمس) کي ڪامياب ڪيو وڃي ها، آفيسر شاهيءَ جي وڏي سبب، سياسي فيڪٽر کي ڪنٽرول ڪيو وڃي ها، ته هوند ملڪ جي معاشي صورتحال بي هجي ها!

روزاني ڪاوش، June 21، 2020

مالياتي ايوارڊ ۾ صوبن ۽ غربت جي ماريل عوام سان ٿيندڙ ناانصافي

وفاق ۾ مالياتي جوڙجڪ عام ۽ سادي ٻوليءَ ۾، مالياتي وفاقي حڪومت جي بنيادي چرخي، اختيارن جي ورڇ ۽ صوبن يا رياستن وچ ۾ هرهڪ حڪومتي سطح تي مالياتي رشتن جو تعين ڪرڻ آهي، جيڪو مرڪز يا وفاق کان صوبن ۽ مقامي حڪومتي سطحن تي ڪن طئي شده اصولن تي ٻڌل هوندو آهي.

1858ع کان انگريز حڪومت گڏيل هندوستان ۾ رسمي ۽ غير رسمي بنيادن تي اختيارن جي ورڇ مختلف صورتن ۽ اصولن تحت ڪندي هئي.1937ع ۾ 35 ايڪٽ جي پهرين مالي ورڇ ۾ ان جي مالياتي وفاقي ڍانچي کي ٽيڪسن جي ورڇ ۽ مرڪز ۽ صوبن جي ذميوارين ۽ سياسي اختيارن جو تعين ٽيل هو. اوچائي ۽ سڌي مالياتي ورڇ (وفاق ۽ رياستن ۾) هڪڙا طئي ٽيل اصول هئا ۽ سڀ کان اهم ٽيڪس هٽڻ جا اختيار صوبائي ۽ مڪاني حڪومتن تحت واضح ٽيل هئا.

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ وفاقي جوڙجڪ هوندي ئي ان لاءِ آهي ته مختلف رياستن، صوبن ۽ لوڪل حڪومتن جي گهرجن، طلبن ۽ضرورتن جو خيال رکي، انهن جي گهربل معاشي ۽ سماجي ڪردار ۽ خدمتن کي نظر ۾ رکي، اهڙا مالياتي ڍانچا ناهيا ويندا آهن، ته جيئن مرڪز، صوبائي ۽ لوڪل حڪومتون پنهنجن وسيلن جو بهتر استعمال صلاحيت آهر ڪري سگهن ۽ گهربل خدمتون بہ بهتر انداز ۾ مهيا ڪري سگهن. ان ۾ سماجي ماحول انتهائي اهم ۽ فيصلائتو عنصر هوندو آهي. هاڻوڪين حالتن معاشي، ثقافتي ۽

سماجي اٽبرابريون ۽ سياسي چڪتاڻون، مرڪز ۽ صوبن ۾ هڪ سڌي تفريق ۽ محروميت پيدا ڪري ڇڏي آهي. نسبتاً محرومي ڪجھ صوبن ۾ حڪومتن جو بار بار ڌهڻ ۽ نھڻ، آمريتن جو هجڻ، وسيلن تي مرڪز جو ڪنٽرول ۽ صوبائي حڪومتن کي محدود وسيلن تي اختيارن، مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ سياسي ۽ مالياتي تڪرارن ۽ تضادن کي تيز ڪري ڇڏيو آهي.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ٽيو ڇا آهي تہ سياسي رياست، جيڪا بنيادي طور انهن بنيادن تي قائم ڪئي وئي هئي تہ اها فلاحي ڪردار ادا ڪندي يا قومي تعمير جي ايجنڈا جي طور تي ڪم ڪندي، پر اها وڌيڪ ترقي يافتہ (وقت کان اڳ) رياست بڻجي وئي، جيڪا پسمانده اڪثريت جي سماجي ۽ معاشي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي قابل نہ رهي. نہ ان وقت ۽ نہ هاڻي قابل آهي. رياستي طاقت، طاقتور طبقن ۽ طاقتور اشرافيا جي حق ۾ طاقت جو عدم توازن پيدا ڪري ڇڏيو آهي. بهتر ۽ ڪامياب آئيني اسڪيمون ڏيڻ جي بدران، اُها عوام جي ضرورتن کان بي معنيٰ بڻجي وئي آهي. موجوده 1973ع جو آئين، جيڪو 47 سال پراڻو آئين آهي، ان ۾ تحفظ، بين الصوبائي سياسي حقن، وسيلن، شهرين جي حقن، بين الصوبائي لڏپلاڻ، ملڪ کي جمهوري واٽ تي وڃي هلڻ يا سڀني حڪمراني ڏيڻ ۽ بين الصوبائي هم آهنگيءَ جو ماحول جوڙڻ جي سگهہ نہ آهي. آمريتي حڪمران قوتن آئين کي بار بار ختم ڪيو آهي. انهن بار بار ان جو چهرو بگاڙي ڇڏيو آهي. ان منظرنامي اندر مالياتي وفاقيت، صوبن ۾ گورننس ۽ گهڻ قومي، نسلي ۽ گهڻ مذهبي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشي ضرورتن کي سنيالڻ جو ڪم ڪري سگهندي؟

ان جو بنيادي سبب اهو آهي تہ رياست جي فطرتي شڪل جو

بنياد ئي بينڪيتي سياسي انتظامي ورثي جي اصولن تي قائم آهي. انگريز حڪمراني ڇڏي ويا پر انگريز شاهي رهجي ئي وئي. هتي جمهوري قدرن جي غير موجودگي آهي، بحث مباحثي تي سختي، غير اعلانيہ يعني اڻ ڏنل پابندي آهي. اڪثريتي بنگالي آبادي پنهنجي مالي وفاق مان بيزار ۽ مايوس ٿي وفاق ڇڏي ويئي. انهن جون شڪايتون ٻڌيون ئي ڪونہ ويون. رياستي ڪردار ۾ روين ۾ جبر آهي، تنهن ڪري رياست کي فلاحي ڪردار يا قومي بلڊنگ وارو ڪردار ادا ڪرڻو هو. پر انهيءَ جي جواب ۾ رياست ڪريندڙ ۽ لٽيندڙ يعني استحصالي ٿي ۽ سرمائيدارانہ ۽ سامراج جي توسيع يعني واڌاري جو اهڙو اوزار ٿي وئي آهي جهڙو ماڻهو ڏسي سگهي ٿو.

رياست پاڻ کي هڪ وبائي مرض وانگر بدلائي رهي آهي، تنهن ڪري 1973ع جو آئين، جنهن جي اندر مالياتي وفاق جو بيانيو 47 سالن جو پراڻو آهي، مالياتي تعلقاتن جي نوعيت، وسيلن تي مالڪي، خرچ ڪرڻ جي اختيارن، ٽيڪس هٽڻ جي اختيارن، ڏارين جي آبادگاري ۽ سنڌ ۾ سرمائي جي ڦهلاءُ، محروميت، بي روزگاري، بدحالي ۽ صوبائي حڪومتن جي گورننس طرزن ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي. ملڪ جي سالميت، قرض ۾ اضافي، عالمي مالياتي ادارن تي دارومدار، داخلي ۽ خارجي تحفظ، دهشتگريءَ، ڪرپشن، نااهليءَ ۽ دفاعي خرچن ۾ واڌاري، ملڪ جي مالياتي وفاق جي شڪل کي ئي بگاڙي ڇڏيو آهي، صوبن کي وفاق کي وفاقي حصو يا قرض لاهڻ ۾ ڏيڻ گهرجي؟ جڏهن روزگار ۽ فوجي قوتن ۾ ڪنهن بہ صوبي يا اسان جو حصو نالي ماتر هوندو آهي. اسان کي اوترو ادا ڪرڻ گهرجي، جيتري ڪنهن صوبي يا اسان جي متناسب نمائندگي هجي. جي صوبن جي شرڪت ئي نہ

هوندي يا نالي ماتر هوندي ته حصو به اوترو ئي ٿيندو. سنڌ وڌن بوٽن جي سنيال ڪرڻ لاءِ ڪوبہ نيڪو نہ ورتو آهي.

پاڪستان جي آئين جي تاريخ ڪا اهڙي چگي نہ رهي آهي. مختلف طريقن سان حڪومتي طريقا ۽ نظريا آزمايا يا تجربا ڪيا ويا آهن، پر ان هوندي اجان بہ ملڪ وفاقي پر عملي طور تي وحداني، مرڪزي نوعيت وارو آهي. پاڪستان پنهنجي ڊانچي ۾ وفاقي حڪومتي نظام هيٺ، جنهن جا ڄاتل قانوني اختيار وفاقي ۽ صوبائي سطح تي آهن، پر عملي طور طاقت جي اٽبرابري آهي، عملي مقصدن لاءِ جهڙوڪ آمريت نافذ ڪئي وئي آهي. ڪنهن بہ رياست جي ڪم جوڳي حڪمرانيءَ ۾ حڪومت لاءِ اهو لازم هوندو آهي تہ وسيلن جي ورڇ ۽ مالياتي اختيارن کي واضع ڪري تہ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ، روينيو، خرچ ۽ آمدني ڪيئن ڪجي؟ ڄاڪاڻ تہ اهڙي ورڇ ڪنهن بہ ملڪ جي پائيدار ترقيءَ ۽ وفاقي نظام لاءِ هڪ اهم جز هوندي آهي ۽ صوبائي-مرڪزي تعلقاتن جو دارومدار ئي اهڙن اختيارن جي ورڇ تي هوندو آهي. ظاهر آهي تہ پاڪستان جي وفاقي جوڙجڪ ان ڏس ۾ مالياتي اختيارن ۽ وسيلن جي ورڇ جي نظام ۾ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اختلاف، ڪٽتيون، دشمنيون ۽ ڇڪتاڻون آهن، ان کان بہ وڌيڪ وسيلن جي غير منصفاڻي ورڇ جي ڪري صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾، ڪافي حد تائين ڇڪتاڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ڄاڪاڻ تہ وفاق جو وسيلن جي گهٽائيءَ تي ڪنٽرول آهي، غير معمولي حد تائين وسيلن جو زيان ٿئي ٿو ۽ صوبن جا خدشا اوليتي بنيادن تي برقرار آهن. صوبائي حڪومتون "اصل حڪمرانن" جي ماتحت ۽ اهم مسئلن تي حڪومتن سان اتحادي آهن، جيڪي انهن سان سمجهوتا يا ناهہ ڪنديون رهيون آهن ۽ وري فوجي عدالتن تي

رضامندي ۽ فوجي سربراھ جي تقرريءَ تي رضامندي. ان کان ٻہ گھٽ امکان آھي تہ ھو ماڻھن جي حقن ۽ وسيلن جي حمايت ڪندا. سڀني مقصدن لاءِ حڪومتون، عوام جي دشمنن وانگر آھن. اھي بدعنوان، غير موثر ۽ رت چوسيندڙ ڄڙون آھن، پر اھي سڀ پنھنجي ذاتي مفادن ۾ ھميشہ گڏ ھوندا آھن. ھن وقت اھو ٻہ ممڪن آھي تہ اھي ماڻھن جي وسيلن تي سمجھوتو ڪن.

تاريخي طور وسيلن جي ورڇ، ورھاڱي کان اڳ آل انڊيا 1935ع ايڪٽ جي آئين ھيٺ ھئي. پھريون آئيني مالياتي ايوارڊ 1937ع ۾ ڏنو ويو، جنھن ۾ خاص ڳالھہ اھا ھئي تہ سيلز ٽيڪس جو اختيار صوبن وٽ ھو. ورھاڱي کان پوءِ ان ۾ تبديلي آندي ويئي. ورھاڱي کان پوءِ روينيو ايوارڊ، جنھن کي "رئيس مين ايوارڊ" سڏجي ٿو، جيڪو اپريل 1952ع ۾ ڏنو ويو، جنھن ۾ سيلز ٽيڪس صوبائي اسم ھو، جيڪو وقتي طور تي مرڪز/وفاق کي ڏنو ويو، پر اھو ھڪ شرط تي ڏنو ويو تہ ورڇ جي 50 سيڪڙو آمدني صوبن ڏانھن منتقل ڪرڻي پوندي. بدقسمتيءَ سان اُن 50 سيڪڙو آمدنيءَ وارو عذر اڃان ختم نہ ٿيو آھي ۽ نہ ئي وري سيلز ٽيڪس صوبن ڏانھن منتقل ٿي آھي.

1951ع کان 1971ع تائين ٽي NFC ايوارڊ ڏنا ويا آھن، جيڪي غير معمولي حالتن ھيٺ 1961ع، 1964ع ۽ 1970ع جي وقتن ۾ ڏنا ويا آھن. پھريان ٻہ ايوارڊ ون يونٽ جي عرصي ۾ ڏنا ويا، جن ۾ موجود چار ئي صوبا گڏي ھڪ يونٽ جي شڪل ۾ اولھہ پاڪستان ناھيو ويو، جيڪو غلط ھو. جڏھن تہ آخري ايوارڊ 1970ع ۾ ٻي مارشل لا دوران ۽ بنگال جي ڌار ٿيڻ کان ھڪ سال اڳ ۾ ڏنو ويو. بنگال جي ورھاڱي جي ٻين سببن سان گڏ ھڪ سبب ماضيءَ ۾ سندن وسيلن جي ورڇ غير منصفاڻي ھئي. 1973ع جي آئين جي

آرٽيڪل 160 مطابق، وفاق کي قومي ناڻي جي مالياتي ورڇ ۽ جوڙجڪ گهربل آهي، جيڪا جوڙجڪ اهو فارمولا طئي ڪندي ته وسيلن جي ورڇ هر پنجين سال وفاق ۽ صوبن ۾ ڪيئن ڪرڻي آهي. ڪميشن جي صدارت وفاقي ناڻي واري وزير کي ڪرڻي آهي، جنهن ۾ صوبائي ناڻي وارا وزير ۽ ٻيا ميمبر، جيڪي پاڪستان جي صدر ۽ لاڪاپيل صوبائي گورنرن جي مشوري سان ميمبر نالا ڏيئي سگهي ٿو. ڪميشن جي ڪم جي مدي جي اهميت کي صدر طئي ڪندو، يعني وفاق طئي ڪندو.

اهڙي ملڪ ۾، جنهن ۾ پهريون آئين ناهڻ ۾ پارليمينٽ کي 25 سال لڳي ويا ۽ پوءِ 5 سالن اندر ان کي ختم ڪري، غير معينہ مدت تائين نظريہ ضرورت جي آڌار معطل ڪري ڇڏيو ويو، اهڙي ملڪ ۾ اها ڪا حيرت جوڳي ڳالهہ نہ آهي ته ان ۾ آئين جي اهميت، قدر ۽ افاديت ڪهڙي هوندي.

تنهنڪري گذريل 47 سالن ۾، 1973ع کان پوءِ ست يا نو ايوارڊ ڏنا ويا آهن. 1974ع، 1990ع ۽ 1996ع، 2009ع وارا اين.ايف.سي مالياتي ايوارڊ. حيرانگيءَ جي ڳالهہ آهي ته گهٽي ياڳي مالياتي ايوارڊ اڃ چوندبل حڪومتن ڏنا، سواءِ 1974ع، 1990ع ۽ 2009ع جي ايوارڊن جي. هاڻوڪو ٽي-او-آر (Terms of Reference) وفاق جي صلاحيت ۽ صوبن ۽ ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي ضرورتن جي سنجيدگيءَ سان عڪاسي ڪري ٿو، جنهن ۾ مسٽر جاويد جبار کي بلوچستان جي نمائندگيءَ لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي ۽ اهو اڃ چوندبل شخص ان جي صدارت ڪندو ۽ ٻيا ٻہ اڃ چوندبل ماڻهو نمائندگي ڪندا، جن وٽ پنهنجي صوبي جي نمائندگي ڪرڻ جو نہ ته ڪو اختيار، اعتبار ۽ تجربو آهي، نہ ئي اسان جي بهادر حڪومتن ڪڏهن ڏيڻا گڏڪرڻ جي زحمت ڪئي آهي. ڪجهہ

تجرباتي فيصلا ڪرڻ لاءِ ماهر صلاح مشورا ڪندا ۽ پنهنجن ماڻهن کي آئيني فورمن ۾ سڌي نموني نمائندگي ڏيندا.

پاڪستان جي آئيني تاريخ وانگر اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي، ڇاڪاڻ ته تاريخ ۾ سمورا اهم فيصلا، جهڙوڪ: جمهوري نظام جي نوعيت، طاقت ۽ اختيارن جو استعمال، صوبن ۽ وفاق ۾ وسيلن جي ورڇ، مڪاني، صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن ۾ طاقت ۽ اختيار ۽ سموري آئين ۾ ترميمون، گهٽي ياڳي غير ۽ اڻ چونڊيل حڪومتن ۾ يعني آمريتن جي دور ۾ ڪيون ويون آهن. انهن ئي دؤرن ۾ آئين کي معطل ڪيو ويو. ان ۾ به ملڪ جو صدر ائين سمجهي ٿو ته اهو صحيح طريقو آهي ته اڻ چونڊيل نمائندگي، قومي مالياتي ايواردِ جي ڪميشن ۾ ميمبر ڪري، جيڪي 5 سال پنهنجون سفارشون ترتيب ڏئي وفاقي حڪومت ۽ صدر کي اماڻين، جنهن جي بنياد ۽ فارمولي تحت وفاقي مالي وسيلن جي ورڇ ممڪن بڻائي سگهجي. اسان جو هتي دليل هي هوندو ته اهڙي قسم جي سنجيده وسيلن جي ورڇ اڻ چونڊيل نمائندن تي نٿي ڇڏي سگهجي. رڳو 1990ع، 1996ع ۽ 2009ع جي مالياتي ايواردن تي نظر ڊوڙائجي ته خبر پوندي ته سنڌ ۽ ٻين صوبن کي مالياتي ڏس ۾ ڪهڙيون مشڪلاتون پيش آيون، ڪيئي ايواردِ غير منصفانه هئا ۽ ڏڪهي عرصي لاءِ وفاقي ڏانچي ۾ ڪيئي اڻ برابريون موجود آهن. پراڻن ايواردن ۾ هيٺيون ڪچايون ۽ ڪمزوريون واضح نظر اچن ٿيون:

سمورن مالياتي ايواردن جي جوڙجڪ ائين رکي وئي ته جئين گهٽي کان گهٽا وسيلا وفاق وٽ رهن. ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته اهڙو ڪلچر ناهجي جنهن ۾ مالياتي ناٽو، انتظامي اختيار ۽ وسيلا وفاق جي رحم ڪرم تي هجن. ٻيو سبب اهو آهي

ته جيئن بچاءَ ۾ قرض جي ادائيگي ڪري سگھجي، جنهن جو سڌو سنئون نتيجو وسيلن جي هڪ طرف وفاق ڏانهن جھُڪاءَ ۾ پاڪستان جي سماجي شعبن، جھڙوڪ: تعليم، صحت، زراعت، صاف پاڻي، راندين، ماحوليات ۽ آبادي‌ءَ جھڙا شعبا، جيڪي صوبن جي حڪمراني ۽ اختيارن هيٺ آهن، اهي مجرماڻي حد تائين غفلت ۽ وسيلن جي اڻاڻ جو شڪار رهيا آهن. ملڪ جي پوئتي پيل هجڻ جو هڪ وڏو دليل اهو به آهي ته وسيلن جي ورڇ تي وفاق جو قبضو ۽ گھٽا وسيلا غير پيداواري شعبن ۾ خرچ ڪرڻ آهي.

ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته سماجي شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪري، صوبائي حڪومتن کي وسيلن جي فراهمي ڪري، مٿين شعبن کي ترقي ونڌائي صوبائي انتظامي صلاحيت ۽ حڪمراني‌ءَ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪجي. ٽيون وڏي ۾ وڏو سبب آمدني‌ءِ جي مڪيہ ۽ سمورن وسيلن تي وفاق جو قبضو آهي، جھڙوڪ سيلز ٽيڪس تي وفاق جو قبضو آهي. سڄي دنيا ۾ سيلز ٽيڪس صوبائي ٽيڪس سمجھيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اُهو ٽيڪس ڪپت تي لاڳو ڪبو آهي. سيلز ٽيڪس ورهاڱي کان اڳ صوبائي ٽيڪس هو، جيڪو وفاق کي عارضي طور منتقل ڪيو ويو هو، جيڪو دفاع جي وڌندڙ ضرورتن جي پيشِ نظر وفاق ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو. هندستان ۾ اڄ به سيلز ٽيڪس رياستي/صوبائي ليول تي آهي.

آمريڪا ۽ دنيا جي سمورين وفاقي حڪومتن ۾ اهڙا ٽيڪس، جيڪي صوبائي رياست جي ٽيڪسن جي دائري ۾ اچن ٿا، انهن کي صوبا لاڳو ڪن ٿا ۽ اوڳاڙين ٿا، ڇاڪاڻ ته اڪثر زمينون، قدرتي گئس، تيل، بندرگاهن جا رابطا، بجلي، گئس ۽ استعمال جون ٻيون شيون انهن جي قبضي ۾ نه آهن، صوبن جي روزگار جا

وسيلا انهن جي قبضي ۾ نہ آهن، ٻين صوبن جو ٻاهريون وهڪرو ۽ غيرقانوني ڏاريا اسان جي شهرن تي قبضو ڪيو ويٺا آهن. صوبائي حڪومت وٽ آءِ-جي پوليس کي مقرر ڪرڻ، تعليمي امتحانن، داخلا مقرر ڪرڻ يا گهٽ گريڊ وارن آفيسرن کي منتقل ڪرڻ جي طاقت ٻہ نہ آهي. انهن حالتن ۾ حڪومتون غير فعال ٿي، وڏندڙ ناڪاره حڪمراني ۽ تحت حڪومت ڪرڻ جي بلڪل حق ۾ ۽ نمائندگي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويون آهن، تنهن ڪري ڪنهن ٻہ آئيني رٽا جي وڏي اڪثريت/ ماڻهن کي انهن جي جائز حصي کان محروم ڪري ان جي مخالفت ڪئي وجي.

ٽيون وڏي ۾ وڏو عدم توازن/ نقص هي آهي تہ ورچ جو فارمولو رڳو آبادي (82 سيڪڙو) چو هجي؟ هن فارمولي تحت هڪ صوبي کي سڀ کان وڏو فائدو آهي. ان کي ڪنهن ٻہ دليل تحت ثابت نٿو ڪري سگهجي. ملڪ ۽ صوبن ۾ ايراضي، غربت، ضرورتون، معاشي بدحالي ۽ وسيلن جي اوڳاڙي اهم فيڪٽر ٿي سگهن ٿا. اهو حصو ڪجهہ ٻہ ناهي. هاڻوڪي مالياتي جوڙجڪ ۾ سنڌ کي سڀ کان وڌيڪ نقصان آهي. وسيلن جي 82 سيڪڙو ورچ آبادي ۽ تي آهي. بلوچستان جي وسيع ايراضي، غربت ۽ آبادي ۽ جي اٽاڻ تي غور ئي نٿو ڪيو وجي. جيڪڏهن آبادي ئي هڪ اهم فيڪٽر آهي تہ صوبا پنهنجي آبادي ۽ کي وڌيڪ ڏيکارڻ لاءِ آبادي گهٽ ڪرڻ واري پاليسي ۽ کي شڪست ڏيندا.

ٻين وفاقي ملڪن ۾ وسيلن جي ورچ مختلف عنصرن کي ذهن ۾ رکي ڪري ڪئي ويندي آهي. رڳو پاڪستان ۾ وسيلن جي ورچ آبادي ۽ جي اهم عنصر کي غور ۾ رکي ڪئي ويندي آهي. هندستان ۾ اڄ ٻہ رياستن ۾ ٻہ ٽيڪسون گهربل ضرورت آهر آهن ۽ اهي رياست ڏانهن منتقل ڪيون ويندیون آهن. سيلز ٽيڪس

مقامي طور تي وصول ڪيا ويندا آهن ۽ وفاقي ٽيڪس انهن جي وصوليءَ وارن حصن جي بنياد تي منتقل ڪيا ويندا آهن. ٽيڪس جي وصولي، صلاحيت ۽ عالمي اصولن جي صحت مطابق هئڻ گهرجي. سيلز ٽيڪس کي صوبائي سسٽم قرار ڏئي صوبن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. صوبن ۾ وفاق جي آمدنين جو تخمينو مناسب انداز ۾ ڪري ورڇ ڪئي وڃي.

اسان جون صوبائي ۽ وفاقي حڪومتون عوام جي حقيقي خواهشن جي نمائندگي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويون آهن، اهي به هڪ طبقاتي ڊانچو رکن ٿيون. صوبائي حڪومتون ۽ طبقا وفاقي حڪمران طبقن سان سهڪار ڪندڙ ۽ عوام جي سماجي ۽ معاشي ضرورتن کي سمجهڻ کان قاصر آهن. اهي بين الاقوامي ادارن جي تابع آهن ۽ ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جي لائق نه آهن. اهي بنيادي طور تي خراب، نه ته عوام جي حقيقي آئيني، سماجي ۽ معاشي ضرورتن جي نمائندگي ڪري رهيا آهن، تنهن ڪري سياسي جماعتن کي عوام جي وسيلن جي ملڪيت کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ جامع انداز ۾ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهن سياسي پارٽين کي گهرجي ته حڪومت ۽ حڪمران طبقن کي عوام جي ضرورتن ۽ خواهشن تي سمجهوتو ڪرڻ جي اجازت نه ڏين، جنهن عوام کي سالن کان پنهنجن حڪمرانن جي نااهليءَ سبب نقصان ٿيو آهي.

پاڪستان وقت بوقت هڪ بحران مان نڪري،ٻئي بحران کي منهن ڏيندو آيو آهي، جنهن جو سبب حڪمرانن جي، وفاق جي اصولن کان انڪار، قانون جي حڪمراني ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ آهي. غيرجمهوري قوتن جي سياست ۾ وري وري مداخلت ڪرڻ، نه ڪي ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ ته عوام جي سهولت کي

يقيني بڻائجي ۽ عام ۽ گڏيل مفادن وارين سياسي ۽ اقتصادي اوليتن کي ترجيح ڏجي. دراصل هي ڳالهيون به اهم آهن ته صوبائي حڪمران قوتون ۽ طبقا به، ٿوري گهڻي ڇڪ ڇکان کانپوءِ وفاقي مرڪزيت جي آڏو گوڏا کوڙي بيهن ٿيون ۽ ائين اهي مالياتي فيصلا دراصل مرڪزي آمريتي فيصلا ئي لڳن ٿا.

هنن مالياتي ايواردن جوهڪ پاسو صوبن سان اڻ برابري ۽ ناانصافي آهي، ته بئي طرف وري مليل صوبائي ايواردِ جي اها ناانصافيءَ تي ٻڌل ورهاست آهي، جيڪا شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي فرق ۽ ورهاست ۽ شهر جي اندر پوئتي پيل ڪچي آبادين ۾ فرق رکي ٿي. ان ايواردِ ۾ صحت ۽ تعليم جون اوليتون نہ آهن، بلڪ پوري گرفت وڏيرکي ۽ سرمائيدارکي کوڙکي، ڪرپٽ حڪومت، ڪاموراشاهي، عقيدي پرستي ۽ پدرشاهيءَ جي ورچڙهيل آهي.

ان جي باوجود صوبن جا مالياتي ايواردِ حقيقت تي مبني، انصاف پريا ۽ قومن جا آئيني حق آهن، اهي تن کي ملڻ گهرجن.

روزاني ڪاوش، May 2، 2020

وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مالياتي ڇڪتاڻ

وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مالياتي آپريشن وڏو غور طلب مسئلو ٿي پيو آهي. هڪ صوبي جو خيال آهي ته وسيلن جي ورهاست آبادي‌ءَ جي لحاظ کان ڪئي وڃي. ٻين صوبن جو خيال آهي ته وسيلن جي ورهاست سندن نسبتي پوئتي پيل هئڻ جي بنياد تي ٽيڪ گهرجي، خاص ڪري سنڌ جو موقف آهي ته جيئن وفاقي ورڇ جوڳي پول ۾ سنڌ جو ٽئڪسن جي اوڳاڙي ۾ هڪ وڏو حصو آهي، انهيءَ ڪري ورڇ سندس وسيلن جي آڌار تي ٽيڪ ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ نيشنل فنانس ڪميشن کي آخري فيصلي ڏيڻ کان اڳ چئني صوبن ۽ انهن سان لاڳاپيل وڏن وزيرن ۽ ميمبرن جون سموريون گڏجاڻيون ٿي گذريون آهن ۽ هينئر تائين ڪو اتفاق راءِ پيدا ٿي نه سگهيو آهي ۽ نه ئي انهن گڏجاڻين جي متعلق ڪو لاڳاپيل ميمبر اخباري بيان ڏيڻ جو اختيار رکي ٿو.

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ خبر هلي پئي ته سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد صوبو وفاقي پول مان 10 سيڪڙو وسيلن جي ورهاست پوئتي پيل علائقن لاءِ خرچ ڪرڻ جي گهر ڪن ٿا ۽ پنجاب جي لاڳاپيل ڪاميٽيءَ جي ماڻهن اهڙي ڪنهن رٽ جي منظوريءَ کان انڪار ڪيو آهي.

وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مالياتي تعلق هڪ خاص اهميت رکي ٿو. وفاقي گورنمينٽ ڪنهن به صوبي يا اختياريءَ کي اهي پاور ڏئي ٿي، جن کي هو بهتر نموني نپائي سگهي. وسيلن جي مجموعي وصولين ۽ انهن جي ورڇ پاڪستان جي معاشي ڍانچي ۾ هڪ خاص قسم جي تعلقاتن کي جنم ڏنو آهي، جنهن جا هينيان به فارم آهن:

1. صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ وسيلن جي ورهاست جو تعلق.
2. وفاق جو صوبن کي قرض ۽ گرانٽس/ امدادن جو تعلق.

وسيلن جا ذريعا چئن قسمن جا آهن:

(1) وفاقي ٽئڪسون، جيڪي وفاقي حڪومت هڻي ٿي ۽ وصول ڪري ٿي، مثال طور: ڪسٽم ڊيوٽي، ويلٿ ٽئڪس، اسٽيٽ ڊيوٽي ۽ ڪمرشل شعبي جي ڪمائي.

(2) وفاقي حڪومت طرفان لڳايل اهڙيون ٽئڪسون، جيڪي بعد ۾ صوبن جي وچ ۾ ورهايون وڃن ٿيون، انهن ۾ انڪم ٽئڪس، سيلز ٽئڪس ۽ ڪارپوريٽ ٽئڪس شامل آهن.

(3) وفاقي حڪومت طرفان لڳايل ٽئڪسون، جيڪي صوبن کي ورهائي ڏنيون وڃن ٿيون، انهن ۾ اسٽيمپ ڊيوٽي، ٽرمينل ٽئڪس ۽ گفٽ ٽئڪس شامل آهن.

(4) اهڙيون ٽئڪسون، جيڪي صوبا لڳائن ٿا ۽ وصوليون ڪن ٿا، مثال طور: لينڊ، روينيو، ايريگيشن چارجز، صوبائي ايڪسائيز ۽ سيلز ٽئڪس، ٽول ٽئڪس، پروفيشنل ٽئڪس ۽ انٽرٽينمينٽ ٽئڪس.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ صوبن ۾ آبادي‌ءَ جو توازن ۽ سندن ادائيگين جو توازن ۽ وسيلن ۾ واڌ جي شرح متاثر ٿيندي رهي آهي ۽ انهي‌ءَ سان گڏوگڏ سندن ضرورتن جي لسٽ ۾ وڌي آهي. ساڳئي وقت سياسي ۽ ڌاهه ۽ امن امان جي مسئلي جي ڪري سنڌ کي وڌيڪ وسيلن جي ضرورت آهي. بلوچستان کي پوئتي پيل هجڻ ڪري ۽ سندس پکڙيل آبادي‌ءَ کي بنيادي سهولتون پهچائڻ لاءِ وسيلن جي وڌيڪ ضرورت آهي. سرحد کي افغاني پناهگيرن کي ڪارائڻ ۽ سندن آبادي‌ءَ لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وسيلن جي ضرورت آهي.

هاڻي ڳالهه هيءَ آهي ته وفاقي ٽئڪس ۽ انهن ۾ واڌ گذريل 15 سالن ۾ 400 سيڪڙو کان به وڌيڪ آهي ۽ صوبن ۾ وسيلن جي واڌ جي شرح 150 سيڪڙو کان وڌي نه سگهي آهي ۽ وسيلن جي ورڇ جو فارمولو به پاڪستان جي تاريخ ۾ مختلف اندازن سان بدلجندو رهيو آهي. 1973ع ۾ جيڪو نيمير ايوارڊ هو، اهو 1951ع ۾ ريسن ايوارڊ سڏيو ويو ۽ ان کي به 1962ع ۾، 1964ع ۾، 1970ع ۾ ۽ 1974ع ۾ بدلائي هينئر نيشنل فنانس ڪميشن جو نالو ڏنو ويو. هن وقت تائين انڪم، ڪارپوريٽ ۽ سيلز ٽئڪس جو 80 سيڪڙو صوبن ۾ ورهايو وجي ٿو. وسيلن جي ورڇ سندن آبادي‌ءَ جي بنياد تي ٿئي ٿي. گفٽ ٽئڪس ۽ سرچارج، جيڪو قدرتي گئس تي لاڳو ٿئي ٿو، انهن جي صوبائي ورڇ انهن جي ڪليڪشن جي بنياد تي ڪئي وجي ٿي. ان کان علاوه وفاقي حڪومتون صوبن کي ترقياتي ۽ غير ترقياتي ڪمن لاءِ الڳ الڳ وفاقي گرانٽون ۽ رعايتون مختلف اندازن ۾ ڏينديون اچن ٿيون، جن ۾ آبادي‌ءَ جي منصوبه بندي، فرٽيلائيزر، ٽيوب ويل تي رعايتون ۽ غير ترقياتي رٿائن منجهان ٻوڏ ۽ خشڪ سالي‌ءَ لاءِ امدادون ۽ خساري جي وقت ڪجهه صوبن کي هڪ مقرر رقم هر سال ڏيندي آهي، انهيءَ شرط تي ته هو پاڻ خود مختيار ٽي وفاقي حڪومت جي اختيار کان سواءِ قرض نه کڻي سگهن. انهيءَ مان صرف هيءَ ڳالهه واضح ٿي سگهي ٿي ته حڪومت ناڪي ۽ مالياتي پاليسين کي پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ گهري ٿي ۽ قرض ۽ بين ناڪي وارين پاليسين جون ذميواريون نيائڻ جو فرض به ادا ڪرڻ گهري ٿي.

انگن اکرن مطابق وفاقي گورنمينٽ ۽ صوبن جي وچ ۾ مالياتي لاڳاپا هن ڏاکي تي بينل آهن ته صوبا وفاقي حڪومت جا

وڌيڪ محتاج ٿيندا وڃن ٿا. 1960ع ۾ وفاقي قرض ۽ گرانٽون ڪل مجموعي صوبائي وصولين جو 20 سيڪڙو هيون، جيڪي وڌي وڃي 90-1998ع ۾ تقريباً 80 سيڪڙو ٿي ويون آهن، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته صوبا وفاقي حڪومت جي امدادن ۽ قرض تي وڌيڪ دارومدار رکن ٿا ۽ هينئر به صوبن جي ڪل وصولين جو 55 کان 60 سيڪڙو حصو انهن گرانٽس ۽ قرض جو آهي، جيڪي وفاقي حڪومت صوبن کي ڏئي ٿي. انهيءَ جا ڪيترائي سبب آهن. وفاقي حڪومت وسيلن تي مرڪزي گرفت رکي ان کي معاشي ترقيءَ لاءِ ۽ معاشي پلاننگ هيٺ مرڪزي طور آپريشن ڪرڻ جا جواز ڏئي ٿي ۽ وفاقي حڪومت خود ٻاهرئين ملڪي معاشي پلاننگ ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڏئي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ٻاهريون سموريون امدادون ۽ قرض حاصل ڪري ٿي.

هينئر سنڌ گورنمينٽ سان ويڙن هيءَ آهي ته وسيلن جي اٽاڻ آهي، مسئلا وڌا آهن، وقت گذرڻ سان آبادي‌ءَ جو ڏيڀاءُ وڌيڪ ٿي رهيو آهي. ڳوناڻي زندگي پاڪستان نهڻ کان وٺي شرمندگيءَ جي حالت تائين پوئتي پيل آهي. امن امان قائم ڪرائڻ لاءِ سنڌ ۾ موجود پوليس ۽ بين فورسز تي خرچ تي تخمينو وڌو آهي. سنڌ گورنمينٽ جي پنهنجن تقريباً 4 لک ملازمن جي پگهارن جو بل وڌو آهي. اسٽيٽ بئنڪ جو قرض 7 ارب روپين کان مٿي آهي. اسٽيٽ بئنڪ اوور ڊرافٽ (O.D) ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت پگهارن کان سواءِ هر قسم جي ادائيگين کي روڪي ڇڏيو آهي. سمورا ترقياتي ڪم بند آهن. ڪن ملازمن جون پگهارون پڻ بند آهن.

هاڻي سنڌ سان لاڳاپيل وفاقي ٽئڪسن جي وصوليءَ جي شرح تمام وڏي آهي ۽ وفاقي ڊوائيزبل پول ۾ جيڪي ٽئڪسون

آهن، اهي صوبن جي گهرجن کان ڪافي گهٽ آهن ۽ ٻيو ته انهن جي ورڇ ۾ غير منصفاڻي آهي. فرض ڪجي ته بلوچستان وسيلن جي ورهاست ۾ جيڪو حصو آبادي‌ءَ جي لحاظ کان ونندو، ان مان ته هو ڪنهن هڪ علائقي کي رود ۾ نهرائي نه ڏئي سگهندو. اهڙي‌ءَ طرح سنڌ کي ملندڙ حصي مان رڳو امن امان لاءِ فورسز تي خرچ ئي وڏو آهي، انهي‌ءَ ڪري فيڊرل ڊوائيزل کي ڪشادو ڪري، ان ۾ ٻيون ٽئڪسون ۾ وڌهڻ گهرجن ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ سندن وصولين جي بنياد تي ٽيڻ گهرجي. سندن قدرتي وسيلن جي رائلٽي ۾ سيني صوبن کي هڪ ئي شرح سان ملڻ گهرجي. ٻي‌ءَ صورت ۾ نتيجو هي آهي ته بلوچستان قدرتي گئس سڄي ملڪ کي ڏئي ٿو پر سندس آبادي‌ءَ کي گئس ڪونه اٽس. ساڳي حالت سرحد صوبي سان بجلي‌ءَ جي آهي. سنڌ سان وري ٻئي قسم جي حق تلفي (Discrimination)آهي ته ٽئڪس جي وصولي سڀ کان وڌيڪ شعبن ۾، مثال طور: ڪسٽم، ايڪسائيز، سيلز ۽ ٻين وفاقي ٽئڪسن ۾ گهٽي آهي ته اهي پول ۾ نه آهن ۽ جيڪي گرانٽس ۽ قرض وفاقي حڪومت ڏئي ٿي، اهي سنڌ حڪومت جي امن امان لاءِ فورسز تي خرچ ٽيو وڃن ۽ باقي جيڪي وسيلا بچن ٿا، انهن جو استعمال ۾ غير منصفاڻو، هڪ رخ ۾ صرف شهري آبادي‌ءَ کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. رورل علائقن ۾ روزگار، بجلي، پاڻي، گئس، تعليم، صحت، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي واڌ جي شرح نالي ماتر ۽ گهٽين حالتن ۾ آهي ئي ڪانه! جيڪڏهن اهو وهنوار ايئن ئي هلندو رهيو ته هينئر جيڪو شهري آبادي‌ءَ کي ترقي ونائڻ ۾ خرچ ٽيندو رهيو آهي ۽ ڳوناڻي آبادي‌ءَ کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي، اهو فرق وقت گذرڻ سان ڪافي ڪشادو ٽيندو ويندو. هوڏانهن سنڌ حڪومت جي مجموعي سالياني بجيٽ جو انگ 30

ڪان 35 ارب روپيا سراسري بيهي ٿو. وفاقي ڊويزنل پول مان ڪيس 23 ڪان 25 ارب روپيا ملڻ جو تخمينو آهي. سنڌ حڪومت کي رائلٽي ۽ ٻين رهتن مان شايد 6 ارب روپين جي لڳ ڀڳ ملڻ جي اميد آهي. هاڻ حساب لڳائجي تہ سنڌ حڪومت جي ملازمن جي پگهارن جو ماهوار بل، جيڪو لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪان ٻن ارب روپين تائين آهي، اهو سندس سالياني بجيٽ مان لڳ ڀڳ 70 سيڪڙي ڪان ٻہ وڌيڪ آهي، امن امان جي لاءِ سيڪيورٽي فورسز، پوليس ۽ رينجرز تي خرچ سالياني بجيٽ جي 30 سيڪڙو ڪان ٻہ وڌيڪ آهي. بجيٽ جو خسارو تہ رڳو هنن ٻن شعبن جي ئي ڪري آهي. نتيجي ۾ سنڌ حڪومت لاءِ امن امان ۽ ملازمن ڪان علاوه سماجي ترقي، صحت، تعليم ۽ ڪن وڏن پروجيڪٽن، مثال طور: ڪوهستان، سيوهڻ ۾ ڪا ڊئم يا ٻوڏ جي بچاءَ لاءِ ڪا رٽا يا ڪي رودِ رستا ٺهرائڻ لاءِ ڪجهہ ٻہ نہ آهي. نتيجي ۾ سنڌ حڪومت جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ وفاقي حڪومت کي ٻڌائڻو پوي ٿو ۽ سنڌ حڪومت مٿان جيستائين وفاقي امداد ۽ قرض جي عنايت ٿيندي رهي ٿي، سنڌ حڪومت ۾ ساهہ آهي. بجيٽ، معاشي رٽابنديءَ ۽ سماجي ترقيءَ جي خيال ڪان ڏنو وجي تہ ڪڏهن ٻن- ڇئن مهينن ۾ سنڌ سرڪار صوبي ۾ هلندڙ سمورن ترقياتي ڪمن ۽ ٻين ادائيگين کي روڪي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو آهي. ايستائين جو ڊاڪٽرن جي پگهارن ڪان وٺي، ماسترن ۽ ڪلاڪن جا T.A بل ٻہ سنڌ حڪومت پرڻ ڪان انڪاري آهي. سندس خزانو خالي آهي، بلڪ سندس خزاني ۾ ايتري طاقت ئي نہ آهي جو روزمره جون ادائيگيون ڪيون وڃن. اسٽيٽ بئنڪ قرض ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، واپڊا ۽ ٻيا ادارا سنڌ حڪومت تي ڪاوڙيل آهن تہ ڪين ادائيگيون نہ ڪيون ويون آهن. قرضن جي صورتحال هيءَ آهي تہ اسٽيٽ بئنڪ جو

قرض گذريل جون - جولاءِ ۾ هڪ ارب هو تہ هينئر مارچ ۾ 7 ارب روپين کان مٿي آهي.

سڄي ڳالھ جو تت هيءُ آهي تہ سنڌ حڪومت کي پنهنجي وسيلن تي پاڻڻو پوندو. تمام گھٽا ٽئڪس اهڙن شعبن تي لڳائي سگھجن ٿا، جن جو اثر ڪن امير طبقن تي پوي ٿو. ڪارپوريٽ سيڪٽر کان زرعي ڪمائيءَ جي ٽئڪس کي لچڪدار بڻايو وڃي ۽ خاص ڪري وفاقي ڊوئيزبل پول کي ڪشادو ڪرڻ ۽ وسيلن جي ورهاست آبادييءَ جي بنياد بدران وسيلن جي حصيداريءَ جي بنياد تي ٽيڻ واري موقف تي قائم رهڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ ۾ سمايل آهي. سنڌ حڪومت پنهنجي مرڪزي حڪومت جي ڪري نيشنل فنانس ڪميشن ڏانهن نرم گوشو رکي ٿي ۽ رڳو 10 سيڪڙو ڇڻي صوبن جي پوئتي پيل هجڻ ڪري ۽ سندس سالن جي Backwardness کي ختم ڪرڻ جي لاءِ بلڪل ناڪافي آهي. سنڌ حڪومت کي پنهنجن وسيلن تيل، گئس، ساموندي ڪناري، ڪوئلي ۽ ٻين شين تان رائلٽي وڌائڻ لاءِ پريس ۽ عوام ذريعي دٻاءُ وجھڻ گھرجي، نہ تہ سنڌ جي چونڊيل نمائندن کي سنڌ جي موجوده وسيلن اندر رهي، عوام سان ڪيل واعدن جي پورائيءَ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي! هنن کي ياد رکڻ کپي تہ کين حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ ۽ پاڻ کي وري چونڊرائڻ لاءِ واپس عوام وٽ ئي وڃڻو آهي.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

حڪومت جا ٽي سال ۽ بجيٽ 97-1996ع

بجيٽ 97-1996ع آخرڪار پنهنجن سمورن خدشن سان اعلان ٿي وئي. بجيٽ دراصل حڪومت جي سال جي معاشي رٿابندي، ممڪن خرچن ۽ آمدنيءَ جي هڪ اسٽيٽمينٽ هوندي آهي. ان منجهان ئي حڪومت جي ڪارڪردگي، ذهانت، معاشي منصوبہ بندي، معاشي پاليسيءَ ۽ سندس ٻين سمورين پاليسين جو ممڪن حد تائين اندازو لڳايو ويندو آهي، مثال طور: موجوده حڪومت ۽ پارٽي پنهنجي نظرياتي حدن ۾ رهندي پنهنجي مقصديت سان سچي ڪيتري آهي، سندس ڏڪهي ۽ ٽوري عرصي واريون پاليسيون ڇا آهن؟ سندس پاليسيون آزاد آهن يا نہ؟ يا سندس لاڳو ڪيل پاليسين تي ڪيس ڪيترو اختيار آهي؟ ۽ ڇا واقعي ساڻس لاڳو ڪيل پاليسين جي اثرن ۽ فائدن جي بہ ڪيس خبر آهي يا نہ؟ يا مورڳو ئي ڄڻ ڊرائيورن وانگر گاڏي ڪلتي تہ نہ ڪري وجهندي؟ اهڙي طريقي سان بجيٽ جي حوالي سان بہ هر هڪ اسٽيپ/ قدم سان يا پاليسي جي جزوي ۽ مجموعي طرح يا ڪلي ۽ مجموعي معيشت تي ڪهڙا اثر پوندا؟ ڏڪهي ۽ ٽوري عرصي جا سنا ۽ خراب اثر ڪهڙا ممڪن آهن؟ خاص ڪري بجيٽ دستاويز اهڙين ڳالهين تي خاموش هوندو آهي، مثال طور: هن سال جي بجيٽ تقرير صرف ڪجهہ ڪچا ڪاٽا ٻڌائي ٿي.

حڪومت جي خرچن جو تخمينو 500 ارب روپين کان مٿي آهي، جڏهن تہ سندس آمدني 300 ارب روپين کان بہ گهٽ آهي. دفاع ۽ قرضن کي صرف جوڙ ڪيو وجي تہ انهن شعبن ۾ 317 ارب روپيا خرچ ٿيو وڃن ٿا، جڏهن تہ باقي سمورا خرچ، مثال طور: شهري حڪومت ،فارين افيئرس، صوبا ۽ ترقياتي خرچ سڀ پورا

ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ يا ته قرضن تي انحصار ڪري ٿي يا نوان نوٽ ڇاپي ٿي يا وري اضافي ٽئڪس هڻي ٿي. هاڻي هرهڪ عمل جا سڀ ۽ برا نتيجا آهن، انهن کي صحيح معنيٰ ۾ هينڊل ڪرڻ ئي حقيقت ۾ معاشي ماهرن جو ڪم آهي. (بدقسمتيءَ سان حڪومت سڏن معاشي ماهرن ۽ انهن جي صلاحن کان وانجهيل آهي.)

ڳالهه هيءَ آهي ته سڄي دنيا ۾ هڪ مڃيل سياسي اصول مطابق سياسي پارٽيون پنهنجيون پاليسيون هر ممڪن وقت تي اناؤنس ڪنديون آهن، پنهنجا ممڪن پروگرام اڳ ۾ ڏينديون آهن، مثال طور: هن ملڪ جو سياسي نظام جمهوريت تي ٻڌل هوندو، اسان جو نظريو سوشلزم هوندو، اسان جو دين اسلام هوندو، اسان جي منزل معاشي مساوات آهي، اسان جي خارجي پاليسي، مزدور پاليسي، زرعي پاليسي ۽ تعليمي پاليسي هيءَ آهي، وغيره وغيره ۽ ان ئي پروگرام تي دارومدار رکي جمهوري پارٽيون عوام وٽ ويندیون آهن، ڪانئن ووٽ وٺنديون آهن ۽ انهن مقصدن جي حصول لاءِ حڪومت ۾ ويهي مسئلن کي حل ڪرائيندیون آهن. هاڻي جيڪڏهن مٿين معيارن کي نظر ۾ رکندي موجوده حڪومت جي صرف هڪڙي رخ ۽ صرف ۽ صرف سال جي آمدنيءَ ۽ خرچن جي پاليسيءَ جو ڇيڊ ڪريون ته سندس هر ووٽر (سواءِ سندن جيالن جي) مايوسيءَ جو شڪار آهي. ڀلا ڇا موجوده حڪومت کي ملڪ جي وسيلن جي اڳواڻ خبر نه هئي؟ ۽ جي هئي ته سندس معاشي پاليسي ۽ ان کي هينڊل ڪرڻ جو نظام يا پاليسي اڳواڻ طئه چونه ٿيل هئي؟ يا هينئر به ملڪ جي سموري خراب معاشي صورتحال کي هينڊل ڪرڻ جو طريقيڪار ڇا آهي ۽ ڇا هئڻ گهرجي؟ اهي ۽ الڳ الڳ سوال آهن. ڇا انهن سوالن جا حڪومت وٽ کي صحيح ۽ گهربل جواب آهن؟

ڇا دفاع جي بجيٽ وڌائي يا وڌيڪ قرض کڻي بجيٽ جو خسارو پورو ڪرڻ سان سندس عوام سان ڪيل واعدن جي پورائي ٿيندي؟ ڇا نوان ٽئڪس لاڳو ڪرڻ ۽ بئنڪن کان قرض کڻڻ سان عام ماڻهوءَ جي حياتي ۾ ڪو ذري برابر بہ سڌارو ايندو يا مورڳو سندن زندگين جو ڏيئو اجهامندو؟

صاف ظاهر آهي تہ پاليسين تي حڪومت جي خود گرفت نہ آهي، ملڪ قرضي آهي ۽ واڌين (آءِ-ايم-ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين ملڪن) وٽ گروي آهي. سندس معاشي پاليسين تي فوجين جو ڪنٽرول آهي ۽ حڪومت واقعي عوام جي حڪومت نہ آهي.

حڪومت پلي کڻي ڪيتريون بہ دعوائون ڪري تہ سندس خراب معيشت جي ذميوار اڳوڻي حڪومت آهي، ان وقت زرِ دمبادلا جا ذخيرا 300 ملين ڊالرس کان گهٽ هئا، مستقبل اونداهو هو، سيڙپڪاري نہ هڪڙ برابر هئي، ڪراچيءَ جي صورتحال خراب هئي، انٽين ترميم هئي، ڪرپشن هئي، بجيٽ جو خسارو وڏو هو، پاڙيسري ملڪن سان تعلقات خراب هئا، وغيرہ وغيرہ، اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي. ڪجهہ شيون واقعي حڪومت بهتر ڪيون هجن (شايد) پر تمام گهڻين خرابين، غلطين ۽ غلط معاشي پاليسين جي ذميوار بہ هيءَ حڪومت آهي، مثال طور: وڏندڙ افراطِ زر، قيمتن جو آسمان تي چڙهڻ، جيالن جي خطرناڪ حد تائين چڙواڳي، ايستائين جو حج ۽ زڪوات جي پئسن تائين گهوٻيون، سرڪاري مشينريءَ جو غلط استعمال، نوڪرين ۽ وسيلن تي عوام بدران مخصوص پارٽي ليڊر جو قبضو وغيرہ.

پلا حڪومت بجيٽ جي خساري کي هن سال ايڏي وڏي اهميت ڇو ڏني آهي؟ ان جو مطلب هرگز هي نہ ونڊ گهرجي تہ ملڪ ۾ بجيٽ جي خساري کان سواءِ ڪو ٻيو مسئلو آهي ئي

ڪونہ! جيئن حڪومت هن سال ميديا جي وسيلي اهو شدت سان محسوس ڪرايو آهي، حالانڪہ اها بي ڳالھ آهي تہ هن سال وري بہ حڪومت بجيٽ جي خساري ۾ ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام وجي، ڇاڪاڻ تہ حڪومت جا گھٽا قدم وري بہ افراطِ رز طرف مائل آهن ۽ ان ڳالھ جو قوي امڪان آهي تہ حڪومت کي بئنڪن کان وڌيڪ قرض ونڻا پون، وسيلن جي اوڳاڙي وري بہ هن سال گھٽ ٿئي ۽ پوءِ قرضن ونڻ ۽ نوٽن ڇاپڻ تي زور وڌي وجي!

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ بجيٽ جو خسارو، ملڪ جي معاشي صحت لاءِ خراب آهي، ان جو سڌو تعلق Deficit Financing - بجيٽ خساري جي مالیات سان آهي، خسارو هوندو تہ بئنڪن، نون نوٽن ۽ ٽئڪسن ڏانهن واجهائڻو پوندو. بئنڪن کان قرض کڻبو، نہ تہ پرائيوٽ ۽ فارين جي سيڙپڪاري گھٽجي ويندي، وياج جو اگھ وڌي ويندو. وياج جي اگھ وڌڻ سان وري سيڙپڪاريءَ تي برو اثر پوندو، حڪومت وري ٻئي اوزار کي استعمال ڪندي نوٽ ڇاپندي. نتيجي ۾ روپئي جي قيمتِ خريد ۾ ڪمي ايندي. واپاري جو خسارو ساڳئي وقت هجي ۽ ايڪسچينج ريٽ ۽ مٽاسٽا جو اگھ آزاد هجي تہ روپئي جي قيمت ۾ بار بار مارڪيٽ جي قوتن جي ٽڪراءَ ۽ مقابلي جي صورت ۾ معيار ملڪي معيشت لاءِ خراب آهي، پر ان سان گڏ جيڪڏهن ٽئڪسن جو مالي اوزار بہ استعمال ڪيو وجي ۽ ان سان گڏ جڏهن تيل جون قيمتون، بجلي، پاڻي، ٽيليفون جا اگھ وڌايا وجن تہ هوند سڄو بار وجي عام ماڻهن جي مٿان پوي ٿو، افراطِ رز حيرتناڪ حد تائين وڌي وجي ٿي ۽ عام ماڻهو جيئڻ لاءِ گھربل هيناهين سطح جي معيار تي پهچي وجي ٿو. شايد حڪمرانن کي خبر نہ آهي تہ پاڪستان جو تقريباً 45 سيڪڙو عوام غربت جي عالمي معيار جي لڪير کان هينئين

سطح تي گذارو ڪري ٿو.

هاڻي اهڙي وقت ۾ ٽيڻ ته هيئن ڪپندو هو ته بجيٽ جي خساري کي ايڊريس ڪرڻ لاءِ بئنڪن کان قرض ونڻ يا اضافي ٽئڪس هڻڻ بدران بين شعبن جي خرچن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ها. موجوده حڪومت معيشت جي خرابيءَ جي اصل ذميوار اڳوڻي حڪومت کي قرار ڏئي ٿي، پلا ٿورو غور ڪريو ته گذريل حڪومت هئي ئي خراب! ان کي خراب سمجهندي، پاڻ موجوده حڪومت جي چگن ڪمن جو چيد ڪريون ٿا، مثال طور: هن حڪومت اقتدار ۾ ايندي ئي 1993ع کان هن وقت تائين دفاع تي ٽيندڙ خرچن ۾ ڪيترو اضافو ڪيو آهي؟

مٿين انگن تي جيڪڏهن غور ڪريون ته معلوم ٿيندو ته هر سال دفاع تي ٽيندڙ خرچن ۾ تقريباً 15 ارب روپين جو اضافو ڪيو ويو آهي ۽ هن سال 16 ارب روپين جو، جيڪڏهن پويان انگ اکر ڏٺا وڃن ته فوجي حڪومتن ۾ دفاع جي خرچن ۾ سالياني 10 سيڪڙو کان گهٽ اضافو ڪيو آهي، مثال طور: نواز شريف ۾ 10 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو نه ڪيو، پر موجوده حڪومت ان ۾ سالياني 15 سيڪڙو کان ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي، جڏهن ته موجوده حڪومت جيڪڏهن تعليم جي موجوده بجيٽ ڏيڍ ارب کي ٻيڻو ۾ ڪري ته صرف ڏيڍ ارب روپيا ڪپندا آهن ۽ نتيجي ۾ تعليم جو معيار سالياني 5 ارب سيڪڙو شرح ۾ ۽ خاصيت ۽ ڪوالٽيءَ ۾ اڻ ڪٽ اضافو ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف دفاع جي خرچن ۾ واڌارو ڪرڻ جو ڪو خاص دليل ۾ نه آهي. اهو ڪو دليل نه آهي ته سرحدن جي صورتحال خراب آهي. ڇا سرحدن جي صورتحال خراب ڪرڻ ۾ اسان جي پنهنجي خراب خارجه ۽ دفاعي پاليسيءَ جو هٿ نه آهي؟ ڇا اسان جهڙو غريب ملڪ ويڙهه جي

طاقت رکي سگهي ٿو؟ ڇا هندستان سان سنا لاڳاپا ممڪن نہ آهن؟ ڇا ڪشمير جي مسئلي جي ڪري سڄي ملڪ کي غربت، اونداهيءَ، صحت ۽ تعليم کان محروم ڪرڻ، خودڪشيءَ ۽ قتل جي برابر نہ آهي؟ ٻئي طرف خدانخواسته جيڪڏهن جنگ ڇڙي ٻہ پوي تہ ڇا اسين ويڙهہ جي قوت رکون ٿا؟ بقول جنرل وحيد جي تہ اسان هڪ هفتي کان وڌيڪ جنگ نٿا وڙهي سگهون ۽ ان هڪ هفتي جي ويڙهہ کان سئو دفعا بهتر آهي تہ هندستان سان دوستيءَ وارا لاڳاپا قائم ڪيا وڃن، جيئن موجوده هندستاني حڪومت جي سڌي آفر ٻہ آهي.

هاڻي جيڪڏهن موجوده حڪومت جي قرضن جي صورتحال معلوم ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ اسٽيٽ بئنڪ جي رپورٽ مطابق جون 1993ع تائين داخلي قرض 6 کرب 2 ارب روپيا هو، جيڪو هينئر جون 1995ع تائين تقريباً 8 کرب روپيا هو ۽ هن سال حڪومت بئنڪن کان ۽ ڪجهہ پرائيوٽ مارڪيٽ مان تقريباً 39 ارب روپيا قرض کنيو آهي، جيڪو هن سال جون تائين جي انگن اکرن مطابق 850 ارب روپيا ٿيندو.

موجوده عوامي حڪومت تقريباً 250 ارب روپيا داخلي قرض صرف ٽن سالن ۾ کنيو آهي، جڏهن تہ ان تي وياج رڳو هن سال 113 ارب روپيا ڏيڻو پوندو. ياد رهي تہ ملڪي بئنڪن کان قرض کڻڻ ٻاهرين ادارن جي پيٽ ۾ تمام وڏو آهي، ڇاڪاڻ تہ وياج جو اڳهہ ملڪي بئنڪ جي نسبت سان تمام وڏو آهي ۽ ٻاهريون قرض جيڪو 94- 1993ع ڌاري 700 ارب روپيا هو، اهو ٽن سالن ۾ وڌي 800 ارب روپين کان چڙهي ويو آهي. موجوده حڪومت ٽن سالن ۾ ٻاهريون قرض 100 ارب روپين کان وڌيڪ کنيو آهي. ٽوٽل 350 کان 400 ارب روپين جو قرض کڻي معيشت هلائڻ جا ٻلا کهڙا ڇگا

اثر نڪرائدا؟ مجون ٿا تہ معيشت 1.6 سيڪڙو جي حساب سان ترقي ڪئي پر اها ترقي ڪهڙي، جنهن جو دارومدار قرضي معيشت تي هجي ۽ ان جو بہ گهٽو فائدو حڪمران طبقن کي پوي؟ چاڪاڻ تہ قرض جو وڏو حصو ملٽري ۽ ايڊمنسٽريشن ۾ خرچ ٿيو وڃي، باقي سوشل سيڪٽر جو ڳچ حصو بيوروڪريٽن جي وڏن حصن ۾ هضم ٿيو وڃي.

حڪومت 400 ارب روپين جا قرض کٽي ۽ ان جو بار وڃي پوي عام ۽ مڊل ڪلاس طبقن تي ۽ پوءِ ٽئڪس پريندڙ طبقا ۽ انهن جا وسيلا قرضن جون قسطون پرڻ ۾ پورا هجن. موجوده حڪومت جي قرضن جي ادائيگين جي ٽريند تي غور ڪيو وڃي تہ سڀ ڪجهہ معلوم ٿي ويندو.

هاڻي جيڪڏهن حڪومت دور انديش هجي ها ۽ ايترا سارا قرض نہ کٽي ها، تہ ظاهر آهي ايترو وياج ۽ قسطون نہ پريون ها، رڳو ٽن سالن جي ڪارڪردگيءَ جي عيوض سندس ڪنيل قرضن جي قسط ٽن سالن ۾ 120 ارب روپين مان وڌي 186 ارب روپيا ٿي وئي آهي. ٽوٽل 160 ارب روپيا ٽن سالن ۾ ۽ هر 20 ارب روپيا موجوده سرڪار صرف قرضن جي ادائيگيءَ لاءِ پري ٿي، جنهن مان ظاهر آهي تہ موجوده سرڪار معاشي رٿابنديءَ ۾ ناڪام وئي آهي.

ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو وڃي تہ ڊولپمينٽ جي خرچن ۾ رڳو ٽن سالن ۾ 20 ارب روپين جو اضافو ڪيو ويو آهي. اهو انگ 94-93ع ۾ تقريباً 85 ارب روپيا، 95-94ع ۾ 90 ارب روپيا، 96 95ع ۾ 90 ارب روپيا، 96-95ع ۾ 96 ارب روپيا ۽ هينئر 97-1996ع ۾ 105 ارب روپيا هو، پر ڊولپمينٽ جي خرچن ۾ وڏا نقص ۽ Distortion آهن، مثال طور: تعليم، صحت، بجلي، پاڻي ۽ هائوسنگ جو ٽوٽل ڪجهہ ارب روپين کان وڌيڪ نہ آهي. جڏهن تہ انهن

شعبن ۾ بجيٽ جو Provision ڏهه حصا وڌيڪ هئڻ ڪپندو هو. اهڙي قيامت خيز گرميءَ ۾ بجلي، پاڻي، صحت، گهر، روڊ ۽ رستن جي سخت ضرورت آهي.

آزادي ونڊ جو مطلب هرگز اهو نٿو نڪري تہ وڏي آبادي ڪي هڪ وڏي عرصي تائين زندگيءَ جي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو وڃي، جنهن لاءِ هو ٽئڪس ڀرين ٿا ۽ آئين جي نظر ۾ هو سچا پچا پاڪستاني آهن ۽ استيٽ جي نظر ۾ برابريءَ جو درجو رکن ٿا.

پاڻ بحث جو سلسلو اڳتي وڌائيندي موجوده حڪومت جي ٽن سالن جي ڪارڪردگي (بجيٽ جي روشنيءَ ۾) چيڪ ڪندا هلون ٿا. حڪومت واقعي جيڪڏهن عوام سان سچي هجي ها تہ قرضن ۽ دفاع تي خرچ گهٽ ڪري ها تہ هوند صورتحال ٻي هجي ها، پر سرڪار ٽئڪسن تي دارومدار وڌيڪ رکيو. ٽئڪسن لاءِ ضروري هو تہ جيڪو ماڻهو جيترو ٽئڪس ڀري سگهي، ان تي اوترو بار وڌو وڃي، برابري ۽ معاشي Efficiency مهارت جو خاص خيال رکيو وڃي. شين، خدمتن ۽ دولتن يا هر قسم جي ٽئڪسن مان معاشي سرگرميءَ ۾ گهٽتائي اچي ٿي، عام ماڻهو گهٽ شيون خريد ڪن ٿا. چاڪاڻ تہ شيون مهانگيون ٿي وڃن ٿيون. ٽئڪس جي ڪري ماڻهو ٽئڪس چوري ڪن ٿا. بهرحال، معاشي سرگرميءَ جو اوور آل مجموعي طرح نقصان پوي ٿو.

موجوده حڪومت ٽن سالن ۾ تقريباً 100 ارب روپين جا ٽئڪس هٽي چڪي آهي، جيڪي 9 سيڪڙو کان وڌيڪ اڻ سڌا ٽئڪس آهن، جن جو سڌو سنئون غريب طبقن تي خراب اثر پوي ٿو، چاڪاڻ تہ جو سندن آمدنيءَ جو ٽئڪس سان لڇڪداريءَ جو سلسلو نازڪ ٿئي ٿو.

هن سال ۾ سرڪار فليٽ ٽئڪس، فڪسڈ ٽئڪس جي ريٽ تحت عام مڊل ڪلاس ماڻهن تي ٽئڪس مڙهيا آهن. جنرل سيلز ٽيڪس (GST)کي نہ صرف هينئين سطح تي آندو ويو آهي، پر ان جي اگهه ۾ ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. ڪجهه ضروري ڪاڏي ۽ تيل جي شين ۾ اضافي کان سواءِ تقريباً هر ائٽم تي ٽئڪس لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن جو سڌو سنئون تعلق VAT ٽئڪس، ڪيپيٽل ٽئڪس ۽ ايڪسائيز ٽئڪس سان آهي. چيو ويو آهي تہ انهن ٽئڪسن جو تعلق ڪاپي سان آهي ۽ انهن جو اثر عام طبقي تي نہ پوندو ۽ قميتن ۾ ڪو اضافو نہ ٿيندو. چند شين کي GST مان خارج ڪرڻ سان ڇا واقعي جن شين تي ايڪسائيز، ڪسٽم ۽GST ٽئڪس لاڳو ڪيا وياآهن، ڇا انهن شين جو عام ماڻهوءَ تي اثر نہ پوندو ۽ قميتون نہ وڌنديون؟

سيمينٽ تي سينٽرل ايڪسائيز ڊيوٽي (CED) 25 سيڪڙو ڪرڻ سان ڇا سيمينٽ جي قيمت وڌي نہ ويندي؟ ۽ ڇا مڊل ڪلاس ۽ هينئين ڪلاس لاءِ گهرن جا اگهه وڌي نہ ويندا؟ عام ماڻهوءَ لاءِ گهر ناهڻ مشڪل نہ ٿي پوندو؟ ڇا اقليتن جي قيمتن ۾ اضافو نہ ٿيندو؟

- آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽن تي CED 5 سيڪڙو مان وڌائي 10 سيڪڙو ڪئي وئي.
- فوم پراڊڪٽس تي CED 5 سيڪڙو مان وڌائي 10 سيڪڙو ڪئي وئي.
- لکڻ واري ڪاغذ تي 5 سيڪڙو CED لڳائي وئي آهي، البتہ بسن ۽ ٽرڪن جي ٽائرن تان ڊيوٽيءَ کي 5 سيڪڙو گهٽايو ويو آهي.
- ٻاهرين هٿيارن ۽ سگريٽن تيCED وڌائي وئي آهي.

- ٽيليفون تي CED 35 سيڪڙو مان وڌائي 40 سيڪڙو ڪئي وئي آهي.
- ٽيليفون، بين الاقوامي ڪالن، ٽيليڪس ۽ موبائيل ٽيليفون تي 40 سيڪڙو CED لڳائي وئي آهي.
- هوائي جهاز رستي سامان موڪلڻ تي 10 سيڪڙو CED لاڳو ڪئي وئي آهي.
- شپنگ ايجنسين تي 100 روپيا اضافي CED لاڳو ڪئي وئي آهي.
- ڪسٽم ايجنٽن تي ۽ هر دستاويز تي 30 کان 50 روپين تائين.
- ڪاڏي جي هوٽلن ۽ رهائشي هوٽلن تي 10 سيڪڙو CED مان وڌائي سادا 12 سيڪڙو CED لاڳو ڪئي وئي آهي.
- گهر ناهڻ لاءِ بئنڪ ملازمن جي ڪنيل قرض تي هڪ سيڪڙو CED.
- لانڊري ۽ ڊراءِ ڪلينرس جي دڪانن تي 10 سيڪڙو CED .
- بيوٽي پارلر، هيئر ڊريسر، بيوٽي ڪلينڪس تي 10 سيڪڙو.
- ڊاڪٽرس (ايم- بي- بي- ايس کان مٿي) ۽ وڪيلن (هاءِ ۽ سپريم ڪورٽس جي) تي 10 سيڪڙو.

مٿين سمورن ٽئڪسن جو بار ۽ اثر هڪ نہ ٻئي فارم ۾ غريب طبقن ۽ وچولي ڪلاس تي پوندو. ظاهر آهي تہ ڊاڪٽر، قانوندان، هيئر ڊريسر ۽ لانڊري وارو پنهنجو بار ڪنهن تي وجهندو؟ هو پاڻ فيون وڌائي ڇڏيندا يا خدمتون مهانگيون ڪري ڇڏيندا.

سڌن ٽئڪسن ۾:

- آڪٽراءِ، ٺيڪيدار ۽ ٽول ڪنٽريڪٽر 5 سيڪڙو With hold Tax پريندا.
- گهريلو پراپرٽيءَ تي سادا 7 سيڪڙو With hold ٽئڪس.

- ايگريڪلچر انڪم ٽئڪس.
- PIU (Production index Units) جي طرز تي 250 روپين مان وڌائي 400 روپيا ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته PIU's 1948ع کان بہ اڳ جا نهيل آهن. اهي پيداوار، آبپاشي ۽ Fertility جي لحاظ کان ڪافي تبديل ٿي چڪا آهن ۽ سرڪار مڙيو ئي نالي ماتر ٽئڪس جا انگ ڏيکاري بيوقوف بڻايو آهي ته ڪو حڪومت ايگريڪلچر انڪم تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ ۾ سنجيده آهي، حالانڪ ان نئين اگهه منجهان حڪومت کي 15 لک روپيا بہ نہ ملندا.
- جنرلائيزڊ سليز ٽئڪس (GST) ڪچي کاڌي جي شين، ڪنڊ، گيهه، پاڻ، جيت مار دوائن ۽ پيٽرول جي شين کان علاوه تقريباً سمورين شين تي لاڳو ڪئي وئي آهي.
- سرن جي بڻي کان علاوه (3016) تائين سمورن ٻين، جن تي فڪسڊ ٽئڪس آهي، انهن تي لاڳو رهندي.
- جن شين تي 15 سيڪڙو GST لاڳو ڪيو ويو آهي، انهن ۾ چانهه، توانائي پيدا ڪندڙ مشينري، پيٽروليم جي شعبي سان لاڳو مشينري، جيت مار ۽ پاڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشنيري، زراعت ۽ جهنگلات ۾ استعمال ٿيندڙ مشنيري، (مثال طور: ٽريڪٽر وغيره ۽ انهن لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزار، لوڻ ۽ پٿر ڪٽيندڙ مشينري) شامل آهن.
- مشق ڪاپيون، چيڪ بوڪ يا اهڙا سمورا لکت وارا ڪاغذ.
- اخبارن، رسالن کان علاوه هر قسم جي پرنٽ ميڊيا تي 5 سيڪڙو.
- ڪاٽن جي ڪپڙي، ڏاڳي، فيبرڪ، بيڊ شيٽن، ٽوالن، گنجين ۽ ريڊي ميڊ ڪپڙن تي 15 کان 18 سيڪڙو.

- 5 سيڪڙو GST ميڊيڪل ۽ هيلٿ جي شعبي تي.
- سمورين دوائن تي، آپريشن لاءِ ڪم ايندڙ سامان تي، بلڊ بئنڪ، ريفريجريٽرن تي، ميڊيڪل، سرجيڪل، ڏندن ۽ جانورن جي علاج لاءِ ڪتب ايندڙ اوزارن تي، ان لاءِ ڪتب ايندڙ سموري فرنيچر تي ۽ هڏن جي علاج لاءِ ڪتب ايندڙ سمورن اوزارن تي.
- ايڪسري جي ڦوٽن تي، ايمبولينس تي.
- اوورون ٽراپي، آڪسيجن ٽراپي، مصنوعي ساهه کڻڻ وارن اوزارن، گيس ماسڪس ۽ ريڊيو ايڪٽو ڪيميڪل اوزارن تي.
- ويڪسين ناهيندڙ سمورن اوزارن تي، ڊائگنوسٽڪ ڪٽ ۽ ڊائلاسس مشين تي.
- بجليءَ جي مشقي مشينن، التراسائونڊ مشينن، مصنوعي انساني عضون تي ۽ ميڊيڪل سان لاڳاپيل شين، ايستائين جو سرنج تي به 5 سيڪڙو. ان کان علاوه 18 سيڪڙو GST ٽئڪس. ڪپڙن ڏوئڻ جي صابڻ تي، ياڻ ۽ جيت مار دوائن جي استعمال لاءِ ٽيندڙ پاور جنريٽرن تي.
- سينيٽيري، پائيپ فٽنگ، RCC پائيپ، وائر، ماربل، ڊيسرٽ ڪولر، اليڪٽرڪ ڪاور، پيپر بورڊ، اليڪٽرڪ فين ۽ جاين ۾ استعمال ٽيندڙ سرن تي.
- ان کان علاوه رنگ، بسڪيٽن، سيمينٽ، سگريٽن، فرجن ۽ ڊيپفريزر، ڊٽرجنٽ اليڪٽرڪ بلبن ۽ ٽيوب لائيٽن، فروٽن ۽ ويجيٽيبل جوسن، آئيس ڪريمن، موٽر ڪارن، وهنجڻ جي صابڻن، ٽيليويزنن، سيرپن ۽ مشروبات ۽ لوڊ ڪٽندڙ گاڏين تي 1200 کان 18000 روپين تائين، لوڊ جي حساب سان.

هاڻي جيڪڏهن مٿين ٽئڪسن تي غور ڪيو وجي ته بلب، لائيٽ، پکا، صابڻ، جوس، آئسڪريم تائين 15 سيڪڙو سيلز ٽئڪس آهي، واقعي اها ٽئڪس بقول حڪومت جي وزير مخدوم شهاب ۽ وي- اي جعفري جي ته اها ڪاپي واري ٽئڪس آهي ۽ قيمتن سان ان جو ڪو تعلق نہ آهي. (هڪڙي 10 روپين جي صابڻ تي تقريباً 2 روپيا ٽئڪس پرڻ سان.) ان کان علاوه مٿين تقريباً سمورين شين تي سيلز ٽيڪس لاڳو ڪرڻ سان عام ماڻهوءَ جي زندگين تي واقعي خراب اثر پوڻ ممڪن آهي. حڪومت جي فلاسافيءَ ۾ پلي ڪو فرق نہ پوي، پر سمورين شين جي آمدنيءَ واري لچڪداري غريب طبقن لاءِ تمام وڏي آهي، مثال طور: غريب طبقن جي آمدنيءَ ۽ ضروري شين جي استعمال جي 12 نسبتي شرح وڏي آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ هونئن ئي روزمره زندگيءَ جون سهولتون حاصل ڪرڻ مشڪل آهن، ويتر 15 سيڪڙو سيلز ٽئڪس صورتحال کي خراب ڪندو ۽ مختلف شعبن ۾ پروفيشنلز تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جو مطلب هن جي فين ۾ اخلاقي طرح اضافو ڪرڻ آهي.

بي وڏي ڳالهه ته سيلز ٽئڪس جو دائرو (اجرتن تي ڪنٽرول ڪرڻ سان) وڌائڻ جو دليل سمجهه ۾ نہ آيو. ڪارپوريٽ سيڪٽري جي ملازمن ۽ پگهاردار طبقي کي ڪو Relief ڏيڻ بدران انهن جي هائوس رينٽ، Traveling، ڪنوينس ۽ بين الاثونسن تي ٽئڪس هٽڻ ڪل جهڙي ڳالهه آهي ۽ اُهو به ان وقت جڏهن انفليشن جي شرح 12 سيڪڙي کان به وڌيڪ هجي. ٿورو سوچجي ته 1500 روپين جي پگهار واري سپاهي، ڪلارڪ، پٽيوالي ۽ ماستر جي زندگي چا هوندي، جن لاءِ شهيد پٽو جلسن ۾ ڪوٺ ڦٽي ڪندو هو ته، "اوهان کي سيءُ ٽئي ٿو ته آئون به ڪوٺ نہ پائيندس." حڪومت جا نعرا ته

گهٽ ۾ گهٽ پگهار هڪ تولي سون جي برابر ڪيو ويندو.

40 ارب روپين جا ٽئڪس، جن ۾ 94 سيڪڙو غير سڌا ٽئڪس آهن، ڪير ٿو چوي ته قيمتن تي برا اثر نه وجهندیون؟ وڏن پيٽن وارا جاگيردار رڳو به ڪروڙ روپيا ٽئڪس پريندا ۽ نه ئي رياست جي خزاني جو وزير ان جو انگ اکر ٻڌائي ٿو ۽ سيلز ٽئڪس مان متوقع آمدني صرف 25 ارب روپيا آهي. ڪهڙو ضرور آهي ڪروڙين عوام ۽ مخلوق کي آزارڻ جو؟ هن سال هڪ جهاز ڪٽي گهٽ ونبو ته ڪهڙي نظرياتي سرحد ڪري پوندي؟ ۽ ڪا گارنٽي نه آهي ته ڪو بجيٽ جو خسارو 4 سيڪڙو GSP جي سطح تي ڪيو ويندو ۽ وسيلن جي اڻاڻ وقت نوان نوٽ نه ڇاپيا ويندا ۽ ڪا گارنٽي ڪانهي ته گذريل سال وانگر 9، 9 مني بجيٽون پيش نه ڪيون ويندیون.

حڪومت انگن اکرن جا وڏا ڪوڙ هنيا آهن. 3 بلين آمريڪي ڊالرن جي ٽن سالن ۾ سيڙپڪاري ٿي آهي. ياد رهي ته 2 ارب آمريڪي ڊالرن جي سيڙپڪاري اسٽاڪ ۽ ڪيپيٽل مارڪيٽ ۾ ٿي آهي، جيڪا اسٽاڪ مارڪيٽ جي قيمتن جي لهڻ ۽ ڪرڻ ۾ واپس هلي ويندي آهي، جيئن هينئر ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج جي صورتحال آهي. ٽئڪس هڻڻ بدران هڪ ٻيو طريقو به ممڪن هو، وسيلن کي وڌائڻ جو. مثال طور: هن سال وري حڪومت اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ کي نوس ۽ جامع قدم کڻي ها. ياد رهي ته ملڪ ۾ غير قانوني اسمگلنگ جي ڪري حڪومت کي ساليانو 100 ارب روپين جو نقصان آهي. ڊولپمينٽ اڪنامڪس اسلام آباد جي هڪ رپورٽ مطابق، گهٽي پاڳي غير قانوني اسمگلنگ بلوچستان ۽ افغانستان جي رستي ٿئي ٿي. هڪ رپورٽ مطابق طالبان کي پاڪستان سرڪار جي حمايت هجڻ ڪري هو غير

قانوني شيون پاڪستان اسمگل ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هو سرڪار کي گهربل ڊيوٽيون ڪونہ ٿا ڏين. جيڪڏهن سرڪار مُلن سان ٿوري سختي ڪري تہ 100 ارب نہ تہ 50 ارب روپيا غير قانوني اسمگلنگ کي روڪڻ مان ڪمائي سگهجن ٿا، پر سرڪار پنهنجي بوگس خارجہ ۽ افغان پاليسيءَ جي هوڏ تي قائم آهي ۽ پاڪستان، افغانستان جي پاليسيءَ جي ڪري سڄي دنيا ۾ بدنام آهي.

بجيٽ جي روشنيءَ ۾ حڪومت جي ٽن سالن جي معاشي ڪارڪردگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيترن ماڻهن کي اٿو، لٽو ۽ اجهو مليو آهي، جنهن جي دعويدار هيءَ حڪومت آهي. مجموعي طرح بجيٽ افراطِ رز طرف مائل آهي، عام ماڻهن لاءِ ڪا رعايت Relief ڪونہ آهي. حڪومت خود پنهنجن لفظن ۾ اجا قربانيون گهري پئي. عالمي دارن جي ڊڪٽيٽ ٽيل بجيٽ آهي. هنن درويشن کي ڊفينس، داخلي قرضن ۽ سرڪار جون شاهہ خرچيون نظر ڪونہ ٽيون اچن، رڳو GST، ٽيرف ۽ خسارو گهٽ ڪرڻ لاءِ ڊپاءُ رکيو وينا آهن.

بجيٽ جي اثر جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ حڪومت وسيلن جا جيڪي ٽارگيٽ مقرر ڪيا آهن، اهي پورا ڪري ٿي يا نہ؟ قيمتون، افراطِ زر، بجيٽ جو خسارو ۽ واپار جو خسارو گهٽ ڪري ٿي يا نہ؟

حڪومت ڪيتريون مني بجيٽون لاڳو ڪري ٿي، ڪيترا پيرا تيل جون قيمتون وڌائي ٿي، ڪيترا پيرا روپئي جي ملهہ ۾ لات ڪري ٿي ۽ ڪيترو غريب طبقن لاءِ سنجيده آهي، اهو ايندڙ وقت ٻڌائيندو.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

ٽئڪسن جي سياسي معيشت ۽ حڪمران طبقو

پاڪستان ۾ ٽئڪس جي نظام ۾ وڏا مسئلا ۽ مونجهارا آهن. پهريون ته ملڪ جي مالياتي پوزيشن تمام خراب آهي. ٽئڪسن جو مڪمل نظام ناڪاره ۽ فرسوده آهي، ٽئڪسن جي ملڪي پيداوار جي نسبت سان وصولي سراسري 12 کان 13 سيڪڙو سالياني گذريل ڪيترن سالن کان ساڳي رهندي آئي آهي. اهوئي سبب آهي جو ٽئڪسن جو نظام محدود هئڻ ڪري، حڪومت جي وڌندڙ شاهاڻن خرچن جو پورائو بئنڪن کان قرض وٺي يا سرڪاري ادارا وڪڻي ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ بجيٽ جو خسارو سالياني گهٽجڻ بدران وڌندو وڃي ٿو، جيڪو تقريباً ملڪي پيداوار جي سراسري سالياني 6 سيڪڙو جي برابر آهي ۽ روپين ۾ 120 ارب روپيا سالياني آهي. سڀ کان وڌيڪ ٽئڪس تي انحصار جيڪو آهي، اهو تقريباً 80 سيڪڙو انحصار اڻ سڌين ٽئڪسن تي آهي ۽ اڻ سڌين ٽئڪسن مان به ڪپل حصي جون ٽئڪسون خاص ڪري بين الاقوامي واپار جي شعبي يعني امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ تي لڳل آهن، جن جي ڪري نه صرف وسيلن جي ورهاست ۾ توازن نه آهي پر ان سان گڏوگڏ غير قانوني واپار کي به هٿي مليل آهي. اڻ سڌين ٽئڪسن جو ڪل انگ مجموعي ٽئڪسن جي آمدنيءَ مان 80 سيڪڙو بيهي ٿو، جنهن جو گهٽي ڇاڳي بار هيٺين طبقن تي پوي ٿو ۽ ٽئڪسون گهٽي ڇاڳي Regressive آهن، يعني وقت جي تبديليءَ سان صرف ٽئڪسن جو بار وڌايو ويو آهي.

گهٽي ڇاڳي ٽئڪسن جو دائرو محدود به آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترين شين، درآمدي ڊيوٽين، محصولن، انڪم ٽئڪس ۽ بين

ٽئڪسن تان چوٽ ۽ رعايتون ڪافي ڏنل آهن، مثال طور: انڪم ٽئڪس پيارينڊڙ 100 ماڻهن منجهان سراسري هڪ ماڻهو انڪم ٽئڪس ڪونہ ٿو پري. ٽوٽل درآمدي شين جي ٽئڪسن مان 60 سيڪڙو درآمدي شيون مشڪل سان ٽئڪس ادا ڪن ٿيون، جنهن جي نتيجي ۾ بجاءِ جو ٽئڪس جي چوريءَ کي روڪيو وجي، حڪومت ٽئڪسون لڳائيندي وجي ٿي ۽ نتيجي ۾ سياسي ۽ ڪاروباري پريشر گروپ ٽئڪسن جي اضافي وزن ڪري چوريون ڪن ٿا ۽ رعايتون ۽ چوٽ ونڻ ٿا. ٽئڪسن جو مڪمل نظام ۽ ايڊمنسٽريشن فرسوده، Out Dated ۽ سندس ٽئڪسن جا قانون انگريزن جي دور جا، هڪ هٿيءَ تي ٻڌل، چند طبقن جي فائدي وٽان ۽ ٽئڪس عملي جي اختياري طاقت جا مظهر آهن. اهوئي سبب آهي، جو ٽئڪسن جي ڪاتن ۾ وڏندڙ ڪرپشن ۽ نااهلي وڌيڪ آهي، جنهن جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ، ٽئڪسن جي ڪل وصوليءَ مان ٽئڪسن جي وصوليءَ تي خرچ صرف هڪ سيڪڙو آهي. ڪمپيوٽر سسٽم ۽ گهربل تربيت نہ هڻڻ ڪري ۽ ٽئڪس عملي کان حساب ڪتاب نہ هڻڻ ڪري، هر قسم جي ڏي وٺ ۽ "نجي حل" يعني ٽئڪس عملي ۽ واپاري ماڻهن جي وچ ۾ پرائيويٽ سمجهوتي سان، ڪجهه "ڏئي ونيِ" معاملي کي ٽارڻ جي پريڪٽس عام آهي. انهن سمورين دشوارين هوندي بہ پاڪستان ۾ ٽئڪسن جي نظام جي سڌاري جون ڪوششون سست آهن. 1980ع کان اڄ تائين بجيٽ خسارو وڌندو رهي ٿو. بئنڪن کان قرض جي حالت هيءَ آهي جو بار بار استيٽ بئنڪ پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪندي رهي ٿي. هر سال 60 اربن کان وڌيڪ نوٽ ڇاپڻ جو نتيجو هي نڪتو آهي جو قيمتون چوٽ چڙهيل آهن. گذريل سال 45 ارب روپين جا نوان ٽئڪس ۽ هن سال 16 ارب روپين جا

نوان ٽئڪس هڻڻ سان عام ماڻهن جي تڪليفن جو اندازو هڻڻ مشڪل آهي. عام ضرورتن جون شيون هونئن ته نيڪ آهي روز وڌنديون آهن، پر هينئر روپئي جي قيمت ڪرڻ سان ۽ تيل جي قيمت وڌائڻ سان عام ماڻهوءَ تي سرڪار جي معاشي پاليسيءَ سان ڪڌهن بہ عام ماڻهوءَ جي زندگي بهتر ڪونہ ٿيندي. ياد رهي ته تيل جي قيمتن وڌائڻ جو هڪ بهانو عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمت وڌڻ جو ڏنو ويندو هو، پر هن دفعي هڪ طرفو تيل جي قيمت وڌائڻ سان، سمورين قيمتن تي اثر وڌي ويو ۽ قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. تيل جي قيمت وڌڻ سان ڪارخانن، ٽرانسپورٽ، Inputs ۽ بين هزارين شين تي تيل جي قيمت جي اثر جي ڪري Consumer Price Index (CPI) جيڪا حساس انداز ۾ قيمتن جي وڌڻ گهٽجڻ کي ماپيندي آهي. سرڪار جي ڪوڙن انگن مطابق افراطِ زر جو انگ 10 سيڪڙو سالياںو آهي، پر غير سرڪاري ڪاڻي مطابق افراطِ زر جو سيڪڙو تقريباً 20 سيڪڙو کان مٿي آهي. ها! ڳالهہ ڪئيسون سرڪار جي بئنڪن ۽ ٻاهرين ادارن کان قرض کڻي خرچ پوري ڪرڻ جي، انهيءَ سڄي صورتحال ۾ 90ع ڏاري حڪومت ٽئڪسن جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ ٽئڪس رفارم ۽ موبلائيزيشن ڪاميٽي قائم ڪئي هئي، اها بہ تڏهن، جڏهن نار واري جنگ کان پوءِ ٻاهرين پاڪستاني ماڻهن جي آمدني اچڻ بند ٿي وئي ۽ بجيٽ جو خسارو تقريباً 9 سيڪڙو ملڪي پيداوار جي برابر ٿي چڪو هو ۽ پوءِ Resource Mobilization Tax Reform Committee (RMTRC) قائم ڪئي وئي. اها بہ نتيجو هئي بين الاقوامي مالياتي ادارن، آءِ- ايم- ايف ۽ ورلڊ بئنڪ سان ڪيل معاهدن جي روشنيءَ ۾، تہ درآمدي ڊيوٽين ۽ محصولن ۾ لاٿ آندي ويندي ۽ سيلز ۽ انڪم ٽئڪسن جي دائري کي وڌايو

ويندو، پر ان ڪاميٽيءَ جي سڌارن کي لاڳو ٿـ نہ ڪيو ويو پر گھٽي ياڳي انهن مان ڪن سڌارن کي ناڪام بڻائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون.

ٽئڪسن جي سڌاري جي سياسي معيشت ٻڌائي ٿي تہ سڌارن جو دارومدار حڪومت جي حڪمراني ڪرڻ جي اهليت تي گھٽو هجي ٿو. گھڻا معاشي فيصلا سياسي ۽ سماجي ڍانچي ۽ سياسي نظام جي اندر ڪيا ويندا آهن. پاڪستان ۾ بدقسمتيءَ سان سياسي نظام، پاڪستان کان اڳ انگريز بهادر جي هٿ ۾ ۽ بعد ۾ اسان جي پنهنجن انگريز نواز خطابن جي مالڪن ۽ فوجين جي هٿ ۾ رهيو آهي. جيڪو ڪجھ عرصو جمهوريت بہ رهي آهي تہ ان ۾ بہ معاشي فيصلا جاگيردار جمهوريت جي طرز تي ڪاروبار نوازن ۽ جاگيردارن جي حق ۾ رهيا آهن. بجاءِ جو سماج ۾ عام ماڻهوءَ جي شرڪت سان يا سندن فائدي ۾ ڪا ٽئڪس پاليسي جوڙي وجي ۽ عوامي شين جي پيداوار ۽ خرچن جو توازن سندن حق ۾ ڪيو وجي، پر ان جي ابتڙ گھڻا ۽ اڪثر فيصلا ملڪ ۾ خاص جاگيردار گروپن، پريشر گروپن ۽ لابين جي حق ۾ ڪيا ويا آهن.

اهي پريشر ۽ لابي گروپ ٽئڪسن جي عملي سان مٿينءَ ليول تي ڳڻ جوڙ ڪري نہ صرف پنهنجي حمايت ۾ فيصلا ڪرائن ٿا، پر هر قسم جي سڌارن کي ناڪام ڪرڻ ۾ سندن هٿ هوندو آهي. اُهي پنهنجي چند اقليتي گروپن ۽ ڪجھ ماڻهن کي فائدو پهچائين ٿا ۽ نتيجي ۾ معاشري ۾ برابري، مقابلي بازي ۽ معاشي Efficiency متاثر ٿئي ٿي ۽ وڃائيندڙ ۽ نقصان ونندڙ گروپ ۽ طبقا وڏي اڪثريت ۽ عوام ٽين ٿا.

ملڪ ۾ معاشي لفظ ۾ Rent Seeking "مسواڻ چڪيندڙ"

يعني فائدا حاصل ڪندڙن جو تعداد وڌو آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجا فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ مجموعي طور سماج کي نقصان ڏيندڙ آهن ۽ انهن جي ان عمل جي ڪري نہ صرف سماجي اٽبرابري وڌي ٿي، سرڪار جا ادارا متاثر ٿين ٿا پر سندن سرگرمين جي ڪري جيڪو معاشي سرگرمين جو Plead Weight نقصان ٿئي ٿو، (جنهن جو مطلب هي ٿئي ٿو ته سرڪاري ۽ پريشر گروپن ۽ سندن پاليسين يعني ٽئڪسن جي ڏيڻ ڪري عام ماڻهوءَ جي جيڪا معاشي سرگرمي متاثر ٿئي ٿي، ان کي "Plead Weight loss" سڏبو آهي.) سياسي معيشت جو هڪ اصول هي ٻہ هوندو آهي تہ ان قسم جي معاشي مسواڙ حاصل ڪندڙ طبقن، پريشر گروپن ۽ پيڊ ويٽ نصاب کي گهٽي حد تائين ختم ڪري يا ان کي گهٽ ڪري ۽ Accountability کي وڌائي، پر حڪومت ان جي ابتڙ ڪم ڪري رهي آهي. سندن پريشر گروپ فائدي ۾ آهن، پرمٽون، SRO's، ڇوٽ، رعايتون، نوازڻ، سڀ هن سرڪار جا دين ڏرم آهن، جيالا ڪلچر نواز الزام هڪ حد تائين بلڪ گهٽي حد تائين صحيح آهي.

حڪومت جي ٽئڪس سڌارن جي نيت ڪهڙي ٻہ هجي، پر سندس حڪومت ڪرڻ جي اهليت ۽ ان جي نتيجي ۾ نهندڙ معاشي پاليسيون اهم آهن، انهن تي غور ڪرڻ گهرجي. حڪومت جي حڪمراني ڪرڻ اهليت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيئن اها ٽئڪسن جي نظام ۾ سڌارا آڻي سگهي ٿي، قانون بنائي سگهڻ جي اهليت رکي ٿي ۽ ان کي لاڳو ٻہ ڪرائي سگهي ٿي، ٽئڪسن جي آزادانہ پاليسي ناهڻ ۾ ڪيتري قدر پريشر گروپن کان الڳ، ڌار ۽ آزاد آهي ۽ ٽئڪسن جا سڌارا بنيادي عالمي اصولن جي روشنيءَ ۾ ناهيا ويا آهن يا نہ؟ (پر هتي تہ زڪوات جا پئسا ٻہ حڪمران هضم ڪيو وڃن ٿا.)

بنيادي حڪمراني ڪرڻ جي اهليت اهو ٻڌائي ٿي ته سياسي ليڈرشپ ٽئڪسن جي نظام ۾ سڌارن آڻڻ لاءِ ڪيتري قدر ان جي سماجي نظر، معاشي فائدن ۽ ٽئڪس اوگاڑيندڙ ايجنسين کي گهربل انداز ۾ منظم ۽ ڪري ٿي يا نه؟ ان جو اندازو ٻن-چئن ڳالهين مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته پاڪستان ۾ انڪم ٽئڪس پريندڙن جو تعداد سمورن ترقي پذير ملڪن جي پيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ پوئتي پيل آهي. پاڪستان ۾ مشڪل سان انڪم ٽئڪس پياريندڙن جو تعداد چند هزارن ۾ يعني ڪافي گهٽ آهي ۽ انهن مان به وڏو تعداد سرڪاري ملازمن جو آهي، جن جي پگهارن مان جبري ٽئڪس ڪٽوتي ڪئي ويندي آهي. ٽئڪسن جي نظام جي اهليت هيءَ آهي جو جاگيردارن جي ايڏين وڏين جاگيرن ۽ دولتن تي ڪا ٽئڪس نه آهي، مرسڊيز ڪارون سواءِ ٽئڪس جي درآمد ڪيون وڃن ٿيون ۽ پکن ۽ سائيڪلن، عام ڪاڏي جي شين تي ٽئڪس آهي. زرعي ٽئڪس لاءِ سرڪار ڪترائي ٿي، ڇاڪاڻ ته حڪومتي ڪرسيءَ جون ڪريون جاگيردار طبقي جون ڏنل آهن. ڪارپوريٽ ٽئڪس نه هڻڻ برابر آهي. درآمدي ڊيوٽي گذريل ڪيترن سالن کان سراسري 100 سيڪڙو کان 225 سيڪڙو سالانه رهندي آئي آهي. آٽو موبائيل ۽ ڪارن جي ڪيس ۾ مورگو 425 سيڪڙو آهي. هينئر ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ- ايم- ايف جي ڪري درآمدي ڊيوٽين کي گهٽ ڪري 70 سيڪڙو تائين آندو ويو آهي. Excise ۽ Custom ڊيوٽيز، جيڪي ٽئڪسن ۾ اهم حصو Share آهن، انهن ۾ به ڪرپشن ٿئي ٿي ۽ درآمدي ڊيوٽين جو ريٽ تمام وڏو آهي.

بجاءِ جو سرڪار وسيلن جي پورائي لاءِ ٽئڪسن ۾ سڌارا آڻي، ڪرپشن کي گهٽ ڪري، اڻ سڌين ٽئڪسن بدران سڌن ٽئڪسن تي دارومدار رکي، ٽئڪسن جي دائري کي وڌائي، امير

طبقن تي ٽئڪس هڻي ۽ ٽئڪس جي ريٽ کي گهٽائي، ته جيئن چوري روڪي سگهجي، معاشي سرگرمين کي وڌائي سگهجي، سرڪار الٽو ويليو ايڊيڊ ٽئڪس VAT (سيلز ٽيڪس جي طرز تي) Retailing ليول تي ڪرڻ گهري ٿي، جيڪا نه صرف آمريڪا ۾ ناپائيدار رهي، پر گڏوگڏ ان جي Recovery ڪاسٽ به وڌي آهي، جنهن تي هر آئي ڏينهن واپاري طبقا پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪن ٿا، چاڪاڻ ته انهن ۾ Documentaries جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ هي وقت مناسب نه آهي. هڪ ٻي ڳالهه ته درآمدي ڊيوٽيون يا ڪسٽم ڊيوٽيون گهريون هڻڻ ڪري عام ملڪي شين جون قيمتون وڌي وڃن ٿيون ۽ عام ماڻهن کي وڌيون قيمتون ادا ڪرڻيون پون ٿيون. ڪجهه ادارن، مثال طور: PTC، واپڊا ۽ اهڙين ٻين سرڪاري ڪارپوريشنن کي ٽئڪس جي وڌي چوٽ ڏنل آهي. حڪومت جو ٽئڪس جي دائري کي وڌائي نه سگهڻ جو هڪ سبب ته وڏي ليول تي چوٽ ۽ رعايتون آهن، جيڪي مختلف پريشر گروپ ۽ لابيون ڪم ڪن ٿيون، ٻيو ته ٽئڪس عملي جا ٽئڪس جي سڌارن ڏانهن ابتڙ رويا بلڪ ٽئڪسن سڌارن جي مخالفت ۽ گهٽي پاڳي انهن بيوروڪريٽن جي حڪمران طبقي سان ڳنڍ جوڙ ۽ واپاري ڪلاس سان وفاداريءَ ڪري هر سڌاري کي نه صرف ناڪام بنائڻ ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ ۽ حڪمت عملي به. هي گروپ پهريان ته سڌارن جي نالي ماتر حمايت ڪن ٿا ۽ بعد ۾ ٽئڪس چوري ڪنڊڻ سان Bargaining ڪري سڌارن کي ناڪام بڻائين ٿا.

ٽئڪسن جي سڌارن ۽ ان تي عمل لاءِ جن شين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، انهن مان فني پاسي کان ٽئڪس عملي جي تربيت، ٽئڪس نظام کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪرڻ، بدلجندڙ حالتن ۾ ٽئڪسن کي لچڪدار ڪرڻ، ٽئڪسن جي دائري کي وڌائڻ،

ڳرن ٽئڪس ريٽن کي گهٽ ڪرڻ، ٽئڪس عملي ۾ بيوروڪريٽن جو حساب ڪتاب رکڻ، رشوت ۽ بين غير قانوني ڪاروبارن تي نظر رکڻ، ٽئڪس چوريءَ جي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ بهتر پاليسي جوڙڻ، ٽئڪس پاليسي ناهڻ لاءِ سمورن پريشر گروپن، ملازمن ۽ واپاري طبقن کي اعتماد ۾ وٺڻ، ٽئڪس سڌارن مان ٽئڪس ڊپارٽمينٽ ۽ ٽئڪس چوري ڪندڙن جي مجموعي طرح حوصلہ شڪني ڪرڻ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته حڪمرانن طرفان ٽئڪسن جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ حڪمرانيءَ جي اهليت کي بهتر بنائڻ، ٽئڪس سڌارن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ مٿينءَ سياسي ليول تي ڪمٽمينٽ جو پرپور مظاهرو ڪرڻ، بجيٽ جي Process ۾ عام ماڻهن جي ضرورت آهر ٽئڪس لڳائڻ، ڳرين ٽئڪسن جو خاتمو ڪرڻ، عوامي شموليت جو اظهار ڪرڻ، ٽئڪس چوري ڪندڙ بيوروڪريٽن ۽ پريشر گروپن جي حوصلہ شڪني ڪرڻ وغيره اهم آهن.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

ايندڙ بجيٽ ۾ مهانگائيءَ جي جار ۾ ڦاٽل عوام

وفاقي بجيٽ جيئن جيئن ويجهو ايندي وڃي تي، تيئن تيئن عام ماڻهن، واپاري طبقن، سياستدانن، معيشتدانن، پروفيشنلس جي وچ ۾ بحث جو موضوع ٿيندي وڃي ٿي. بجيٽ مان ڪين اندیشا ۽ اميدون آهن، اندیشا گهٽ پر پريشانيون وڌيڪ آهن، بنسبت چگين اميدن جي؛ چاڪاڻ ته ڪو Atonal (عام سوچيندڙ) ذهن جيڪڏهن حڪومتن جي ڪارڪردگيءَ جي خبر رکندڙ آهي ته اهو Rational شخص ايندڙ بجيٽ تي پريشان ٿئي ٻه ٿو ۽ نه ٿو ٻه ٿئي. هڪ پاسي ڪيس پريشاني آهي ته ايندڙ بجيٽ ۾ ڪيس ڪي تڪليفون ۽ Hard Ships فيس ڪرٽيون آهن ۽ ٻئي پاسي هو گهٽ پريشان آهي، چاڪاڻ ته سندس حڪمرانن جي طبيعت جي ڪيس خبر آهي ته هر سال وانگر نوان ٽئڪس لڳايا ويندا، ملڪ جي وسيلن جو تقريباً سڄو حصو يا ته قرضن جي ادائيگين ۾ يا پاڻيسري ملڪن کان خطرو هٽڻ جي ڪري، دفاع جي خرچن جي پورائيءَ ۾ هليو ويندو، مسلمان ملڪ هٽڻ جي ناتي ڪيس غير مسلم پاڻيسري ملڪ سان خطري جي پيش نظر، هو پنهنجن ٻارن جي تعليم، سندس ڪٽنب جي صحت، ڪيس رهائش، پاڻي ۽ زندگيءَ جي رواجي سهوليتن کان وانجهيل عام فرد، حڪمرانن جي ڏسيل ستيءَ ۽ حب الوطني جي جذبي هيٺ ڪيترا سال ۽ ڪيترا نسل تباهه ٿيندي ڏسندو آيو آهي.

عام ماڻهوءَ جي سوچ کان ٿورو مٿي، خاص طرح سوچيندڙ ماڻهو سوچي ٿو ته سندس وات مان کسيل ڳيو، وقت کان اڳ يونيورسٽي ڇڏي ڪلارڪي ڪندڙ يا عام نوڪري پيشه ور ماڻهو، K-2 جي سگريٽ کان وڌي، اٽي تي ٽئڪس پريندڙ لاءِ پاڻيسري

ملڪ لاءِ دشمني گهٽ پر محبت وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي اعتبار نہ اچي تہ رينبو سينٽر تي وڃي ڏسي تہ ڪيئن شام جو ٽڪيل ماڻهو، بک ۽ ڏڪ کي مٽائڻ لاءِ هندستاني فلمن جو سهارو ونڻ ٿا ۽ ٻهراڙيءَ جي ڪنهن ٻاکڙي هوٽل ٻاهران بہ چئن روپين ۾ ڊش اينٽينا تي رش ڏسي سگهجي ٿي.

غريب ماڻهن لاءِ بجيٽ سندن اڳ ۾ ئي زهر بٽيل حياتي لاءِ وڌيڪ تڪليف ده ثابت ٿيندي. جيڪي عام غريب ماڻهو بہ وقت ويلو ڪائي نہ سگهن، ڪو اجهو، لٽو وڻي نہ سگهن، انهن ماڻهن کي هر سال نون ٽئڪسن لاءِ تيار ڪرڻ، ڪين سال ۾ ٽي- ٽي ڀڻي بجيٽون ڏيڻ، ڪهڙي بہ حالت ۾ سندن زندگين تي برا اثر ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي.

ملڪ جي معاشي صورتحال ڏاڍي ڳڻپير آهي. بين الاقوامي ادائيگين جو توازن خراب آهي. نوٽن ڇاپڻ تي زور آهي. سرڪار جو روزمره جو ڏنڏو ڏاڙي نقصان ۾ آهي. عوامي خرچ، عوامي نمائندن جي ٻاهرين ٻئنڪن جي اڪائونٽن ۾ منتقل ٿين ٿا. هن سال وري ترقياتي رٿائن جي مجموعي ڪاٽي ۾ ٻن ارب روپين جي لات ڪئي وئي آهي. سرڪار ٻاهرين مالي ادارن کان قرض کڻڻ لاءِ هڪ هڪ اداري جي در تي ڪشتو ڪنيو پنندي وتي ٿي. قيمتون وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿيون ۽ سرڪار پنهجن پراڻن واعدن کي پاڻڻ لاءِ ۽ IMF جي شرطن جي پورائي لاءِ وري 30 کان 50 ارب روپين جا نوان ٽئڪس هڻڻ لاءِ سوچ ويچار ڪري رهي آهي. سوچ ويچار ان ڏس ۾ تہ ڪيئن 20 يا 30 ارب روپين جي ٽئڪسن کي بجاءِ بجيٽ ۾ اعلان ڪرڻ جي، آهستي آهستي، ڀڻي بجيٽن جي صورتن ۾ لاڳو ڪيو وڃي، مثال طور: گذريل سال ٽوٽل 17 ارب روپين جا اڻ سڌا ٽئڪس لڳائي، وري 21 ارب

روپين جا نوان ٽئڪس مختلف مني بجيٽن جي صورتن ۾ لڳايا ويا. اهي نوان ٽئڪس به ڪي امير، جاگيردار يا صنعتڪار طبقن تي نہ، پر بجليءَ جي اگهن، ٽيليفون، گئس، تيل ۽ عام ڪاڏي جي شين تي لڳايا ويا، ڇاڪاڻ تہ ڪاڏي جي شين جي لچڪ (طلب جي) ڀڙي هوندي آهي، قميتون ڪيتريون ب وڌائجن، انهن جي طلب تي ڪو اثر نہ پوندو آهي. جيڪو ماڻهو ب وقت ماني ڪائيندو. اهو مانيءَ جي يا انّي جي قيمت وڌڻ ڪري هڪ وقت ڪائڻ بند نہ ڪندو، پر هن کي زنده رهڻ لاءِ ب ئي وقت ضرورت جي مطابق اوتري مقدار ۾ ماني ڪائڻي پوندي.

حڪومت انگن اکرن جي راند ڏيکاري قيمتن جي واڌ جي شرح 10 کان 12.1 سيڪڙو ٻڌائي ٿي، جڏهن تہ آزاد معاشي ماهرن جي اندازي ۽ ڳڻپ مطابق قيمتن ۾ واڌ 20 سيڪڙي کان ب وڌيڪ آهي. گذريل سال حڪومت جو افراطِ زر جي متعلق تارگيٽ 7 سيڪڙو هو، پر اهو غير مناسب هو ۽ هينئر ب هن سال افراطِ زر جي شرح کي گهٽائي 8 سيڪڙو تي آڻڻ جو سرڪاري تارگيٽ آهي، پر جيڪڏهن حڪومت جي نوٽن ڇاپڻ جي رفتار ۽ بئنڪن کان قرض کڻڻ جي ڪارڪردگيءَ کي ڏٺو وڃي تہ ممڪن ئي نہ آهي جو انفليشن 10 سيڪڙي کان هيٺ اچي. حڪومت پنهنجي واعدي مطابق گذريل سال 15 ارب روپيا بئنڪن کان قرض کڻڻ جي حد مقرر ڪئي هئي، ان جي اُبتڙ حڪومت تقريباً 50 ارب روپيا حڪومتن کان قرض کنيو آهي. گذريل سال نون نوٽن ڇاپڻ جي سرڪاري حد ب 20 ارب روپين کان ڪنهن ب صورت ۾ وڌيڪ نہ هئڻ ڪپندي هئي، پر حڪومت 68 ارب روپين جا نوان نوٽ ڇاپيا آهن. (ڏسو اسٽيٽ بئنڪ جي تازي بليٽن.) بجيٽ خسارو IMF جي شرطن مطابق 4 سيڪڙو مجموعي ملڪي پيداوار جي برابر آڻڻ

گهربو هو، پر حڪومت اڳ ۾ ئي انهيءَ اندازي تائين آڻڻ کان انڪار ڪري چڪي آهي، ڇاڪاڻ ته قرضن جي ادائيگي ۽ دفاعي خرچن هوندي بجيٽ جو خسارو گهٽ ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي.

حڪومت هن سال وري جنرلائيزڊ سيلز ٽئڪس (GST) کي IMF جي شرطن مطابق 2.25 سيڪڙو جي حساب سان تقريباً 200 بنيادي نوعيت جي شين تي ٽئڪس Retailing جي سطح تي هٽڻ کان ڪيبائي ٿي، ڇاڪاڻ ته ملڪ جي واپاري تنظيمن جي نمائندن صاف لفظن ۾ ان جي مخالفت ۽ ان کان انڪار ڪيو آهي. ٻيو ته ان جو ريٽ وڌو آهي، ٽيون ته ان لاءِ گهربل دستاويزي معيشت اڃا آئيڊيل ڪونه آهي. چوٿون ته ان جي ڪري وڏن صنعتڪارن کي نقصان آهي ۽ ننڍن صنعتڪارن لاءِ وڏيڪ ماڻهو (دستاويزي لاءِ) پرتي ڪرڻ سندن منافعي تي برا اثر ڇڏيندا ۽ عام ماڻهوءَ لاءِ ان جو اثر وڏيڪ خطرناڪ آهي.

سرڪار جي مٿان نوان ٽئڪس هٽڻ لاءِ ان کي جاگيردار طبقي جي مٿان "زرعي آمدنيءَ تي ٽئڪس" هٽڻ جو دانشورانه ماحول جو ڏٻاءُ آهي. جاگيردارن جي اربين روپين جي ڪمائيءَ تي ڪو ٽئڪس نه آهي، جڏهن ته 4000 ارب روپيا ڪٽندڙ عام سرڪاري ملازم ٽئڪس پري پيو. ٻيو دليل هي آهي ته حڪومت کين اربين روپيا پري، آبپاشيءَ جو نظام ۽ ٻيون سهوليتون ميسر ڪري ٿي، پر جاگيردار ان تي ٽئڪس پرڻ کان ڪيبائي ٿو.

هڪ پاسي معيشت جي حالت ايتري خراب آهي، جو عام ماڻهن تي نوان ٽئڪس هٽڻ، سندن قٽن تي لوڻ برڪڻ جي برابر آهي. نون وسيلن جي تلاش ۾ سياسي معيشت رڪاوٽ آهي. مخالف ڏر وارا حڪومت جي بجيٽ واري پاليسيءَ تي راهِ خدا ڇڙيا وينا آهن ۽ بجيٽ کان اڳ ۾ ئي هل هنگامو ڪرڻ لاءِ تيار

وينا آهن. ٻئي پاسي معاشي ماهر ان راءِ جا آهن ته وسيلن ۾ واڌ کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. ان لاءِ هينيان قدم کڻي سگهجن ٿا:

- سمورن قسمن جون رعايتون، SRO's ۽ انڪم ٽئڪس جون چوٽون هڪدم ختم ڪيون وڃن.
- قيمتن تان سرڪاري قبضو هٽايو وڃي. (ياد رهي ته وزيراعظم پاڪستان پنهنجن جاگيردارن کي اضافي قيمتون ڏيڻ جي حق ۾ آهي ته: "اولهه جي هارين کي پئسا ڏيڻ بدران پنهنجن جاگيردارن کي چونہ ڏجن.")
- اسمگلنگ کي هڪدم بند ڪيو وڃي. پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اڪنامڪس (PIDE) جي ڪاڻي مطابق 100 ارب روپين جي غير قانوني اسمگلنگ ٿئي ٿي، جنهن جو وڏو حصو افغانستان جي رستي ٿئي پيو. حڪومت ان ڪاروبار تي سختي ڪري، ڪيترائي ارب روپيا ڪمائي سگهي ٿي ۽ ملڪ اندر شين جي ڪوٽ کي بہ پورو ڪري سگهي ٿي.
- حڪومت شاهاڻن خرچن کي هڪدم بند ڪري يا ته انهن تي ڪافي حد تائين ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.
- ٻاهرين ملڪن کان قرض، بجيٽ جي خساري يا زر مبادلہ جي ذخيرن کي وڌائڻ بدران، جيڪڏهن ڪن وڏن منصوبن ۾ سيڙپڪاري ڪجي ته بهتر آهي، نہ ته قرض ونڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي.
- دفاع جي خرچن کي گهٽائڻ لاءِ هندستان سان عام ماڻهوءَ جي سطح کان وڌي حڪومتي سطح تائين دوستاڻو ماحول بنائڻ تمام گهڻو آسان آهي، ان لاءِ دانشورن ۽ اداڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن.

هينئر پنهنجي ملڪ جي معاشي صورتحال جنهن اسٽيج تي

آهي، انهيءَ جي تقاضا آهي تہ عام ماڻهن جي زندگين ۾ کين ڪو آرام جو لمحو ملڻ گهرجي. آخر ڪيستائين هن غريب ملڪ جا ماڻهو اربين روپيا آپي شاهي خرچن جي نذر ڪندا رهندا؟

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

پاڳو ٽيون
سياسي
۽ سماجي مضمون

چونڊن ڪانپوءِ بي نقاب ٿيل آمريڪي جمهوريت

آمريڪي چونڊون نومبر 3، 2020 تي خير سان ٿي گذريون. ٽن هفتن گذرڻ باوجود اليڪشن جا نتيجا ظاهر ڪونہ ٿيا آهن. نتيجن ۾ دير جي ڪري، چونڊون هينئر تائين دنيا ۾ وڏي مشڪري بڻجي چڪيون آهن. دنيا کي "جمهوريت"، "آزادي"، "حقن" جو درس ڏيندڙ آمريڪا پاڻ جمهوريت لاءِ ڪلٽهارڪو ٿي چڪو آهي. آمريڪي ملڪ ۾ عام رواجي ٻوليءَ ۾ 'جمهوريت' کي "بهترين جمهوريت" سڏيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو دنيا جي ٻين ملڪن ۾ رائج جمهوريتن جي نسبت ۾ آمريڪا ۾ نسبتن بهتر سرمائيدار جمهوريت آهي. پر هڪ ڳالهہ واضع آهي تہ سرمائيدار جمهوريت ۾ امير طبقا ئي حاڪم طبقا هوندا آهن.

سرمائيدار جمهوريت جو مسئلو اِهو نہ آهي تہ ڪير پارليامينٽ ۾ چونڊجي اچي ٿو؟ ڪانگريس يا سينيٽ جو نمائندو ٿئي ٿو، يا ڪنهن ملڪ جو وزيراعظم، چانسلر يا صدر ٿئي ٿو. پر در اصل، حقيقت ۾، سماج متعلق اهم ۽ آخري ٿيندڙ فيصلا، جهڙوڪ، عام رواجي زندگي يا سماجي زندگيءَ کي ڪيئن منظم ڪجي. اهڙا اهم فيصلا اهي طبقا ڪندا آهن. جن جو وسيلن ۽ ملڪ جي دولت تي ڪنٽرول هوندو آهي. اهڙا طبقا پاڻ کي عوامي احتساب کان بالاتر سمجهندا آهن ۽ گهٽي ياڳي ٿورائي ۾ هوندا آهن.

آمريڪا ۾ سماجي زندگيءَ متعلق بنيادي فيصلا ڪندڙ ڪير آهن؟ آمريڪا ۾ ڊالرن ۾ رڳو 12 ارب پتي امير ترين ماڻهن جي گڏيل دولت هڪ ٽرلين ڊالر کان مٿي آهي. ملڪ ۾ 60 ارب پتي ملڪ جي وڏين ڪارپوريشن جي بورڊ جا ميمبر آهن. انهن مان ڪيترائي لک پتي ڪارپوريشن جا ڊائريڪٽر ۽ ميمبر ۽ چيف

اڳزيڪيٽو آفيسر آهن. ۽ ٻيا ڪيترائي اڻ ڳڻيا امير ۽ دولت مند ماڻهو ملڪ جي ميڊيائي، صنعتڪاري، مواصلات، بجلي، ملڪ جي زراعت ۽ ٻين هٿيارن مالياتي ۽ ڪاروباري سيڙپڪاريءَ جي شعبن کي نہ صرف ڪنٽرول ڪن ٿا بلڪ اهڙن شعبن جا مالڪ بہ آهن. اهڙن دولت مند سرمائيدارن، بئنڪرن ۽ سيڙپڪارن ۽ ان جا مئينيجر اهو طئ ڪن ٿا تہ معاشي طرح چا پيدا ڪرڻو آهي ۽ چا نہ ڪرڻو آهي، ڪهڙا شهر اڏائڻا آهن ڪنهن کي اتي رهائڻو آهي. ڪهڙي سيڙپڪاري ڪرڻي آهي، ڪهڙي نہ ڪرڻي آهي. اهڙن دولتمند طبقن کي ڪنهن بہ ووٽ ذريعي نہ تہ ڪنهن چونڊيو آهي ۽ نہ ئي اهي ڪنهن ڏانهن جوابده آهن. پر عوام جي زندگين تي اهڙن طبقن جو سڌو ڪنٽرول آهي. اهي ئي طبقا آهن جيڪي جنگين جا فيصلا ڪن ٿا ۽ اهي ئي عوامي زندگين کي ڪنٽرول ڪن ٿا.

آمريڪي جي صدارتي چونڊ "عوام" جي سڌي ووٽ بجاءِ 538 رياستن مان "چونڊيل نمائندن" تي ٻڌل "چونڊ ڪاليج" ڪندي آهي. "چونڊ ڪاليج" جديد آمريڪا جي وجود ۾ اچڻ وقت ان مقصد لاءِ ناهي ويئي هئي تہ جيئن پهرين ڏينهن ڪان صدارت تي "عوامي" ڪنٽرول بجاءِ غلامن جو ڪاروبار ڪندڙ رياستن، بئنڪارن، سرمائيدارن يا ان جي ساٿاري طبقن جي هٿ وس هيٺ هجي. انهن طبقن ئي دراصل آمريڪا جي آئين جو بنياد 1787 ۾ رکيو. جنهن ۾، عام مقبول ووٽنگ ۾ هارائيندڙ وري چونڊ ڪاليج جو ووٽ ڪٽي سگهي ٿو. آمريڪي تاريخ ۾ چار دفعا ٿي چڪو آهي (1824، 1876، 1888 ۽ 2000). 25 گهٽ آبادي واري رياستون - جن جا صرف 116 چونڊ ووٽ آهن، جڏهن تہ 10 وڏندڙ آبادي واري رياستن وٽ طاقت کان ٻيڻا 256 چونڊون ووٽ آهن.

ظاهر آهي اهڙي آئين ۾ 4 سيڪڙو جي آبادي‌۽ تي ٻڌل 13 مڪيہ رياستون آساني‌۽ سان ترميم ڪري سگهن ٿيون. ملڪ جي سينيٽ ٻن ايوانن تي ٻڌل ڪانگريس "عوام" بدران "علائقن" جي نمائده سينيٽ آهي. جنهن ۾ گهٽ آبادي‌۽ تي ٻڌل رياستن جي نمائندگي 68 سيڪڙو آهي. سينيٽ ۾ اهڙيون رياستون 80 سيڪڙو نمائندگي رکن ٿيون. سپريم ڪورٽ ٻہ سڄي زندگي‌۽ لاءِ مقرر ڪيل ججن تي ٻڌل آهي. جنهن جو مورڳو ڪم ئي اڪثريتي راءِ تي ڪڙي نظر رکڻ آهي. ملڪ جي سينيٽ هڪ قسم جي انتظامي ۽ ادارتي نسلي متييد جي نظام تي قائم آهي. ملڪ جي 27 لکن جي آبادي‌۽ تي ٻڌل ڪجھ اڇي نسل واريون رياستون جهڙوڪ ريومنگ، ورمينٽ، الاسڪا، نارٿ ڊاڪوٽا، رياستن جي سينيٽ ۾ نمائندگي، ملڪ جي باقي 11 ڪروڙ آبادي‌۽ تي ٻڌل باقي رياستن جي مقابلي ۾ جهڙوڪ ڪيليفورنيا، ٽيڪساس، فلوريڊا ۽ نيويارڪ جي رياستن جي برابر نمائندگي آهي. ملڪ جي وفاقي، رياستي يا مڪاني حڪومتون جو ڊانچو گورنرن ۽ شهري ميئرن جي چوند جو طريقہ ڪار 166 سال پراڻو، ٻن سرمائيدار پارٽين جي وچ ۾ مقابلي تي ٻڌل آهي. جنهن کي گهڻي پاڳي ملڪ جا وڏا سرمائيدار نہ صرف ڪنٽرول ڪن ٿا پر انهن کي مالي مدد بہ ڏين ٿا. ملڪ جو ٻيون سوشلٽ، ڪميونيسٽ يا پورهيت يا جمهوري پارٽيون ان ٻن پارٽين جي اقتداري ڪنٽرول کي اڄ ڏينهن تائين ڊلو ڪري نہ سگهيون آهن.

ملڪ جي وسيع عوامي اڪثريت کي ملڪ جي پاليسيون ناهڻ ۾ ڪو سڌوسنئون عمل دخل نہ آهي. آمريڪا ۾ "اڪثريت" حڪمراني ۾ نہ آهي ۽ جيڪڏهن وسيع اڪثريت ملڪ جي حاڪم

ٽولن سان اختلاف جي جرئت ڪري ٿا ڪين فاش شڪست جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

ملڪ ۾ هڪ وڏي آبادي ووٽ جي حق کان محروم آهي. جهڙوڪ غيرقانوني معاشي لڏ پلاڻ ڪري آيل لاطيني آمريڪي آبادي۽ جا رهاڪو، پورتوريڪو جي بينڪي آبادي، جنهن کي ڪانگريس ۾ ڪا نمائدگي نه آهي. اٽڪل 60 لک جيلن ۾ پيل ۽ سزا يافته ماڻهون. جنهن ۾ گهڻي اڪثريت ڪاري نسل جي آبادي۽ جي آهي. انهي۽ سڄي آبادي۽ کي ووٽ جو حق نه آهي. ملڪ ۾ نسلي امتياز چوٽ چڙهيل آهي. امير ۽ غريب طبقن جي آمدنين ۾ تاريخي تفريق آهي. هٿيار بند فوجي پوليس گهٽين ۾ امير طبقن جي حفاظت لاءِ غريب ۽ ڪاري نسل جي مزاحمت کان بچاءِ لاءَ گهٽين ۾ گشت ڪري ٿي.

آمريڪا دنيا جي 170 هنڌن تي فوجي اڈا قائم ڪري ڪيترن ئي ملڪن جي چونڊيل حڪومتن جا تختا اونڌا ڪري چڪي آهي. ٻين ڪيترن ملڪن تي جنگيون مڙهي، چڙهايون ڪري، جلوسي ڪري پنهنجي طاقت ۽ دٻاءُ جو نشانو بڻائي چڪو آهي. ملڪ جي وسيع پورهيت آبادي، جهڙوڪ، بورچي، صفائي ڪندڙ، ڊاڪٽر، هاري، مزدور ۽ پورهيت جو آمريڪي جي جارحيت جنگين ۽ فيصلن جو ملڪ ۾ قائم "جمهوريت" سان سندن ڪو ڇڪ ته واسطو ئي نه آهي.

ملڪ جي معاشي صورتحال تمام نازڪ ۽ ڳمبير ٿي چڪي آهي. ملڪ ۾ معاشي بحران ڇڪ ته وري وري چوٽين پنجين سال ڪر ڪنيون ٻيڻا آهن. آمريڪي معشيت وبائن ۾ ڪو 30 سيڪڙو لاٽ ڪئي آهي. غير سرڪاري انگن اکرن موجب بيروزگاري جي شرح 25 سيڪڙو کان مٿي آهي. آمريڪي معيشت

27 ٽرلين ڊالرن جي دنيا جي سڀ کان وڏي مقروض معيشت آهي. آمريڪا ۾ 1973 جي انگن مطابق گهٽ ۾ گهٽ اجرت 2020 ۾ 20 ڊالر في ڪلاڪ هجڻ گهرجي ها. جيڪا هيئنر 7.5 ڊالر افي ڪلاڪ آهي. اٽڪل 40 لک ماڻهو سالانہ بي گهر ئي رهيا آهن. 25 سيڪڙو مسواڑي گهر ۾ رهندڙن جي آمدنيءَ جو اڌ مسواڑ ۾ وڃي ٿي، هر رات اٽڪل ٻہ لک ماڻهو برجن ۽ پلين هينان يا ڪارن اندر سمهڻ تي مجبور آهن. 4 ڪروڙ ماڻهو سال جي آخر تائين بي گهر ٿيڻ جي خطري هيٺ آهن. 2 ڪروڙ 70 لک ماڻهو صحت جي انشورنس وڃائڻ جي ڪناري پهچي چڪا آهن. بئنڪن جي ڏنل قرض جي واپسي نہ هجڻ جي صورت ۾ بئنڪن جي نقصان ۾ وڃڻ جو خطرو وڌيل آهي. ملڪ ۾ آئي ڏينهن بئنڪنگ، مالياتي بحرانن ۽ بيروزگارن ۽ معاشي اڻ برابرين جو شڪار ٿيندو وڃي ٿو. آمريڪي مالياتي نظام ۽ ڊالر ڪرنسيءَ تي معاشي دباءُ وڌيل آهي. گهٽي دنيا آمريڪي جي امڪاني جارحيت جي تعبيداري ڪرڻ بجاءِ ان جي مخالف ڪن ٿا. بلڪ دنيا جا گهٽا عزت پريا ملڪ اهو سمجهن ٿا تہ آمريڪا اسرائيل ڪانپوءِ دنيا جي ڪيترن ملڪن کي غير مستحڪم ڪندڙ ملڪ آهي. ملڪ جي اندر تعليم، صحت ۽ پيداواري ۽ پورهيت جي صلاحيت ۽ معياري زندگي ۾ وڏو فرق اچي چڪو آهي. ملڪ ۾ اٽڪل 3 لک ماڻهو ڪرونا وبا جي سبب مري چڪا آهن. آمريڪا جي مسلسل سامراجي جنگين ۽ عالمي طاقت جي خواهش کيس خارجي طور ٽڪائي ڇڏيو آهي. جنهن جو سڌوسنئون نتيجو کيس مالي ۽ تجارتي خساري ۾ مسلسل واڌ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي. دراصل سندس سامراجي ڪردارئي انجي قرلت ۽ استحصال جو سڀ کان وڏو ذريعوهو.

تاريخ ۾ ڏٺو وجي ته دنيا جون ٻيون سامراجي قوتون ۽ اهڙي ئي سامراجي جارحيتن ۽ جنگين جي نتيجن ۾ ئي ڪمزور ٿيون آهن. برطانيا ٻي جنگ عظيم ۾ ڪمزور ٿيو، آسٽريو هنگري/روسي سپائرس پهرين جنگ عظيم ۾، فرانس نيوپولين جي روس تي اڳرائيءَ جي نتيجي ۾ ۽ بيلجيم ڪانگوتي چڙهائين ۾ ڪمزور ٿيا. آمريڪي ۽ ان ڏس ۾ ڪي غير معمولي قوم نه آهي ڪيس عراق، افغانستان، يمن، ليبيا، شام جي جنگين ڪيس ٽڪائي ڇڏيو آهي. عراق ۽ افغانستان جي جنگين جو خرچ 5 ٽريلين ڊالرن کان مٿي ٿيو آهي.

چوندن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽي ڪٽي يا ڪا ٻي پارٽي آمريڪا ۾ ايرندڙ نسلي قومپرستي، نسل پرستي ۽ واري ڪاري رات جو خاتمو ۽ سندس سامراجي غرور جو خاتمو جلد اڻ ٽيٽو آهي. آمريڪي طاقت جي نشي ڪي چوندون ۽ هوش ۾ آڻي نه ٿيون سگهن، آمريڪا جي سياسي جنگيون، هوڏ، طاقت جو غرور، معاشي محرميون ۽ اڻ برابريون، ان جي اندر ڪي اڏوهيءَ وانگر ڪائي ڪوڪلو ڪري چڪيون آهن. آمريڪا جي بحراني ڪيفيت اڳ ۾ ئي ساڃي ڏر جي سياسي اڳواڻن جي چهرن تي واضح ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ساڃي ڏر چرچ جي عبادت گاهن جا پنڌ ڪري جادوٽوٽي، ڦيٽي ڦڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پراڻي خوشحالي، عقليت ۽ تحفظ لاءِ پلي دعائون گهرن، پر پنهنجي اونداهي مستقبل ۽ پلاند جي باهه ۾ پراڻي عظمت حاصل ڪرڻ لاءِ تشدد، لالچ ۽ ڪرپشن ۽ ڪارپوريشن جي ارب پتي سرمائيدارآمريڪا جي موجوده دٻڻ ۾ ڦاسائڻ جا اصل ذميدار آمريڪي سرمائيدار آهن.

صدارتي شڪست ڪانپوءِ ٻه سفيد قومپرستيءَ، نسل پرستيءَ ۽ تشدد ۾ اضافي جا واضح امڪان آهن. حڪمران طبقن

آمريڪا ۾ جيڪا مافيا معيشت سان گڏ مافيا رياست جو بنياد وڌو هو، اها جوبائيڈن جي اچڻ سان ختم نہ ٿيندي. الٽو اڃان وڌندي. اها معاشي لٽ مار، مافيا مداخلت، تعصب نہ ٽرمپ جي زماني ۾ ختم ٿو ۽ نہ وري برڪ اوباما، بش، ڪلنٽن ۽ نہ ريگن جي زمانن ۾.

جو بائيڈن جيڪو اهڙي چريائپ جو نمائيندو آهي. ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي گهرائيءَ ڪان اڻ واقف، ان حڪمران طبقي جي نرگسي سوچ جو مظهر آهي. هي آمريڪا ۾ اهڙي جهموري نظم و ضبط واپس آڻي، شهري مذهبي ۽ هڪ بي شهنشاهيت ۽ سامراجيت قائم ڪرڻ جي خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهي. جنهن رياست وٽ وڏي طاقت ۽ اختيار هجي، اتي ٽرمپ جي بدفضيلت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ، دنيا ۾ آمريڪا لاءِ خواري جو ڪارو، سامراجي طاقت لاءِ هڪ وڏي خواري ثابت ٿيو آهي. پر هن چوند آمريڪي ڪوڙي جهموريت جي منهن تان نقاب بہ لاهي ڇڏيوآهي.

ڪاوش اخبار 22 نومبر 2020ع

چونڊن ۾ سوپارو ٽيل جو بائيڊن آمريڪا کي صحيح دڳ تي وڌي ايندو؟

آمريڪا جي اندروني ۽ باهرين ساخت ملڪيت يافتہ طبقن جي نهيل آئين قانون، قاعدن ۽ جساني ساخت ۾ مڪمل طور تي ڪرپٽ ٿي چڪي آهي. بظاهر آمريڪي نظام آئيني ڏيک ڏئي ٿو جڏ تہ سندس ملڪ ۾ جهموري راج آهي ۽ اهو طاقتور ملڪ آهي. پر ان جي اندر جو نسلي ۽ معاشي اڻ برابريون جهموري نقاب ۾ لڪيل آهن.

هاڻوڪين چونڊن، ان وسيع جهموري فراڊ جو نقاب لاهي، آمريڪا جي اصل سامراجي ۽ اسرائيلي فسطائي اتحاد کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي. وليم بلم چواڻي تہ: آمريڪا دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ 50 ملڪن جي جهموري طور چونڊيل حڪومت کي ڪيرايو آهي. اٽڪل 30 ملڪن تي بمباري ڪئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ 50 ملڪن جي اڳواڻن تي ڪمال جا حملا ڪرايا آهن. دنيا جي اٽڪل 20 ملڪن ۾ آزادي جي تحريڪن کي ڪچليو آهي ۽ اٽڪل 30 ملڪن جي جهموري حڪمرانيءَ ۾ مداخلت ڪئي آهي. آمريڪا دنيا جي پيٽ ۾ صدي جو سڀ کان وڏيڪ ٽارچر جي عمل جو استعمال ڪيو آهي پر ان جي تربيت ۽ ساز ۽ سامان دنيا جي ٻين ملڪن کي بہ مهيا ڪندو رهيو آهي. هاڻي خبر پوي ٿي تہ ڪئين 9/11 جي واقعي، عراق ۽ ليبيا خلاف جارحيت، شام ۾ اڳرائي ڪئين ڪئي ويئي هئي.

آمريڪا ڇا هاڻوڪين چونڊن ڪانپوءِ پنهنجي تاريخي جارحيت واري ڪردار تان هٽ ڪڻي ويندو؟ ڇا اتي ئي بس ڪندو؟

دنيا ۾ جيڪو به ملڪ عزت ۽ وقار سان اڄي بيهندو يا آمريڪي سامراجي قوت سان مهاڏو اٽڪائيندو، اهو آمريڪا جي ڪروڙ ۽ ڪاوڙ جو شڪار نه ٿيندو؟

ملڪ ۾ ميڊيا جو رويو هڪ طرفو، غير مهذب ۽ گهٽي پاڳي مغروريت وارو آهي، گهٽا ملڪ ان جي هڪ طرفي روايتي سوچ جو شڪار نٿا ٿين. گهٽا ميڊيائي هائوس اتان جي مشين طبقين جا ونگاري، قدامت پسند، خيالن جا پرچاري آهن. عام رواجي حالتن ۾ ايران، چين، ڪوريا ڪيوبا ۽ ٻين ملڪن تي سندن ڪاوڙ ڏري ئي نٿي ٽئي.

ملڪ جو نئين چونڊيل صدر جوبائيڊن جو چوڻ آهي ته نسلي ۽ معاشي طور ورهايل آمريڪا جي نسلي ڦٽن ۽ زخمن تي مرهم رکڻ جي ڪوشش ڪندو. ملڪ ۾ ٻڌيءَ کي قائم ڪندو، قانون جي حڪمرانيءَ کي يقيني بڻائيندو. اهڙي سياسي ورجاءَ جي سڄي دنيا کي خبر آهي ته آمريڪا ۾ هاڻوڪيون اليڪشنون ڪيئن ٿيون آهن. ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کي به خبر آهي ته اليڪشنيون ڪيئن ٿيون. ٽرمپ کي ست ڪروڙ ووٽ ان "نسلي نظام" ڪيئن ڏياريا آهن ۽ اهو نسلي ۽ معاشي امتيازي تفريق ڪيئن وڌي آهي. ڊيموڪريٽڪ پارٽي وارا، امن ٻڌي ۽ زخم پرڻ جون ڪوڪليون ڳالهيون ڪيئن ڪن ٿا. جو بائيڊن پنهنجي اڳوڻن ڪان مختلف نه هوندو. اهي وري ساڳيا ماڻهو دنيا تي ٻيون جنگيون مڙهيندا.

سرمائيدارئي جهموريت دولت مند طبقن جي مفادن لاءِ ڪم ڪندي آهي. اها تاريخي طور لبرل سرمائيدارئي معيشت جي لاٽ ۾ هِڪُ سڙيل لاش بلڪ ڊونڊ ٿي چڪي آهي. سندس مسخ ٿيل

شڪل ۾ عام ورجاءِ ساڳيو آهي ته امير اهڙي جهموريت ۾ ڪٿي ويندا ۽ اڪثر غريب هارائي ويندا.

وائيٽ هائوس ۾ ڪير ويندو، ڪير نه ويندو، قطئ نظر، آمريڪي رياست هڪ ناڪام رياست طرف وڌندي نظر اچي رهي آهي.

آمريڪي خواب ۽ تصورات ته آمريڪا کي هڪ دفعو وري 'عظيم هئڻ' ناهڻ آهي. هينئر، خواب پوائتي شڪل اختيار ڪري چڪناچور ٿي چڪا آهن. آمريڪي سرمائيدار طبقي، غلامن جي واپارين، جيڪو اليڪشن نظام ناهيو آهي، ڪورٽن، ميڊيائي گهرن، لابي ڪمپين، جيڪا اڻ ڪٿ دولت گڏ ڪئي آهي، جيڪي ٽرلين ڊالرن جون جنگيون ۽ اڳرائيون ڪيون آهن، انهن آمريڪا کي هڪ فرعوني رياست ناهي ڇڏيو آهي، سرمائيدار ڪارپوريشن جن جي مينيجرن کي لکن ڊالرن جا پيڪيج ڏئي، شهرن کي تباه ڪيو، مالياتي بحرانن آندا، ملڪ آندر بيروزگاري پيدا ڪئي آهي ۽ آمدتين ۾ مستقل تفريق پيدا ڪئي آهي. ان جا پنهنجا نتيجا هوندا. مٿيان طبقا ان ڳالهه جا انڪاري آهن. پر اها حقيقت آهي ته حقيقي سياسي طاقت، صنعتي ۽ ملٽري مالياتي ڪارپوريشنن جي هٿ وس ۾ آهي. توڙي جو آئين ۾ شخصي آزادين جي ضمانت ڏنل آهي ۽ عدالتون آزاد آهن. اهي سڀ ڳالهيون مٿين طبقن طرفان محض سياسي نعرن کانسواءِ ڪجهه نه آهن.

وبائن، معاشي، سماجي ۽ بيروزگاريءَ ملڪ جي مٿين طاقتور 20 سيڪڙو ڪارپوريشنن جي طاقت تي ڪو به بند ٻڌي نه سگهي آهي. ان انڌي طاقت جو آخري نتيجو سماجي اڻ تٽ جي صورت ۾ نڪرڻو آهي. ان کان بالاتر ته وائيٽ هائوس ۾ ڪير ويهندو. سماجي ڪنٽرول جيل، پوليس، قانون جو نظام، ڪاري

نسل جي ماڻهن سان امتيازي سلوڪ، پناهگير مسلمان سان ڪو ورتاءُ ڇگو نہ رهندو. اڄي نسل جي فسطاعيت آمريڪي قوم جي رڳن ۾ سرائيت ڪري چڪي آهي. تمام ٿوري اقليت، آمريڪي ڪارپوريشنن جي طاقت کي چيلينج ڪرڻ لڳي آهي، ظاهر آهي اهڙي اقليت کي خاموش ڪرايو ويندو. آمريڪا جي اهڙي اڌ آبادي، ڊونلڊ ٽرمپ جي نسل پرست، اڻ ڄاڻائي ۽ غير ذميواري، اڳواڻي کي ووٽ ڪيو آهي، اها هڪ تاريخي حقيقت آهي. آمريڪي سامراجي جمهوريت ساڄي ڌر جي هڪ فاشي نظرئي ۾ ويڙهيل آهي، آمريڪي ننگي طاقت جو عروج جلد غير متعلق ٿيندو وڃي ٿو.

ملٽرائي پوليس آمريڪا ۾ غريب علائقن ۾ تشدد جو ڪو خاتمو آڻيندي؟ دنيا مٿان مڙهجندڙ اڻ ڪٽ جنگيون ختم ٿيندیون؟ جنگي جنون ۾ ڪمي ايندي؟ آمريڪا جي جيلن ۾ قيد آبادي آمريڪا جي عظمت ئي داغ رهندي. صنعتي ۽ خدمتن جون نوڪريون ملڪ کان ٻاهرئي رهنديون، غريب وڌيڪ غريب رهندا، امير ۽ غريب وچ ۾ آمدنيت جي وڇوٽي اجان وڌندي، آمريڪا جلد منافع لاءِ صحت جو نظام غريب آمريڪن جي ڪيسي مان لڪين ڊالر ڦرينڊو. آمريڪي جي نفرت ۽ تعصب عام ٻوليءَ ۽ مواصلات ۽ ميڊيا جو حصو رهندو، مسلمان، پناهگير ۽ مزاحمتي طبقائي حملا ۽ بدناميون بند يا ختم نہ ٿيندیون. آمريڪي مردپٽو عورتن خلاف نفرت کي ڪو نہ گهٽائيندو. آمريڪا جي عورتن خلاف زهر ۽ خاص ڪري هم جنس، ڪڏڻ ۽ ٻين ڪمزور جنسن ۽ اتان جي دانڪورن خلاف استعمال نہ ٿيندو.

ميڊيا ڪوڙي ننگي، دوکيبازي، پروپينگنڊا سچ ۽ حقيقت ۽ سچ خلاف زهر اڳائيندي رهندي. آمريڪا جي اصل حقيقت ايندڙ

مهينن ۾ جنهن ۾ اندازن وبا جي ڪري 3 لک آمريڪي ماڻهو ن ڊسمبر ۾ يا 4 لک ماڻهو جنوريءَ تائين موت جو شڪار ٿيٽا آهن. اهي حالتون آمريڪا کي هڪ مايوس ۽ ندامت جي آڙهه ۾ اڇلينديون. هزارين خاندان ۽ عوام محرومين جو شڪار ٿيندي، گهرن کان بيدخل ڪري لاتعلق ڪيا ويندا، سماجي تباهي ان جي نتيجي پيدا ٿيندڙ حالتون ملڪ جي ادارن تان ڪجندڙ ايمان ۽ حڪمرانيءَ جي نظرين تي سوال ڪرڻ لڳندو.

مٿين تباهين ۽ اڳرائين جا توٽي جو ظاهر حل يا جواب نه آهن. جو بائيڊن يا ڊيموڪريٽڪ پارٽي دولت جي انبارن، معاشي لاٽ جو انڪار ڪندي پنهنجي چمچن ۽ ادارن ۽ سمورن سياسي ۽ معاشي بحرانن جو انڪار ڪندي ڪيترائي دشمن پيدا ڪري چڪي آهي، عوام کي ٻڌي ۽ اتحاد جو ستيون پياري چڪي آهي. مسئلو اهو به نه آهي ته جرمنيءَ ۾ ماڻهن کو فاشي حڪمرانن جي ڪوڙن واعدن تي اعتبار ڪيو ۽ فاشي حڪمرانن کي اقتدار ۾ آندو هو. پر ان وقت جي هڪ طرفي ڪوڙي، عوام دشمن ميڊيائي جنگ، ريڊيو، پروپيگنڊا، چرچ ۽ هڪ طرفي حڪومتون جيڪي فاشي ڪوڙ، دوکي، نسل پرستي، معاشي غير هموواريت ۽ تي پردو ڏيئي ۽ ايندڙ خطرن کي مسلسل لڪائيندي رهي هئي.

ڪنهن لکيو هو ته جيڪڏهن ڪوئي ان وقت نازين جي ڪوڙن واعدن ۽ بيوقوفين نڳن کي عقلي بنيادن کي پرکي ها ته نازين جي پروپيگينڊه جو شڪار نه ٿئي هان. عوام عقل جي بنياد تي قائم دليلن کان، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن کان مهروم ۽ خائف ٿي چڪو هو.

آمريڪا ۾ غريب اڇي نسل جو نه پر ڪاري نسل ۽ مهاجر ۽ غيرقانوني داخل ٿيل عوام آهي. جيڪي ڪرسچن ۽

قومپرستيءَ جو شڪار نہ آهي، لڪين ماڻهن جي حالتن ۽ معاشي اٽبرابرين جا ذميوار ۽ ان جي بي يارو مددگاريءَ جا ذميوار بہ ٻيئي سياسي پارٽيون ۽ ڪارپورٽ دولتيا آهن. آمريڪا جيڪڏهن ان طبقاتي تفريق ۽ ڇڪتاڻ کي ايڊريس نہ ڪيو تہ سماجي تعلق تي وڏو اثر پوندو، ۽ ڪرپٽ سرمائيداري نظام کي جيڪڏهن روڪيو نہ ويو تہ مست هاٿيءَ وانگر هر شيءِ کي لتاڙي تهس نهس ڪري ڇڏيندو.

انساني تباهي تاريخ ۾ ڪي نوان لقاءَ نہ آهن. اسان اهو سمجهون ٿا تہ يوناني، رومي، عثمانيا، برطانوي سلطنتون ڪيئن زوال پذير ٿيون آهن. سلطنت عثمانيہ، آسٽريا هنگري سلطنتن کي ٽوڙ ٿيندي فرانس ۽ برطانيہ جي بادشاهت ۽ يوگوسلاويکيہ تائين ٿيندين رهيون آهن.

سماجي اڻ برابري جيڪا رياستن ۽ تهذيبن کي هڪ ٿيندڙ ڪرپٽ اقليت جڏهن ڪنٽرول ڪرڻ لڳندي آهي تہ هڪ وڏي اڪثريت کي پنهنجي پيرن ۾ لتاڙڻ ۽ تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

هائپر قوپرستي تباهہ تهذيب کي وبائڻ وانگر وکوڙي پنهنجي عظمت کي هميشہ پوڄيندي رهندي آهي. اها بدلي لاءِ چتي هوندي آهي. ان جي ٻولي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ واري هوندي آهي. تاريخي ڏندڪٿائون گهڙيندي آهي، نسل ۽ لسانيت جو هٿيار بڻائي، پنهنجي آفاقيت ۽ عظمت جا گيت ڳائي پنهنجي مخالفت کي نشانو بڻائيندي آهي، ان ۾ مخالف پنهنجي سڃاڻپ عظمت ۽ خوداري پرچائي پنهنجي عظمت جا گيت ڳائي پاڻ کي دنيا جي عظيم قوم ثابت ڪرڻ لاءِ آتي هوندي آهي. عوام ان قسم جي خطرناڪ بيوقوفيءَ جو شڪارٿي ويندو آهي ۽ بنهہ خود تنقيد کان

آجو ٿي ويندو آهي آمريڪي اليڪشنون اهڙي چريائپ جو منظر آهن. اها چريائپ جنوريءَ ۾ ختم ٿيڻي نہ آهي.

امريڪي سامراجيت جو معاشي، سماجي ۽ سياسي اڻ نظام ظاهر ٿي پيو آهي. وبائن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهن جو متاثر ٿيڻ، معاشي بحرانن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي، آمريڪي سرمائيداري ۽ ان جي ڪرپٽ ۽ خساري واري سرمائيداري نظام جي ڪلي ڪولي وائکي ڪري ڇڏي آهي. آمريڪا جو دنيا تي ستن ڏهاڪن کان غالب طاقت جو خاتمو اٽٽر آهي. آمريڪي نظام کي ٻين سماجي نظامن وانگر عام پلي لاءِ ڪم ڪرڻ ڪپندو هو، نہ ڪي ڪارپوريٽ مفادن لاءِ.

هينئر، اهو آمريڪي عوام تي ڇڏيل آهي تہ هو ڪيئن پنهنجي حڪمران طبقن کان نجات حاصل ڪن ٿا، يا نافرماني جي تحريڪ هلائي، سامراجي رياست جي تسلط کان پاڻ کي آجو ڪن ٿا. آمريڪي سامراجي رياست دنيا لاءِ زهر ٻڌجي چڪي آهي. آمريڪي نظام پنهنجي اندر ڪجهہ طبقن جي حڪمرانيءَ جونتيجو ٿي چڪي آهي. جيڪو ان مان پنهنجي جان ڇڏائي يا گڏيل تباهيءَ لاءِ تيار ٿئي. آمريڪا کي بہ لبنان وانگر جن جي نعرن ۾ پنهنجي حڪمرانن طبقن مان هول سيل نجات حاصل ڪرڻ وارا واڪا هئا. اڄ بہ ڪوڙ سارا ملڪ اهڙين سرمائيدارجهموريتن جي نظام کي سرمائيداري نظام جو پروجيڪٽ ئي سمجهن ٿا جنهن ۾ اونچ نيچ ۽ ڦرلٽ برقرار رهي ٿي. امريڪا جي جهموريت وارو سرشتو بہ ان ۾ شامل آهي. ٻئي پارٽيون ٽوري گهٽي فرق کان سواءِ هڪجهڙيون آهن. سندن وڏا پروجيڪٽ عوام جي ڪم جا هرگز نہ

آهن. آمريڪي اليڪٽوريل سسٽم تي وڌيڪ لکڻ جي ضرورت ته جيئن سرمائيدار جهموريت جو چهرو باقي دنيا اڳيان آڻي سگهجي.

ڪاوش اخبار 24 نومبر 2020ع

اسرائيل وچ اوير ۾ آخر چاهي ڇا ٿو؟

اسرائيل - فلسطيني مسئلو تاريخي طرح ڪو لساني سڃاڻپ يا هڪبئي کان سخت نفرت جو مسئلو نہ آهي. بلڪ، تاريخي طور زمين جي اصل مالڪيءَ جو جهيڙو آهي. اسرائيل ان زمين تي نهيل آهي، جنهن جا اصل مالڪ فلسطيني آهن. پر ان وقت جي سامراجي طاقتن، اصل مالڪن کي زبردستي بي گهر ۽ لاتعلق ڪري، ٻاهرين آبادگاري ڪري،هڪ نوآبادياتي ملڪ "اسرائيل" جو بنياد وڌو، جنهن کي هاڻي دنيا جي اڪثر ملڪن ڪجهہ عرب ملڪن سميت تسليم ڪري چڪا آهن. اڪثر يهودي آبادي‌ءَ جو زمين جي تاريخي ملڪيت سان ڪو واسطوئي نہ آهي. اسرائيل ڪوڙي مالڪيءَ جي دعوىٰ ڪريٿو. اهڙي دعوىٰ جي پٺيان هڪ سؤ سالن جي طاقتور يهودين جي "صيهوني" قومي تحريڪ آهي. جن فلسطيني علائقن جي پهريان والار ڪري ۽ بينڪيت ۾ تبديل ڪري اسرائيل بڻائي ڇڏيوآهي. صيهونيت - زائن يروشلم ۾ هڪ مقدس پهاڙ جو نالو آهي، جتي "صيهوني" يهودي واپس اچي آباد ٿيڻ گهرن ٿا.

اسرائيل اولهہ جي سامراجي قوتن جي پٺيرائيءَ سان پنهنجن ارادن ۽ منصوبن ۾ فلسطين جي زمين هڙپ ڪري، قبضو ڪري، کين بي دخل ڪري، لاتعلق بڻائي، اتي هڪ بينڪي راج قائم ڪري ڇڏيو آهي. اسرائيل ڪنهن حد تائين پنهنجن ارادن ۾ نسبتاً ڪامياب آهي. اسرائيلي ۽ ٻيا صيهوني تحريڪ جا پوئلڳ ۽ ساٿاري، فلسطين کي تاريخ مان غائب ڪري، غير واسطيدار ڏر بڻائي، مورڳو "غير انسان" سمجهي، نہ رڳو سندن وجود جا انڪاري آهن، پر سندن زمين هڙپ ڪرڻ لاءِ ڪوڙا دستاويز تيار

ڪرائي، هٽراڏو تاويلون گهڙي، تاريخي دستاويزن سان هٿ چراند ڪندي، فلسطينين جي حمايتين تي ڪوڙا بهتان مڙهي، ڪين عالمي اسٽيبلشمينٽ هٿان ڊيڄاري، ڏمڪائي، لالچون ڏيئي، خريد ڪري، نسل پرستيءَ ۽ يهودي مخالفت جا الزام هڻي، بي بنياد ڪوڙا "سچ" ٺاهڻ جون مڪروه پروپيگنڊه جون فيڪٽريون قائم ڪري، فلسطين خلاف پنديون ٻاري چڏيون آهن. اصل ۾ اسرائيل هڪ رياست يا ملڪ نه آهي، پر هڪ استعماري فوجي ۽ نسل پرست بينڪي رياست آهي. جيڪا سامراجي طاقتن طرفان بين الاقوامي قانون جي خلاف اقوام متحده ۾ سامراجي طاقتن طرفان فلسطين جي زمين تي قائم ڪئي وئي آهي. اسرائيل قبضي جو نالو آهي ۽ قبضو هڪ گار ۽ ناجائز عمل آهي ۽ جنهن کي ڪنهن به اخلاقي يا انصاف واري قانون تحت تسليم يا جائز عمل ڪوئي نٿو سگهجي. ڪنهن به غيرقانوني قبضي کي ڪنهن دليل تحت جائز قرار ڏيئي نٿو سگهجي.

اصل ڪهاڻي ڇا آهي؟ دراصل، اسرائيل، فلسطينين کي تاريخ جي صفحن مان غائب ۽ ميسارڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. اسرائيل جا اهڙا ارادا کي لکيل نه آهن. اسرائيل پهرين ڏينهن کان فلسطينن کي غلام بڻائي، پنهنجي زمين تان بيدخل ڪري، ان جي جاءِ تي هڪ مضبوط يهودي رياست قائم ڪرڻ گهري ٿو. اسرائيلي يهودي اڳواڻ پنهنجي اهڙي عمل کي بائيبل ۽ توريت مان جائز قرار ڏيئي، فلسطينن کي خدا طرفان "واعدي موجب عطا ڪيل زمين" ڄاڻائين ٿا. زمين جي اهڙي ڪوڙي بي بنياد دعوا کندي، اسرائيل سمورن انساني ۽ جمهوري قدرن جي نفي ڪري، بين الاقوامي قانونن جي قانونن ۽ انصاف جي تقاضائن خلاف، هڪ فاشسٽ، نسل پرست ۽ بينڪي ملڪ

ناهي، بچيل فلسطينين کي بيدخل ڪري، ٻاهرين ملڪن مان يهودي پناهگير گهرائي، انهن کي اتي آباد ڪرڻ گهري ٿو. بدقسمتي سان، ڪجھ ملڪ، پرو اسرائيل گروھ، اهڙي بيانئي جي حمايت ڪندي نظر اچي رهيا آهن. پر ان هوندي بہ دنيا ۾ عوام جي وڏي اڪثريت، فلسطينين ۽ انهن جي جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا.

ان سڄي ڪڌي انسان دشمن عمل ۽ والار کي، اسرائيل "جمهوريت" "امن" ۽ "هڪٻئي کي جيئڻ جي حق" ۽ اصول جي نالي ۾ فلسطيني عوام جي مسلسل تباهي ۽ قتلِ عام ۽ منظم نسل ڪشي ڪرڻ جهڙيون ڪارروايون ڪندو رهي ٿو، اسرائيل جون فلسطيني عوام خلاف اهڙيون ڪارروايون ساڳي قسم جا جرم آهن. جهڙا هٽلر سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ جمهوريت، امن ۽ آزاديءَ جي نالي ۾ يورپين جي خلاف ڪيا هئا. اسرائيل چئي ٿو ڪيس فلسطينن جي ڪا گهرج ئي نہ هجي، کين تڙي، دربدر ڪري، کين پنهنجي ئي ڌرتي تان بيدخل ڪري ڇڏجي. فلسطيني دانشور ايدورد سعيد گهٽو اڳ اهو چئي ڇڏيو هو تہ اسرائيلي فلسطين جو نہ رڳو استحصال ڪرڻ ٿا گهرن، پر ڏکڻ آفريڪا ۽ الجيريا وانگر کين نسلي مت پيد جو نشانو بڻائي، ٻئي درجي جو انسان رکڻ گهرن ٿا.

يهودي صيهونيت مذهبي قومپرستيءَ جي اها تحريڪ آهي، جيڪا سمجهي ٿي تہ اها تحريڪ يهودين (سمائٽزم نسل) جي خلاف نفرت مان پنهنجو پاڻ 17هين صديءَ ۾ روس ۽ اوپر يورپ مان ٿيندي ايري آهي، جيڪا نفرت، بہ اڪيائي ۽ يهودين خلاف شديد جارحيت، تشدد 20هين صديءَ جي شروعاتي اڌ ڌاري هٽلر جي، يهودين جي نسل ڪشيءَ تائين جاري رهي هئي، جنهن ۾ لکين يهودي نسل جا ماڻهو قتل ٿيا هئا. اهڙي تحريڪ جو باني

ٽيوڊور هرزل هو، جنهن 1896ع ڌاري "يهودي رياست" ناهڻ لاءِ الڳ ملڪ جي گهر ڪئي. هن جو چوڻ هو ته دنيا ۾ ۽ خاص ڪري يورپ ۾ يهودي نسل جا ماڻهو غير محفوظ آهن، تنهنڪري، ڪين هڪ الڳ وطن گهربل آهي. ڪجهه ئي عرصي ۾ يورپ ۾ يهودين جي نسل ڪشيءَ جي نتيجي ۾ سندس خدشا صحح ثابت ٿيا. جرمنيءَ ۽ هٽلر جي فسطائيت يهودين سان بي پناهه ظلم ڪيو، جنهن ۾ اٽڪل 60 لک يهودي نسل جا ماڻهو متاثر ٿيا.

هن صورتحال مان فائدو وٺڻ سان1917ع ۾ برطانيا جي ان وقت جي خارجي وزير "بلغور پڌرنامو" جاري ڪيو، جنهن ۾ فلسطين کي "يهودين جو قومي ملڪ" قرار ڏيڻ جو "اعلان" ڪيو ويو.

ظاهر آهي ته فلسطيني نه ته يهودين خلاف ٿيندڙ ظلم ۾ شامل هئا ۽ نه ئي يهودين لاءِ قومي ملڪ ناهڻ لاءِ ڪائنڪ ڪا راءِ ورتي ويئي هئي. فلسطين کي يهودين جو ملڪ ناهڻ جو اعلان ڪنهن غير واسطيدار ڌر طرفان، واسطيدار ڌر کان پڇڻ بدران، ٽئين غير واسطيدار ڌر کي وطن مهيا ڪري ڏيڻ، دنيا جي ڪنهن به بين الاقوامي قانون ۽ انصاف جي اصولن هيٺ وڏي ناانصافي هئي، جيڪا ان وقت جي مروج چالو طاقتن، ڪنهن گهربل سوچ ۽ سمجهه جي، طاقت جي نشي ۾ "اعلان" ڪيا هئا. ان پنيان برطانيا جا خاص مفاد هئا. برطانيا کي پهرين جنگِ عظيم ۾ يهودي اثر کي استعمال ڪري، متحد ڪرڻو هو، ته جيئن روس ۾ بالشويڪ انقلاب ۽ پهرين عظيم جنگ ۾ مخالف قوتن جو مقابلو ڪري سگهجي. ان وقت بين الاقوامي يهودي طاقت جو عالمي مالياتي نظام تي وڏو ڪنٽرول به هو. برطانيا يهودين جي عالمي اثر ۽ مالياتي نظام جي اثر رسوخ کي استعمال ڪري، يهودين کي

قومي وطن فلسطين ۾ آڃي يهودين کي پهرين جنگِ عظيم ۾ دعوت ڏيڻ، آمريڪا کي جنگ ۾ ڌکڻ ۽ يهودين طرفان جنگ جا خرچ پرڻ جا ڏنڌا ڪرڻ پي چاهيا.

برطانيا کي اها به ڄاڻ هئي ته يهودي ۽ يهودين جي ٻين فرقن، جهڙوڪ: "دونمي يهودي"، "ڪرپٽو يهودي" جن جي ابن ڏاڏن مسيحيت قبول ڪئي هئي ۽ لک ڇپ ۾ يهودي ٻڌيل هئا، انهن جو ترڪش سلطنت ۽ حڪومت ۾ وڏو اثر رسوخ هو. برطانيا اهو ٿي سمجهيو ته هو چالاڪيءَ سان يهودين کي فلسطين "عطا" ڪري، هڪ ئي ڌڪ سان ترڪيءَ جي حڪومت کيرائي، ساڻس جرمنيءَ سان اتحاد کي ٽوڙي، پهرين جنگِ عظيم کٽي ويندو.

برطانيا ۽ فرانس کي اها به ڄاڻ هئي ته عالمي يهودي تحريڪ اسان ٻنهي ملڪن خلاف آهي، تنهنڪري جنگ کٽڻ آسان نه ٿيندو، تنهنڪري ڪمزور ۽ ڏهندڙ ترڪش شهنشاهيت جي هڪ وڏي حصي کي پاڻ ۾ ورهائي چونه ڪڍجي. تن ڏينهن ۾ فرانس ۽ برطانيا پاڻ ۾ هڪ ڳجهو معاهدو ڪيو. برطانيا ۽ فرانس جي ٻن مشهور سفارتڪارن مارڪ سائرس ۽ جارج پڪٽ (سائرس- پڪٽ) معاهدي 1916ع موجب برطانيا اڳوٽي فلسطين تي قبضو قائم رکندو ۽ فرانس اڳوٽي گريٽر شام (لبنان سميت) تي قبضو قائم رکندو. اهڙي ڳجهي معاهدي جو اطلاع ان وقت عربن جي باغي اڳواڻ ۽ ترڪش ايمپائر سان برطانيا جي مدد سان جنگ جوٽيندڙ حجاز-مڪي شريف جي گورنر شيخ شريف الحسين کي روسي بالشويڪن ڏنو هو. (پڙهو: "عربن ۾ قومپرستيءَ جي تحريڪ- جارج انتونيو) ياد رهي ته شيخ شريف الحسين کي ترڪن خلاف بغاوت عيوض برطانيا سڃي عربستان واپس ڪرڻ ۽ ڪيس بادشاهه بڻائڻ جو واعدو، ڳالهيون ۽ معاهدا بحث هيٺ هئا.

صيهوني قومي تحريڪ عالمي طرح اڀ لکيل، اڀ ڳالهايل عالمي سياسي منظر تي هڪ وڏي طاقت هئا. برطانيا جي تڏهن جي خارجي وزير ته ايئن به چيو ته، "يهودي برطانوي سماج ۾ ضم نه ٿيندا، انهن لاءِ بهتر آهي ته اهي برطانيا مان هجرت ڪن." ان وقت برطانيا جي ڪابينا جي اهم يهودي حڪومتي وزير ميسز ايڊمن مانٽيگو اهو چئي يهودين جي هجرت جي مخالفت ڪئي ته، "يهودين کي جيڪڏهن فلسطين موڪليو ويو ته فلسطين دنيا جي هڪ ٻي (گهيٽو-) ڪچي آبادي بڻجي ويندو."

يورپ جي ان وقت جي تنگ نظر سياست يهودين جي نسل ڪشيءَ کي رڳو "هجرتي مسئلو" سمجهي وچ اوپر هجرت ڪري موڪلڻ شروع ڪيو، سواءِ ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي، ته هجرت جي معنيٰ ڇا آهي؟ ۽ اتي يهودين جو وطن قائم ڪرڻ معنيٰ فلسطينين کي بي زمين ڪرڻ هوندو. يورپين کي خبر هئي ته يهودي پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن موٽي نٿا سگهن، جتي سندن قوم جي نسل ڪشي ڪئي ويئي هئي يا کين زبردستيءَ جلاوطن ڪيو ويو هو.

صيهوني تحريڪ مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا ته کين وطن لاءِ ماڻهن کان خالي زمين کپي، انهن يهودين لاءِ، جيڪي پنهنجي زمين کان بيدخل ڪيا ويا آهن. انهن جو اشارو ۽ مطالبو فلسطين ڏانهن هو. ڪيترن باشعور دانشورن ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو هو ته يورپ جي قيادت هڪ اهڙي منتقليءَ کي منهن ڏيئي رهي آهي، جنهن ۾ يهودين خلاف جرم ته يورپ ۾ ٿيا، پر وري ساڳئي قسم جا جرم فلسطيني عوام خلاف ڪري رهيا آهن. (ڏسو هنا آردنٽ). اهڙي ئي محدود سوچ منجهان اسرائيل-فلسطين جهيڙي جي اٽڪڻ قصي جي شروعات ٿي. توڙي جو اها حقيقت آهي ته فلسطينين جي

زمين تي ناجائز قبضو ڪري، فلسطين ۾ اسرائيلي رياست قائم ڪري، جيڪڏهن فلسطين کي سياسي ۽ جمهوري حق ڏنا وڃن ها تہ ظاهر آهي تہ اسرائيلي پنهنجي گرفت وڃائي ويهن ها. تنهن ڪري، فلسطينين جي وجود کان ئي انکار ڪجي. زاوي جيبوتشڪي قدامت پرست (روسي يهودي) اسرائيلن کي اڳواڻ خبردار ڪندي لکيو تہ، "اصل آبادي کڻي ڪٽان جي بہ هجي، جيڪڏهن کين ٽورو بہ خوف هجي ۽ کين بينڪيت يا اقليت ۾ تبديل ڪيو وجي ٿو تہ، اهي مزاحمت ڪرڻ لڳندا." ظاهر آهي تہ فلسطين کي اسرائيل قائم ٿيڻ کان اڳ ئي ڪڙڪ پئجي ويئي هئي تہ سندن زمين تي اسرائيل قائم ڪري، کين اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. ان ڪري هنن مزاحمت شروع ڪريڏني.

صيهوني قومي تحريڪ مسلسل پنهنجن قابض خطرناڪ سوچن ۽ ارادن کي هميشہ لڪائيندي، ان ڳالهہ جو مسلسل انکار ڪندي رهي آهي .اولهہ ۽ عالمي دنيا جي عوام کي بيوقوف بڻائيندي، پنهنجو پاڻ سان بہ دغابازي ڪندي، هڪڙيون هٿ ٿوکيون ۽ ڪوڙيون ڪهاڻيون گهڙي، سڄي دنيا کي اکين ۾ ڌوڙ وجهندي آئي آهي تہ هو ڪو عرب فلسطين خلاف آهن. يا ڪي خراب يا بدنيت ارادا رکن ٿا، هو تہ معصوم آهن ۽ يهودي ۽ فلسطيني پاڻ هڪبئي پرسان بہ اسرائيلي۽ فلسطيني رياستون قائم ڪري، پرامن نموني هڪبئي سان پائيچاري هيٺ رهڻ گهرن ٿا.

صيهوني تحريڪ ۽ اسرائيل ۾ هڪ سوچ غالب آهي تہ اسرائيل کي هڪ ملڪ يا طاقتور ملڪ قائم رکڻ لاءِ اڪثريت فلسطينين کي بي زمين ڪري، لڏائي، تڙي، ملڪ بدر ڪرڻ اشد ضروري آهي. ظاهر آهي تہ اهڙن ارادن جو ڪليل اظهار ڪرڻ سان

بينڪي اسرائيل عالمي مدد وجائي ويهندو.

صيهوني تحريڪ اهو سمجهي ٿي ته عرب فلسطيني اڪثريت کي بي رحم طاقت جي استعمال سان ۽ ماراماريءَ سان بينڪي منصوبي جي ڪامياب ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. بينڪي حڪمراني ۽ رياست رڳو بي رحم طاقت جي استعمال سان ان حالت ۾ قائم رکي سگهجي ٿي. اهڙي مضبوط بي رحم طاقت، جنهن کي فلسطيني آبادي ٽوڙي نه سگهي. اسرائيلي بينڪي رياست ۽ حڪمرانن کي خبر آهي ته اٽڪل طاقت جي استعمال ۾ ئي سندن بقا آهي. هنن اها ساڳي طاقت استعمال ڪري، برطانيا مان 10 هزار سکيا ورتل هنگنا يهودين (ملٽري فورس) کي 1930ع جي فلسطيني انقلاب کي ڪچلڻ لاءِ موڪليو ۽ منظم ڪيو هو. اهڙي انقلاب ۾ فلسطين جا 10 سيڪڙو نوجوان يا ته مارجي ويا، قيد ڪيا ويا يا ملڪ بدر ڪيا ويا هئا. اسرائيل قائم ٿيڻ کان پوءِ به هينئر آمريڪا کان دنيا جو سڀ کان وڌيڪ امداد وٺندڙ ملڪ آهي، جنهن کي ساليانو 3.3 ارب ڊالرن جي سڌيءملٽري امداد ملي ٿي، ته جيئن اسرائيل، فلسطين مٿان بينڪي حڪمراني قائم رکي سگهي، ۽ اتان جي صيهوني قومي تحريڪ کي فائدو به رسائي سگهجي.

ڪاوش اخبار 3 جنوري 2021ع

اسرائيل هٽلر جي جرمن رياست جهڙو ڇو ٿو ٿيڻ چاهي؟

فلسطيني قومي تحريڪ جو سوال 18هين ۽ 19هين صديءَ ۾ يورپي استائيل ۽ انداز جو غير يورپي زمين تي بينڪي مهم جوئيءَ جو ساڳيو مثال ۽ سوال آهي. برطانيا طاقت جي نشي ۾ 1917ع وارو "اعلان" ڪري اسرائيلي غير قانوني، بينڪي رياست کي وجود ۾ آندو. جڏهن ٻي جنگِ عظيم ۾ بينڪيتون عالمي ضمير ۾ عالمي طرح نفرت لائق ۽ بدبودار ٿي آزاد ٿيڻ لڳيون تہ اسرائيلي بينڪي رياست عالمي ضمير جي نقشي تان غائب ٿي ويئي، پر سڄي دنيا کي خبر آهي تہ اسرائيلي رياست پنهنجي شڪل تبديل ڪئي آهي. هينئر اسرائيل هر آئي ڏينهن ڪڏهن اوپر يروشلم، ڪڏهن اولهہ ڪناري، ڪڏهن شام جي ڳوڻن ۽ پهاڙين، ڪڏهن لبنان جي زمينن ۽ ڪڏهن بيروت تي بمباري ڪري رهيو آهي، تہ ڪڏهن وري شام ۽ ايران خلاف اڳرايون ڪري اسرائيل جي بينڪي فسطائي نسل پرست رياست جا چٽا مثال آهن، جيڪي اسرائيل جي ظاهر ۽ لڪيل ڏوهن کان ڪن لاتار ڪرڻ جي نشاندهي ڪن ٿا. دنيا ۽ اولهہ جي نسل پرست سرمائيدار دنيا اسرائيل جي بحراني ڪيفيت ۾ مجرماڻي ڪردار کي سمجهڻ کان قاصر آهي تہ اهڙي رياست جو وجود ڪيئن پيو آهي.

اسرائيل جون پاڙون ۽ بنياد بينڪيت ۾ ڪتل آهن، کين ڪا واضح سرحد نہ آهي. اسرائيل اهڙو ئي ملڪ آهي، جيئن يورپي ٽولن مقامي ماڻهن کي بيدخل ڪري، جرم ڪري، اڄ جا آمريڪا،

ڪئناڈا، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ناهيا آهن. اهي ملڪ، زمين جي اصل ماڻهن کي بي گهر ڪري تعمير ڪيا ويا آهن. نسل پرست سرمائيدار طاقتون اهو مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهن ته مٿيان ملڪ ان وقت جي غالب عالمي طاقتن جي مدد کان سواءِ نهي نه پئي سگهيا. اسرائيل به وقت جي عالمي طاقتن جي مدد سان نهيل "يهودين لاءِ هڪ قومي وطن" آهي، هڪ بينڪي تحريڪ به آهي. خدا طرفان عطا ڪيل "وعدي واري زمين" جي نالي ۾عرب علائقي کي پنهنجي زمين سمجهي ٿو. پر ساڳئي وقت ان جو اصول هي به آهي ته هڪ بااختيار، خود مختيار ۽ آزاد فلسطين جي وجود جو سري کان ئي انڪار ڪرڻ آهي. ياد رهي ته فلسطين، برطانيا جي قبضي هيٺ به ان جي آبادي يهودي ۽ غير يهودي آبادي۽ ۾ شمار ٿيندي هئي، جنهن ۾ غير يهودي-فلسطيني عرب 1910ع ۾ 94 سيڪڙو هئا. اسرائيل جي هڪ اڳوڻي وزيراعلىٰ گولڊ ميئر ته هڪ پيرو چئي ڏنو هو ته "فلسطين نالي کا شيءِ ٿيندي ئي ناهي! اهي وجود ئي نٿا رکن!"

فلسطين جي معنىٰ ته فلسطين کي پنهنجين زمينن جي تاريخي حق ۽ دعوىٰ کان لاتعلق ڪرڻ ۽ ميسارڻ جو واحد رستو آهي، جنهن کي بازچ ڪمرلنگ "فلسطين جي سياست ڪشي ڪرڻ" سڏي ٿو. اسرائيل 15 مئي 1948ع ۾ برطانيا طرفان تربيت يافته يهودي مليشيا "هنگناهه" ۽ ٻين يهودي گروپن طرفان فلسطين جو قتلِ عام ڪري، آبادي۽ ۾ خوف ويهاري قائم ڪرڻو هو، جنهن کي برطانيا تربيت ڏيئي فلسطين تي قبضي ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. فلسطيني اڻڄاڻ تباهي۽ کي اڄ تائين "نڪبه" تباهي جي نالي سان ياد ڪن ٿا. 1949ع ڌاري اونهاري ۾ فلسطيني رياست کي تهس نهس ڪري، سندن 80 سيڪڙو آبادي۽ جي گهرن تي قبضو ڪري، کين

بي زمين ۽ بيدخل ڪري اسرائيل جو بنياد وڌو ويو. ان وقت 13 لک فلسطينين مان ساڌا ست لک فلسطيني مهاجر بڻائي بيدخل ڪيا ويا. اصل بچيل آبادي ان وقت جي اصل آبادئ جي هڪ پاڳي پنج سيڪڙو بچي هئي. 15 لک فلسطيني هاڻي ٻ مهاجر پناهگيرن جي ڪيمپن ۾ رهن ٿا.

اسرائيل پنهنجن مخالفن خلاف وڏي جارحيت، وحشانيت ۽ منصوبابنديءَ سان نسل ڪشي ڪئي آهي. اسرائيل اڳوڻي ڏکڻ آفريڪا جهڙي اڇي نسل جي فوقيت تي قائم نسلي مت پيد ۽ فسطائي طرز جي 20هين صديءَ جي 45-1930ع واري يهودي نفرت تي ٻڌل جرمن رياست جهڙي رياست آهي. اسرائيل ۾ "جمهوريت" رڳو يهودين لاءِ آهي، جنهن کي بنياد پرست ۽ سخت گير يهودي ڪنٽرول ڪن ٿا. انهن جو اڳواڻ نتن ياهو آهي، جنهن ملڪ ۾ نسلي امتياز جا قانون ٺاهي، رهيل فلسطينين کي وڌيڪ پت سان لڳايو آهي.

اسرائيل ۾عوامي نفسيات گهڻي پاڳي فسطائيت جو شڪار آهي، جيڪا هر آئي ڏينهن فلسطينين ۽ عربن کي "سرعام موت" جا نعرا هڻي ٿي. هر آئي ڏينهن رجعت پرست ٽولا فلسطيني آبادئ تي حملا ڪن ٿا. فلسطيني ۽ آفريڪي معاشي هجرت ڪري آيل آفريڪي نسل جا ماڻهو اسرائيل ۾ جهُڳين ۾ انتهائي خراب حالتن ۾ رهن ٿا. اسرائيل جي هڪ عوام دوست دانشور لکيو ت، "اسرائيل جو وجود هينئر فسطائيت جي خطري هيٺ آهي." اٽڪل 10 لک آمريڪي يهودي اسرائيل کي خيرآباد چئي واپس آمريڪا وجي چڪا آهن. ڪيترائي اسرائيل جا صحافي، وڪيل ۽ دانشور ۽ اسرائيل جي فسطائي ڪردار کي واضح ڪندڙ، پروپيگندا، غدارين جي لقبن، نفرتن، مهم جوئي، جاسوسي ۽ گرفتار ٿيڻ جي خطري

هيٺ آهن. اسرائيل هر آئي ڏينهن، هر عالمي ۽ بين الاقوامي قانون جا بکيا اُڀيڙي پنهنجي فضائي طاقت سان فلسطيني آبادیءَ تي بمباري ڪري، فلسطينين جي عام آبادي ۽ بارن کي شهيد ۽ زخمي ڪري رهيو آهي. اسرائيل وٽ هٽلر جهڙيون ڳجهيون بياباني ڪئمپون آهن، جن ۾ ڪيترن ئي آفريڪي مهاجرن کي ٽن سالن تائين سواءِ ڪنهن ڪيس جي قانوني طور قيد ڪري رکي سگهجي ٿو.

اسرائيلي مذهبي جنونيت اها مذهبي قومپرستي آهي، جيڪا هٽلر فوجي سوشلزم جي نالي ۾ شروع ڪئي هئي. اسرائيل داداگيري، قبضہ خوري ۽ فوجي چڑهايون ڪري الهندي ڪناري يا يروشلم تي قبضن جو جيڪو بنياد وڌو آهي، اهو اڄتي هلي خود يهودي سماج ۽ نالي ماتر جمهوريت لاءِ موت ثابت ٿيندو. اسرائيل جي حالت جنگ ۾ ۽ اٽڪٽ جنگ ۾ اهڙي نہ ٿئي، جهڙي آمريڪا جي 1970ع ۾ ويٽنام ۾ ٿي. اسرائيل 15 لک کان 20 لک ماڻهو ملٽري، پوليس ۽ ڳجهين ايجنسين ۾ پرتي ڪري، هڪ پوليس رياست ناهڻ جو مقصد باقي آبادیءَ لاءِ تعليم، صحت ۽ جمهوري ادارن تان هٿ کڻڻ ۽ قربان ڪرڻ آهي. بينڪي حڪمراني، قبضي گيري ۽ ڪرپشن جڏهن گهر ڪري ويندي تہ اهڙي ئي رياست قائم ٿيندي آهي. اسرائيل کي انهي جو وجود برقرار رکڻ جي لاءِ عرب مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو. اسرائيل جو آرمي سماج تمام جلد پنهنجي رياست جو دفاع ڪرڻ بدران هڪ قبضہ گير آرمي ٿيندي ٿيندي سوڙهي ٿيندي ۽ ان جا ڪمانڊر پاڻ کي ملٽري گورنرن وانگر ۽ بين ناڪام رياستن وانگر پاڻ کي بادشاهہ ۽ هيرو ڪري پيش ڪرڻ لڳندا.

جيڪڏهن جرمنيءَ ۾ يهودي مخالف جرم نہ ٿين ها ۽ بي

جنگ عظيم ۾ هو خوار نہ ٿين ها ۽ عالمي طاقت اسرائيل ۽ يهودين جي ننگي پنيرائي واري جرم ۾ شريڪ نہ ٿئي ها، تہ هوند فلسطين تي صيهونيت جو قبضو نہ ٿئي ها. بي وطن يهودي جيڪڏهن اسرائيل ڏانهن نہ ڀڄايا نہ وڃن ها ۽ بي جنگِ عظيم ۾ سندن خلاف جرم نہ ڪيا وڃن ها ۽ 60 لک يهودي قتل نہ ٿين ها، تہ فلسطين ۾ پهتل بي گهر يهودي، جن جا حق غصب ڪيا ويا هئا، تہ ان جي المناڪ قيمت پلا فلسطيني ڇو پرين ها؟ سچ تہ اهو آهي تہ يورپ جي يهودين جي قتلِ عام ۾ فلسطينين جو ڪو هٿ نہ هو. عالمي ضمير جيڪڏهن هينئر اسرائيل جي جرمن جو پردو فاش نہ ڪيو تہ سياڻي ٻين خلاف ٿيندڙ جرمن کان بہ ڪن لاتار ٿيندي، پر بدقسمتيءَ سان دنيا جي عالمي قانون ۽ انصاف جي رسد ۾ ڪمي آهي.

هينئر اسرائيل، اردن، امارات بحرين ۽ مراڪش سان ٽن قسمن جا معاهدا ڪري، ثقافتي، سياسي ۽ ملٽري لاڳاپا قائم ڪري، سعودي عرب جون فضائي حدون استعمال ڪري، بينڪي رياست جي بچاءَ لاءِ اسرائيل ان حڪمت عمليءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي تہ ڪيئن عرب حڪمران فلسطين کي وساري، اسرائيل سان سڌا تعلقات قائم ڪن. اسرائيل پاڻ کي هڪ مڃيل رياست طور ايارڻ چاهي ٿو تہ جيئين ويچارا فلسطيني پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري، اسرائيل آڏو هٿيار ڦٽا ڪري، اسرائيل جي تعبيداري ڪرڻ تي مجبور ٿين. اسرائيل 1973ع جي امن معاهدي وانگر "صيهوني منصوبي" تحت "ابراهيمي معاهدي" جي نالي ۾ عرب ملڪن، گڏيل عرب امارات مراڪش ۽ بحرين سان معاهدو ڪري، اڃ سڌي طرح ابراهيمي معاهدي کي مڃي، فلسطين جي حمايت ۽ تباهيءَ کي تسليم ڪري، اسرائيل جي اولهہ بئنڪ ۽

يروشلم جي قبضي کي مڃڻ ۽ اسرائيل کي خطي ۾ جڳهه ٺاهڻ جو موقعو فراهم ڪندو.

امڪان آهي ته عربن جي قومي خود مختياريءَ کي پاسيرو ڪري، اسرائيل، اهو ثابت ڪرڻ گهري ٿو ته "هودي اسرائيل جااصل رهاڪو آهن، فلسطيني جهڙوڪ ٻاهران آيل آهن۽ اسرائيلين سان فلسطيني ظلم ڪيو وينا آهن ۽ اسرائيل لاءِ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو بچيو ئي نه آهي". اهڙي بيانيي واسطي عربن کي فلسطين مسئلي مان ٻاهر اڇلائي، صيهوني منصوبي کي "امن" ۽ "معاهدي" جو نالو ڏنو وجي ٿو. آمريڪا، فلسطين کي، 1982ع ۾ لبنان ۾ اسرائيلي مداخلت ۽ چڙهائي ڪري، فلسطين کي نمائندگيءَ جي حق کان محروم ڪري، اردن جي وفد ۾ نمائندگي ڏيڻ فلسطين کي تاريخي حق کان محروم ڪرڻ هو. بعد ۾ حماس کي دهشتگرد قرار ڏيئي ڇڏيو هو. عربن 1993ع ۾ معاهدو ڪري، فلسطين کي صيهونيت جو مفتوح علائقو قرار ڏيئي، اسرائيل 1967ع جي جنگي تعلقاتن کي خراب ٿيڻ جي مرمت ڪئي. هينئر خاموشي تعلقات قائم ڪرڻ صيهوني تحريڪ جرمن تي پردو وجهي فلسطينين جي حقن کان ڪن لاتار ڪن ٿا. فلسطينين کي پنهنجن حقن لاءِ فيصلو ڪرڻ جو آخري حق حاصل هوندو. عربن کي وقت جي چالو طاقت ۽ صيهوني تحريڪ اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي. عرب امارات مراڪش ۽ بحرين هينئر تائين ڪنهن سڌي علائقائي جهيڙي جو حصو نه رهيا آهن. عرب امارات اسرائيل سان ڪا سڌي يا اڻ سڌي جنگ ۾ شامل نه رهي آهي. متحده عرب امارات جو يمن ۾ جنگ ۾ شموليت ڪيس ايران سان سڌي ٽڪراءَ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. امارات جي اسرائيل سان تعلقات ويجها آڻڻ پنيان ڪين ملڻري

۽ ٻين تحفظ وارن معاهدن سان لاڳاپيل سوال آهي. اسرائيل، امارات ۾ رڳو هڪ عام رواجي تعلقاتن سياح سفر هيٺ نہ پر امارات جي بچاءَ ۽ پنهنجا اتحادي وڏائڻ واري ارادي سان داخل ٿيندو.ابراهام معاهدي جا بظاهر نقطا ڪٽي ڪهڙا بہ هجن پر اسرائيل جو اصل مقصد ايران جي فوجي ۽ تيل جي انفرا_اسٽرڪچر جي ويجهو اچڻ، بحرين، سعودي، قطر ۽ اومان سان تعلقات ويجها آڻڻ جو مقصد خطي ۾ ايران مخالف، اسرائيل عرب ۽ عرب_ايران اتحاد لاءِ راهه هموار ڪرڻي آهي. اسرائيل_امارات سان تعلقات ويجها هئڻ جي ڪري ايراني هرموز سمنڊ، اوماني سمنڊ ۽ يمن جي باب المندوب جي ويجهو آڻي، ڳاڙهي سمنڊ، سوئز ڪئنال ۽ اردن جي عقبا خليج ۾ اثر رسوخ وڌائڻ جي ارادن ۾ آهي. هي معاهدا هينئر تہ شروعات آهي، انهن معاهدن جي پڻيان جيڪي ٻيون ڳجهيون حڪمت عمليون هونديون، انهن ۾ سعودي ۽ ٻيا ملڪ گڏجي اسرائيل جي هوائي جهازن کي سعودي جي هوائي رستو ڏيڻ ۽ ايران جي ممڪن ائٽمي ۽ انفرا_اسٽرڪچر تي حملا ڪرڻ، صرف پردي جي پويان اهي هڪ امڪاني مثال آهن. صيهونيت ۽ عرب حڪومتون، ايران مخالفت ۾ ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهن ٿيون. بچيل عرب رياستون ممڪن آهي تہ اسرائيل سان ڪي معاهدا ايندڙ ڏينهن ۾ ڪن. هي معاهدا "امن" واسطي گهٽ، پر خاص "جنگي" معاهدا هوندا.ابراهيمي معاهدي کانپوءِ عرب ملڪ هٿيار خريد ڪرڻ جي دوڙ ۾ شامل ٿيندا ۽ ائين امريڪي جنگي صنعت جي ڪاروبار ۾ واڌ ٿيندي. جي ايئن نہ هجي ها تہ خطي ۾ آمريڪي هٿيارن جي دوڙ، امارات طرفان F-35 جهاز ڇو خريد ڪيا وڃن ها؟ اهي جهاز ٻئي ڪنهن نہ پر، ايران خلاف استعمال ٿيڻ جو خدشو آهي.

اسرائيل مسلسل عراق، لبنان، شام ۽ ايران اندر اهڙيون ڳجهيون ۽ ڪليل ڪارروايون ڪري چڪو آهي. ايران ۾ ائٽمي سائنسدان جو قتل ۽ ايران جي ائٽمي تنصيبات تي حملا ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا تہ نوان امن معاهدا ڪندڙ عرب ملڪ پنهنجي سرزمين کي ايران خلاف استعمال ٿيڻ جي تياري ۾ آهن. ايران-سعودي بحران ۽ جهيڙي قبائلي عرب بادشاهن کي اسرائيل سفارتي، سياسي، مالياتي ۽ وقت جي طاقتن سان ملي، "ويڑهايو ۽ حڪومت ڪريو" ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي چڪو آهي. ها، البتہ هر فاشي مجرم، بينڪي رياست جي دائمي فائدي ۽ استحڪام جي وڏي عرصي تائين ڪابہ گارنٽي ڏيئي نٿي سگهجي. تنهن هوندي، جوابن کان بہ سنجيده سوال آهن اسان جا حڪمران ڪٿي بينا هوندا؟ ڪو موجوده عسڪري ۽ سول قيادت کي هن حالتن مان، بهتر صلاحيتن جو تصور ڪري سگهجي ٿو. وقت هر دفعي ثابت ڪيو تہ اسان جا حڪمران هميشہ انهن سان گڏ رهيا آهن جيڪي ظالم طاقتون آهن. اهڙي طرح عوام هميشہ مظلوم عوام سان گڏ بينل هوندو آهي.

ڪاوش اخبار 07 جنوري 2021ع

مسئلا ۽ مشڪلاتون، 21 هين صديءَ جون ممڪن واٽون!

عالمي سياسي ۽ معاشي منظرنامن کي ڪالھ تائين (1992ع) فرانسس فوڪوياما نالي ھڪ آمريڪي پروفيسر "تاريخ جو انت ۽ آخري انسان" قرار ڏنو ھو. دنيا جو عالمي سياسي ۽ معاشي نظام ٽن - چئن ڏھاڪن کان اندرين ۽ باھرين تضادن جو نہ صرف شڪار آھي، پر ھڪ وسيع فڪري بحث ھيٺ پڻ آھي. ھڪ اھم بحث ھي آھي تہ سياسي ۽ عالمي معيشت جو موجوده ڍانچو، جيڪڏھن وڌندڙ ۽ مسلسل بحرانن جي ڪشيدگيءَ جو شڪار ٿي وڃي، تہ ڇا ان جي جاءِ ڪو ٻيو نظام والارينديو؟ يا ڪجھ وقت لاءِ ھڪ خال پيدا ٿيندو ۽ بعد ۾ ڪو ٻيو نظام متعارف ٿيندو؟ سوال ھي آھي تہ عالمي سياسي ۽ معاشي منظرناما ھڪ نئين دور ۾ داخل ٿي چڪا آھن. ڇا مستقبل جا معاشي ۽ سياسي نظام ويجھي مستقبل ۾ متوازن يا ھموار ھوندا يا نہ؟ ان جي ڪھڙي پڪ آھي؟ انھن جو مرڪز ۽ نوعيت ڪھڙي ھوندي؟ ڇا ان جو محور آمريڪا، ايشيا يا لاطيني آمريڪا ھوندو؟ ڇا مستقبل جو معاشي نظام گھٽو ڪري معيشت تي مشتمل ھوندو؟ انھن جي شڪل ۽ ماھيت ڪھڙي ھوندي؟ ان جي ڪھڙي ممڪنات آھي تہ جمھوري متبادل حڪومتون ۽ معيشتون سرمائيدار معيشت تي قابض مرڪزن سان مھاڏو اتڪائيندیون؟

ھن مضمون ۾ اسين سياسي ۽ معاشي منظرناما پيش ڪري، موجوده سياسي ۽ معاشي بحرانن کي ذھن ۾ رکندي، موجوده معاشي نظام ۽ معيشت جي مختلف پھلوئن جو جائزو ونندي،

سرمائيداراڻا معيشت جي تاريخي اوسر، بحرانن جي تلسلسل ۽ سببن کي سمجهندي، بحث هيٺ آڻيندي، ان جي تاريخي واڌ ويجهه ۽ موجوده شڪلين کي سمجهنداسين، ڇيد ڪنداسين ۽ ڪجهه اهم نتيجا ڪيندا سين. ان قسم جو بحث انقلابي، ترقي پسند، ڪابي ڏر جي سياست ڪندڙ ۽ پوئتي پيل ملڪن جي عوامي ۽ سياسي پارٽين لاءِ انتهائي اهم آهي. سندن لاءِ هڪ دليراڻو، سمجهه پريو ۽ واضح موقف رکڻ ۽ سماجي ۽ سياسي تبديليءَ لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. هن قسم جو بحث سياسي پارٽين جي ڪارڪنن، سياسي ۽ معاشي آزادين جي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن لاءِ نہ صرف لاڀائتو ثابت ٿيندو، پر پنهنجي مستقبل جي سياسي پروگرامن، نعرن ۽ جدوجهدن لاءِ بہ ڪم اچي سگهندو.

سياسي منظرنامو:

جيڪڏهن اوهان سياست جا ماهر نہ بہ هجو، رڳو اخبارن ۽ ٽيليويزن جو متاڃرو جائزو ونندي ئي اهو نتيجو ڪيڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳندي ۽ ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس نہ ٿيندي تہ سڄي دنيا پنهنجي تاريخ ۽ ترقيءَ جي موجوده ڏاڪي تي هڪ انتهائي منجهيل ۽ خطرناڪ دور مان گذري رهي آهي. منجهيل ۽ خطرناڪ ان ڪري بہ تہ سياسي منظرڪشيءَ جو تصور جيڪڏهن انسانن جي مجموعي ۽ گڏيل مقدر ۽ تاريخ جي پسمنظر ۾ ڏنو وڃي تہ انسانن جو گڏيل مقدر، مشڪلاتون، مسئلا ۽ انهن جي نوعيت ڪهڙي آهي؟

21هين صديءَ جي ٻئي ڏاڪي تي پهچي انسان ذات کي مجموعي درپيش اهم مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ ان جا مکيہ مسئلا عالمي دهشتگردي، عالمي ماحولياتي گدلاڻ، عالمي معاشي ۽

مالياتي نظام جو اڀ توازن، ائٽمي جنگين جو خطرو، هٿيارن جي وڏندڙ ڊوڙ وغيره شامل آهن. سڄي دنيا جي سياسي صورتحال اجان بہ وڌيڪ ڳڻيير يا ڳڻتيءَ جوڳي ٿيندي، جيڪڏهن ائين پوئتي پيل ملڪن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن، خوف ۽ خطرن جي مختلف شڪلين کي بحث هيٺ آڻيندا سين. ڪجهہ ملڪن ۾ وڌندڙ جنگيون، لڏپلاڻ، معاشي غربت، تبديليون، داخلي سياسي تحريڪون ۽ انتهاپسنديءَ جي لاڙن کي منهن ڏيڻ جهڙا وڏا سياسي مسئلا درپيش آهن.

غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن جا معاشي، سياسي ۽ مالياتي مسئلا ۽ عمل ڪي مختلف نہ آهن:

اڄ اسين جنهن دنيا ۾ رهون ٿا، خاص ڪري سرد جنگ جي خاتمي ۽ روس جي ٽٽڻ کان پوءِ طاقت جو توازن آهستي آهستي هڪ طرفو ٿي خاص ملڪن جي حق ۾ ٿي وڃڻ، واپار، تجارت، مندين ۽ مالياتي ادارن جي اجاره داري قائم ٿيڻ، يورپ، چين، جاپان جهڙن ملڪن اندر معاشي تبديلين جو نروار ٿيڻ جهڙا واقعا ۽ لقاءَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ مختلف ملڪن جي مفادن، خواهشن ۽ طاقتن جي وچ ۾ مقابلي بازي، چٽاپيٽي، واپار ۽ سياسي اثر جي وٺ وڻان جي نتيجي ۾ عالمي سياسي طاقت جو توازن 1945ع (ٻي جنگِ عظيم) کان پوءِ بگڙجندڙ عالمي نظام کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ رهندو ڪوکلو ۽ وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

ان تحفظ جا نوان خوف ۽ خطرا، وڌندڙ طاقت جو نشو ۽ سياسي بالادستي مختلف ملڪن ۾ خوف ۽ خطرن، مشڪلاتن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ خاص ڪري سياسي بحرانن کي منهن ڏيڻ وڌيڪ مشڪل ۽ ڏکيو ٿي پيو آهي. عالمي سياسي نظام اهڙن

سياسي بحرانن کي منهن ڏيڻ، غير رياستي ادارن جي وڌندڙ اثر، بنياد پرستي ۽ انتها پسندي، داخلي ۽ خارجي بحرانن عالمي ادارن جا بنيادي اصول، بين الاقوامي قانون ۽ ضابطا جڏ ته طاقتور ڏرين هٿان روز جي بنيادن تي لتاڙجندي نظر ايندا، جنهن جا مثال ۽ شڪار خود گڏيل قومن جو عالمي ادارو ۽ ملڪ نظر ايندا.

انهيءَ سڄي عالمي صورتحال جي غير يقينيءَ واري ڪيفيت ۽ اوچتو ڊرامائي انداز ۾ ٿيندڙ تبديلين ۾، خاص ڪري عالمي واپار، خام مال، معاشي بحران، عالمي مالياتي منڊين ۾ ٻاڙائي ۽ اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ لاٿ، مٿاسٽا جي ذريعن ۾ توازن جو بگڙڻ وغيره، مجموعي طرح عالمي سياسي، صنعتي ۽ مالياتي ڳڻ جوڙڪندڙ ملڪن کي پنهنجا سياسي ۽ اقتصادي خوف ۽ خسارا صاف صاف ڏسڻ ۾ اچن پيا.

ائين به نه آهي ته ملڪن جي سياستدانن ۽ رياستن کي ان سماجي ۽ معاشي صورتحال جي ڪا خبر نه هجي ته عالمي سياسي توازن ڏينهون ڏينهن چو بگڙجندو ۽ ڪمزور ٿيندو وڃي ٿو. ڪين چگيءَ ريت خبر آهي ته گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ان جا آثار صاف نظر اچڻ لڳا هئا. ان وقت ئي اهو احساس شدت سان محسوس ڪيو ويو هو ته ان کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ يا ضابطي ۽ ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ گهربل بردباري، مستقل مزاجي ۽ پيچيدگيون سمجهڻ سندن وس جي ڳالهه نه هئي. هينئر به عالمي ادارن، جهڙوڪ: گڏيل قومن جي عالمي ادارن، عالمي مالياتي ادارن، جهڙوڪ: آئي.ايم.ايف، عالمي بئنڪ، شنگهائي ڪوآپريشن آرگنائيزيشن، G-20 ملڪن جو اتحاد، اولهه جي ملڪن جو جنگي اتحاد NATO، تجارتي جنگين، سياسي غير يقينيءَ جي صورتحال ۽ جنگين کي گهٽائڻ لاءِ ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ويون

آهن يا ڪا اميد نظر ڪونہ ٿي اچي.

سوال هي آهي تہ عالمي سياسي نظام ڪهڙي رخ ۾ وڃي رهيو آهي؟ ٻين لفظن ۾ سياسي منظرنامي جو اٽ ڪهڙي پاسي ليٽندو؟ ڇا سڄي دنيا جا ملڪ ڪنهن هڪ سياسي راءِ هيٺ عالمي سياسي توازن قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا يا نہ؟ عالمي سياسي منظرنامي ۾ مستقبل لاءِ ڪا رڃابندي، ڪا معياري سوچ ۽ فڪر يا ڏاڪي بہ ڏاڪي ڪي ڪوششون ڪري عالمي سياسي منظرنامي کي توازن ۾ آڻڻ لاءِ کي اپاءَ وٺندي نظر ايندا هجن يا ان ۾ يڪسر ڪا نواڻ يا انقلابي تبديليون آڻي مورڳو هڪ نئين نظام لاءِ فڪرمند ٿيڻ گهرجي؟ ويجهي مستقبل ۾ جي ڪي جوڳا اپاءَ نہ ورتا ويا تہ ان جا اڳرا نتيجا نڪري سگهن ٿا. دنيا جي وسيع اڪثريت انهن مسئلن تي فڪرمند آهي.

اپاءَ ڪهڙا وٺجن؟

نئين دور ۽ عالمي سياسي نظام ۾ توازن قائم ڪرڻ نہ رڳو پيچيده پر خطرناڪ عمل پڻ آهي، جتي مختلف ملڪن جي وچ ۾ طاقت، سياسي ۽ معاشي مفاد سڌيءَ طرح ٽڪراءَ ۾ آهن. ٻيو حل هي آهي تہ عالمي قومن جي اداري جي هيٺ عالمي سياسي اٽ توازن کي مضبوط ڪجي، جنهن ۾ طاقتور ملڪ هڪ ذميواريءَ جو مظاهرو ڪن ۽ عالمي ادارن جي اصول هيٺ عالمي قانون جي پاسداري ڪندي، برابريءَ جي بنياد تي قومن ۽ ملڪن جي خودمختياريءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندي، عالمي طاقت جي ٻٽن معيارن کي پاسيرو رکندي ڪو حل ڪڍجي، جيڪو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ اهو عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ اولهہ جا ملڪ طاقت جي نشي ۾ پنهنجي مخالف ملڪن کي "شيطاني

قوتون" قرار ڏيئي، واري واري سان طاقت جي نشي ۾ پهريان انهن جي خلاف پندي ٻاري، غليظ لقب ڏيئي، عالمي برادريءَ ۾ خوار خراب ڪري، پهريان ملڪ ۽ انسان دشمن قرار ڏيئي، پوءِ سندن روزگار ۽ وسيلن جو اقتصادي بائيڪاٽ ڪري، پوءِ پابندين مڙهي، ملڪن کي بک ۽ بدحاليءَ جي حوالي ڪري، انهن جي آبادي کي خوراڪ ۽ دوائن کان محروم ڪري، هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪري، نبل ۽ هيٺو ڪري، پر ان جي باوجود به ڪمزور نه ٿئي ته پوءِ سندن مٿان جنگ نازل ڪري، بمن جي برسات ڪري، پوءِ فوجي بوٽن هٿان زير ڪيو وجي ۽ پوءِ ڪيترائي ملڪ اهڙين سختين جي ڏٻاءَ هيٺ تاش جي پتن وانگر ڍهڻ شروع ٿي ويندا آهن.

تاريخ ۾ جيڪڏهن ڏٺو وجي ته يوگوسلويا کان وٺي عراق ۽ لبيا تائين ائين ئي ٿيندو آيو آهي، پر هينئر اڪثر ملڪن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي ته طاقتور ملڪن طرفان غريب ملڪن کي هيسائڻ، ڊٻائڻ ۽ فتح ڪرڻ جا نسخا ۽ ڪارگذاريون ڪهڙيون آهن؟ تنهنڪري موجوده زمانن ۾ ساڳيءَ ريت آزاد ۽ خودمختيار ملڪن کي ڊيڄاري ۽ هيسائي آسانيءَ سان غلام بڻائي نٿو سگهجي. کين خبر پئجي وئي آهي ته همت ۽ جرئت، بهادريءَ ۽ قرباني سان، عزت ۽ وقار سان جمي بيهڻ ۾ ئي عزت ۽ وقار آهي. هينئر تاريخ ۾ پهريون پيرو ائين ڏٺو ويو آهي ته طاقت ذريعي ڪنٽرول ڪرڻ، زيردست يا گرفت ۾ آڻڻ يا غلام بنائڻ کو ايترو سولو يا آسان ڪم نه آهي.

مجموعي سياسي طرح اولهه ۽ طاقتور ملڪ اربين ۽ کربين ڊالر جنگين ۾ خرچ ڪرڻ جي باوجود غريب ملڪن سان جنگيون ڪرڻ ۽ کٽڻ ۾ ناڪام ويا آهن. توڙي جو انهن وٽ جديد ائٽمي

هٿيار، ميزائل، جنگي جهاز ۽ جنگي ٽيڪنالاجي آهي، پر ان جي باوجود به هو غريب ملڪن کي فتح ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. روس ۽ چين جهڙن ملڪن پنهنجي اتحادي ملڪن جي حمايت ترڪ ڪرڻ، کين اڪيلو نه ڇڏڻ، سندن خلاف پروپيگنڊا جي ڀندي ٻارڻ، ڏيڇارڻ، پابندیون هٽڻ، فوجي اڏا قائم ڪرڻ، واپاري ۽ محصولات جون پابندیون هٽڻ باوجود پاڻ ثابت قدمي، فخر ۽ ڳاڻ اوچو ڪري عزت ۽ سلامتيءَ جي ارادي تان دستبردار نه ٿيڻ جهڙا عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

هر مخالف حڪمت عملي جي باوجود روس ۽ چين ڪمزور ٿيڻ جي باوجود ايشيا ۽ آفريڪا ۾ تعليم ۽ انفرا_اسٽرڪچر مهيا ڪرڻ ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي تجارت ۽ معاشي غلاميءَ مان آزاد ٿيڻ جي جدوجهد ۾ رڌل آهن.

هينئر ڪوڙ سارن ملڪن، جهڙوڪ: شام، عراق، ليبيا، افغانستان ۽ فلسطين کي خبر پئجي وئي آهي ته آمريڪا ۽ سندس اتحادي ملڪن ڪهڙي قسم جي "آزادين" مان سندن جان ڇڏائي آهي. ڪيوبا، ايران، روس، چين، وينزويلا، ڪوريا ۽ شام، جنگين کان گهبرائڻ بدران مڙس ٿي مهاڏو اٽڪائڻ کي ترجيح ڏين ٿا. اتان جي ڪروڙين ۽ لکين ماڻهن اولهه جي بينڪيتن ۽ فاشي اڳرائين کي نه صرف دليريءَ سان منهن ڏنو آهي پر کين منهن ڏيڻ جو سالن جو تجربو به آهي. روس، چين، ڪيوبا، شام، وينزويلا اڏول بينا آهن. کين ويڑهه ڪرڻ اچي ٿي. کين خبر آهي ته اڳرائين کي ڪيئن منهن ڏبو آهي.

عالمي اقتصادي منظرنامو:

عالمي ادارن، جهڙوڪ: قومن جي عالمي اداري (UN)، عالمي

مالياتي ادارن آئي-ايم-ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ عالمي اقتصادي فورمن جي اقتصادي رپورٽن تي نظر وجهبي تہ هيٺيان نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا:

- عالمي ترقيءَ جي شرح ۽ واڌ کي توازن ۽ سست رفتاريءَ جو خطرو آهي. ترقيءَ جي شرح ۽ واڌ ، اٽبرابريءَ تي ٻڌل ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾ ترقي ۽ معاشي واڌ جي شرح کي وڌائڻ جي گهٽي ضرورت آهي.
- جن ملڪن ۾ وسيلن جي گهٽائي آهي، اتان جي ترقيءَ جي طاقت ۽ رفتار ان جي گهربل لياقتن کان گهٽ آهي.
- سڄي دنيا جي عالمي اقتصادي شرح کي بدلجندڙ ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ وسيع آباديءَ جي شموليت سان گڏ 2030ع جا پائيداري ترقيءَ لاءِ مقرر معيار ۽ مقصد مرڪزي حيثيت رکن ٿا.
- سڄي دنيا جي پاليسي ساز ادارن ۽ سرڪارن کي کپي تہ وڏي عرصي جي رڪاوٽ لاءِ ننڍي عرصي وارن خطرن، مشڪلاتن، مالياتي خسارن ۽ ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي، واپاري جهيڙن کي نپائيندي، وڏي عرصي جي معاشي ۽ ماحولياتي مقصدن کي حاصل ڪن.
- ان ڳالهہ جو خطرو ۽ اشارو بہ ڪيو ويو آهي تہ دنيا ۾ وڌندڙ واپاري جهڳڙن، ان سان گڏ مالياتي بحرانن ۽ وڌندڙ قرضن جي نتيجي ۾ مالياتي گهوٽالا/بحران پڻ اچي سگهن ٿا. تنهنڪري ملڪن کي پنهنجي ناڻي، ماحوليات، بئنڪن ۽ مالياتي نظام جي خطرن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي.
- پاليسي ساز ادارن ۽ ملڪن کي عالمي آمدنين جي اٽبرابريءَ کي گرفت ۾ ڪرڻ لاءِ روزگار، تعليم، ڳوناڻي انفرا_اسٽرڪچر کي منهن ڏيڻ مکيہ مشڪلاتن ۾ شامل اهم مسئلا قرار ڏنو

ويو آهي.

- سڄي دنيا جي معيشتن کي وسيع اڪثريت جي شموليت سان ڳنڍڻ، ان کي وڌيڪ لچڪدار بنائڻ ۽ ذميواريءَ سان عالمي مندين ۽ سرشتي سان ڳنڍڻ جون سفارشون ڪرڻ وغيره.
- عالمي ٽيڪس جي نظام کي سڌارڻ، عالمي ماحولياتي مقصد حاصل ڪرڻ، پائيدار ترقي قائم ڪرڻ ۽ دولت جي نظام جي انتظام کي بهتر ڪرڻ واريون پاليسيون، مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ وغيره وغيره.

غور سان ڏٺو وڃي تہ ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ اهو پهريون ڀيرو آهي تہ هڪ وڏي عالمي اڪثريت ۽ عام راءِ آهي تہ "عالمي معاشي نظام" کي پنهنجي نوعيت جا خاص مسئلا، مشڪلاتون ۽ خطرا لاحق آهن. ماضيءَ ۾ ٻي جنگِ عظيم کان اڳ ڪيئي سياسي ۽ سماجي اٿلون پٿلون ٿيون، جن ۾ جنگ کان پوءِ 1970ع تائين حاصل ڪيل شاندار خوشحالي ختم ٿيندي نظر اچڻ لڳي. معيشت ۾ تيز رفتاريءَ سان ايندڙ بحران معيشت لاءِ سخت ثابت ٿيندا ويا ۽ سندن اثر وڌيڪ تيزيءَ سان ڦهلجندو ويو. 1970ع جي عالمي قيمتن جي چاڑهه، 1980ع ۾ عالمي اقتصادي ۽ قرضن جي بحران، 1973ع ۾ عالمي تيل جي بحران، 1971ع ۾ مٽاسٽا جي ناڪي وارن وسيلن جو بحران، 1990ع ۾ مالياتي خوشحالي، واپار، سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ ۽ 1990ع کان پوءِ ملڪن ۾ ڪرنسي ۽ قرضن وارن بحرانن جنم ورتو. جيئن تہ عالمي معيشتون عالمي طرح هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، ان ڪري انهن جو اثر ٻي دنيا تي پوڻ فطري عمل آهي.

گذريل 40 سالن ۾ معاشي ناهمواريت گهٽي پاڳي اڳتي وڌيل ملڪن لاءِ "عام رواجي" يا عام منظر آهي، جنهن تيزيءَ سان

عالمي معاشي بحران جو ظهور يا ظاهر ٿيڻ ۽ ان رفتار سان ظاهر ۽ وڌندڙ آهي جو بظاهر پنهنجي شڪل ۾ سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندي سرمائي جي Accumulation (انبار) جي مسلسل ۽ وڌندڙ شڪل ۽ ترقي آهي. جي ڏنو وجي تہ امير ملڪ صنعتي ملڪن مان ڦري وري سرمائيدارن ۽ مالياتي سرمائيدارانہ ملڪن ۾ تبديل ٿيندا پيا وجن. اهڙن ملڪن ۾ ترقيءَ جي شرح واڌ ۾ مسلسل گهٽتائي ۽ مجموعي طرح اڳتي وڌيل ملڪن ۾ قرض جو واڌارو ٿيڻ سان گهڻ نجي ۽ سرڪاري گهرو ۽ مالياتي واڌ بئنڪن ۽ ادارن جو گذريل 40-50 سالن کان مالياتي ادارن تي ۽ بئنڪن تي پاڻ وغيره ۽ قرض تي معاشي ڦيٿو هلائڻ وارا لاڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان سان گڏوگڏ معاشي اٽبرابريون، آمدنين جي تفريق، دولت جو ڪجهہ هٿن ۾ گڏ ٿيڻ وغيره جهڙا لقاءَ عام آهن.

برطانيہ جي هڪ اداري آڪسفيم جي رپورٽ مطابق، "دنيا جي 50 سيڪڙو امير ماڻهن وٽ دنيا جي 99 سيڪڙو دولت آهي. هڪ سيڪڙو امير ترين آبادي وٽ دنيا جي 50 سيڪڙو دولت آهي ۽ دنيا جي امير ترين 62 ماڻهن وٽ وڌيڪ دولت آهي، جيتري دنيا جي اڌ آبادي يعني 3.6 بلين آبادي وٽ نہ آهي."

مٿيان سمورا عنصر ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ عالمي ترقيءَ جي شرح ۾ گهٽتائي وڌندڙ آمدنيءَ جي تفريق جي نتيجي ۾ آهي. تفريق ئي پيداواري صلاحيت تي اثرانداز ٿئي ٿي ۽ طلب جي گهٽتائيءَ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿئي ٿي. ترقيءَ جي شرح جي گهٽتائي معاشي ۽ آمدنيءَ جي تفريق کي وڌائي ٿي. ان سان گڏوگڏ وڌندڙ قرضن جي شرح معاشي ترقيءَ جي سست رفتاري ۽ الٽو آمدنيءَ جي توازن ۽ فرق کي وڌائي ڇڏيو آهي.

1970ع ۽ 1980ع جي مالياتي نظام جي بيهڪ ۽ نوعيت جي

نتيجي ۾ هٿراڏو اجرتن ۽ ڪپتن ۾ واڌاري جي نتيجي ۾ حقيقي اجرتن ۾ جمود ظاهر ٿي پيو ۽ سرڪاري خدمتن ۾ لاڙ آئي آهي.

عام طرح سادي معاشي نظريي ۾ ان معاشي ۽ مستقل بحرانن ۽ لاڙ جو حل ڪهڙو آهي؟ سادي انداز ۾ ته معاشي نظام پنهنجو پاڻ کي خودڪار انداز ۾ نئين صورتحال سان مطابقت ڪندو يا هموار ڪندو.

ڇا مستقل معاشي واڌ ۾ لاڙ، وڏندڙ اڻبرابريون ۽ مسلسل وڏندڙ قرضن ۾ اهڙي مطابقت ممڪن آهي؟ يا پائيدار ٿي سگهي ٿي؟

بحران پنهنجي نوعيت ۾ "Systematic" ۽ سرشتي وارا آهن. دنيا جون اهم معيشتون، جهڙوڪ آمريڪا جي معيشت مالياتي ناڪامي جي معيشت جي اثر هيٺ آهي، جنهن سستي ناڪامي جي واڌ کي بهتر ڪري سستي ناڪامي واري معيشت پيدا ڪئي آهي. مرڪزي بئنڪن ۽ يورپين بئنڪن مالياتي ڪارپوريشن ۽ وڏين بئنڪن جي مدد سان هٿرادو ناڪو پيدا ڪري ۽ سيڙپڪاريءَ کي ڪاري ۽ عالمي قرضن جون هٿراڏو منڊيون پيدا ڪيون آهن.

اهڙي صورتحال ۾ معاشي واڌ هڪ خواب ٿي پيو آهي. غير معمولي ناڪامي جي واڌ ۽ ڦهلاءُ، معيشت جي انجڻ کي ٻيهر اسٽارٽ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. بي روزگاريءَ جا انگ اکر ڏينهون ڏينهن وڏندي نظر اچن ٿا. آمدنين جي تفريق چوٽ چڙهيل آهي.

معاشي نقطہ نظر کان معيشتن جو مستقبل ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪو مضبوط دليل يا دڳ ڪونهي. يورپ ۽ ٻين ملڪن جي معاشي ماهرن کي چگّيءَ ريت خبر آهي ته ناڪامي جي ڦهلاءَ، هٿرادو ڪرنسيءَ ذريعي معاشي ڦيٽو هلائڻ، مسلسل ناڪامي جي واڌ ۽ ڦهلاءُ کو مستقل حل نہ آهي. انهن کي اها ٻه خبر آهي ته اهڙي سستي ڦڪي آمريڪا ۽ جاپان ۾ ٻه آزمايل آهي. اسٽاڪ مارڪيٽون ناڪامي

جي هٿرادو دٻاءَ جي نتيجي ۾ ويهجي رهيون آهن. سستو ناڻو حاصل ڪرڻ ته آسان آهي پر بچت ڪري سيڙپ ڪرڻ مشڪل آهي. ڪمائڻ ته آسان آهي پر ٽيڪس ڏيڻ مشڪل آهي.

ڪجهه معاشي ماهرن جو خيال آهي ته معاشي بحرانن جو حل جمهوريت ۾ آهي؟ جمهوريت ۽ سياسي، معاشي نظام جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو آهي. جمهوريت ۽ معاشي نظام جي موجوده شڪل پنهنجي جوهر ۾ هڪبئي جي ابتڙ يا مخالف سمجهي وجي ٿي. 20 هين صديءَ ۾ سرمائيدار جمهوريت کان گهٽا ڏنل هئا ته ڪٿي اڪثريت نجي ۽ ذاتي ملڪيتن جو خاتمو نه ڪري وجهي. نتيجي ۾ اُهي آمريت ۽ اڻ چونڊيل قسم جي حڪمرانين جي حمايت ڪندا هئا. سرد جنگ جي عرصي دوران جمهوريت ۽ سرمائيدارڻو ڳانڍاپو سوشلسٽ ملڪن جي انسان دوستن پاليسين جي نتيجي ۾ هڪ بئي جي ويجهو ۽ ملندي نظر ايندا، جنهن جي نتيجي ۾ معاشي ترقي، مارڪيٽن کي آزاد ڪرڻ، نجي ملڪيتن جي حق کي تسليم ڪندي، جمهوري آزادين کي ميجيندي، معاشي عمل کي آزاد ۽ خودمختيار بڻائڻ تي اتفاق ٿيندي نظر اچي ٿو، جنهن جو بنيادي معاشي عمل نفعي ۽ مندبيءَ جي اصولن تي رکيو وجي. هينئر 21 هين صديءَ جي ان ڳڻ جوڙ جي موڙ جو عمل شروع ٿي چڪو آهي يا نظر اچي رهيو آهي.

وسيع عوامي اڪثريت ۾ هيءُ تاءُ آهي ته چالو سياسي ۽ معاشي نظام سندن معاشي گهرجون پوريون نه ٿو ڪري سگهي. عام راءِ آهي ته سياسي پارٽيون پنهنجي نااهليءَ ۽ ڪرپشن جي باوجود اهو ورد ڪن ٿيون ته اهڙي سياست ۽ اهڙي نظام کان سواءِ ٻيو ڪو حل يا چارو ڪونهي، چاڪاڻ ته وسيع ووٽر اڪثريت جون عوامي مزاحمتون ۽ سرڪار خلاف احتجاج سرڪار ۽ نظام جي

مضبوطيءَ کي اندران ئي اندران کوکلو ڪري چئلينج ڪري ٿو.

ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ جمهوريت جي قانوني حيثيت ئي ان نظريي تي بڌل هئي ته جمهوريت کي منڊين ۾ مداخلت ڪري انهن کي صحيح دڳ لاهڻ سان گڏ شهرين جي مفادن جو تحفظ ڪندي.

ڏاڪن کان جمهوريت جي ڪارڪردگين، بحرانن ۽ آمدنين جي تفريق ان پول کي کولي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي ته سياسي پارٽيون ان ڏس ۾ جمهوريت ۽ طبقاتي سياست ۾ پنهنجي واٽ ڳولين ٿيون.

طبقاتي سياست ۽ اٽبرابريءَ جو خاتمو ڪيئن ڪجي؟ مٿان کان هيٺ يا هيٺان کان مٿي جو خاتمو شروع ڪجي؟ جيڪڏهن حڪومت جي مالياتي معاشي پاليسين تي نظر ڦيرائجي ته واضح نظر ايندو ته تاريخي طرح حقيقي اجرتن ۾ گهٽتائي آئي آهي. سرڪاري مالي نظام ۾ ٽيڪسن جي گهٽتائي ۽ وڌندڙ قرض اٽبرابرين کي اڃان وڌيڪ چٽو ۽ واضح ڪري ڇڏيو آهي.

معاشي پاليسيون پارليامينٽ يا جمهوري ڏانچي ۾ حساب ڪتاب کان مٿي، جهڙوڪ اجرتن کي مقرر ڪرڻ، بچتون ناهڻ، معاشي ناهه، عام طرح قومي جمهوري ادارن کان بالاتر ٻاهر جي مالياتي ادارن يا سيڪيورٽي ادارن جي هٿ هيٺ آهي. اها صاف صاف جمهوري اصولن جي نفي ۽ غير جمهوري معاشي عمل آهي. مٿين طبقن جو جمهوريت مان ايمان ڪجندي محسوس ٿئي ٿو. ان سان گڏوگڏ مٿين طبقن ۾ معاشرن کي مارڪيٽ ۽ منڊيءَ جي اصولن تحت جمهوريت تحت هلائڻ کي به ان جي مناسب نه ٿا سمجهن.

عوام جي راءِ سان جمهوري سياست جي وسيلي بازاري

منڊين جي ذريعي انصاف ڪرڻ ۾ مٿين طبقن جو موقعي پرستيءَ وارو رويو ۽ فائدو ونڊ عام سوچ آهي.

بازاري سرمائيداري نظام جمهوريت ۽ سياست لاءِ ڪارائتو ۽ ذميوار ڪردار ادا ڪندو آهي. اهو ايمان ۽ وقت سان پراڻو طور نظر ايندو وڃي ٿو. ان جي مقابلي ۾ چين جو غير جمهوري يا هڪ پارٽيءَ وارو حڪمراني نظام مٿئين نظام جي مقابلي ۾ وڌيڪ سگهارو ۽ جاندار ثابت ٿيو آهي.

ڪجهه عرصو اڳ ۾ اها خام خيالي هئي ته جديد معاشي لبرل نظريو جمهوريت ۽ مارڪيٽ جي نظام کي گڏ هلائڻ جي صلاحيت ۽ طاقت رکي ٿو ۽ اٽبرابريون ختم ڪندو، هينان کان مٿي يا مٿان کان هيٺ ختم ڪندو، اها محض هڪ خام خيالي ثابت ٿي آهي.

80ع جي ڏهاڪي وارو معاشي ڊانچو يا (گڏيل/گاڏڙ معيشت) فني لحاظ کان سرڪاري ۽ جمهوري ڪنٽرول ۾ هئي، جيڪا لبرل معيشت جي آزادين ۽ منڊين جي رحم ڪرم تي ڇڏي وئي هئي. نئين لبرل معيشت مارڪيٽ/منڊين جي آزاد حيثيت ۾ نئون انقلاب آندو ويو، جنهن ۾ مارڪيٽ جي قوتن کي آزاد ڇڏڻ سان معيشت جي ڦيٽي کي آزاد نه هلائيندو.

2008ع جي مالياتي بحران ان خيال ۽ توازن کي ٽوڙي مارڪيٽ کي خودڪار نظام تحت هلائڻ وارو نظريو ناڪام ويو، ڇاڪاڻ ته مالياتي نظام تي گورنمينٽ جو ڪو ڪنٽرول ئي نه هو. ڏهاڪن جي بحرانن، ترقيءَ جي شرح جي گهٽتائي، وڌندڙ اٽبرابريون، افراطِ زر، مالياتي بحران ۽ سرمائيداري نظام جي تاريخي پسمنظر کي ڏسبو ۽ جاچبو ته اها ڳالهه سمجهڻ ۾ دير ئي نه لڳندي ته ان جي خاتمي جي شروعات ٿي چڪي آهي.

اسان کي سمجھڻ گھرجي تہ موجوده معاشي نظام جو انت ويجھو آھي، ان سوال کي پاسيرو ڪندي تہ ان جڳھ تي في الحال ڪو نئون نظام جڳھ والارينڊو، پر سماجي ڊانچا ۽ رشتا مايوسين جو شڪار آھن. سماجي اٽبرابريون، مالياتي توازن ۽ ترقيءَ جي شرح ۾ گھٽتائي ان معاشي عمل جي خاتمي جي نشاندهي ڪن ٿيون.

سماجي سرشتو ھڪ پيچيده عمل آھي، ان جو انت ضروري نہ آھي تہ حادثاتي ھجي يا ان جي ڌھڑ جون ڪي خاص ۽ واضح نشانيون يا اڳواڻ ڪو خاڪو تيار ٿيل ھجي.

سماجي سرشتو پنھنجي نوعيت ۾ گھڻ عملي اصولن ۽ خاص طور طئ ٿيل مقصدن جي اندر ٻين مقصدن کي پاسيرو رکي ھڪ پائيدار عمل جو نالو آھي.

Hodgson ان ڳالھ جي تصديق ڪئي تہ، "سرمائيداريءَ کي مڪمل طرح صرف سرمائيداري ئي بچائي سگھي ٿي." پولاني (Polani) واضح نموني اشارو ڏيندي ٻڌايو تہ مندبيءَ جي ڦھلاءَ جي ھڪ سماجي حد ٿيندي آھي.

انھيءَ ڪري سرمائيدارانہ معيشت کي ھڪ خاص قسم جا عنصر ھميشہ جي لاءِ واضح نشانن ۾ ملن ٿا.

سرمائيداريءَ جي مخالفت کانسواءِ سرمائيداري وٽ پاڻ کي خودڪار نظام تحت محدود ڪرڻ جي صلاحيت نہ آھي، يعني سرمائيداريءَ کي منافعي کانسواءِ ڪليل لفظن ۾ ٻي ڪا واٽ ئي نہ آھي، جنھن جو مطلب سڌيءَ طرح استحصال کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ آھي. تہ پاڻ کي نفعي کان سواءِ محدود ڪري ئي نہ ٿو سگھي.

خودڪار نظام تحت معاشي جمود کي ٽوڙڻ جي صلاحيت،

وٺڻ ورڇ ڪرڻ جي صلاحيت، رياست جي اختيارن جو محدود استعمال ڪرڻ، ڪرپشن، ٽوڙڦوڙ کي روڪڻ جو خودڪار انتظام ان جي سرشتي ۾ شروع کان وٺي موجود ئي نہ آهي.

معاشي جمود، مالياتي نظام جي ڦهلاءَ، پيداوار ۽ گهٽتائي، بيروزگاريءَ جي خاتمي جو خودڪار نظام شروع کان موجود ئي نہ آهي.

هڪ خاص طبقي جو رياست ۽ غريب عوام جي وسيلن تي ڏاڙو، معاشي مسواڙ ۽ طبقاتي اوچ نيچ جي تفريق کي ختم ڪرڻ، ناڪاره ادارا ۽ مالياتن کي بچاءِ وٺ رياستي مشنري، بيوروڪريسي ۽ وسيع خرچ ۽ مٿين طبقن جو پاڻ ۾ ڳٺ جوڙ ڪرڻ، توڙي جو جمهوريت ۽ جنگين ۾ مٿيان طبقا اهڙي سسٽم کي نہ رڳو قائم رکن ٿا بلڪ انهن مان فائدو بہ حاصل ڪن ٿا.

نجڪاري ۽ ٽيڪسن کان ڇوٽ جهڙيون اسڪيمون مٿين طبقن لاءِ رعايتون آهن. بجيٽ ۽ واپار جي خسارن جو بار وڃي عوام تي پوي ٿو. سرمائيداري ان اصول جو نالو آهي جنهن ۾ لالچ، ڪرپشن ۽ امير ٽيڻ جي خواهش ان اصول تي ڪم ڪري ٿي تہ شاهوڪار ڪيئن ٽيڻو آهي.

سرمائيداريءَ کي هڪ مرڪز گهرجي، جيڪو نہ صرف مضبوط هجي، تہ جيئن چوڌاري/دائري ۾ پوئتي پيل ملڪن جي معيشت ۽ منڊين کي نہ صرف ڪنٽرول ڪري سگهجي پر ڪنهن حد تائين استحصال بہ ڪري سگهجي.

سرمائيداري هڪ سماجي نظام آهي، جيڪو ڪڏيل ترقي ۽ خوشحالي آڻي سگهي، ان جي هڪ سماجي حد هئي. هينئر ان ۾ ترقي ۽ واڌ ۾ هڪ سيڪيولر جمود آهي. معاشي ترقيءَ جو ڦيٿو هڪ جڳهہ تي اڃي سست رفتاريءَ جو شڪار ٿي پيو آهي. ان کي

ڪيئي مشڪلاتون ۽ مسئلا درپيش آهن. اهو مسلسل منافعي جي اصول تي ئي واڌ ويجهه ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سست رفتاري ڪندو ته بيروزگاريون پيدا ڪندو. جي تيز رفتاري وڌندو ته اٹبرابريون ۽ ناهمواريون پيدا ڪندو.

Chapter titled 'Global Economic Scenario' in edited volume of "21 century-common challenges: economic and political challenges" edited by Dr. Zulifqar Rahujo, Progressive thinkers Forum, Sindh, December, 2019

سرمائيداري نظام جو تاريخي پسمنظر

موجوده سرمائيداري معيشت کي هيٺين مکيہ ٽن لاڙن ۾ ڏسي سگھجي ٿو:

(1) اوائلي/ اڳ وارو 800سالن وارو دور 1800-1000 عيسويءَ تائين.

(2) 19هين صديءَ جو صنعتي انقلاب، سرمائيدارانہ نظام جو پچي راس ٽيڪ يا جديد اولهہ جو معاشي ڪنٽرول.

(3) سرمائيدارانہ موٽ يا پوئتي پوڻ/بحران جو شڪار ٽيڪ يا پوئتي پيل ملڪن ۾ سجاڳيءَ جو اڇڻ.

ويهين صديءَ جي انقلابي سجاڳي ۽ سامراجيت سان ويڙهون هڪبئي کان ڪي جدا ۽ ڏار عمل نہ آهن. 21 هين صديءَ ۾ بہ انهيءَ استحصال ۽ سامراجيت خلاف پوئتي پيل ملڪن ۽ رياستن ۾ عوام جي سجاڳيءَ جي هڪ لهر آهي.

(1) پراڻن سماجن ۾ اندروني تضاد ۽ اڳتي وڌيل سماجن ۾ ترقي يافتہ عنصر ۽ جوهر پنهنجي ترقي، تخليق ۽ پيڇ ڌاهہ جي نتيجي ۾ هڪ اڳتي وڌيل ترقي يافتہ سماجن جو بنياد وجهڻ فطري عمل آهي.

مثان Sun era يارهين صديءَ جي منگ ۽ ڪنگ جي چين واري دور ۾ بي پناهہ فني ۽ سماجي ترقيون، پورهئي جو گڏيل نظام، جيڪو پنهنجي رفتار ۾ يورپ جي 19هين صديءَ جي تيز رفتار ترقيءَ جي مقابلي ۾ وڌي نہ سگھيو. عراق، هندوستان ۽ موريا جي زراعت ۾ ڪي جديد معاشي لاڙا يورپ جي مقابلي ۾ سست رفتاري يا جمود جو شڪار هئا ۽ ائين اڳتي وڌي نوان سماج قائم نہ ڪري سگھيا.

وچ اوپر، ايران ۽ فارس Crusade رومن ۽ جاپانين جون ترقيون پنهنجي جوهر ۾ جديديت جو شاندار مثال آهن. يورپ جي صنعتي بينڪيت، غلاميءَ جي واپار ۽ تجارت کان مختلف ۽ اڳتي وڌيل سماج هئا.

ترقيءَ جي آخري لهر يورپ جي پاسي، دنيا کي سرمائيدارانہ نظام ۾ تبديل ڪيو، جيڪو يورپ جي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي طرف، آمريڪا جي فتح ۽ ڏکڻ آمريڪا جي فتح، جيڪا 1500 عيسوي سن ۾ شروع ٿي، تجارت جي رستي 1800 عيسوي سن تائين پڄي راس ٿي. سرمائيداراڻو نظام ان پوئين لهر تحت دنيا ۾ وڏنڊو ويجهندو غالب ٿيندو ويو ۽ آخر ۾ يورپ، آمريڪا ۽ جاپان کان اسرندو/نپي جوان ٿي ويو.

هاڻوڪو سرمائيداري نظام پنهنجي مختلف شڪلين ۽ ماهيتن مان ٿيندو، پنهنجي موجوده پيانڪ شڪل (دولت جي انبار کي هڪ هنڌ يا چند هٿن ۾ گڏ ٿيڻ واري پيانڪ شڪل) تائين پهتو آهي، جيڪا دنيا جي وسيع اڪثريت جي وسيلن کي محروم ڪري، قرلڻ ڪري بڻائي وئي آهي. ان جي اها استحصالي شڪل پهريان دنيا جي وسيع هاري آبادي‌ءَ کي سندن محنت ۽ وسيلن جو استحصال ڪري، پوءِ پوئتي پيل ملڪن تي چڙهايون ڪري، کين غلام بڻائي، سندن وسيلن جي قرلڻ ڪري، هڪ خوفناڪ عالمي معاشي نظام جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو آهي، جنهن جي موجوده پوائتي شڪل سندس مالياتي نظام واري آهي.

سرمائيداريءَ جي اوسر جي نتيجي ۾ هڪ وڏي ڏار مرڪز ۽ دائري جي ملڪن ۾ نہ ختم ٿيندڙ معاشي تفريق پيدا ڪري، امير ۽ غريب ملڪن ۾ دولت ۽ آمدنين جي هڪ وڏي تفريق پيدا ڪري، ان وٿيءَ کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو آهي.

(1) جديد سرمائيدارانہ نظام جي موجوده 18هين صديءَ واري صنعتي انقلاب واري شڪل پنهنجي نوعيت جي ترقي يافتہ ۽ اڳتي وڌيل شڪل هئي، جيڪو فيڪٽرين، سائنسي ايجادن، تعليم ۽ روشن خياليءَ جو عام زمانو سڏجي ٿو، جنهن يورپ ۾ بي پناهہ ترقي ڪئي، مرڪزي معيشتون مضبوط ٿيون ۽ دائري جي ملڪن ۾ معيشتون صنعتي يا ترقي يافتہ ٿيڻ کان رهجي ويون. ان ايتري واڌو ترقيءَ جي نتيجي ۾ برطانيہ ۾ مزدورن ۽ هارين جي خراب معاشي حالتن جي نتيجي ۾ چارٽسٽ تحريڪ جو بنياد پيو ۽ 1848ع ۽ 1871ع ۾ فرانس ۾ مزدورن جون بغاوتون ٿيون. پوئين بغاوت کي "پيرس انقلاب" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جنهن لاءِ ڪارل مارڪس تاريخي طور چيد ڪندي مشهور جملو چيو هو تہ، "هاڻي آسمانن تي چڙهايون شروع ٿي چڪيون آهن." چاڪاڻ تہ ان ترقيءَ جي نتيجي ۾ هڪ وڏو نقصان نہ صرف انسانن جو ٿيو، جنهن ۾ سندن گذر سفر جا وسيلا ڪائنڪ ڏسندي ڏسندي قريا ويا، پر ان سان گڏوگڏ فطرت جو هڪ وڏو نقصان ٿيو ۽ گڏوگڏ ماحولياتي گدلاڻ جي صورت زمين ۾ وسيلن جي تباهيءَ جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

بهرحال سرمائيداراڻا معيشت 19هين صديءَ ۾ زندگيءَ جي معيارن کي بهتر ڪري، هڪ اڳتي وڌيل ۽ ترقي يافتہ سماجي شڪل ۾ پڄي راس ٿي ۽ اوج تي پهتي. سرمايو چند هٿن ۾ آهستي آهستي گڏ ٿيڻ لڳو ۽ سماج اندر هڪ بنيادي معاشي اصول ۽ قانون بي اختياري ٿيندو ويو ۽ سماج تي معاشي حڪمرانيءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. سندس شروعاتي شڪل تخليقي، ابتدائي ۽ اڌاوتي نوعيت جي هئي، جنهن ۾ نہ صرف

پيداواري صلاحيت ۽ مهارت سان گڏ سماجي پورهئي ۾ بي مثال ۽ شاندار واڌارو آيو، پر ساڳئي وقت ان جي واڌ ويجهه خطرناڪ حد تائين نقصانڪار، تباهه ڪندڙ ۽ ڏاڪي به ڏاڪي انسانن کي غلام بنائڻ، غربت، وسيلن جو غير معمولي استحصال، ماحولياتي گدلاڻ، دولت جي ورڇ ۾ ٻيا اڻ ڳٽيا نقصان، بينڪي نظام، مندين تي قبضن، جنگين ۽ قتلِ عام جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا.

سي کان وڌيڪ اوائلي سماجن جي شاندار تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي کي به ڏڪ رسيا. مارڪس به يورپ جي اندر سرمائيداريءَ جي اوسر جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو، پر سندس نظر هن اوائلي دور جي مقابلي ۾ وڏندڙ سرمائيداريءَ جي پوئتي پيل ملڪن جي ڦرلٽ ۽ محڪوميءَ کي سرمائيداريءَ جي اوائلي ڦرلٽ کي مٿين ۽ ترقي يافته شڪل سڏيو.

ان حقيقت کان ڪو ذي شعور ماڻهو انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته 19 هين صديءَ ۾ سرمائيداري نظام پڇي راس ٿيو، بي پناهه ترقي ڪيائين ۽ ان جي موجوده شڪل مالياتي سرمائيداراڻ نظام واري آهي جيڪا هڪ استحصالي شڪل آهي ۽ هڪ معاشي نظام ۽ سرشتو نه هيو جنهن مستقل ۾ نهندڙ ۽ وڌيڪ بهتر نظام لاءِ گهربل حالتون تخليق ڪيون آهن، جنهن مان هڪ ٻئي نظام جي نهڻ جي پيڙهه جو پٿر ثابت ٿيندو.

انهيءَ ڏس ۾ ان جي نئين مادي، ثقافتي ۽ شعوري شڪلين کي خيال ۾ رکي شعوري سطح تي نظام ۾ ترقيون ۽ واڌارو ڏسي سگهجن ٿا. هڪ حقيقت آهي ته سوشلزم پنهنجي جوهر ۾ ڪٽي اڇتي وڌيل پيداواري سرشتو نه به هجي، پر ان ۾ موجود اها صلاحيت، جيڪا پيداواري قوتن جي ترقيءَ کي ممڪن بڻائي سگهي ۽ سماج ۾ برابريءَ جي بنياد تي سماجي پيداواري وسيلن

جي ورڇ کي بهتر ڪري، آمدنيءَ جي تفريق کي گهٽائي ۽ سڀ کان وڌيڪ انساني تهذيب جي واڌاري واري عمل ۾ هڪ قدم اڳتي وڌائي، ان ڪري سوشلزم هڪ اڳتي وڌيل سرشتو آهي.

تنهنڪري تاريخ ۾ اهو هروپرو کو حادثو يا حادثاتي واقعا نہ هئا جو تاريخ جي هڪ خاص ڏاکي تي سوشلسٽ تحريکن جو جنم ٿيو هجي ۽ خاص طور تي فرانس جو پيرس انقلاب 1871ع ۾ حادثاتي طور وجود ۾ آيو هجي. پوئتي پيل ملکن ۾ به انقلاب ۽ آزاديءَ جي تحريکن کي هروپرو کو حادثو نہ سمجهڻ گهرجي، پر سماج جي اندر هلندڙ عمل جي نتيجي ۾ دنيا ۾ ڦرندڙ کو اڄ جو هڪ عمل آهي. تاريخ ۾ کي به لقاءَ بنا سبب جي ٿي ئي نہ ٿا سگهن.

19هين صديءَ جي آخر ۾ سرمائيدار جي اوج جو زوال شروع ٿيو، جيڪو اوائلي دور جي مجموعي واپار، تجارت ۽ صنعتي دولت جي انبار جو چند هٿن ۾ گڏ ٿيڻ، ان جي تخليقي ۽ تعميري بحرانن ۽ زوال جو شڪار ٿيندو نظر اچي ٿو. سرمائيدارانہ نظام ۾ اها معياري تبديلي 19هين صديءَ جي هڪ خاص هڪ هٿيءَ واري سرمائيدارانہ نظام جنم ورتو، جنهن 1870ع جي اوائلي بحرانن جي نتيجي ۾ صنعتي نظام کي مدي خارج استحصالي سڏيندي، 20 هين صديءَ جي شروعات ۾ جنگين ۽ انقلابن جي شڪلين ۾ ظاهر ٿيو. ياد رکڻ گهرجي تہ جنگيون ۽ انقلاب هروپرو کي حادثاتي نہ هوندا آهن. انهن جي پويان کي معاشي، سياسي ۽ تاريخي منطق ٿين ٿا. لينن ان زماني ۾ سرمائيداريءَ جي هڪ هٿيءَ واري سماج کي سامراجيت جي آخري شڪل ٿي سڏيو، ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو تہ اهو بحران سرمائيداريءَ جو آخري بحران آهي ۽ سوشلسٽ انقلاب هاڻي اٽٽر آهي، پر تاريخ

شاهد آهي ته سرمائيدارانہ نظام انهن بحرانن تي آسانيءَ سان غالب پئجي ويو.

20 هين صديءَ جي ٻن عظيم جنگين جي باوجود، جن ۾ تقريباً 7 ڪروڙ ماڻهن جي مرڻ جي باوجود، ان نظام کي روسي، چيني، آفريڪي ۽ ايشيائي قومي آزادين جي تحريڪن/انقلاب جي نتيجي ۾ ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. ٿوري ئي عرصي ۾ ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ سرمائيدارانہ نظام کي هڪ ٻئي قسم جي بحرانن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو، جنهن ۾ 1970ع وارا بحران ۽ ٻيون مشڪلاتون وغيره شامل هيون. هينئر ان جي وڌيل هڪ هٽيءَ ۾ مالياتي شڪل نظام جي موجوده شڪل آهي.

هتي ڪيترائي سوال اٿن ٿا. سرمائيداريءَ کي مسلسل واپسي، مزاحمتن، لاڙ ۽ مسلسل انقلابن کي آخر ڇو منهن ڏيڻو پيو آهي؟ ڪٿي ائين ته نہ آهي ته ايندڙ ڍاڪن ۾ سندس شڪل ۾ ڪنهن نظام لاءِ بنياد نهي رهيا هجن؟ جي ائين آهي ته پوءِ ان جون گهربل ممڪن حالتون ڪهڙيون آهن يا هونديون؟

(1) تاريخ ۾ ان جي تسلسل کي اسين هڪ عمل سمجهندي، هڪ تخيليقي جز/عنصر سمجهون ٿا. جڏهن سمورن عنصرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪجي ته ان جي تاريخي شڪل نهي ٿي. اهي جز/عنصر ڪهڙا آهن؟ سماجي رشتا، خاص طرح ذاتي ملڪيت، وسيلن ۽ پيداواري اوزارن جي ملڪيت ۽ ان جي مقابلي ۾ پيداواري اوزارن کان محروم پورهيت طبقي جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ، پورهيت طبقن کي محدود ڪري، سرشتي جو هڪ پرزو بڻائي ڇڏي ٿو.

اهي ئي پيداواري رشتا سرمائيداراڻا معاشي نظام کي وصف ڏين ٿا. تجارت ۽ سرمائي ان رشتي جي معنىٰ کي

منجهائي/ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. مارڪسي علم جي يورپي تشريح جيڪا 1500-1800 جي يورپي تجارتي دور کي گهڻ اهميت ڏئي ٿي. يورپي علمي، فڪري ۽ واپاري سرمائيدارانہ نظام، جديد سرمائيدارانہ نظام جي پيٽ ۾ وائڙپ جو شڪار نظر اچي ٿو. ان حد تائين جو صنعتي انقلاب مشين جي ايجاد، صنعتي پيداواري دور کي بہ سوالیہ بٹائي ڇڏيو آهي.

تاريخ کي وڌيڪ سوڙهو ڪري، جمهوريت کي يورپ کان انگريز جي مرڪزيت، انگريز جي زرعي ۽ معياري تبديليءَ تائين محدود ڪيو ويو آهي. زرعي غلام هارين جي وسيع اڪثريت جو استحصال، زمين تي پهچ ۽ حق محدود ٿيل ۽ وڏن اهم جاگيردارن، زميندارن ۽ امير هاري، جيڪي انهن جا غلام هئا. صنعتي سرمائيداري ٻين ملڪن، جهڙوڪ: آمريڪا، فرانس، يورپ ۽ جاپان ۾ وڏي ويئي.

سرمائيداري رڳو پيداواري عمل جي شڪل نہ پر ترقيءَ ۽ پيداواري قوتن جو هڪ اڻٿي وڌيل پيداواري عمل آهي، هڪ اڻٿي وڌيل تهذيب جو ڏاڪو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو پيداواري رشتن جو جديديت سان گڏ ايرڻ ڪو جدا ۽ ڏار عمل ٿي نہ ٿو سگهي. (جنهن کي پاڻ جديديت سڏيون ٿا.)

چٽاييٽيءَ وارو عوامي خدمت، سرڪاري نوڪريءَ وارو تصور، مذهب کان پاڪ سيڪيولر رياست، انساني حق، خدائن يا بادشاهت ۽ اميراڻن خاندانن تاريخ ناهي موريا، انڊس تهذيبن ۾ ٽيون، جيڪي چين مان، يورپ جي مقابلي ۾ صديون اڳ موجوده سرمائيدارانہ جديديت جا بيمثال عنصر ۽ جز هئا. جديديت ضروري ناهي تہ سرمائي سان ڳنڍيل هجي ۽ ان جي شڪل سرمائيدارانہ هجي.

هاڻوڪي جديديت سرمائيدار معيشت ۾ سمايل آهي، جنهن ۾ تضاد سمايل نہ آهي. ان ۾ سرمائي جي بالادستي آهي، تنهنڪري ان جون مخصوص حدون آهن ۽ منافعي جي پڻ جدا شڪل آهي. تنهنڪري هن قسم جي پيداواري عمل کي سمجهڻ لاءِ ان جي معاشي بنيادن ۽ ان مان جنم ونندڙ سياسي، نظرياتي ڊانچي ۽ شعور کي سمجهڻو ۽ لاڳو ڪرڻو پوندو، تہ جيئن موجوده سرمائيداريءَ جي شڪل کي سمجهي سگهجي.

چين ۾ واپاري نظام بهتر هو. اهو نظام مسلم خلافت ۽ اٽليءَ جي شهرن مان ٽيندو يورپين واپاري نظام کي ٻيون معنائون بخشيون، تنهنڪري ترقي يافتہ سرمائيدارانہ معيشت کي بنيادي طور صنعتي انقلاب وڌايو، تنهنڪري وڏي عرصي تائين تجارتي عمل ۽ ان جا پيداواري رشتا گرفت Tribute ۽ واپاري اصولن تي ٻڌل هئا.

اولهہ ان سڃي راند جو مهندار يا حڪمران رهيو جاپان پوءِ آيو. دراصل موجوده تاريخ سرمائيداريءَ کي موجوده شڪل ڏني آهي، جنهن جو اسين هت ڇيڪري رهيا آهيون. سواءِ ڪجهہ قومن جي باقي دنيا ۾ جن کي فتح ڪيو ويو، وت آهر مزاحمت ڪئي جيتري ڪري پئي سگهيا. اهي گهٽي ڳاڻي آخر ۾ شڪست کائي، ٽڪجي، اولهہ جي بالادستي قبولي، ان جا غلام، مجبور ۽ محتاج ٿي پيا ۽ محڪوم ٿي رهڻ تي راضي ٿي ويا.

يورپ ۽ ائٽلانٽڪ ملڪن جي بالادستيءَ سان گڏ هڪ وڏي آباديءَ جي واڌ جو خاتمو ٿيو. ترقيءَ جي نتيجي ۾ 1500ع ۾ يورپ جي آبادي ڪل دنيا جي مقابلي ۾ 18 سيڪڙو هئي جيڪا 1900ع ۾ وڌي 36 سيڪڙو ٿي وئي. انهن جي نسلن بعد ۾ آسٽريليا ۽ آمريڪا هجرت ڪئي. سرمائيدارانہ معيشت جي موجوده شڪل

وڏي آبادي‌ جي هجرت، تاريخي طرح سرمائي جي انبار ۾ استحصال، هارين جي وسيع آبادي جي گهٽتائي‌ جي شڪل ۾ نظر اچي ٿي.

جي ائين نہ هجي ها تہ اڄوڪي سرمائيدارانہ معيشت پوئتي پيل ملڪن ۾ بہ اسرجي يا نسرجي سگهي ها، چاڪاڻ تہ پوئتي پيل ملڪن کي ڪو آمريڪا فتح تہ ڪرڻو ڪونہ هو. اڳتي وڌيل نظام تائين پهچڻ بہ ممڪن نہ هو. انهن لاءِ ترقي ڪرڻ جو ڪو ٻيو رستو محدود دنيا يا نہ هئڻ برابر هئا. هونئن بہ سوال هي آهي تہ غريب ۽ پوئتي پيل ملڪ امير ملڪن کي ترقي‌ ۾ ڪيئن پهچن؟ سندن رفتار ڪيئن وڌي؟ جڏهن تہ ڦرلٽ جو وهڪرو دائري جي ملڪن کان مرڪز تائين وڌيل استحصال آهي.

20 هين صدي‌ ۾ پوئتي پيل ملڪن ۽ عوام پنهنجي سياسي ڪردار ۾ تبديلي آندي ۽ مزاحمت ڪئي. 1871ع جو پيرس انقلاب سرمائيدارانہ مرڪزي ملڪن ۾ پهريون ۽ آخري انقلاب ثابت ٿيو.

20 هين صدي‌ ۾ پوئتي پيل ملڪن ۾ نئين سجاڳي آئي، جڏهن 1907ع ۾ پهريون ايراني انقلاب، 1910-20ع جو ميڪسيڪو جو انقلاب، 1911ع چين ۾، 1905ع ۾ روس، 1917ع ۾ شاندار انقلاب، (عرب مسل) ترڪن جي تحريڪ، 1919ع ۾ مصرجو انقلاب ۽ اندين سرمائي جي مسلسل تاريخي بحرانن جي نتيجي ۾ مرڪز کان ٻاهر پوئتي پيل ملڪن پنهنجي غلامي‌ ۽ استحصال جون زنجيرون ٽوڙيندي 1950- 1875ع تائين پاڻ کي آزاد ڪيو. 1917-1949ع ۾ روسي، چيني، ويٽنامي ۽ ڪيوبائي قومي آزادي‌ جون تحريڪون، سماجي ترقي يافتہ شڪل انهن صنعتن روڊ تي پهچڻ پنهنجي لاءِ روايتي سامراجيت کي جنگين سان منهن ڏيڻو

پيو.

ائين لڳي نہ ٿو تہ دنيا ۾ سرمائيداريءَ جي سرشتي کي ڪوندريتيف جي نظريي مطابق انهن لقائن اچي وڪوڙيو آهي، جنهن ۾ هر 60/40 سالن جي دور ۾ ڪن شعبن ۾ تيز رفتار ترقي يا ٻين شعبن ۾ عام جمود ائين لڳي نہ ٿو تہ ڪوبي جنگِ عظيم کان پوءِ ڪنهن هڪ سرمائيداراٽي مرڪز جو خاتمو ٿئي. ماضيءَ ۾ برطانيہ مرڪز هو ۽ بعد ۾ آمريڪا جي سرمائيدارانہ بالادستي ۽ هينئر چين ايري رهيو آهي.

پر هتي قصو ئي ٻيو آهي تہ دائري جي ملڪن ۾ سياسي، سماجي ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل انقلاب لڳي ٿو تہ چا ڏرا ٿي ويا آهن يا ناممڪن ٿي ويا هجن؟ ڪن سببن جي ڪري، چاڪاڻ تہ سامراجيت ٽيڪنالاجي، مالياتي نظام، وسيلن تي پهچ، جاڳ، آمدورفت، اوزارن، جنگين وسيلي دنيا جي سياسي نظام تي بالادستي ۽ ڪنٽرول قائم ڪري ڇڏيو آهي.

ان ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش نہ آهي تہ 1970ع کان پوءِ 1990-2008ع جي عرصي دوران ۽ بحرانن جي نوعيت عالمي گلوبلائيزيشن، لبرلزم ۽ مالياتي نوعيت جي شڪل ۾ دنيا تي مرڪزي ملڪن ۽ سرمائيدارانہ معيشت جي گرفت مضبوط رهي آهي. هينئر وڌيڪ جنگين، انقلابي مزاحمتن ۽ نئين سجاڳيءَ جي تحريڪن کي صرف جديد جنگين ۽ فوجي طاقت سان ئي منهن ڏئي پاڻ بچائي سگهجي ٿو. هڪ هٿيءَ واري سامراجي سرمائيدارانہ نظام ۾ موجود سرمائيدارانہ معاشي مالياتي نظام عام طرح پنهنجي مڪمل جوهر ۾ هڪ مستقل ڦورو/استحصال ڪندڙ بين الاقوامي هڪ هٿي وارو نظام ٿي، عوام، مظلوم قومن ۽ پوئتي پيل ملڪن جي وسيلن تي قابض نظام ثابت ٿيو آهي،

جنهن مرڪزي ۽ دائري جي ملڪن ۾ ڦرلٽ جي نظام کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي.

لينن اهڙي نظام کي سرمائي جي مٿين تر شڪل قرار ڏنو هو ۽ روز الڪسمبرگ مشهور نعرو هنيو هو ته سوشلزم يا وحشانيت. لينن ۽ لڪسمبرگ شايد سرمائي ۽ ان جي مسواڙي شڪل جي طاقت، جيڪا استحصالي مرڪز کان دائري ڏانهن معاشي نمو منتقل ڪندي رهي آهي.

هاڻوڪو مڪمل هڪ هٿيءَ وارو سرمائيداراڻو نظام سڄي دنيا جي پيداواري نظام تي سڌيءَ طرح غالب ۽ قبضي هيٺ آهي. ننڍا ملڪ، واپار، صنعتون ۽ وسيع هارين جي اڪثريت اڪثر ڪري استحصالي عمل جي نتيجي ۾ پنهنجا وسيلا وڃائي، وڏين بئنڪن ۽ ڪارپوريشنن جا محتاج ٿي چڪا آهن. سرمائي جي اهڙي معياري تبديليءَ جي ڪري مرڪز ۽ دائري جي ملڪن ۾ غربت، اٽبرابري، ڦرلٽ ۽ سياسي وٿي ڏينهون ڏينهن وڌندي نظر اچي ٿي.

نوان چئلينج/چڪتائيون:

هاڻي 21 هين صديءَ جي هن ڏاهڪي تي سڄي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم عوام، قومن ۽ رياستن لاءِ 19هين صديءَ جي مقابلي ۾ نوان مسئلا ۽ مشڪلاتون درپيش آهن، مثال طور: دنيا جي 80 سيڪڙو پوئتي پيل ملڪن جي آبادي طبقاتي پس منظر ۾ غريب ۽ پوئتي پيل آهي، سماجي نظام انهن تي اعلانيل معاشي جنگ مڙهي ڇڏي آهي. جنگيون ۽ بيروزگاريون سندن مقدر بڻجي چڪيون آهن، جڏهن ته سندن وسيلن جو استحصال ۽ دولت جو رخ مرڪزي ۽ سرمائيدارن ملڪن ڏانهن آهي يا سندن معيشت جو دارومدار، واپار ۽ تجارتي اميد سرمائيدارانہ ملڪن جي رحم ڪرم

تي آهي. پوئتي پيل ملڪن ۾ بک، بيروزگاري، استحصال، رياستي جبر، جنگيون ۽ مزاحمتون عام آهن.

هاڻ ڇا ڪجي؟

(1) دنيا جي سامراجي گرفت، آمريتن ۽ معاشي مالياتي نظام ۽ ٽيڪنالاجي جي ذريعي، جيڪا مرڪزي ملڪن پنهنجي هڪ هٿي ۽ مالياتي معاشي نظام تحت غريب ملڪن تي مڙهي آهي، ان جو دليريءَ سان مقابلو ڪجي.

(2) قابض ۽ ڦورو طبقن جو تختو الٽو ڪجي، جيڪي هن هڪ هٿيءَ واري معاشي سسٽم جي پيداوار آهن ۽ رياست سندن طابع آهي.

ان خلاف مزاحمت جا رخ ڪهڙا هوندا؟

(3) سڄي دنيا جي محڪوم ۽ استحصالي طبقن جي ٻڌي ۽ غدار ۽ ڦورو طبقن ۽ انهن جي مقامي غدارن، حڪمران طبقن ۽ ان جي خدمت ۾ رياستي ڍانچي کي چئلينج ڪجي، ڇاڪاڻ ته رياست سندن مفادن، استحصال ۽ طاقت جو ذريعو آهي، جيڪو انهن ڦورو طبقن جي حفاظت ڪري ٿو.

(4) استحصالي سامراجي نظام، قومن جي عزت ۽ وقار جي نفي ڪري ٿو، پنهنجي ثقافت، طور طريقي ۽ طاقت جي استعمال سان غريب ملڪن کي پنهنجو ڪيجهو بڻائي ٿو. قومن جي سياسي، معاشي، ثقافتي حقن ۽ عزت وقار جو تحفظ ڪجي.

(5) رياستي سطح تي سامراج مخالف جدوجهد ۾ رياست جي اختيار ۽ طاقت کي وقتي طور تسليم ڪندي، بالادست مرڪز ۽ استحصالي نظام خلاف جدوجهد ڪجي.

(6) وسيلن جي مالڪيءَ لاءِ اتي ڪڙو ٽيڙ گهرجي ۽ ان کي سماج ۽

وسيع اڪثريت لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

(7) روايتي معاشي نظريا ۽ مرڪزي معيشتون 2008ع جي بحرانن کان پوءِ سڄي دنيا کي "يڪ راءِ" ٿيڻ جو پاشن ڏيندي نظر ايندیون، پر ڪٿي به قابض نظام، ٽولن ۽ طبقن جي استحصال ۽ جبر جي مخالفت ڪندي نظر نه ايندیون. بحرانن کي حل ڪرڻ لاءِ سندن ڏنل واٽن منجهان ڪجهه واٽون هي آهن ته: "منڊين کي وڌائجي." "لبرل عالمي گلوبلائيزيشن ڪجي." "معيشت، واپار سيڙپ ۽ نجڪاري جي عمل کي وڌائجي." "صدارتي نظام آڻجي." "قرض گهٽائجن." "غربت جي خلاف جنگ ڪجي." "ڪمزور ۽ غريب ملڪن تي فوجي چڙهايون ڪجن." "گدلاڙ گهٽ ڪجي" وغيره وغيره. اهڙا آزمايل نسخا ڦرلٽ واري استحصال ختم ڪرڻ لاءِ ناڪام آهن، توڙي جو طاقت جي اڻ توازن، وسيلن جي عالمي ڦرلٽ، غربت ۽ اٽبرابريءَ جي هوندي مٿين دوائن تي پروسو به ڪجي، تڏهن به اها هڪ وڏي "خام خيالي" ٿيندي ته موجوده طاقت جي رشتن ۽ دائري جي ملڪن ۾ اٽبرابريءَ جو نظام تبديل ٿيندو.

(8) سياسي ۽ معاشي حالتن جو تبديل ٿيڻ: سياسي ۽ معاشي حالتون تڏهن ئي تبديل ٿي سگهن ٿيون، جڏهن عالمي صورتحال ۽ معروضي حالتن جو صحيح ڇيد ڪري ۽ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ مضبوط سياسي پارٽيون پاڻ ۾ اتحاد ۽ بڌي ڪري، ڊگهي عرصي لاءِ رٽا بندي ڪري، مخصوص انقلابي حالتن کي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

(9) رياست جي طاقت کي ان لائق بٽائجي يا ان کي وسيع عوام جي تائيد ۽ گهربل حمايت حاصل ڪري، ته جيئن وقت جي بين الاقوامي طاقتن اڳيان سياسي معنائن ۾ پير جمائي بيهي

سگهجي.

(10) ٻيو حل هي آهي ته پوئتي پيل ملڪ پاڻ کي مرڪزي معيشت کان الڳ ڪري، پنهنجي مستقبل جون واٽون پاڻ ٺهي ڪن ۽ ان تي معاشي دارومدار گهٽ ڪري يا ختم ڪري. پاڻ کي الڳ ڪري پنهنجا معاشي دڳ ٺهي ڪن.

(11) پوئتي پيل ملڪ سڄي دنيا جي مظلوم طبقن سان اتحاد ۽ سالميت قائم ڪن.

(12) وقتي طرح مظلوم عوام جي صنعتن ۾ شڪست، لبرل جمهوري نظام کي مڃڻ، سماجي جمهوريتون قائم ڪرڻ، مرڪزي ۽ معيشتن تي پاڻڻ، لبرل جمهوريت کي مڃڻ جي مقابلي ۾ وقت ثابت ڪيو آهي ته تاريخ ۾ ڊرامي بازي ۽ مسخريءَ جي ڪائي حد ٺئ ٽيل نه آهي.

(13) هاڻي ڏسڻ ۾ هي اچي ٿو ته مرڪزي معيشت جا مرڪزي بنياد مسلسل بحرانن ۽ معيشت جي اسرڻ جي ڪري ڏڏيا آهن.

(14) ڇا صرف حقيقي جمهوريت قائم ڪرڻ پهرين اوليت هجي يا سماج کي جمهوري ۽ سماجي عمل ذريعي پنهنجن وسيلن جي مالڪي ڪرڻ اهم آهي، تنهن ڪري "جمهوريت پٽو" سماجي برابريءَ لاءِ تمام اهم آهي.

(15) زرعي سماجن ۾ هارين جو زمين تي حق تاريخي طرح مڃيل حق آهي. وڏيون ڪارپوريشنون، بلڊرس، وڏيرا شاهي ۽ خاص ڪري انگريزن جي زمينن جي ذاتي ملڪيت جي هارين جي گذر سفر جي وسيلن جو تاريخي استحصال ڪيو آهي. زمين جي ذاتي ملڪيت جي نظام جو خاتمو ڪجي.

(16) سڄي دنيا جا هاري دنيا جي اڌ آبادي آهن. هنن جي معاشي حالت تمام خراب آهي. سرمايو پنهنجي نفعي جي اصول تي

ڪم ڪندي جڏهن زمين ۾ لاڳت ڪري ٿو ته هاريءَ جي پيداواري حصي کي گهٽائي، ان جي سماجي حيثيت کي تبديل ڪندي سرمائي جو غلام بڻائي ٿو. جديديت ۽ موجوده منديون ڪوڙيون ترقيون جيڪڏهن دنيا سندن وسيلن جي ڦرلٽ جاري رکندو ته پوءِ دنيا جي هن اڪثريت جو مستقبل ۾ معاشي مستقبل ڇا ٿيندو؟

(17) تنهنڪري ترقين جون رٿا بنديون ڪندي ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ويرم نه لڳڻ گهرجي ته خوراڪ جي پيداوار وسيع آبادي‌ءَ جو زمين تي دارومدار ۽ ماحولياتي گدلاڻ، آبادي‌ءَ جي دباءَ جي نتيجي ۾ هارين کي زمين کيڙڻ جي حق کان محروم نه ڪجي، تنهنڪري جديد ترقي زرعي سماج کي ڪنهن به صورت ۾ يا صنعتي ترقي زرعي سماج ۾ سرمائيداري عمل جي نالي ۾ ڦرلٽ، استحصال ۽ ماحولياتي تباهيءَ جهڙي تباهيءَ کان پري رکجي.

(18) "ٻاهرئين امداد"، "سيڙپڪاري"، "سني حڪمراني"، "غربت گهٽائڻ" جي اصل بينڪي نظام واري آئيڊيالوجي ۽ سوچ آهي. آفريڪا ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي وسيلن، تيل، ڪاٽين، معدني وسيلن ۽ زمين کي سامراجي قبضي کان آزاد ڪرائڻ جي انقلابي جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

(19) سڄي دنيا ۾ نوان نعرا، جهڙوڪ: "پائيدار ترقي"، "منڊي بهتر ڪرڻ"، "رياستن ۾ به طرفه ۽ بين الاقوامي بحث ۽ مطالبا ڪرڻ"، شخصي آزادي تي زور ڏيڻ، اقوامِ متحده، G-7, G-20, WET/Sco ۽ بين ادارن تان لفظن جي سطحي نعريبازي ۽ سياسي بيان بازي معاشي ۽ سياسي نظام جي بنيادي خرابين، اٽبرابرين ۽ ناهمواريون کي روڪي نه ٿا سگهن.

(20) تنهنڪري سڄي دنيا جي مظلوم عوام ۽ طبقن کي ڦرلٽ تي بڌل استحصالي نظام خلاف پنهنجن اختلافن ۽ نظرياتي فرقن کي تسليم ڪندي، عزت ۽ مان ڏيندي، هڪ شاندار ٻڌي قائم ڪرڻ گهرجي.

(21) تنهنڪري حاڪم طبقن ۽ انهن جي مقامي دلال طبقن خلاف هڪ محاذ قائم ڪجي ۽ ان لاءِ گهربل رڌابندي ۽ تياري ڪري پنهنجي مستقبل لاءِ نجات لاءِ دڳ ڳولي ڪڍجي.

Chapter titled ‘Global Economic Scenario’ in edited volume of “21century-common challenges: economic and political challenges” edited by Dr. Zulifqar Rahujo, Progressive thinkers Forum, Sindh, December, 2019.

لبرل جمهوري اليڪشنون يا ڪا بي وات

پاڪستاني رياست پنهنجي جوهر ۾ فاشسٽ خصوصيتن جي نشاندهي ڪري ٿي. آڪسفورڊ ڊڪشنري مطابق "فاشسٽ رياست" هڪ طاقتور ۽ قومي رياست آهي، جنهن جي حڪمراني ۽ حڪومت جو نظام ۽ سماجي ڍانچو ساڄي ڌر جي قبضي هيٺ هجي.

اهڙي رياست جي نشانين مان ڪجهه نشانيون هينيون آهن، جهڙوڪ: سڄو ڏينهن قومي نظريي کي طاقتور سمجهڻ ۽ ان جو ورد ڪرڻ، ان جي مسلسل پرچار ڪرڻ، انساني حقن جي مسلسل لتاڙ ۽ انهن کان انڪار ڪرڻ، پنهنجين تباهين جو ذميوار يهودين، هندن ۽ آمريڪين کي ٺهرائڻ، فوجي بالادستي ۽ ميڊيا تي ڪنٽرول، قومي سلامتيءَ جو ورد ڪرڻ، حڪومت ۽ مذهب جي ڳڻ جوڙ، تجارتي ۽ واپاري طاقت ۽ طبقي جو بچاءُ ڪرڻ، مزدور ۽ پورهيت جي طاقت جو استحصال ڪرڻ، آرٽ، ادب ۽ موسيقيءَ کان عام نفرت ڪرڻ، ڪوڙيون ۽ فراڊي اليڪشنون ڪرائڻ، حڪومتون اونڌيون ڪرڻ وغيره.

پاڪستان جي رياست جي هڪ خصوصيت هيءَ به آهي ته ان جي سلامتيءَ کي هر وقت خطرو هجي ٿو. اها پنهنجي معاشي بيهڪ ۾ هڪ لبرل معيشت جي شڪل آهي. توڙي جو ان جي معيشت جا مکيه اندريان بنياد ڪوڪلا ۽ ڪمزور آهن، چاڪاڻ ته نالي ماتر جمهوري ادارا ۽ ساڄي ڌر جي حڪمراني لبرل معاشي نظام سان سڌو سنئون تضاد هيٺ نه آهي. جمهوريت ۽ لبرل ازم جي وچ ۾ تضاد گهٽ هجي به، پر ساڄي ڌر جي حڪمراني هڪ ٻئي سان سهمت نظر اچن ٿيون.

لبرل نظريو جمهوري قدرن کي گهٽائي ساڃي ڏر جي حڪمراني کي مضبوط ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ترڪي، اسرائيل، انڊيا ۽ آمريڪا ۾ ساڃيون ڏريون، لبرل ادارن مٿان جمهوري حڪمرانيون ڪن ٿيون.

پاڪستاني برانڊ جو لبرل ازم پنهنجي ادارتي ڍانچي ۽ نظريي ۾ قابض بالادست لبرل جمهوري ۽ ادارتي ڍانچو آهي، جنهن ۾ تقريباً سڀ جون سڀ سياسي قوتون مختلف شڪلين ۾ ان جي اثر هيٺ يا تعبيداريءَ هيٺ آهن يا ان نظريي جي ڪليل حمايت ۾ آهن يا انهن کي مجبوريءَ وارين حالتن آهر قبولڻو پيو آهي. گهڻي ياڳي سڀ جون سڀ پنهنجو سياسي پاسو ان ۾ ئي ڏسن ٿيون. سندن مستقبل به ان ئي نظريي سان لاڳاپيل ۽ وانجهيل آهي. ڪين چگيءَ ريت خبر آهي ته اقتدار ڏانهن ويندڙ رستو، طاقت ۽ رهنمائي اليڪشن ۽ ووٽ ذريعي ۽ ووٽ جي استعمال ۽ "اصل طاقت ڏاٽين" جي رضامنديءَ کان سواءِ ممڪن نه آهي، تنهن ڪري اهو فطرتي عمل آهي ته ووٽ ۽ اليڪشن ذريعي پاڻ کي جمهوري انداز ۾ چونڊرائي، لبرل ادارتي نظام کي وڌيڪ هٿي ونرائين ٿيون.

اهو عام طرح ڏٺو ويو آهي ته ملڪ جون سڀ سياسي پارٽيون، قوم پرست، ترقي پسند ۽ وفاقي پارٽيون، پاڻ کي عام چونڊ وسيلي عوام جي ووٽ ۽ گهڻ پارٽي سرشتي ۽ عام راءِ ۽ ووٽ ذريعي چونڊرائين ٿيون. اهي پارٽيون گهڻ پارٽي سرشتي کي مڃڻ ۽ ان جي بالادستيءَ کي قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ جون قائل آهن. سڀ سياسي پارٽيون لبرل مرڪزيت جي ادارتي ۽ جمهوري پارليامينٽ جون نه صرف قائل آهن پر ان جو حصو بڻجڻ، اقتدار ۾ ڏر ٿيڻ جون به خواهشمند آهن. اهي پارٽيون اليڪشن ۾ حصو

وني نہ صرف سرڪاري طاقت ونڻ جون خواهشمند آهن پر ان لاءِ وسيع جدوجهد ڪندي نظر اچن ٿيون. سموريون سياسي پارٽيون اهڙي نظام جو فخريہ حصو ٿي عوام جي خدمتن لاءِ ڪوشش ڪرڻ کي جائز ۽ صحيح ٻہ سمجهن ٿيون. رياست جي اهڙي شڪل ۾ نہ صرف جمهوري ادارن سان گڏ ڏنو وجي تہ ان جي چوڌاري اوتروئي پر ان کان ٻہ ڪن حالتن ۾ وڌيڪ طاقتور، سول بيوروڪريسي، عدالتي نظام، فوج ۽ ٻيا سڪيورٽي ادارا، پنهنجي وسيع جاسوسي ۽ سلامتي ادارن ۾ وڌيڪ خطرناڪ حد تائين رياستي جوڙجڪ ۽ ڍانچي جو حصو آهن. انهن جو تاريخي ڪردار، جمهوري ادارن ۽ سياستدانن تي ڪنٽرول ۽ گرفت کا نئين ۽ ڳجهي ڳالهہ نہ آهي، جنهن جو رياست جي ميڊيائي ادارن، شهري، سماجي ۽ غير فوجي ادارن تي ۽ انهن جي بيانن تي ڪنٽرول ٻہ آهي.

پاڪستان جي اهڙي ادارتي، جمهوري، لبرل ۽ موجوده فوجي ڪنٽرول کي سمجهڻ لاءِ هڪ الڳ بياني/نقطہء نظر قائم ڪرڻو پوندو. ڏسڻو هي آهي تہ اها غير معمولي طاقت جي مرڪزيت 1947ع کان پوءِ تاريخي پس منظر ۾ ڪٿان آئي ۽ ڪنهن ڏني. اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ مشڪل نہ ٿيڻ گهرجي تہ هڪ دفعو جڏهن لبرل جمهوريت پنهنجن گڻن ۽ اوڻاين سان ڻهي پچي راس ٿي وجي يا ان جو بنياد وڌي وجي تہ اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳندي تہ ان جي قابض حڪمرانن جي مٿان سندن اصل طبقن جي حڪمرانيءَ جي شڪل ۾ نظر اچڻ لڳي ۽ ان کان پوءِ ان جي قانوني شڪل، ابتدائيو ۽ بيانيو چوندڙ مرڪزيت جي قانوني شڪل ۾ نظر ايندو، پر ان صورتحال ۾ ان جي پٺيان مضبوط ادارن جي طاقت نظر ايندي.

انقلابي ۽ پورهيت پارٽين لاءِ هيءَ صورتحال پيدا ٿيڻ کا

نئين ڳالھ نہ آھي. ڇا انقلابي ڏرين کي جمھوري مٿئين طبقي واري بورجوا مرڪزيت يا لبرل ادارتي رياست جي اندر بورجوا عام چونڊن ۾ شرڪت ڪرڻ گھرجي يا نہ؟ جي اھي شريڪ نہ ٿين ٿا تہ ڇا ھو عوام کان پري ٿي ويندا ۽ سياسي ڏارا کان ڪٽجي ويندا؟

پاڪستان جو تاريخي پسمنظر اھو ٻڌائي ٿو تہ ڪابہ ڏر جي ترقي پسند يا قوم پرستيءَ جي جھنڊي ھيٺ سياست ڪندڙ سياسي تنظيمن جا اليڪشن وسيلي انقلاب آڻڻ جا ذري گھٽ سمورا تجربا ناڪام ٿي ويا آھن. محترمہ فاطمہ جناح کان وٺي نعپ، اي.اين.پي، عوامي تحريڪ يا سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختونخواھ توڙي ٻين سمورن علائقن ۾ اھي اليڪشنون ڪيئن مانيٽر ٿين ٿيون يا سندن مينڊيٽ ڪيئن زبردستيءَ مٽجيو وڃي، اھو سڏو نظر اچي ٿو. ٻيو تہ ڇڏيو پر ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ نسبتاً آزاد سمجھيون ويندڙ چونڊن ۾ بہ اڪثريت ۾ ڪٽي آيل شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ کي حڪومتون نہ ڏنائون. پر پاڪستاني اليڪشني اقتدار ۾ ايندڙ ھر حڪومت کي محدود اختيار، ڪمزور پارليامينٽري اختيار يا اھي پويان حڪومتون پنھنجي مرضيءَ سان ھلائڻ يا لبرل معاشي نظامن ۽ ٻاھرين معاشي پاليسين ۽ خارجہ پاليسين کي انھن ڦرلٽ جي سماجن کان ٻاھر ھرگز نہ ڪيڻ گھرجي تہ ھر شيءِ نظر اچي پيئي تہ اھا ڪنھن بہ معنيٰ ۾ عوامي طاقت جي ڏي تي ايندڙ حڪومتن کي اھو انڊو مندو اختيار ڏيڻ لاءِ راضي نہ آھن.

ان ڪري مضبوط خيال تہ اھو آھي تہ سماجي انقلاب آڻيندڙ قوتون ظلم، بربريت يا ڦرلٽ مان چوٽڪارو تڏھن ئي حاصل ڪري سگھنديون، جڏھن اھي عوامي طاقت جي بدلي عوام جي ھينئين

سطح کان ئي عوامي جمهوريت جو ڍانچو ناهڻ بابت ڪو خاڪو عمل ۾ آڻڻ لاءِ رستو هموار ڪن.

مطلب چڙو آهي ته اسان کي نظر ايندڙ صورتحال سامهون آهي، جنهن ۾ اڪثر پارٽيون وقت بوقت منجهيل، اعتراض وارين چوندين ۾ حصو وٺڻ باوجود، ڪابي، عوام جي پاسي سمجهيون ويندڙ پارٽين پنهنجي چٽن منشورن سان گڏ اليڪشنن ۾ حصو ته ورتو پرتن مان ڪجڻ پارٽين، سندن چونڊيل حڪومتن کي ڪيرايائون، سندن وزيراعظمن کي معطل ڪيائون، پارليامينٽن ۽ سندن آئينن تي راتاها هڻي ڍاهيائون ۽ قانون کان مٿاهان ڪم ڪيائون. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته عوام جي حقيقي طاقت، مينڈيٽ يا چونڊن وسيلي نه ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي نه ئي هلائي سگهجي ٿي، چوته اتي چونڊيل حڪومتن وٽ ته ڪو اصلي پاور آهي ئي ڪونه. حقيقت ۾ اهو اصل پاور سڪيورٽي اينجنسيز، ڪاموراشاهي يا سندن بين الاقوامي طاقتن وٽ ئي آهي.

ان ڪري جو عوامي سماج وادي پارٽيون جيڪڏهن ان ۾ شامل ٿين ٿيون ته پوءِ وري پنهنجن مقصدن يعني انقلابي پارٽي ناهي، پراڻي نظام مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري جدوجهد تان هٽ ڪٽي، سوشلٽ نظام واري سماج جي بجاءِ، رياستي اليڪشن بازيءَ جي نظر ٿي وڃڻ واري ڏوهه ۾ شريڪ ٿين ٿا. تاريخ ۾ اهڙا ڪوڙ سارا تجربا موجود آهن، جنهن ۾ انقلابي ڏرين، انقلابي جدوجهد ترڪ ڪري پنهنجو پاڻ کي جمهوري ڏارا ۾ آڻڻ لاءِ عام ۽ سادين چوندن ۾ حصو وٺي انقلابي رستا ترڪ ڪري ڇڏيا آهن. پارليامانی ڪابي ڏر وارو رستو وٺي رياست جي حاڪميت، عوام دشمن ادارن جي تعبيداري ڪندي لبرل معيشت ۽ رياست جو حصو ٿي ويا آهن. پارليامانی ڪابي ڏر، اليڪشن جو رستو وٺي

رياست جي استحصال ۽ جبر جي شڪل کي تسليم ڪندي، لبرل معاشي نظام ۽ ان جي جمهوري ادارن سان سمجهوتو ڪري، انقلاب لاءِ نالي ماتر سياسي نعرو هڻي هڪ قسم جي موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي ويا.

اهڙين انقلابي تحريڪن جو مثال اسان کي انڊيا ۾ ڪميونسٽن ۽ ڪابي ڏر جي پارٽين ۾ ملي ٿو، جيڪي انقلاب کان لاهو ڪري ويا. انهن پاڻ کي انڊيا ۾ لبرل جمهوريت جو حصو بڻايو ۽ هڪ پاپولر عوامي تحريڪ هلائي ۽ صوبائي ۽ مرڪزي پارليامينٽن ۾ جهجهي تعداد ۾ چونڊجي آيا، پنهنجون سنيون عوام جي پاسي واريون حڪومتون ناهيائون پر آهستي آهستي هو عوام کان ٻاهر ڏوپجي ويا، جو ته هو عوام سان ڪيل واعدن کي پاڙي سگهڻ جي قابل ئي نه هيا.

انهن ڪافي سماجي پارٽين مان ڪن يورپ ۾ پاڻ کي سوشل ڊيموڪريٽ ڪري پيش ڪيو ۽ انقلابي جدوجهدن کان پاسيرو ٿي ويا ۽ پاڻ کي سماجي پلائيءَ واري سياست جي دائري ۾ آڻيندي ان سان گڏيي ڇڏيو اٽائون ۽ کي قدر ڪامياب به آهن، پر هتي غريب ملڪ آهن، اتان جي حڪمران طبقي جو تاجي پيٽو مقامي ۽ ٻاهرين بين الاقوامي مٽين شرفاءُ معرفت گڏيل هجي ۽ سندن رياست تي مختلف رياستي ادارن معرفت هجي، انهن هنڌن تي اصل طاقت نظر نه ايندڙ ڪردارن وٽ ئي هوندي آهي. جمهوريت ۽ لوڪ سيا يا عوامي ايوان انهن لڪن ڪردارن يا اسٽيبلشمينٽ جي لاءِ هڪ دل پشوري يا دل کي وندرائڻ جي ذريعي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندا آهن. ان صورتحال ۾ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته لبرل ڊيموڪريسي يا جمهوريت هڪ سرمائيدارانه پروجيڪٽ ئي آهي، توڙي جو طبقاتي قدر رکندڙ سماج ۾ جتي سماجي معاهدا ڪمزور هوندا آهن ۽ رياست

شرفائن جي قبضي ۾ هجڻ سبب، ووٽ، بالغ راءِ دهي، جمهوريت هڪ فريب يا دوکو، طنز، مسخري يا منافقت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ان ڪري هاڻ ٻنهي رستن تي، انقلابي رستي ۽ موجوده لبرل ادارتي جمهوري نظام ۾ شموليت تي سياسي پارٽين کي پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻي پوندي.

Monthly Kapri, Febrary 2020

ڪردن جي قومي آزاديءَ جو سوال ڪهڙي نوعيت جو آهي ؟

گذريل ٽن ڏهاڪن کان خاص ڪري ايران، وچ اوپر، خاص ڪري عراق ۽ ترڪي ۽ هينئر شام ۾ ڪردن جي قومي خودمختياري يا آزاد رياست بحث هيٺ رهندڙ مسئلو رهيو آهي. هاڻوڪي شام جي سياسي ۽ افراتفريءَ واري صورتحال ۾ ۽ داعش ۽ ٻين انتها پسند تنظيمن، جنگين ۽ خانہ جنگين جي پسمنظر ۾ ڪردن جي سياسي خودمختياري، آزادي ۽ ٻڌيءَ جو سوال گهڻي اهميت اختيار ڪري چڪو آهي. اسين هن مضمون ۾ ڪردن جي مسئلي، ان جي قومي سوال ۽ ٻڌيءَ کي تاريخي پسمنظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

ڪردن جو مسئلو مونجهاري جو شڪار ئي ان ڪري آهي جو گهڻي ياڳي ڪردن جي باري ۾ تجزيا ۽ مشاهدا غير سياسي ۽ تاريخ کان ڪٽيل پسمنظر ۾ لکيا يا سمجهيا ويا آهن. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ قومن جي خودمختياريءَ جو حق عالمي طرح ڪن زمانن کان هڪ "مطلق حق" طور مڃيل آهي. قومن جي حق خودارادیت، سماجي ۽ سياسي حقن، جهڙوڪ: روزگار جي حق، تعليم، صحت ۽ سياسي حقن) جي مقابلي ۾ وڌيڪ اڳتي وڌيل "حق" قومي خود مختياريءَ جو حق آهي، جيڪا ڳالهہ تسليم ٿيل آهي. قومي خودمختياريءَ جو حق ڪنهن بہ گروهہ، ٽولي، اڪثريت يا اقليت جي سياسي، جاگرافيائي رياستي يا صوبي ۾ خاص ٻولي، مذهب جي امتيازي سلوڪ يا جبر، ڏاڍ جي شڪار آباديءَ جو فطري اظهار آهي.

ڪردن جي قومي جدوجهد يا هٿياربند جدوجهد خاص ڪري ڪردن جي اڪثريتي علائقن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ رياست يا خودمختيار رياستون قائم ڪرڻ جو سياسي ۽ اثرانداز اظهار آهي. گهڻ خودمختيار رياستون، آزاد علائقا يا هڪ گڏيل رياست ايران، عراق، ترڪي، شام جي علائقن ۾ قائم ڪرڻ ان جو تاريخي پسمنظر آهي، جنهن جون پاڙون لسانيت ۽ ٻوليءَ ۾ ٻه ڪنهن حد تائين آهن.

18هين ۽ 19هين صديءَ ۾ عربن، فارسين ۽ ايرانين پنهنجن ٻولين کي غير معمولي حد تائين نواڻ ۽ تازگيون بخشيون ۽ بي پناهه ترقيون ڪري پنهنجين ٻولين کي جديد رياستن جي ٻولي بنائڻ ۾ ڪامياب ويا. ترڪن ٻه 19هين صديءَ جي پهرين ٻن ۽ ٽن ڏهاڪن ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي بي پناهه ترقي ڏياري. ڪرد ان تاريخي پسمنظر ۾ گهڻو پوئتي رهجي ويا. ڪردن جي ٻولي پنهنجن ويجهن علائقن ۾ مختلف لهجن، جهڙوڪ: فارسي، عربي، ترڪش ۽ ٻين لهجن ۾ مروج آهي. واپار ۽ صنعت، حڪومت کان پري هئڻ جي ڪري يا ٻهراڙين، جابلو علائقن ۽ غير شهري سماجن جي ڪري سندن مٿين طبقن ۾ هم آهنگي ۽ قومي سوچ جو واضح فقدان هو ۽ آهي. هتي پنهنجو موضوع ۽ بحث هي آهي ته قومي حقن جي آزاديءَ جي تحريڪ، سماجي حقن يا مطلق سياسي حقن لاءِ قومي يا ٻيون تحريڪون هميشه پنهنجي ماضي ۽ حال مطابق معاشي ۽ سياسي مسئلن جو حل طلب ڪن ٿيون.

ڪردن جي قومي تحريڪ کي ماضيءَ جي پسمنظر ۽ خاص ڪري سرمائيداريءَ جي اوسر کان اڳ ۽ پوءِ واري دؤر ۾ ڏار ڪري ڏسجي ته فرق واضح نظر ايندو.

ڪردن جي موجوده سياسي ۽ قومي جدوجهد جي سوال کي

ڪردن جي خطي ۾ اتان جي سياسي ۽ سماجي جوڙجڪ کي ذهن ۾ رکندي ڏٺو وڃي، مثال طور: آڳاٽي زماني جون حڪومتون شهنشاهن. جهڙوڪ: رومي ايمپائر، بزنطائين، عرب ۽ فارسي ايمپارس، خلافتون يا سلطنتون. جهڙوڪ: عثمانيہ سلطنت، پنهنجي پنهنجي جوهر، خاصيتن ۽ سياسي ڊانچن ۾ مختلف هيون.

پراڻي زماني جون سياسي جوڙجڪون، شڪليون طاقتون ۽ اختيارن جو استعمال هيٺاهن ۽ ڏور علائقن ۾ مختلف قسمن جو هو. مثين بادشاهتن، سلطنتن، خلافتن يا ان دؤر جي سياسي طاقتن جي اندر اختيارن جي ورچ مختلف شڪلين ۾ مرڪز ۽ پسگردائيءَ کان علائقن جي اندر مختلف شڪلين ۾ محدود هوندي هئي. رياستن ۽ حڪومتن وٽ ٽيڪس وصول ڪرڻ يا سپاهہ/فوج پرتي ڪرڻ کان علاوه باقي اختيار هيٺئين سطح تي لوڪل حڪمرانن يا سندن مقرر ڪيل گورنرن، عاملن ۽ والين جي هٿ هيٺ هوندا هئا.

پنهنجي پنهنجي جاگرافيءَ جي گنجائش ڏاري عوامي ۽ مختلف آبادين، برادرين، ٻولين، مذهبن، پيداواري طريقن ۽ سماجي ۽ معاشي زندگين ۾ هڪجهڙائي گهٽ تفريق جهڙي هئي. ان جي پويان هڪ منطق ۽ دليل اهو هو تہ اوائلي سماجي ۽ معاشي طرزِ عمل ۽ زندگيءَ جو وهنوار جديد سرمائيدار دؤر جي مقابلي ۾ اوائلي جاگيرداري سماجي نوعيت جو ڊانچو هو يا ڊانچا هئا.

هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ان وقت جي سياسي ڊانچن ۽ جوڙجڪ کي هڪ ئي طرزِ عمل يا سوچ سان پرکي نٿو سگهجي. ان جو واضح مثال اهو آهي تہ عربن جي وڏي ۽ ڪشادي ايمپائر ۽ چين جي ايمپائر، برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا جي هاڻوڪي يا ويجهي زماني واري بينڪي نظام کان بنهہ مختلف هئي.

سامراجيت جيڪا هاڻوڪي بينڪي شڪل ۾ آهي، سا موجوده دؤر جي برطانيہ، فرانس يا آمريڪي نوعيت جي بنهہ مختلف آهي توڻي جو آمريڪي ايمپائر فرانس ۽ برطانيا وانگر ڪا واضح يا ڪليل بينڪي ملڪن تي قابض نہ آهي.

سلطنت عثمانيہ جي موجوده شڪل تڏهن وجود ۾ آئي، جڏهن يورپ پنهنجي ماضيءَ کي پوئتي ڇڏو ڪندي، زرعي قدرن ۽ سماجن کي خدا حافظ چوندي، هڪ ترقي يافتہ ۽ جديد سرمائيداريءَ ۾ پير پائڻ لڳو. ان وقت جي سلطنت عثمانيہ پاڻ بہ گهڻو پوئتي پيل يا سرمائيداراڻا جديديت کان اڻ واقف هئي.

موجوده ترڪيءَ جي ايرڊ کي "ترڪش ايمپائر" سمجهڻ بہ هڪ علمي مغالطو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ترڪ ماڻهو ڏاڪي بہ ڏاڪي وچ ايشيا ۾ فتحون ڪندا، توران ندي پار ڪندي، سالن جي خانہ بدوشي ختم ڪري، ان وقت جي بزنطائن ايمپائر سان ٽڪر کائيندي ۽ بعد ۾ عباسي سلطنت جو خاتمو آڻيندي موجوده انقره (Anatalya) تائين پهتا. سلطنت عثمانيہ جي طاقت ۽ اختيار پڻ تاريخي طرح ان وقت جي آرمينيائي، ڪرد، يوناني ۽ بالڪن رياستن تائين وڌيو.

سلطنت عثمانيہ جو گهڻ ملڪي، رياستي طور ايرڊ، ان جي مستقبل ۽ ماضيءَ جي پسمنظر ۾ سرمائيداري نظام جو ايرڊ، وڌڻ ويجهڻ، اوسر ۽ سلطنت عثمانيہ جو داخل ٿيڻ ۽ اوسرجڻ ان تاريخي عمل جو نتيجو آهي.

ائين بہ ناهي تہ سلطنت عثمانيہ ۾ وسيع اڪثريتي عوام يا ترڪ عوام رياست / سلطنت جي استحصال يا جبر کان آزاد هئا. وسيع هارين ۽ مزدورن جي اڪثريت حڪمرانن جي ڳرين ٽيڪسن ۽ جنگين جو ڪاڇ ۽ حڪمرانن جي عياشين ۽ نٽ نانگرن جي وزن هيٺ دٻيل هئي. سندن استحصال کو ٻيو نہ پر ان وقت جا حاڪم

۽ حڪمران ڪري رهيا هئا. هو آمراڻي طرزِ عمل ۽ تفريق جو شڪار هئا. هتي اسين مٿن ٽيل قومي جبر جو ذڪر نہ ٿا ڪريون پر عيسائين، غير ترڪ مسلمانن، عربن ۽ ڪردن جي سياسي ۽ سماجي حالت ڪهڙي هئي، ان تي ڪجهہ روشني وجهنداسين.

ان وقت جا غالب حڪمران طبقا، ان وقت جي سلطانن سان وفادار ۽ اختيارن ۾ پاڳي پائيوار هئا. گهٽي پاڳي شهري، فوجي ۽ مذهبي طبقا ۽ سلطان ۽ سلطنت سان وفادار ۽ حڪمران طبقا پاڻ ۾ گڏ هئا. ايستائين جو يونان ۽ آرمينا يا پنهنجي وطن جا غدار طبقا بہ سلطان سان وفادارين جا قسم کٹي سلطنتِ عثمانيہ جو سياسي حصو بڻيل هئا. ان وقت جي سلطنتِ عثمانيہ، بين سلطنتن کان بنهہ مختلف نہ هئي. ان وقت جون گهٽي پاڳي شهنشاهتون/بادشاهتون اهڙيون ئي هيون ۽ استريو-هنگري ايمپائر، روسي، ٽوپيا، هيلي سپلائي جي بادشاهن جو طرزِ عمل اُنهن کان ڪو خاص مختلف ڪونہ هو. ان وقت جي حڪمرانن جو پنهنجي عوام ۽ وسيع اڪثريت ڏانهن سياسي لاڙو ۽ رويا اهڙا ئي هئا.

حڪمران طبقا پنهنجو جاهہ و جلال ۽ طاقت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي جاگرافيائي ۽ علائقائي حدن ۾ مناسب وفادار ڪمدار ۽ گورنر چونڊ ڪندا هئا.

مٿيون سموريون بادشاهتون جديد سرمائيداري دؤر جي بينڪي نظام ۽ جديد سرمائيداري سامراجي رياستن جي پيٽ ۾ مختلف آهن. سندن جوڙجڪ ۽ بناوٽ مٿي بيان ڪيل سلطنتن ۽ بادشاهتن کان بنهہ مختلف آهي. سندن سياسي ۽ سماجي جوڙجڪ، حڪومت ۽ اختيارن جو نظام پنهنجن ملڪن ۾ ٻيو ۽ بينڪي ملڪن ۽ فتح ٽيل علائقن ۽ عوام لاءِ ٻيو هو.

هڪ خاص تعريف هتي هئي تہ قومي، سماجي ۽ سياسي

حقن کي مرڪزي ملڪن ۾ بحال رکڻ ۽ پوئتي پيل بينڪي ملڪن جي عوام کي انهن حقن کان محروم ڪرڻ يا ڇمائي سندن ٻنهي حقن جي لتاڙ ڪرڻ.

بينڪيتن جي خلاف سموريون قومي آزاديءَ جون تحريڪون يا بينڪي مخالف عوامي تحريڪون بنيادي طرح ان عمل جو فطري ردعمل هيون، تنهن ڪري 20هين صديءَ جون قومي آزاديءَ جون تحريڪون پنهنجي جوهر ۽ ترقي پسند، سامراج مخالف قومي آزاديءَ جون تحريڪون ٽي ايريون. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ گهٽي ياگي قومي آزاديءَ جون تحريڪون انهن ملڪن جي مٿين ۽ حڪمران طبقن شروع ڪيون، جيئن سلطنتِ عثمانيہ جي خلاف بالغن، بلغاريہ، شام ۽ ٻين عرب ملڪن جون بغاوتون وغيرہ. ان وقت جي سامراجي بادشاهتن ۽ سلطنتن جي سماجي ۽ سياسي جوڙجڪ ۽ موجوده سرمائيداراٹي اوسر جي موجوده شڪل کي نظر ۾ رکندي تاريخي پسمنظر ۾ موجوده سماجن کي سمجهڻ ۾ نهايت آساني ٿيندي.

سلطنتِ عثمانيہ ۾ قومي فڪر ۽ سوچ جي اؤسر بنسبت ويجهي 19هين صديءَ جي پيداوار آهي. بالڪن، شام، آرمينا ۽ روميلا ترڪن ۾ قومي فڪر ۽ سوچ ان لهر جو ردعمل آهي. خيال ۾ رکجو تہ ان دؤر ۾ ڪرد قومي سوچ جو اڃان نالو نشان ئي نہ هو.

دراصل ڪردن ۾ قومي سوچ جو اُپار ۽ آزاديءَ جو سوال جديد معاشرن جي نهڻ، حڪومتن جي موجوده شڪل ۽ جديد سرمائيداراٹي اوسر جو نتيجو آهي.

عوامي سطح تي وسيع اڪثريت سلطنتِ عثمانيہ جي حڪمرانيءَ هيٺ وڏي عرصي تائين هڪبئي سان ڪير ڪنڊ ٿي

رهندا هئا. حڪمرانن کي وسيع عوام مان ٽيڪس ونڻ، فوجي پرتيون ڪرڻ کان علاوه سندن عوام جي سماجي ۽ سياسي زندگين تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪا ضرورت ئي نه هئي يا سندن ٻيو ڪو ڪم ئي نه هو.

جديديت، سرمائي جي اوسر، شهرن ۾ آبادي‌ءَ جو ڦهلاءُ، خوشحالي، وچين طبقن جو هجڻ، ٻولي‌ءَ جو ايڙڻ ۽ حڪومت جو اثر وڌڻ، نون طبقن جي ايڙڻ جو سڌوسنئون نتيجو هو.

ڪرد ان زماني ۾ گهٽي پاڳي زرعي، ڳوناٽي ۽ جابلو علائقي جي ڪري ترڪن جي وسيع وچ اناتاليه ۽ ڪمال اتاترڪ جي قومي فڪر سان پهرين ڪڙي‌ءَ ۾ گڏ رهيا. ان دؤر ۾ به ڪردن جي قومي سوال جو ايڙڻ گهٽو پوئتي جو سوال هو.

قومي سوالن جو ايڙڻ 19هين صدي‌ءَ ۾ شام ۽ بالڪن رياستن مان ٽيندو آرمينا ۽ بعد ۾ روميلا ترڪن ۾ ان جي ردعمل ۾ وجود ۾ آيو. ان وقت به ڪردن ۾ قومي سوال جي ايڙڻ جو اجان به ڪو نالو نشان نه هو.

آسٽريو-هنگري ايمپائر موجوده يورپي سرمائيداري نظام جي اوسر کان اڳ جي هئي. قومي سوال سڀ کان پهرين اتان 19 هين صدي‌ءَ ۾ ايريو، جتي سڀ کان اڳ ۾ رياست جي قومي تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ سماجي نظام کي گهربل تبديلي‌ءَ ۽ ثقافتي آزادي‌ءَ کي گڏ ڪري مٽين طبقن جو قومي فڪر لاڳو ڪرڻ هو.

بالڪن ۽ شامي قومي آزادي‌ءَ جون تحريڪون به ان زماني جي سرمائيداري‌ءَ جي يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ اوسر جي نتيجي ۾ هڪ ردعمل هيون، جن اڳتي هلي سلطنتِ عثمانيه کي چئلينج ڪيو. توڙي جو ان قومي فڪر کي وڌائڻ ۽ مدد ڪرڻ ۾ غير ملڪي طاقتون، جهڙوڪ: برطانيه ۽ روس اڳيرا هئا. بالڪن ۽

شامي قومي تحريڪن اهڙي قسم جي خارجي طاقتن جي مداخلت جي گهٽي ڳري قيمت ادا ڪئي. برطانيہ ۽ فرانس جو شاهي قومي تحريڪن تي ۽ بالڪن رياستن تي جرمني ۽ برطانيہ جو گهٽو اثر رهيو.

آرمينا جي خوبصورت تهذيب ۽ قومي تحريڪ کي فاش شڪست ترڪن جي هٿان 1915ع ۾ آئي، جنهن کي هڪ وسيع نسل ڪشي (Genocide) جي نانءَ سان سڃاتو وڃي ٿو. اهو قتلِ عام/ نسل ڪشي آرمينائي ايرندڙ طبقي جي روميلا ترڪ علائقن استنبول، سمرنہ ۽ پوئتي پيل علائقن ۾ وڌندڙ واپار، مالیت زمين تي غالب قبضو طبقن طرفان شروع ڪيل هئي. آرمينائي قومي تحريڪ کي روس جي زار جي وڌندڙ اثر پهرين جنگِ عظيم وڌيڪ پيچيده بٹائي ڇڏيو. حڪمران سلطنتِ عثمانيہ آرمينائين جي نسل ڪشي ۽ قتلِ عام جي شڪل ۽ منجهيل رستي جي چونڊ ڪئي ۽ اندازاً لکين ماڻهو هن نسل ڪشيءَ جو شڪار ٿي ويا. ترڪ ان نسل ڪشيءَ جو مسلسل انڪار ڪندا رهيا آهن.

حيرت انگيز حد تائين ان نسل ڪشيءَ جو سي کان وڏو فائدو ڪردن کي مليو، جن پنهنجن علائقن کي وڃائي ان خالي ٿيندڙ تباهہ ٿيل آرمينائي ڳوٺن کي والاري ڇڏيو.

جديد ترقي ۽ قومي سوچ هاڻوڪو منظر آهي، جنهن کي ستين پڙهيل لکيل فوجي آفيسرن ۽ عثمانيہ سلطنت جي حڪومتي ڪارندن ترڪيءَ جي روميلا علائقن ۾ عرب ۽ بالڪن رياستن جي قومي بغاوتن جي ردعمل ۾ وڌيو ويجهو. ان زماني ۾ بہ ترڪي ۽ ڪردن جي وسيع هاري ۽ مزدور اڪثريت جو وچ ۽ اوير انقره جي علائقن ۾ ڪو اثر نہ هو. ڪمال اتاترڪ جي "ڪمالز" جي يورپي خاصيت ۽ عثمانوي خاصيتن جي ابتڙ ترڪ

خصوصيات سان ٽئين رياست جي جوڙجڪ "سيڪيولرائيزنگ" جي ڪيفيت ۾ ڪئي. پنهنجي جوهر ۾ نئين رياست ڪا سيڪيولر رياست نه هئي پر ترڪش شهريت جي ڪردار ۾ اسلام کي مذهب طور ڳنڍيو ويو، جنهن ۾ گهٽي پاڳي ڪجهه بچيل آرمينائي ۽ ڪجهه باقي بچيل يونانين کي به شامل نه ڪيو ويو. بهرحال ڪمالز سوچ ان وقت جي "رائج اسلام" کي حڪومتي سطح تي محدود ڪري، حڪمران طبقن کي اقتداري چڪتاڻ لاءِ انقره جي حڪومت تائين محدود ڪري ڇڏيو.

اتاترڪ ڪمال جي 1919ع کان 1922ع تائين جي سامراج مخالف جنگين جي نتيجي ۾ ترڪ ۽ ڪردن جي وسيع هاري ۽ ورڪنگ ڪلاس جنگي ايار اناتاليه جي علائقن ترڪيۂ جي قومي سوچ جو ايار آيو. ان زماني ۾ به ڪردن کي ترڪن کان الڳ نه سمجهيو ويندو هو. ڪرد ڪمال جي جنگين ۾ فوج جو حصو هئا. ڪمالزم ۽ ترڪ قومپرست سوچ ان زماني ۽ حالتن آهر سامراج مخالف هئي.

اها ڳالهه سمجهڻ وٽان آهي ته ترڪ قومي سوچ يا عثمانيه سلطنت ان زماني ۾ به پنهنجي وسيع اڪثريت ترڪن، ڪردن، عربن جو تحفظ يا بچاءُ ڪرڻ ۾ ناڪام رهي پر الٽو ان زماني جي يورپي سامراجيت کي پنهنجن ملڪن ۾ داخل ٿيڻ ڏنو ۽ پنهنجي وسيع سلطنت کي سرمائيدار سامراجي اوسر جو ڳيجهو بڻائي، سُسائي، ننڍو ۽ محدود ڪري ڇڏيو.

اها ڳالهه نه ته بالڪن ۽ نه شامي قوم پرستن سمجهي ته ايستائين جو انهن پنهنجي بچاءَ ۾ ان وقت جي سامراجي طاقتن کان مدد گهري. آخرڪار ڪمال جي سامراج مخالف قومي تحريڪن عثمانيه سلطنت جو خاتمو آندو، پر تمام جلدي سامراج مخالف

ڪمالزم سوچ جو خاتمو آيو. ان جا گهڻا سبب آهن، ڇاڪاڻ ته ڪمالزم ان وقت جي سرمائيدارانہ رياستي سرمائيداري نظام ۽ ترڪ مرڪزي ڪنٽرول هيٺ جلد ئي سرمائيدارانہ مرڪز تي پاڻيندڙ نظام بڻجي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿيو. ترقيءَ کي ان قسم جي متئين طبقي واري قومي ايار جي ۽ خوشفهميءَ جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. ڪمال ۽ ان جي ساٿين جو خيال هو ته ترڪيءَ ۾ هو يورپ جهڙو سرمائيدارانہ نظام ناهي ونندا. هن کي اها خبر نہ هئي ته اهو ناڪام تجربو ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ترڪي ۽ ٻيا ملڪ سرمائيدارانہ مرڪزيت جا دائرا يا ان تي دارومدار رکندڙ معيشتون آهن. روس جي سوشلزم جي خوف کان ڪمال ۽ ان جي ساٿين آمريڪا جي مدد ونڊ جو دڳ ڳوليو. ڪمال جي ساٿين ۽ يوناني جنرلن جلدي NATO کي جوائن ڪيو ۽ جلد آمريڪا جا ڳيجهو بڻجي ويا. آمريڪا تي دارومدار جي نتيجي ۾ سرمائيداري زراعت ۽ هڪ امير طبقي جنم ورتو ۽ ڳڙوگڙ صنعت جي ترقيءَ لاءِ ڄار وڇايو ويو. قانوني طور ان قسم جي سماجي تبديليءَ ڪمالزم جي ابتڙ کي ختم ڪيو. 1950ع جي اليڪشن ۾ امير ۽ ٻين طبقن جو سياسي اثر رسوخ وڌيو ۽ ائين ترڪيءَ ۾ هڪ سياسي اسلام جي شروعات ٿي.

ترڪيءَ ۾ موجوده اليڪشني ايار جشن ۽ ڊيولپمينٽ (AKP) پاڻي جو نتيجو آهي. مٿيون تبديليون ترڪيءَ جي اندر جمهوريت پٽي جي واڌ ويجهہ نہ پر آمريتي سوچ ۽ خواهش جو اُيار آهي.

طيب اردگان جو عثمانيہ کي ٻيهر ايارڻ ۽ ان جو اليڪشني سياست ۾ استعمال، ان جي اڳواڻن حڪمرانن وانگر سامراجي اشاري، خاص طور آمريڪا جي خدمت ڪرڻ آهي.

ترڪيءَ جي سياسي جوڙجڪ، ٻيهڪ، سرمائيداريءَ جي

معاشي دارومدار ۽ پسگردائيءَ جي اهڙن لڳائن ڪردن جي قومي سوال کي اُپاريو آهي.

اوپر اناتاليہ ۾ شهري ۽ ملڪ اندر وڌندڙ هاري بي چيني، جنگين، رياستي تشدد، ترڪيءَ جي ڪري اولهہ طرف لڏپلاڻ، ترڪيءَ ۾ ڪردن جي مسئلي جنم ورتو آهي.

ڪردن کي هاڻي خبر پئجي ويئي آهي تہ هي "جابلو علائقن جا ترڪ" نہ آهن، پر کين پنهنجي الڳ سڃاڻپ، بولي ۽ ثقافت آهي، جنهن کي خودارادیت کپي ٿي. ڪردن جي مسئلي کي آسانيءَ سان حل ڪري سگهجي پيو جيڪڏهن ترڪ ٿورو سياسي سنجيده پڻو ڏيکارين ها، کين محدود ثقافتي آزادي ڏين ها. اهو تڏهن ممڪن هو جڏهن ترڪيءَ ۾ سياسي قيادت جمهوري رخ ۾ سفر ڪري ڪردن جي قومي سوال کي ان دائري ۾ حل ڪري ها، پر ترڪن جي فوجي حڪمرانن تشدد ۽ جبر جو رستو اختيار ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪردن جي وسيع سياسي اڪثريت ڪردستان ورڪرز پارٽي (PKK) جي اڳواڻيءَ هيٺ سوشلسٽ سماج جي اڏاوت ڪندي، ترڪ جي وسيع مزدور ۽ هارين جي شموليت سان سوشلسٽ سماج اڏڻ گهري ٿي.

هاڻي اها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي تہ ڇو ڪرد بين الاقواميت جي چونڊ ڪري، ترڪ ۽ ڪردن جي عوام جي ٻڌي ڪري، نہ قومي سوشلسٽ رياست لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. توڙي جو ڪرد شام جي هڪ وسيع پٽي، اولهہ-اوپر جي عراقي علائقي ۾ ۽ ايران جي اولهہ واري علائقي ۾ آباد آهن. ڪردن جو قومي سوال ايران ۽ عراق ۾ مختلف نوعيت جو آهي. ميڊز ۽ پارٿائين (تهذيبن) وارن علائقن ۾ ڪرد اندو يوروپين ۽ فارسي ٻوليون ڳالهين ٿا ۽ وڏي عرصي کان اتان جي آبادين سان گڏ رهن

ٿا، پر موجوده ايران ۾ سني ڪرد وسيع شيعا اڪثريت هيٺ هڪ دٻاءُ جو شڪار آهن.

برطانيہ ميديٽ هيٺ پهرين جنگِ عظيم کان پوءِ عراق جي وجود ۾ اچڻ جي ڪري اولهه ۾ ڪردن جون جاگرافيائي حدون ترڪيءَ کان الڳ ٿيون، پر ڪرد ۽ عرب وڏي عرصي تائين هڪ ٻئي سان گڏ رهيا آهن.

هاڻوڪو ڪرد سوال وچ اوپر ۾ آمريڪي مداخلت جي نتيجي ۾ عراق ۽ شام جي رياست ۽ سماجي تباهي، جبر ۽ جنگ جو نتيجو آهي.

آمريڪا خطي جو چوڪيدار بڻجي، ايران کي ڏمڪائي، ڪوڙي جمهوريت جي لالچ ۾ شام ۽ ٻين ملڪن لبيا، يمن ۽ عراق کي تباهه ڪري دنيا کي "جمهوريت" ۽ "قومن" جو درس ڏيئي، خطي کي ۽ رياستن کي ڪوڙن سني، شيعا ۽ ڪرد قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. وچ اوپر ۾ خليج رياستن جو آمريڪا جي سياسي لائين پويان بيهڻ هڪ اسلامي ردعمل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ داعش ۽ انتها پسند تنظيمون ناهي واشنگٽن ۽ آمريڪا جي مدل ايسٽ پروجيڪٽ جو وسيع حصو آهي. تصور ڪريو ته آمريڪا ان اثر، جنگين ۽ انتهاپسنديءَ ۾ عراق جي ڪردن جي حمايت "جمهوريت جي نالي" ۾ حمايت ڪري پيو. آمريڪا جا خطي ۾ ٻه طرفا معيار ڪي مختلف نه آهن.

ڪردن جي مٿئين طبقي جو آمريڪا جي "جمهوريت" جي اثر هيٺ يا پروپيگنڊه هيٺ اتحادي ٿيڻ سوال طلب آهي. ڪردن جا جيڪي قبائلي اڳواڻ آمريڪا جي ياريءَ سان گهڻي ياڳي امير ٿي ويا آهن، انهن جي "قومپرستي" سامراج دشمن نه رهي آهي. قومپرستي پنهنجي جوهر سامراج دشمنيءَ تي بڏل هوندي آهي،

جنهن کي آمريڪا مخالف هئڻ گهرجي، نه ڪي شخصي فائدي لاءِ يا پنهنجن مفادن لاءِ. ڪردن جي ويجهي تاريخ ان داغ کان آزاد نه آهي.

شام ۾ داعش مخالف YPG (شهري دفاع)، نوجوان عورتن جا هٿياربند جٿا ۽ عام ڊيموڪريٽڪ فورسز (SDF) جا جوان داعش خلاف آمريڪا سان ملي داعش کي بدترين شڪست ڏئي ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ پنهنجن علائقن ۽ عوام جو پرپور تحفظ ڪيو. سندس بهادريءَ ۽ دليريءَ جا اڻ ڳڻيا مثال موجود آهن.

اوچتو آمريڪا کين انون دفعو اکيلو ڇڏي، داعش جي شڪست جو اعلان ڪري، بدترين شامي ملڪ ۽ عوام خلاف جرم ڪري، ڪردن کي وري اکيلو ڇڏي ويو. ترڪن ان موقعي جو فائدو ونندي شام ۾ 32 ڪلوميٽر ڊگهي پٽيءَ تي قبضي جو بهانو بڻائي "ڪرد دهشتگردن" کي ختم ڪرڻ جي بهاني شام تي اڳرائي ڪري ڇڏي. ڪردن جو سخت جاني نقصان ٿيو ۽ ٻ-ٽي لک ماڻهو هفتي جي اندر بي گهر ٿيا. ڪردن آمريڪا جي اهڙي موقعي پرستيءَ جي نتيجي ۾ پاڻ کي اکيلو محسوس ڪيو. کين روس جي مدد سان شام جي بشرالاسد سان رات وچ ۾ معاهدو ڪرڻو پيو. شامي ۽ ڪرد علائقن کي ترکيءَ جي اڳرائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ معاهدو ڪيو. معاهدي جا بنيادي نڪتا هينيان آهن:

1. ڪرد پنهنجا سريبن ڊيموڪريٽڪ فورس ۽ ٻيا ويڙهاڪ جٿا ختم ڪري، شام فوج جي پنجين ڪارپيٽ ۾ شامل ٿيندا.
2. ڪردن کي شام جي آئين اندر مڪمل خودمختياري ڏيڻ لاءِ شامي ۽ ڪرد اڳواڻ طئي ڪندا.
3. ڪرد ۽ شامي فوجي گڏجي ترڪ اڳرائيءَ کي منهن ڏيندا.
4. شامي عرب آرمي منبج ۽ ڪوبانيءَ ۾ داخل ٿي ڪنٽرول

سنيالينديِ.

5. طبقہ ۽ رقد ۾ شامي فوج جلدي ڪنٽرول سنيالينديِ.
6. داعش پهرين ويڑهاڪ قيدين جو ڪنٽرول في الحال ڪردن وٺ هوندوِ.
7. شامي فوج شام ۾ لاهي اتان جي جاگرافي ۽ علائقي جو تحفظ ڪنديِ.

اسلام جي خودساخته موقعي پرست اڳواڻ طيب اردگان، جنهن نہ رڳو پنهنجي ملڪ جي اندر ميڊيا ۽ سياسي آزاديءَ کي ڪچليو آهي پر ڪردن ۽ انهن جي جدوجهد کي جبر ۽ طاقت سان دٻائي، سندن اڳواڻ احمد اوڪلان کي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. گذريل بلدياتي اليڪشن ۾ ڪردن جي مدد سان سياسي پارٽين کين استنبول ۽ انقره ۾ بدترين شڪست ڏني آهي.

شام ۾ ڪردن خلاف اڳرائي، داعش تي حمايت جا الزام ۽ شام جي اڳرائيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ طيب اردگان پنهنجي سياسي عروج کان پوءِ زوال جو شڪار ٿيندو وڃي ٿو. سندس مقبوليت ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي، پر داخلي سياسي دٻاءُ کي منهن ڏيڻ بدران خارجي دٻاءُ پيدا ڪرڻ هر آمر ۽ ڏهندڙ حڪومتن جو وڏو هٿيار هوندو آهيِ.

ڏسجي تہ ڪردن جي قومي تحريڪ ۽ شام ۾ ڪردن جي ترڪيءَ جي اڳرائيءَ کي روسي مدد سان جارحيت جو دليريءَ سان مقابلو ڪيئن ڪن ٿا.

اچو تہ وطن دوستيءَ جا معيار مقرر ڪريون

سنڌ جي سياست ۾ "وڻ سوال ۽ ڏي جواب" جي تاريخ ڪا پراڻي نہ آهي، جڏهن بہ اتحادن جو چوپول مچي، اجلاس ڪوٺائجن، ڪانفرنسون منعقد ٿين، لانگ مارچ جا اعلان ٿين، بيانن، موقفن، پاليسين ۽ نظرين جي هڻ ڦٽان، وڻ وڻان، جهل جهلان ۽ هلائون ٿيڻ جڻ فطري عمل لڳندو آهي. جيڪڏهن ڪا جهل پل نہ ٿي تہ ڳالهہ وڃي آسمان ۽ گادين تائين پهچندي ۽ عام ماڻهو پنهنجن رهبرن ۽ ليڈرن جا بيان ڏسي، هڪٻئي ڏانهن نماڻين اکين سان نهارينداِ رهجي ويندا آهن. اردوءَ جي ڪنهن شاعر اهڙي صورتحال لاءِ ڪيڏو نہ سچ چيو آهي تہ:

بني جس کي تم دوست،
اس کا دشمن آسمان کيون هو؟

جڏهن بہ ڪنهن نئين اتحاد جو چوپول ٿيندو آهي، اخبارن جا ڪالم ئي اهڙن مقابلن جو ميدانِ جنگ هوندا آهن ۽ ساڳئي ميدان تي اسان جا پسنديءَ ۽ ٻين لقبن جا ترا ٻڌي يا ٻڌرايو ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ پوءِ ملاکڙو شروع.... ڪارڪنن جي "واهہ واهہ"، "ارشاد ارشاد" کان ٿيندو سندن جاڙي باز ڪارڪنن تائين پهچندو آهي. پوءِ تہ هر گهٽيءَ، چوڪ ۽ هوٽل تي پنهنجن پنهنجن اصيلن ۽ ٽرڙن جي ڪڙهن ۽ ميلن جو ذڪر وڏي شان مان سان ٿيندي نظر ايندو.

هينئر بہ موسم وري ڦيرو ڪاڏو آهي. شايد سنڌ ڪان هڪ خطا وڌيڪ ٿي وئي آهي جو سنڌ غدارن سان گڏ هنن مها قومپرستن، مها جمهوريت پسندن، مها انقلابي اڳواڻن جون جهلون ۽ هڪلون بہ برداشت ڪري ٿي. هي جو مورڳو جهلجي نٿا جهلجهن، هڪٻئي تي جهلون، هوءِ هوءِ، جڻ تہ سنڌ جي درد ۽ فراق ۾ هنن جا رت

ڳوڙها سڪن ئي نٿا، سنڌ جي سور ۾ منهن هيٺ ٿي ويو اٿن، مانيءَ ڳيو ۽ ڇڻ زهر ٿو لڳين، سڄي سنڌ ڪٽي مٽي تي ڪنئي اٿن، تهمتون، الزام، فتوائون، فلاٽو غدار، فلاٽو شيطان، فلاٽي کي پجيرو، فلاٽو رهبر، فلاٽو رهزن، فلاٽو غدار، فلاٽو چاڙتو، فلاٽو پگهاردار.....

ان بحث جي آجيان ڪندي ڪجھ نماڻا عرض ڪندس تہ اچو تہ وفاداريءَ ۽ غداريءَ جا معيار مقرر ڪريون، تہ اسان وٽ ڪير قومپرست ۽ ڪير جمهوريت پسند آهي. ڪير دودو ۽ ڪير چنيسر آهي، ان پرک جو معيار ڪهڙو آهي؟ هڪ وطن دوست ۽ قومپرست ماڻهوءَ جو اسان سنڌي ماڻهن جي نظر ۾ معيار ڪهڙو آهي؟ ڪير ڪيترو برو يا چگو آهي؟ وطن دوستيءَ جا ڪيترا ڪم ڪيا اٿائين؟ ڪٿي قوم کي ڏکيءَ مهل ۾ ڇڏي ڀاڄ تہ نہ ڪاڏي اٿائين ۽ پيش تہ نہ پيو آهي؟

اسان جي تاريخ جي بدنصيبي اها آهي تہ اسين تاريخ ۾ ڪو حساب ڪتاب رکڻ ڄاڻون ئي ڪونہ. آئون ڪٽي قوم ڪهائي ڇڏيان، دشمن جو چاڙتو ٿي، وطن دوستيءَ جا چوغا پهري، اندران ئي اندران کات هٽي، نهيل ڪم ڏاهي ڇڏيان، ڪو حساب ڪتاب ڪونہ ٿيندو. چگي ۽ بري ڪم جي ڪا جزا ۽ سزا ئي ڪانهي! جيڪڏهن ڪنهن چگي ڪم جي شاباس ئي نہ هجي ۽ بري ڪم لاءِ ڪو حساب ڪتاب ئي نہ هجي تہ آخر ماڻهو چگو ڪم ڪري ڇو؟ يا بري ڪم کان پاسو ڇو ڪري؟

ماشاءَ الله! سنڌ ۾ رهبرِ اعظم، ڏهيسرن، جوڌن ۽ دودن جي ڪا کوٽ نہ آهي. هن قوم تي رهبريءَ جا ڪيڏا نہ وڏا احسان آهن پر قوم اچي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتي آهي، سون بہ مٽي ٿي ويا آهن، نهيل ڪم بہ خراب ٿيو وڃن، سويارا قافلا بہ راتاهن جو شڪار!

ماراماري، پاڻ، مايوسي، مرڪندڙ چهرا ۽ اوچنگارون ڏين، علم، روشنيءَ ۽ تعليم جو ڪارو منهن، رهيل کهيل قوت تي ۽ تئو ۽ تيل مکيل، غداريءَ ۽ وطن دشمنيءَ کي انعامن جا تمغا سمجهيل، هر سياسي ڪارڪن جي چهري جي حالت سروم دکم دکم جهڙي آهي.

سچ پچ او سنڌڙي! روز مرون ۽ جيئون پيا!

*

جه سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

هر ماڻهو سوال ڪري ٿو، آخر هي ڇا آهي؟ ڪهڙو لقاءُ آهي؟ ڪهڙو ظلم آهي؟ ڇا سنڌ جو مستقبل غير يقيني آهي؟ اسان جو ڳڏيل جاگرافيائي، اقتصادي ۽ سياسي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ انهن سوالن تي سوچڻ بدران شير شاهه جا شڪرا ٻڌجي، گهر جا ڪڪڙ مارڻ ڪٽان جي سياڻپ آهي؟

قومپرست سياست ڇا ٿيندي آهي ۽ وفاق پرست سياست ڇا ٿيندي آهي؟ اهو هڪ سوال آهي، جنهن تي هڪٻئي تي حملا، گاريون.....

وه اُني تو لاک فتني اُني،
چلي تو قيامت بپا هوگئي.

ائين وينِي قيامت متي تي ڪنئي اٽن. اچو ته پلا ٿورو غور ڪريون ته وفاق پرست سياست ڇا آهي ۽ قومپرست سياست ڇا آهي؟

ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ اڪيلي، جدا ۽ الڳ نه آهي. هرهڪ

شيءِ ۽ لقاءُ، ٻي شيءِ ۽ لقاءَ تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ اثر وڌي ٿو. اسين هينئر پنهنجي تاريخ جي جنهن ٻه واڌي تي بينا آهيون، اتي اسين پاڻ کي گهٽو وقت بچائي سگهنداسين، ان جي ڪا خبر نه آهي. ان جي تباهيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ خاص ٻن قسمن جا: هڪڙا اندريان ۽ ٻيا ٻاهريان. ٻئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا ۽ اثر وڌن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن اندريان تضاد وڌيڪ خطرناڪ هوندا آهن، بلڪ هڪٻئي کي متاثر ڪندا آهن ۽ هڪٻئي ۾ سمايل هوندا آهن، مثال طور: هزارين سالن کان سنڌو نديءَ جي همالين جبل تي ٿيندڙ موسمي تبديلي (برف جي پگهرجڻ) اسان جي هن خطي جي سرسبزيءَ تي اثر نه ڪيو آهي؟ جيڪڏهن تاريخ ۾ اسان جا تعلقات پرپاسي جي قوتن سان سڌا هجن ها ته اسان تي ارغون، عرب ۽ انگريز قابض ٿي سگهن ها؟ جيڪڏهن 70ع جي ورهاڱي وقت ننڍن صوبن جو پاڻ ۾ اتحاد هجي ها ته بنگال تي ائين ننگي جارحيت ممڪن هجي ها؟ جيڪڏهن استالن، هٽلر جي نازي ازم سان مقابلو نه ڪري ها ۽ انگريز ڪمزور نه ٿئي ها ته چا اڄ اسين انگريزن کان آزاد هجون ها؟ جيڪڏهن 73ع جي جدوجهد ۾ سنڌي ماڻهن جا ٻين صوبن جي ماڻهن سان سڌا تعلقات هجن ها ته چا ائين اڪيلا ماريا وڃن ها؟

چا دنيا جي هڪ حصي ۾ ٿيندڙ تبديلين جو دارو مدار ۽ اثر ٻئي خطي، ملڪ ۽ قوم تي نڦو پوي؟ چا اسلام آباد ۽ واشنگٽن (وائيٽ هائوس) ۾ ٿيندڙ چرپر سان اسان جو ڪو تعلق نه آهي؟ رڳو روس جو ٽٽڻ، گلف جنگ ۽ افغانستان جي جنگ دنيا سان گڏ سنڌ ۾ تبديلي جا اثر ڦٽا نه ڪيا آهن؟ ۽ خاص ڪري افغانستان جي جنگ ڪري سنڌي ماڻهن مٿان ۽ هن ملڪ تي ڏکهي عرصي تائين ڊڪٽيٽرشپ رهندي آئي آهي. شيون ۽ واقعا گڏ آهن.

اها سنڌ دشمنن جي پروپئگنڊا آهي ته سياست صرف سنڌ جي پاڪ ۽ صاف آهي، اها قومي ٽيندي آهي. ڇا ويڙهه رڳو گهر جي ديوارن ۾ ٽيندي آهي؟ ڇا دشمن کي گهر ۾ وائڙو ڪرڻ، پنهنجا اتحادي پيدا ڪرڻ. هر سياسي ۽ نفسياتي جنگ ميدان ۽ ايوانن ۾ نه ٽيندي آهي؟ خالص سنڌ جي سياست مان ڇا مطلب آهي؟ دنيا جا سڀ بدمعاش گڏ هجن، انهن جون مٽيون مائٽيون هجن، هزار سالن تائين بدمعاشيءَ جو تجربو رياستي مشينريءَ کي هجي ۽ اسين هڪ ٻئي کي چئون بابا! تون پجيرو تي ڇو چڙهي آئين؟ تون اتحاد ۾ موقف رکي شيطاني ٽو ڪرين؟ اسان ته بابا سنڌ جي سياست جو ٽيڪو ڪنيو آهي! جيڪو بي دنيا جي مظلومن جي ڳالهه ٽو ڪري، ان کي غدار چئو، وفاق پرست سڏيو، اها ڳالهه ثابت آهي. دنيا جا سمورا مظلوم طبقا، قومون ۽ ڏريون اسان جون دوست آهن. ڇا فلسطين جي جدوجهد اسان جي پنهنجي جدوجهد نه آهي؟

تنهن ڪري اسين هن ڳالهه تي زور ڏيندا سون ته ڪنهن کي غدار چوڻ جو اسان وٽ معيار ڪهڙو آهي. اچو ته حساب ڪتاب رکڻ شروع ڪريون. پاڻ ۾ وينا آهيون. ڇا جن حيدرآباد ۾ قتلِ عام ڪرايو، حيدرآباد کسائي، تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو، اُهي ڪير؟ ڇا چورن ۽ لوفرن جي لوڌ اسان جي پنهنجن سياستدانن پيدا نه ڪئي آهي؟ ٽيلينٽ جو ڪرائيم ڪنهن کيو آهي؟ اچو ته پنهنجون صفون درست ڪريون، هڪٻئي لاءِ عزت ۽ احترام رکون، بري کي برو چوڻ سکون ۽ چگي ڪم جي آجيان ڪريون. عام ماڻهو ته لطيف جي ٻولي ۾:

ڪنهن کي ائين چُئان، تہ مون کي ماريو سڃٽين.

*

جہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

سنڌ جي تاريخ جا وڪريل ورق

سنڌ ۾ علم ۽ عقل جو هڪ وسيع بيابان آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته اهو احساس نراسائيءَ جي حد تائين اڪيلو ڪري وجهندو آهي ۽ اڪيلائيءَ جو اهو احساس روح کي رتو چاڙ ڪري وجهندو آهي.

چوته هيءَ سمنڊ جيڏي اڇاڙائي، جنهن ۾ هئڻ جو احساس به نه هجي، سنڌي ماڻهو، لطيف جي ست وانگر:

"ڪنهن کي ايئن نه چون، ته ڪي آديسي آهيون."

هئڻ جو احساس يا تعلق حال سان آهي. حال جيڪو ماضيءَ جو تسلسل آهي ۽ مستقبل جو پيش خيمو.
روسي شاعر رسول حمزاتوف چيو آهي ته:

"جيڪڏهن تون ماضيءَ کي پستول جو نشانو بڻائيندين ته مستقبل توکي توپ سان اڏائي ڇڏيندو."

۽ پنهنجي قوم ته اجان تائين صحيح معنيٰ ۾ تاريخ جي مقناطيسيت کي سمجهيو ئي ناهي. آڪاش جي لفظن ۾:

مجون ٿا ماضي جي،
ڏٻڻين ۾ گتل،
شڪست مات جي،

منحوس مقامن ۾ پيل،
قبر قبر تي لڳل،
پنهنجي پڇتاءَ جا پٿر آهيون،
مان مجان ٿو!
وڏي واڪي ٿو مجان،
منهنجي تاريخ آ،
تاتارين جي گهوڙن جي،
سوين سنبن سان لتاڙيل.

اسان تاريخ کي سمجهڻ ۽ ان ۾ پيدا ٿيل رڪاوٽن کي سمجهڻ، رڪاوٽن جي جدليات کي سمجهڻ ۽ انهن کي هٽائڻ جي ڪوشش ۾ نه ڪئي آهي. تسلسل کي سمجهڻ ته هڪ وڏو ڪم آهي، پر رڳو رڪاوٽن کي سمجهڻ ۽ انهن کي ٻرپور ارادي سان چئلينج ڪرڻ جو فن ئي نه سکيو آهي.

عملن کي چئلينج ڪرڻ ۾ هڪ فن آهي، قابليت ۽ مهارت سان منهن ڏيڻ اجا وڏي ليول آهي، شين تي غالب اچڻ لاءِ لياقت ۽ وسلين جو استعمال ڪرڻ اجا ايڊوانس ليول آهي. جي اڄان وڌيڪ غور ڪجي ته لياقت ۽ وسلين جو ا ستعمال هڪ ڳالهه آهي ۽ فائدو ونڻ ٻي ڳالهه آهي، جيئن هينئين ست اڪثر جنگ جي ميدان ۾ ڏهرائي ويندي آهي:

"Maximum Exploitation is victor."

"وسيلن جو ٻرپور استعمال فتح آهي."

مارڪس چيو هو ته، "نوان حاڪم طبقا سڀ کان اڳ ۾ فڪري ۽ علمي فتحون حاصل ڪندا آهن." فڪري ۽ علمي فتحون

حاصل ڪرڻ تہ پري جي ڳالھ آهي پر حفيظ قريشيءَ چواڻي تہ:

"هن قوم کي پنهنجي ٽپڙن جي خبر بہ ناهي." تہ ڇا کسجي ويو، ڇا بچيو آهي، ڪنهن کسيو آهي، ڇو ۽ ڪيئن کسيو آهي؟

بهرحال، تاريخ جي علمن ۾ بچيل سچيل جيڪو ڪجھ آهي اهو اسان جو آهي. جيڪي انڊيون منديون تاريخون لکيل آهن، اهي اسان جو پنهنجون آهن، پر ڪجھ انگريزيءَ ۽ فارسيءَ ۾ اهم شيون پيون آهن، جيڪي هن مهل تائين ترجمو نہ ڪيون ويون آهن. اهي اهم ڪلاسيڪل شاهڪار آهن، جيڪي سندَ جي تاريخ جو گھڻي پاڻي هڪ الڳ ۽ جدا نقطہ نظر رکن ٿيون ۽ گھڻن ڪوڙن جا پردا هٽائين ٿيون. انهن کي ترجمو نہ ڪيو ويو آهي. انهن کي ترجمو ڇو نہ ڪيو ويو آهي؟ اهو سوال سندَ جي علمي ۽ ادبي ادارن جي نڙيءَ ۾ اٽڪيل رهيو آهي. انهن شاهڪار ڪتابن مان ڪجھ ڪتاب هي آهن:

1. "Secret Report of Sindh of the Secret Committee of East India"

هڪ اهم ۽ لاجواب شيءِ آهي، پڙهڻ سان مٽي جا پردا خشڪ ٿيو وڃن.

2. "The Conquest of Sindh"

هيءُ ڪتاب وليم نيپيئر جي ياءُ جو لکيل آهي، جنهن ۾ انگريزن جي فتح جا عجيب و غريب لقاءَ آهن.

3. "Life of Napier"

نيپيئر جي زندگيءَ تي لکيل آهي.

4. "تاريخ نواءِ معرڪ"

منشي عطا محمد شڪارپوريءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل شاهڪار ڪتاب آهي. مزيدار ڳالھ هيءَ آهي تہ نياز همايوني

صاحب 89ع ۾ ترجمو ڪيو آهي، پر خبر ناهي ته ڪهڙن سببن جي ڪري نہ ڇاپيو ويو آهي.

شايد سنڌ جا علمي ۽ ادبي ادارا وڏي عرصي کان يرغمال بڻيل آهن، يا تڏين آفيسن جي جهيڙي ۾ قاتل آهن، يا ته ڪنهن نظرياتي ڇاپ هيٺ رهيا آهن. ان سڄي پس منظر ۾ ان ڏينهن شمشيرالحيدري جي تقريري بيان تي نظر پئي ته، "سنڌ جا نوجوان تاريخ لکن، ڇپرايون اسان ٿا." سوچيم ته ڪاش، واقعي جيڪڏهن ائين ٿي پوي! پر اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ان جو جواب شايد سائين سراج يا شمشيرالحيدريءَ وٽ هجي.

روزاني عبرت فيبروري، سيپٽمبر 1996ع

سنڌ جي تهذيب جا اڳوڻا ۽ هاڻوڪا شهر

پنج هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا جا ماڻهو ڪيترا سڌريل هئا؟ ان جو اندازو ان ڳالهه مان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته سندن شهر، شهري رٿابندي، ترتيب ۽ انجنيئرنگ جا بي مثال شاهڪار هئا. مثال طور: موئن جو دڙي جي شهر جي اڏاوت هڪ رٿابنديءَ تحت ٿيل هئي. شهر جو اهم حصو (ٽائون) جنهن کي "ايڪوروپوليس" (ACROPOLIS) يا "Citadel" (قلعو) سڏجي ٿو، ان جي بنيادي اڏاوت هڪ وڏي پليٽفارم (ڊِڪي) تي رکي ويئي، جيڪو ڊِڪو زمين کان اٽڪل ڏهه ميٽر اوچو هو. ان ڊِڪي کي مٽيءَ جي خشڪ ۽ سڪل سرن سان پري، پوءِ مٽيءَ سان پريو ويو. اهڙيءَ طرح عام خلق جي گهرن جا بلاڪ به ساڳئي طريقي سان ڏهه ميٽر اوچا ڪري پوءِ اڏاوت ڪئي ويئي. امڪاني ٻوڏ کان بچڻ لاءِ وقت بوقت ان جي اوچائيءَ ۾ اضافو ڪيو ويو. پهريان رودن ۽ رستن لاءِ گهربل جڳهن تي نشان لڳائي، گهرن جي اڏاوت پوءِ شروع ڪئي ويئي. موئن جي دڙي جي شهر کي پڪا رود جنهن جي پهريان نشاندهي ڪري، شهر جي ٻنهي پاسن کان هڪ جيتري مفاصلي تي رکي، جاميٽريءَ جي اصولن مطابق ٺاهي، ڪنهن هڪ جاءِ تي ملايو ويو. شهر جي مکيه حصي Acropolis جون گهٽيون 6 ميٽر ڪشاديون ۽ پهريون ۽ ٻيون گهٽيون هيٺئين شهر ۾ ڏهه ميٽر ڪشاديون جوڙيون ويون. مقصد هي هو ته جيئن گهٽيءَ اندر به ڏاند گاڏيون آسانيءَ سان گذري سگهن ۽ پيادل ماڻهن کي کا تڪليف نه ٿئي.

شهر ۾ ڪنهن به قسم جي غيرقانوني اڏاوت جو واڌارو ڪرڻ، Encroachment ڪرڻ جي ڪائي گنجائش نه هئي، جو ته اها

غيرقانوني هئي.

شهر جي اڏاوت ۾ بنيادي پليٽفارم ۽ بلاڪ، رود ۽ رستا مٽيءَ جي سرن جا بنياد ۽ مٽي باهه تي پڪل سرن بنياد گهڙي پوءِ ديوارون ڪنيل آهن. گهٽي پاڳي گهر مستطيل جاميٽري شڪل جا نهيل ۽ هڪئي لائين ۾ ستيون اڏاوتون ٿيل آهن. گهر مناسب نقشن ۾ مختلف ايراضين تي ڪمرا ۽ اگٽ اڏيل آهن. هر گهر کي هڪ دروازو داخل ٿيڻ لاءِ ۽ هر ٽن گهرن کي هڪ کوهه، جيڪو پڪين سرن جو نهيل، گهر ۾ داخل ٿيڻ سان دروازي جي پرسان تڙ ڪرڻ جي جاءِ، گهرن جي اڏاوتن ۾ آقا ۽ انهن جي ملازمن ۽ انهن جي خاندان جي مناسب رهڻ جي جاءِ واضح ٿيل هئي. سيني گهرن جو هڪ اگٽ ۽ انهن جي چوڌاري ڪمرا، ڪجهه گهرن جي اگٽن ۾ سرن جا ڊِڪا نهيل آهن. ڪجهه ڪمرا وڏا ۽ ڪجهه ننڍا، جن ۾ عورتن جي پردي (Privacy) جو خاص انتظام ٿيل آهي.

شهر جو نيڪال جو سرشتو پنهنجي جوهر ۾ انجنيئرنگ ۽ رٿابنديءَ جو شاهڪار هو. پاڻيءَ جو نيڪال سرن جي نهيل پائيپن نما سرشتي پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ شهر ۽ گهٽين اندر سرن سان ڊِڪيل هو، جنهن جي اوچائي 6 فٽ هئي، تہ جيئن صفائي ڪندڙ عملو آسانيءَ سان داخل ٿي، نالیون وغيره صاف ڪري سگهي. هن قسم جي نيڪال جو سسٽم سڄي دنيا جي Bronze زماني جي شهرن جي پيٽ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

مڪيہ ايڪروپولس شهر ۾ نهيل حوض، جيڪو 12x7 ميٽر ڊگهو ۽ ويڪر ۾ 7 ميٽر ۽ اونهائيءَ ۾ 24 ميٽر گهرو آهي. پڪل سرن سان جڙيل، 3 طرف پاڻيءَ جي نيڪال کان بند يا Water Proof مٽيريل سان جڙيل هي حوض هر طرف کان هڪ خاص پلستر سان جڙيل آهي. هن قسم جو حوض شهر جي اميرن لاءِ مخصوص ٿيل

آهي. هن قسم جي حوض کي عام پاڻيءَ جي استعمال لاءِ پڻ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. شهر ۾ اٽڪل 2 کان 3 هزار گهرن تي 700 کوهه نهيل آهن. ڪجهه گهرن ۾ 20 ڪمرا ۽ اڳڻ نهيل آهن. عبادت گاهون پڻ نهيل آهن.

هن شهر جو واسطو سنڌو سڀيتا جي ٻين شهرن، جهڙوڪ: رڻ ڪڇ ۾ ڊولاويرا ۽ اتر ۾ ڪاليبيگن، گهاگهر، گجرات ۾ لوٿل (ڪمبات) شهر جي واپاري نظام شهر جي اندر، پرپاسي وارن شهرن ۽ وڏي فاصلي وارن شهرن سان واپاري تعلقات عام آهن.

هن شهر جو واپاري تعلق ٻين تهذيبن ۽ سمنڊ جي ٻئي پاسي عراقي، اوماني (ماجان) ۽ ڊلمن (بحريني) تهذيبن جي آثارن ۾ پڻ ملي ٿو. واپار ۾ ڪچو مال، شهري اوت، اناج وغيره شامل هو. شهر ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جو رسم الخط، هڪ آواز سيلون، ماپ تور جا اوزار، هنرمند ماڻهن جا اوزار ۽ چيڪي مٽيءَ مان نهيل ٽانوَ پڻ لڌا ويا آهن. ٻوليءَ جو سيلون اڃان تائين پڙهي نه سگهيا آهن، پر ماپ تور جا اوزار، سرڪاري سيلون، اسٽمپ مڇيءَ جي نشان واريون سيلون اهو ٻڌائين ٿيون ته شهر جو هڪ واپاري ۽ قانوني نظام هو، جنهن جا معيار ۽ ماپا، تورتڪ، ڳڻپ، ڪهاڻين ۽ آوازن تي ٻڌل ٻوليءَ جو هڪ سرشتو رائج هو.

سائنسي علم ان ڳالهه جي ڳولا ۾ آهي ته سنڌو سڀيتا جي ان تصويري شڪل نما ٻوليءَ کي پڙهڻ لائق بڻائڻ سان ان تهذيب ۽ ماڻهن متعلق نئين معلومات ملڻ جي اميد آهي. موئن جي دڙي جي ماڻهن جو ماپ تور جو نظام ۽ ڳڻپ جو نمبر اوائلي ڊيسيمل حسابي سرشتو ۽ مڪمل طورح ماپ جا غير معمولي معيار ۽ سنڌن جاميٽري ۽ انجنيئرنگ جي ڄاڻ حيرت انگيز حد تائين غير معمولي هئي. ڪجهه مڇي نما سيلون جي باري ۾ رايو آهي ته اهي

فلڪيات جي علم جي باري ۾ آهن. ستن لڪيرن وارين مڇي وارين سيلن جي باري ۾ خيال آهي ته ساموندي سفر لاءِ استعمال ٿيندڙ طرفن جي ڄاڻ ۽ جهاز رانيءَ متعلق ڄاڻ آهي. هتان جا ماڻهو هنرمند ۽ سندن 17 سينٽي ميٽر وارو ناچ ڪندڙ ڇوڪريءَ جو مجسمو، جنهن کي موتي پهريل آهن، "يوگي" King Priest جو مجسمو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته هتان جا ماڻهو موسيقي، آرٽ ۽ مجسمي سازيءَ کان واقف هئا. اهڙا مجسما عراقي تهذيبن سان ملندڙ جلندڙ آهن. ماڻهن جا عقيدا ۽ رسمون تقريباً هڪجهڙيون آهن. سندن خدا ۽ خدائيون "Unicorn" قسم جي ڏڳي جي پوڄا ڪندا هئا. اهڙيون سيلون تقريباً 95 مليون آهن. اهڙو جانور آفريڪي Rhinocorecy يا "پاڻيءَ وارو ڏڳو" نما جانور آهي، جيڪو جديد دؤر جي Shiva خدا جهڙو لڳي ٿو.

قبرن جي هڏن جي عمرن مان پتو لڳائي سگهجي ٿو ته مختلف عمرين جي ماڻهن جون قبرون آهن، مثال طور: 34-17 سالن جي عمر وارن جو 35 قبرون آهن، 55-35 وارن جون 27 قبرون آهن، 55 سالن کان وڌ وارن جون 13 ۽ 17 سالن کان گهٽ وارن جون 15 قبرون آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سراسري عمر 30 سالن جي لڳ ڀڳ آهي.

موئن جي دڙي جي شهر جو سماج طبقاتي هو، جنهن ۾ امير ۽ غريب جي تفريق هئي، جيڪا گهرن جي ترتيب، خوشحاليءَ جي نشانين مان ٿڙ ۽ ڪوهه وارا گهر، پاخاني جون جڳهيون، وڏا ۽ ڪشادا ڪمرا ۽ گهر وغيره. شهر جو ٽيون حصو جنهن کي "Collie Lines" سڏجي ٿو، اهو پنهنجي بيهڪ، اڏاوت ۽ خوشحاليءَ ۾ امير گهرن کان گهٽو پوئتي پيل آهي. شهر آسودو هو. شهر مان مليل سيلون امير گهراٽن جي گهرن مان مليل آهن ۽ اتان ئي کهاڙيءَ

جو بليڊ ۽ سيلون ناهيندڙ اوزار پڻ مليا آهن.

شهر جي معيشت ترقي يافته پر طبقاتي هئي، جنهن ۾ واپاري، هاري، ڪمي ڪاسبي، خانہ بدوش، غلام، غريب، هنرمند، واپاري ۽ حڪمرانن تي ٻڌل شهر هو. حڪمران وٽ ويڙهاڪ، واپاري ۽ ملازم رکيل هئا. شهر جي حڪومت جو شهر تي مڪمل ڪنٽرول هو. شهر رٿابنديءَ سان اڏيل هو. رستا سڌا ۽ ويڪرا هئا. قلعي کي چوديواري ڏنل هئي. هينئين شهر ۽ مٿئين شهر ۾ والار ۽ وڏاءُ غير قانوني هو. شهر جي رکوالي ۽ نيڪال جي صاف سترائي هئي. جڏهن شهر تباهہ ٿيندو هو يا ٻوڏ وغيره ايندي هئي تہ شهر جي مرمت ۽ اڏاوت ٻيهر ڪئي ويندي هئي.

شهر جو انتظام غير معمولي انتظامي حڪومت جي هٿ هيٺ هو. اهڙي قسم جي حڪماني ۽ انتظامي صلاحيت هن شهر کي مسلسل 500 سالن تائين قائم رکيو. غير معمولي حد تائين هارين ۽ اضافي پيداوار تي ٽيڪس ۽ Tribute ونندي شهر جي خوشحاليءَ کي برقرار رکيو.

اها غير معمولي صلاحيت هئي جنهن جي نتيجي ۾ شهر جي 85 هزار آبادیءَ جي کاڌ خوراڪ، ڪپڑي لٽي، اجهي ۽ شهري سماج کي خوشحال بڻائي رکيو. ان قسم جي غير معمولي انتظامي ۽ ادارتي صلاحيت هڪ مرڪزي حڪومت جي قبضي هيٺ هئي. شهري رٿابندي بلدياتي نظام، لکت جو نظام، سيلن جو استعمال، ٽانوَ ٽپا، ڪاريگريءَ جا اوزار ۽ معيار، پکين ۽ پڪل سرن جي اڏاوت، پاڻيءَ جو نيڪال، آبپاشي ۽ ثقافتي رنگ، ڍڳي گاڏي، غير فوجي سماج، رسم ۽ رواج، عبادت گاهون، پادري، ٻاوا ۽ پنڊت، عوام ۽ خلق جي مجتا ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ موئن جو دڙو هڪ سياسي سماج هو، جنهن جو ڪنٽرول هڪ مرڪزي

حڪومت وٽ هو. پنهنجي شڪل ۾ بادشاهي ۽ هو پرهي شهر ثقافتي ۽ حڪمرانيءَ جو مرڪز هو. هن جي چوڌاري ننڍا وڏا شهر ۽ وٽج واپار هو. هڙاپا، گنويروالا، لکميروالا، ڊولاويرا هن جا صوبائي شهر ۽ مرڪز هئا.

موئن جو دڙو پاور جو مرڪز هو. صوبن ۽ بين شهرن کي مواصلاتي ڪنٽرول ڪهڙو هو. هن شهر جي واپاري ۽ حڪمراني بالادستيءَ تي ڪي ۽ رايا ڪونهن. هن شهر جون عمارتون، محل سيلون ۽ بادشاهتون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته هي شهر غير معمولي بادشاهن ۽ گورنرن جي حاڪميت هيٺ رهيو ۽ اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ شاندار تهذيب ڪري ياد ڪيو وڃي ٿو.

5 هزار سالن کان پوءِ اسان جا موجوده شهر، حڪمرانيون ۽ انتظامي اٽبرابريون ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن ته اسين پنهنجن شهرن جي بنيادي رٿابندي، منصوبه بندي، بنيادي سهولتن، واپار، زراعت، روڊ رستا، انفرااسٽرڪچر، انتظامي صلاحيت، حڪمرانيون ڪيتري قدر پوئتي پيل آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسين 5 هزار سال اڳ جي مقابلي ۾ گهٽو پوئتي پيل آهيون. اسان جا موجوده شهر، ٽائون ۽ ڳوٺ بنيادي انساني سهولتن کان وانجهيل، پوئتي پيل، ڪچيون آبادیون، حڪمرانيءَ ۽ رٿابنديءَ کان وانجهيل، پاڻي، صحت، سماجي خدمتن، ميونسپالٽين ۽ صفائي ستڪائيءَ کان وانجهيل، ٻوڏ، آفتن ۽ گهارن جي نظر آهن. رٿابنديءَ نالي، انفرااسٽرڪچر، صاف پاڻي، ڳوٺ کان شهرن تائين رسد، تعليم، اسڪول ۽ اسپتال تائين رسد جڙ هڪ خواب ٿي پيو آهي. وٽج واپار، تجارت ۽ روزگار نه هئڙ برابر آهي. ڳوناڻي زندگي ۽ ڪاروهنوار تي قابض وڏيرا شاهي، پوليس ۽ ڪورٽن عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي.

5 هزار سالن کان پوءِ اسان جا موجوده شهر ڪٿي بينل آهن، حڪمرانيون ۽ انتظامي اٽبرابريون ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن ته اسين پنهنجن شهرن جي بنيادي رٿابندي، منصوبہ بندي، بنيادي سهولتن، واپار، زراعت، روڊ رستا، انفرا_اسٽرڪچر، انتظامي صلاحيت، حڪمرانيون ڪيتري قدر پوئتي پيل آهن. اسان جي ڪل آبادي جو 38 سيڪڙو آبادي شهرن ۾ آباد آهي . شهرن جي مجموعي گهريلو پيداوار ۾ سالياتو حصو 50 سيڪڙو آهي. سنڌ جا شهر گندگيءَ جا ڍير، ڪچيون آبادیون، غير رسمي، اڻ رجسٽر جهڙوڪ بهراڙيون آهن. شهرن جي انتظامي حدن کان ٻاهر بہ ڪوڙ سارا شهر ڪچين آبادين جو ڏيک ڏين ٿا. اهي شهر بهراڙين کان وڌيڪ آهن، وڏي تعداد ۾ شهر ڳوٺ سڏائڻ لائق آهن. پر سرڪاري طور تي کين شهر سڏجن ٿا. اهي ڪچيون آبادیون آهن. جيڪڏهن صحيح اندازا لڳن ته شهري آبادیءَ جو 60 سيڪڙو هوندو. جتي معاشي سرگرمين وارو عمل غير آهي. عام طور تي آبادي جو معيار زندگي ڪو بهتر ناهي. شهري منصوبابندي جي غيرمعمولي طور تي اٽهوند آهي، شهرن جي هن تيز رفتار ترقيءَ جي نتيجي ۾ نا اميدگي، غيرقانوني ماڻهن جي آبادڪاري ۽ سياسي بدامني جا ڳڙهه بڻجڻ جي مڪمل صلاحيت موجود آهي. شهر جي اندر پنهنجن رهواسين جي لاءِ گهرن جي ڪوٽ آهي. ڪوٽ هئڻ سبب رهائشي معيار ڪريل آهن. پاڪستان کي اڪل پنجاهه لک گهرن جي ڪوٽ آهي ۽ 2035 ۾ جيڪا وڌي ڪري اسي لک گهرن جي ڪوٽ جو تخمينو آهي. پنجاهه سيڪڙو آبادي لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي رسائي يا محدود رسائي آهي. 90 سيڪڙو پاڻي جي رسائي پيئڻ لاءِ غير محفوظ آهي. عالمي بينڪ جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ هڪ ٽوائلٽ اڪل ويهن کان وڌيڪ ماڻهن جي استعمال هيٺ آهي.

ناقص صفائي جي قيمت پاڪستان جي جي ڊي پي جي تقريبن 3.9 سيڪڙو آهي. شهرن ۾ عام طور تي ماس ٽرانسپورٽ جو ڪوبہ نظام نہ آهي، وڏن شهرن ۾ ماڻهو اڃ سفر پيدل ڪندي نظر ايندا آهن. آلودگي تمام گهڻي آهي. ڪراچي پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارو شهر آهي. آلودگي چين جي بيجنگ شهر کان بہ ٻيڻي آهي. شهرن ۾ 10 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. آبادي جي في ايڪڙ آباديءَ جو ڏٻاءُ تمام گهڻو آهي. رڳو 36 سيڪڙو آبادي زمين جي 77 سيڪڙي تي ۽ 84 ماڻهو في هيڪٽرتي آباد آهن. غير رسمي آبادين ۽ ڪچين آبادين ۾ في هيڪٽر آبادي تمام گهڻي آهي. هڪ هيڪٽر تي 4500 ماڻهو رهن ٿا. لينڊ مينيجمينٽ ناقص آهي، بلڊر، مافيا، غيرقانوني قبضا ۽ پبلڪ پارڪ جي عمارتن تي لينڊ مافيا جو قبضو آهي ۽ حڪومتون انهن ڏوهن ۾ برابر جون شريڪ آهن.

مٿين حالتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اسين 5 هزار سال اڳ جي مقابلي ۾ گهڻو پوئتي پيل آهيون. ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ هڪ تيز برسات چوماسي جي لهر آئي ۽ پرسان وري اها برساتي لهر نڪي ۽ بدين ۽ ڪوسٽل ايريا کي بہ لپيٽي ڇڏيو .ڪراچي جي شهري ناقص نظام, قبضن ۽ رڪاوٽندي جا بکيا اڊيڙي ڇڏيا ۽ ايتري تائين جو ڪُجهڙ نالو ۽ ملير ندي ابتو وهڻ ۽ درياء جو ڏيڪ ڏيڻ لڳو .ڪجهہ ڏينهن کان پوري زور شور سان سنڌ ۾ چوماسي جو هوائون, مينهن ۽ برساتون جاري آهن. ان چوماسي جيڪو هند, سنڌ, بلوچستان ۽ عربي سمنڊ کان اٿلي ملڪ ۾ راڳا ڪيا پشاور ۽ لاهور بہ وڪڙ ۾ آيل هيو. پر بلوچستان کي ٻوڏ ۽ تباهي جا راڳا ڏيئي سنڌ جي ڪوهستان واري علائقي ۽ جوهي ۽ واهي پانڊي کي ٻوڏ ۾ لپيٽي سوين ڳوٺن ۽ ڪيترن ننڍن شهرن کي لپيٽي

ڇڏيو ۽ هاڻي هي هلندڙ برساتي لهر ڪراچي، ميرپور خاص، بدين، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن کي واري واري سان لپيٽيو آهي. ايتري تائين جو سنڌ ۾ شهري ٻوڏ Urban Flood جي خطرن سبب ايمرجنسي جو اعلان ڪيو ويوآهي.

سنڌ جي شهرن تي قبضا گيري، حد دخليون، قبضا، ڪوڙاڪليم، غير قانوني لڏ پلاڻ، ڊان مافيائون ۽ بي ترتيب اڏاوتون، بلڪ ڦرلٽ تي ٻڌل ازدها اسڪيمون، شهرن ۾ ادارن جي جبري والار ۽ شهرن جي ترقي ۽ حڪمراني جي نالي قومن ۽ علاقن جا شهري حصا ڪسي، ۽ اندران ئي اندران جديد ليبرل ايڪانامي جي ڊانچي اتي اربن ڪربن جون اسڪيمون ناهي، فطرت ۽ تاريخ سان هٿ چراند ڪبي ته ظاهر آهي ته اهي شهر نه نهندا پر ڪچي آبادين، بي ترتيب، فطرت کان بگڙيل تمدن ۽ تهذيبن جون ڏيک ڏيندا ۽ مسقبل جي انارڪي جو ڳڙهه ٿي ايرندا. هاڻي، وقت آهي ته ٻيهر سوچجي ته جديد تهذيبي شهر ڪيئن تعمير ڪبا آهن.

Forthcoming Monthly Kapri.

بنيادي انساني حق، اولهه جا ملڪ ۽ ويانا ڪانفرنس

انساني حقن جي ويڑهه جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري ذرتيءَ جي تاريخ. اها ويڑهه جڳمڳ ستارن جي لڪيرن وانگر، سماج جي مختلف دورن مان گذرندي، ٽڙندي ٽاڙڙندي، ساهه پٽيندي، وري صلاحيتون گڏ ڪندي، اڄ جي دور ۾ نون چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ داخل ٿي چڪي آهي ۽ نه رڳو زندهه آهي پر چڙيون به هڻي ٿي.

"Not only alive but kecking."

بنيادي انساني حقن ۽ آزاديءَ جا تصور، جيڪي 71 ۽ 81 صديءَ جي وچ ڌاري مضبوط ٿيا ۽ اتان دنيا جي ٻين حصن تائين پکڙيا ۽ انهن تصورن آمريڪا، فرانس ۽ برطانيا جي ماڻهن کي بنيادي انساني حقن جا پڌرنامه ۽ قراردادون ڏنيون. 1689ع ۾ برطانيا جو انساني حقن جو بل (Bill of Right) منظور ٿيو. 1776ع جي آمريڪي جنگِ آزادي ۽ خاص ڪري 1789ع جي فرينچ انقلاب، جنهن "Right of Men and Citizen" جو بل ڏنو، جنهن ۾ ماڻهن ۽ شهرين جا حق تسليم ٿيل هئا.

20هين صديءَ جي ٻن وڏين اهم لڙاين جي نتيجي ۾ آخرڪار گڏيل قومن جي اداري (UNO) جو وجود پيو، جنهن جي نتيجي ۾ 10 ڊسمبر 1984ع تي "عالمي انساني حقن جو پڌرنامو" جي نالي سان دستاويز هنن لفظن ۾ مهاڳ سان شايع ٿيو ته:

"انساني ڪٽنب جي سڀني ميمبرن جي عزت ۽ برابري وارن حقن کي تسليم ڪرڻ دراصل دنيا جي آزاديءَ، انصاف ۽ امن جو بنياد آهي." ساڳئي پڌرنامي جي قلم پهرئين جا لفظ هي آهن ته، "سڀ انسان آزاد، هڪجهڙو مان، عزت ۽ هڪجهڙو حق وٺي پيدا ٿيا آهن

۽ هڪبئي سان پائپيءَ واري جذبي سان هلندا."

پر اڄ 45 سالن جي گذري وڃڻ کان پوءِ به انهن بنيادي حقن ۽ دستاويزن، خوبصورت قراردادن، خيالن ۽ محنتن سان مڃيل انساني حقن کي هڪ جهٽڪي يا لوڏي جو خطرو آهي.

نظر وجهون ته دنيا جي آبادي‌ءَ جو وڏو حصو انهن سماجي، سياسي، معاشي ۽ تمدني حقن کان وانجهيل آهي. ڪائنئ مختلف طريقن سان حق کسيا ويا آهن. سياسي ڊپاءُ عام جام آهي، غير انساني سلوڪ حڪومتن جو وڃڻ رواج ٿي پيو آهي. جتي به باضمير ماڻهو پرامن طريقي سان اٿي بيهي انهن کي للڪارين ٿا يا احتجاج ڪن ٿا، انهن کي يا ته قتل ڪيو وجي ٿو يا موت جون سزائون ڏنيون وجن ٿيون. انهن کي فائرنگ اسڪاڊس جي اڳيان بيهاريو وجي ٿو يا گم ڪيو وجي ٿو.

انساني خلاف ورزين جي نتيجي ۾ لکين ماڻهو بکايل، بيمار، روزانو جنگيون، گرفتاريون، ٽارچر ڪئمپون، ريپ (زنا)، گمشدگيون، سماجي بي انصافيون، سياسي ظلم، مذهبي جهڳڑا، نسلي دوريون ٽين پيون. وڃڻ کا شيءِ تبديل ٿي ئي ڪانهي، وڃڻ ته ماڻهو، ماڻهو نه پر مرون آهي.

حالانڪ دنيا کي اڳ جي پيڙ ۾ وڌيڪ ڪاڏو ۽ دولت آهي. هن دنيا کي ظلم، زبردستي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، جبر ۽ تشدد کان سواءِ ئي خوشحال ٻڌائي سگهجي ٿو. ڪيترا نه سائنسدان، انجنيئر پيدا ٿيا آهن ۽ هن وقت مهارت 18هين ۽ 19هين صدي‌ءَ جي پيڙ ۾ پنجوڙي آهي.

هن سڃي وايومنڊل کي ڏسندي، گڏيل قومن طرفان ويانا (اسٽريا) جي گادي‌ءَ واري شهر ۾ ٿيل انساني حقن جي ڪانفرنس پنهنجي نوعيت جي اهم ڪانفرنس آهي. هن کان اڳ اهڙي عالمي

ڪانفرنس 1968ع ۾ ايران جي گاديءَ واري شهر تهران ۾ منعقد ٿي هئي. هيءَ ڪانفرنس به گڏيل قومن جي نگرانيءَ هيٺ ٿي، جنهن ۾ 180 ملڪن جا نمائندا، NGO's، انساني حقن جون عالمي ۽ علائقائي تنظيمون، ڄاتل عالمي انساني حقن جا دانشور، نوبل انعام ڪٽندڙ ۽ صحافي شريڪ ٿيا. جنرل اسيمبليءَ طرفان هن ڪانفرنس کوڻائڻ جو مقصد رڳو هي هو ته:

"اهڙيون تجويزون تيار ڪجن جو گڏيل قومون انساني حقن جي بچاءَ واري سرشتي کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائي سگهن."

هيءَ ڪانفرنس ڪن خاص ملڪن جي اپيلن ۽ درخواستن تي ڪونہ گهرائي وئي ته ڪو هو انساني حقن جو تحفظ چاهين ٿا يا انهن جو بچاءَ ڪرڻ گهرن ٿا، پر هيءَ ڪانفرنس نتيجو آهي انساني حقن ڏانهن دنيا جي مختلف خيالن، سوچن، تصورن ۽ علائقائي نقطہ نگاهہ جي ڪمزوريءَ جو، جوتہ سڄي دنيا جا ملڪ ۽ لاڳاپيل ڌريون هن بنيادي سچائيءَ سان ايمانداري ڏيکارڻ ۾ ناڪام ويون آهن ۽ انساني حقن جو ملڪي ۽ بين الاقوامي تحفظ نہ ڪري سگهيون آهن.

ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته هن دنيا جي ڪنهن به ملڪ جو اهڙو نظام نٿهيو ئي ناهي، جنهن ۾ آزاد انسان ۽ باضمير ماڻهو جي رهڻ جي گنجائش هجي.

ڪانفرنس ۾ ايجنڈا ته تمام گهڻي ڊگهي هئي، پر ان جا خاص نڪتا ۽ بحث جا موضوع هي هئا:

- ڌرتيءَ جي اصل وارثن (ڌرتي ڌڻين) جي حقن جي ضمانت ۽ تحفظ لاءِ بين الاقوامي سال ملهائڻ.
- انساني حقن جي عالمي پڌرنامي کان پوءِ انساني حقن جي صورتحال تي ڳوڙهو غور ويچار ڪرڻ.

- مشڪلاتن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ چنڊچاڻ ڪري انهن تي ضابطا رکڻ لاءِ تجويزون ۽ دستاويز تيار ڪرڻ.
- جمهوريت، خوشحالي، عالمي انساني حقن جي تحفظ جي تعلق تي بنيادي سياسي، معاشي، سماجي، تمدني ۽ شهري حقن جي نسبت سان بحث ڪرڻ.
- تبديل ٿيل حالتن ۾ عورتن، ٻارن ۽ ٻين متاثر ٿيندڙن جي انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ.

ڪانفرنس جي لاءِ ڊسمبر واري ايجنڊا کان پوءِ ڪيئي بحث ٿيا آهن تہ:

"دنيا جي ويجهڙائيءَ وارين تبديلين جي ڪري امير ملڪن، اسرندڙ ۽ غريب ملڪن کي فوجي ۽ ٻيون امدادي ڏئي انهن ملڪن جي سالميت ۽ سياسي مسئلن ۾ مداخلت وڌائي ڇڏي آهي ۽ امداد ڏيڻ وارين شرطن ۾ هڪ شرط اهو ٻہ آهي تہ امداد ان ملڪ جي انساني حقن جو رڪارڊ ڏسي ڏني ويندي، انهيءَ ڪري غريب ملڪن ۾ اهو بحث عام آهي تہ، "اولهہ جا ملڪ پنهنجو انساني حقن جو تصور اسان جي بدليل حالتن ۾ زوريءَ مڙهي رهيا آهن. ملائيشيا تہ ڪليل لفظن ۾ چيو تہ امداد جي ڪري اسان تي سياسي دباءُ آهي.

پر انساني حقن جي تنظمن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن امداد انهن ملڪن جي انساني حقن جو رڪارڊ ڏسي ڏني وجي تہ پوءِ آمريڪا کي اسرائيل، مصر ۽ ترڪيءَ ڏانهن رويو بدلائڻ گهرجي. (آمريڪا هن سال رڳو اسرائيل کي 18 ارب آمريڪي ڊالر ۽ مصر کي 44 ارب آمريڪي ڊالر امداد ڏني آهي.) ڇوتہ اسرائيل، مصر ۽ ترڪيءَ جو انساني حقن جو رڪارڊ خراب آهي. اسرائيل ۾ ٽارچر عام جاري آهي، سواءِ ڪنهن ڪيس جي موت جون سزائون،

گرفتاريون، گمشدگيون عام جام آهن ۽ ترقي يافته ملڪن جو امداد وارين پاليسين جو رويو ايشيا ۽ ٻين غريب ملڪن ڏانهن ٻيو آهي.

ٻئي طرف 34 ايشيائي، پئسفڪ ۽ عرب ملڪن اپريل 93ع جي ٻنڪاڪ واري علائقائي انساني حقن جي ڪانفرنس ۾ هڪ پڌرنامي پڌرو ڪيو آهي، جنهن کي ٻنڪاڪ ڊڪليريشن سڏجي ٿو، جنهن ۾ ايشيا، عرب ۽ غريب ملڪن جو موقف آهي ته، "انساني حقن جي صورتحال ۽ تبديلي اندرئين (داخلي) هجي، نڪي خارجي (ٻاهرئين.)"

اَنُ (ڪاڏ خوراڪ) اڳ ۾ -انساني حق پوءِ:

اڄا صاف ۽ تکن لفظن ۾ زور ڏنو ويو آهي ته ايشيا، پئسفڪ ۽ ٻين غريب ملڪن ۾ انساني حقن جو تصور ۽ معيار محدود آهي. اسين انهن حقن کي پنهنجي تاريخي، مذهبي، تمدني ۽ ثقافتي دائري ۾ ڏسون ٿا ۽ قومي آزادين ۽ ملڪي سالميتن جي گهر ڪندي مطالبو ٿا ڪريون ته انساني حقن جو اولهه وارو تصور اسان تي سياسي دٻاءُ آهي. اولهه جي ملڪن ۾ هم جنس پرستي، فرد جو حق تسليم ٿيندو پيو وڃي ۽ ڪجهه ملڪن ۾ عورتن جي آزاديءَ وارو مسئلو پيچيدو آهي. جهڙيءَ طرح عرب ملڪ عورتن جي آزاديءَ کي قرآن جي پيٽ ۾ ڏسن ٿا. عرب ملڪن ۾ ته عورت کي ووٽ جو اختيار به نه آهي.

ايمنسٽي انٽرنيشنل، انساني حقن جي عالمي ڪميشن، وچ ايشيا ۽ ٻين تنظيمن، عالمي انساني حقن جي ٻنڪاڪ پڌرنامي جو سختيءَ سان نوٽيس ونندي ۽ ردعمل ظاهر ڪندي اعلان ڪيو ته: "انساني حقن جي تصور کي به طرفو ورهائي نٿو سگهجي."

روزاني عبرت فيبروي، سيپٽمبر 1996ع

تعليم لاءِ تڙپ کان محروم ماڻهو ۽ ذهني بغاوت ذريعي سماج بدلائڻ جي ضرورت

تعليم پلا آهي ڇا؟ ڇا اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ حاصل ڪيل علم جو نالو تعليم آهي؟ يا اها ڪا ڏار ۽ مختلف شيءِ آهي؟ "مارڪ کي سمٿ" ان ڏس ۾ تعليم جي وصف اها ٻڌائي ته، "تعليم سچائي ۽ ٽي سگهڻ جهڙين ڳالهين کي دعوت ڏيڻ جو عمل آهي. هر شخص کي سندي زندگيءَ ۾ احترام سان عقل ۽ ڄاڻ سکڻ جو موقعو ملڻ کي تعليم چئبو آهي." تعليم سياسي ۽ فڪري بحثن جو به ذريعو رهي آهي. تعليم جي اثرن تي مختلف نظرين کان بحث مباحثو ڇانيل آهي، ته تعليم کي ڪيئن پيدا ڪري وڌائجي ۽ ان جي مالياتي فنڊنگ ڪيئن ڪئي وجي. مثال طور، تعليم جو حاصل مطلب يا آخري نتيجو ڇا آهي؟ جواب آهي ته تعليم ماڻهن جي صلاحيتن کي وڌائي ٿي، جنهن سان اجرت ۽ انساني سرمايو وڌي ٿو. تعليم سمجهڻ گهرجي ته اها ماڻهن ۾ ڪيل سيڙپ آهي. سيڙپڪاري جي اصولن مطابق "جيتري سيڙپ، اوتري ئي پيداوار."

ان فڪري بحث جو ٻيو ٽُڪتو اهو آهي ته تعليم جو سماجي ڪردار ڇا آهي؟ ان جو جواب اهو به ٽي سگهي ٿو ته تعليم عملي سکيا، ڪيل هدايتن ۽ حڪمن جي پوئيواري ڪرڻ ۽ هڪ ٽولي يا Teamجي شڪل ۾ ڪم ڪرڻ سيکاري ٿي. تعليمي صلاحيت سماجي عمل وسيلي هر شخص کي بااعتماد ۽ قيمتي بڻائي ٿي.

تعليم جو هڪ ٻيو نظريو اسڪريننگ (جانچ پڙتال ڪرڻ) آهي. تعليمي سرشتو اسڪريننگ مشين وانگر درجي بندي ڪري

ٿو، جنهن سان گهٽا قابل ۽ انتهائي سرگرم، گهٽ قابل ۽ گهٽ متحرڪ ڪان ڏار ڪيا وڃن ٿا. جڳ مشهور تعليمي نظرئي دان پائولو فريئر 1973ع ۾ چيو هو تہ تعليم لاءِ هڪڙو خيال بئنڪنگ جي ڏنڈي وارو بہ آهي، جنهن ۾ جيڪي ڄاڻ رکن ٿا، سي پاڻ کي ڄاڻو سمجهي انهن کي ڄاڻ ڏين ٿا، جيڪي (انهن جي خيال ۾) خالي دماغ ۽ بنا ڄاڻ جي آهن.

اسان وٽ تعليم جو قسم ۽ ان بابت فڪري بحث ڪهڙو آهي؟ اصل ۾ پاڪستان ۾ ملڪ جي اشرافيہ لاءِ لبرل تعليمي نظام، غريب غربي لاءِ سرڪاري اسڪول ۽ ڇڇُ غريب لاءِ مدرسائي غير رسمي تعليم موجود آهي. لبرل تعليمي نظام معاشري ۾ ماڻهن جي سماجي فرقن کي نظرانداز ڪري اولهہ (West) جي تهذيب ۽ ان جي حاصل ڪيل نتيجن تي ڏيان ڏئي ٿو.

پاڪستان ۾ تعليم جا ڪيئي ۽ پوروچوٽ نظام پڻ موجود آهن، جيڪي انگريزي ۽ غير انگريزي، اردو (سرڪاري ۽ غير سرڪاري)، پرائيويٽ (فوجي ۽ غير فوجي)، رسمي ۽ غير رسمي، مدرسائي ۽ غير مدرسائي، اشرافيا ۽ غير اشرافيا، ڳوناڻن ۽ شهري تعليمي نظامن۾ ورهايل آهن. تعليم ۽ سکيا جا عمل پڻ مختلف آهن. ملڪ ۾ تعليمي نظام سماجي ۽ معاشي گروهن ۾ غير مناسب طور تي ورهايل آهن. ملڪ جو تعليمي نظام ۽ ان جي جوڙجڪ معاشي اٽبرابريءَ کي وڌائڻ جو سبب آهي. هڪ پاسي اسان جو تعليمي نظام پنهنجي خلاف، ٻئي پاسي نسلن جي خلاف ۽ ٽئين پاسي ڏرمن ۽ طبقن کي ورهائڻ وارو آهي. اميرن لاءِ هڪڙو آهي تہ غريبن لاءِ ٻيو. اسان وٽ يونيسڪو طرفان تجويز ڪيل بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ جو بہ ڪو احترام ڪونهي، نہ ئي اسان کي اعليٰ تعليم ڏيڻ لاءِ سائنس، رياضي ۽

انگريزي ٻوليءَ جون گهربل صلاحيتون آهن.

اسان جو تعليمي نظام ان ڳالهه سان واسطو ئي نه ٿو رکي ته ملڪي آزادي ڇا ٿيندي آهي. طبقاتي ۽ صنفي فرقن کان اهو نظام نه رڳو لاتعلق آهي پر نصاب جي حوالي سان ته بنهه نابين آهي. ان نصاب جو ڪم ئي نه وجي ته ڪنهن طبقي جي استحصال ۽ مسلسل قرلٽ تي هڪ به ڳالهه چوري وجي. اهو نصاب زمين تي پڙهايو ويندڙ اهڙو نصاب آهي جنهن جو هتان جي رهندڙ مخلوق سان ڪوبه واسطو ڪونهي، جنهن ڪري سکيل علم ۾ متاثر ڪرڻ جي ڪشش به ڏينهون ڏينهن گهٽبي وجي ٽي.

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته جيڪي پرائيويٽ ادارن ۾ ٿورو ٽڪو صنفي ظلمن، مرداڻي وحشيت ۽ انهن ظلمن تي ماڻ بابت پڙهايو وجي ٿو، ان جو اثر به گهٽو ڪري نه پڙهي سگهندڙ غريبن تي نه پوڻ فطري آهي. اسان جي نصاب تي ڏرمي اثرن ۽ انهن اثرن ۾ طئي ٿيل بندشن خلاف ڪابه ڳالهه ان ڪري به نه ٿي ڪري سگهجي، ڇوته اسان جا پاليسي ساز ادارا انهن سمورن ظلمن ۽ ڏاڍ کي اولهه جي پروپئگنڊا سمجهي پهريان درگذر ڪندا رهن ٿا ۽ ان وقت اهي سمورا ڪم پاليسيءَ جو حصو بڻجن ٿا، جنهن وقت يا ته وقت جي سرڪار کان ڳالهه چڙهي وجي يا وري عوامي دٻاءُ انهن جي سوچ کان گهٽو وڌي وجي.

تعليمي نظام بينڪي سماج جي باقيات آهي، مثال طور: هندستان ۾ ڪم ڪندڙ ٽامس بابنگٽن ميڪالي 1835ع ۾ چيو هو ته، "ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ڪجي جيڪي ڏسڻ ۾ هندستاني هجن پر ڳالهه، راءِ، اخلاق ۽ عقل ۾ انگريز هجن." انگريز جو ڇڏيل تعليمي ۽ معاشي نظام اڃان تائين جاري آهي. تعليم مارڪيٽ ۽ مندين جو وکر آهي، جنهن ۾ آزادي يا طبقاتي ۽ صنفي برابريءَ لاءِ

ڪاڪ تڙپ موجود ڪانهي، تنهنڪري ان تعليمي نظام مان پڙهيل ۽ بيوروڪريٽ پڻ بينڪيتي دور جي باقيات آهي، جنهن جا طور طريقا ساڳيا آهن. ساڳي غلامي، ساڳي فرمانبرداري ۽ ساڳيو سرشتو. اسان جا گريجوئيٽ پاڻ آقائن جا بابو بڻجي ڪم ڪرڻ ۾ خوش آهن. غلام تعليم صرف غلام ذهن پيدا ڪري سگهي ٿي، ان تي حيرت ٻه اجائي آهي.

اسان اهو ڏٺو آهي ته لبرل تعليمي نظام ذهني آزاديءَ جي خلاف آهي، اتان پاس ٿيل حڪمران طبقن لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن، بلڪل ايئن جيئن ڪو يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪندڙ نوڪريءَ لاءِ وڏيري جي نوڪري ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو. ٻئي پاسي، وڏيرا جن جا ٻار دنيا جي وڏن ادارن مان تعليم حاصل ڪن ٿا، اهي حڪمران طبقي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪن ٿا. مطلب ته غلامن جو واپار بنا ساهيءَ جي نسلن کان جاري آهي.

يونيورسٽيون يا اعليٰ تعليم جو نظام پڻ مٿئين صورتحال جو مظهر آهي. يونيورسٽين ۾ نئين علم جي تخليق ۽ تحقيق ناهي ۽ نه ئي وري کي مارڪيٽ لائق صلاحيتون موجود آهن. ڊگرين ۾ جيڪي به مهارتون حاصل ڪيل آهن، اهي يا ته بي ترتيب يا ته اڻ پوريون مهارتون آهن، يا ته مارڪيٽ ۾ انهن جي مهارتن جي ضرورت ئي نه آهي. ورهين کان پراڻو نصاب، ليبارٽريون اٽلي. عملي ميدان ۾ ڪاڪ تربيت نه. نه ته ڪو درس ۽ تدريس جي علم ۾ جديد طريقن جواستعمال، نه ڪا نواڻ، نه ئي تعليم ۽ تدريس ۾ ٽيڪنالاجيءَ ۽ جديد عملن سان هڪجهڙائي آهي. پاڪستان ۾ شايد ئي ڪجهه يا نه هڪ برابر يونيورسٽيءَ جا استاد هوندا، جيڪي بين الاقوامي سطح تي تدريس جي علم ۾ قابليت

رکندڙ هجن، نہ ئي اعليٰ تعليم جي ڪميشن وٽ تدريس جي علم جا اهڙا پروگرام آهن. هينئر تہ دنيا ۾ اعليٰ تعليم جو تصور ئي يونيورسٽين جي قابليت ۽ صلاحيت کي ان آڌار تي پرکيو وڃي ٿو تہ يونيورسٽيون روزگار لائق گريجوئيٽ پيدا ڪري سگهن ٿيون يا نہ. يونيورسٽين تي يا تہ جاگيردارن جو قبضو ۽ ڪنٽرول آهي يا غير موثر قيادت جو قبضو آهي. اهي اهڙا علمي ادارا آهن جيڪي بيروزگارن جي ڊگري يافتہ فوج پيدا ڪن ٿا يا وري ائين چئجي تہ تعليم يافتہ ۽ نيم مهارت رکندڙ نوجوانن جو وڏندڙ تعداد، جن لاءِ نہ مارڪيٽ موجود آهي، نہ وري انهن جي اهليت آهر ڪي رستا موجود آهن. جيڪي پڙهائين ٿا، اهي انهن جي فيڪلٽي جا عهدا ۽ انهن جا علمي پروگرام، تعليمي ڊگريون مشڪل سان ملڪي يا عالمي سطح تي تسليم ٿيل آهن.

عورتن جي واسطي تعليمي نظام ورهايل آهي، لڳ ڀڳ 79 سيڪڙو ڳوٺاڻيون عورتون اڻپڙهيل آهن، لڳ ڀڳ ستر ڪان اسي لک ڪان وڌيڪ ٻار رڳو سنڌ صوبي ۾ اسڪولن کان ٻاهر آهن. ان جو مطلب ڇاآهي؟ تعليمي نظام اوهان لاءِ آهي ئي ڪونہ.

شاگرد يونين تي ڊگهي عرصي کان منظم پابندي آهي. مستقبل جي سياسي قيادت صرف جاگيردار ۽ ملڪيت يافتہ طبقن يا طاقتور جنرلن لاءِ محفوظ آهي. تعليمي ادارا سرڪاري ڪلارڪ پيدا ڪري سگهن ٿا يا غير رسمي معيشت لاءِ غير رسمي پورهيت.

هتي معاشي اڻبرابريءَ جي انتها آهي. 63 سيڪڙو ڳوٺاڻي آبادي بي زمين آهي، 42 سيڪڙو اڻ پڙهيل آهن. وڏي اڪثريت جي گهٽائيءَ وٽ ڪا ملڪيت ڪانهي. حڪمراني وڏيري ڪلاس وٽ آهي. يونيورسٽيون حڪمران طبقو پيدا ڪرڻ جي سگهہ نہ ٿيون

رکن. تعليمي پاليسي سازيءَ جي تاريخ ۾ سمورين 25 تعليمي پاليسين، رٿائن ۽ اسڪيمن عالمي خواندگيءَ جي شرح حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي حاصل ڪئي آهي. نہ غريب عوام کي معياري تعليم تائين پهچ آهي ۽ نہ ئي آئين جي آرٽيڪل 25 اي تحت، "رياست قانوني طور پنجن کان چهن سالن جي عمر جي سيني ٻارن کي مفت ۽ لازمي تعليم مهيا ڪندي." ان تعليم جي بنيادي حق جو ڪو تحفظ ڪيو آهي.

سڄي ملڪ ۾ 44 سيڪڙو يا 22.5 ملين شاگرد اسڪولن کان ٻاهر آهن. پاڪستان ۾ مجموعي طور تي، 73 سيڪڙو ٻارن جي 5–16 سالن جي عمر (ڪلاس 1 کان 10) سيڪنڊري اسڪول جي آخري درجي ۾ پهچڻ کان پهريان خارج ٿي وڃن ٿا.

هندستان کان ڏار ٽيڻ وقت اسان جي خواندگيءَ جي شرح صرف 16 سيڪڙو هئي ۽ هاڻي 2020ع ۾ اسان جي سنڌ ۾ خواندگي مجموعي طور تي 57 سيڪڙو آهي. مرد 68 سيڪڙو ۽ عورتن ۾ 44 سيڪڙو خواندگي آهي. سنڌ ۾ ڳوناٽين عورتن ۾ خواندگي 21 سيڪڙو آهي. شرم جي ڳالهه آهي تہ ايڪويهين صديءَ ۾ اسان جون 79 سيڪڙو ڳوناٽيون عورتون اڻ پڙهيل آهن. اهو شرمناڪ معاملو آهي. هن ناڪاميءَ جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ تعليمي نظام اسان جون سماجي ۽ معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ کان قاصر آهي.

هاڻي ڇا ڪجي؟

"هڪ طرف سماجي ۽ معاشي اڻ برابريءَ کي تبديل ڪرڻ جي گهرج آهي، تہ ٻئي پاسي سماجي حالتن ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ درست تعليمي نظام جي گهرج آهي. اسان کي پاڻ بابت سمجهڻ

گهرجي تہ اسين ڇا آهيون ۽ هاڻي ڪٿي بينا آهيون؟ اسان صدين کان ذهني، جسماني ۽ معاشي طور غلام بڻيل آهيون، ان ڪري اسان کي لازمي طور محنت شروع ڪرڻ گهرجي." هينئر اسان کي تعليم جي وڏي ڳڻتي هئڻ گهرجي. سڀ کان اڳ پنهنجو تعليم لاءِ لهجو هاڪاري پيدا ڪرڻ گهرجي. ذهني بغاوت پاڻ کي ۽ سڄي سماج کي بدلائڻ جي هڪ وڏي وٽ آهي.

تعليم جي آزادي ڄاڻ منتقل ڪرڻ کي نہ ٿو ڪوٺي سگهجي. سمورن سماجي ۽ معاشي مامرن کي منهن ڏيڻ واري تعليم، جيڪا موجوده طبقي يا جبر واري حڪم کي چئلينج ڪري، ٽوڙي ۽ تخليق ۽ تحقيق جا رستا کولي ۽ وڌائي. استاد ۽ شاگرد گڏيل پورهيو ۽ ذميداري ادا ڪري اڳتي اچن. عوام کي تعليم جي ضرورت آهي، جيڪا تعليم صدين کان مردن توڙي عورتن جي غلامي ۽ عورتن جي مردن هٿان غلاميءَ کان نجات ڏياري، جيڪا پنهنجو پاڻ کي سماجي ۽ اقتصادي استحصال کان آزاد ڪري، ان تعليم جي ضرورت آهي.

Daily Kawish, July 17, 2020

سنڌ جون مادر علميون ۽ اسان جي ايندڙ پيڙهين جو مقدر

سنڌ ۾ اعليٰ تعليم کي ان جي سياسي، سماجي، معاشي، تعليمي سرشتي جي پسمنظر ۾ سمجهڻو پوندو.

توڙي جو گذريل 70 سالن جي اعليٰ تعليم جي تاريخ مجموعي نقطئ نظر کان کا چگي نه رهي آهي، چاکاڻ ته ان جو ملڪ ۽ سنڌ جي مجموعي ترقيءَ ۽ ان جي حاصلات ۾ ڪو تعريف جوڳو حصو يا ڪردار بحث طلب آهي. جيڪڏهن عام طور ڏنو وجي ته اسان وٽ هينئر به ملڪي ۽ بين الاقوامي معيار جون يونيورسٽيون يا ته اڻ لڀ آهن يا وري جڻ ته قائم ئي نه ٿيون آهن.

يونيورسٽين جي تعليمي پروگرامن، تحقيق ۽ سماج ۽ صنعت سان لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو ڪافي ڪمزور آهي. تعليمي پروگرامن جو معيار، تحقيق، خدمتن ۽ سهولتن جي اٽاڻ، ملڪي ۽ صوبائي گهرجن ۽ درپيش مشڪلاتن ۽ اوليتن جي باري ۾ سنجيده مقصد لاءِ پاڻ پتوڙڻ يونيورسٽين جي مالي ۽ انتظامي معاملن جي صلاحيت ۽ اڳواڻي ۽ ٻيا انيڪ مسئلا ۽ مونجهارا آهن.

ٿيڻ ته هينئن گهربو هو ته اعليٰ تعليم جي منزلِ مقصود لاءِ گهربل بحث ۽ سماج سان لاڳاپيل ڏرين سان صلاح مصلحت ۽ شموليت سان جڙيل هڻڻ گهرجي ها، جيڪو ڳانڍاپو ٽٽل نظر اچي ٿو.

اعليٰ تعليم ۽ خاص ڪري درسگاهن جو سماج جي معاشي، سماجي ۽ سياسي ڍانچي جي عڪاسي ڪن ٿيون. سماجي طاقت جا

ڊانچا جاگيرداري سماج جي ڊانچي ۽ نوعيت جا آهن تہ اتي يونيورسٽيون بہ ان سماجي ۽ طاقت جي ڊانچي جو حقيقي عڪس آهن. رڳو سندن شڪليون، ماهيتون ۽ منظر، ڊانچا ۽ علائقا ۽ اثر مختلف آهن. خود يونيورسٽين جي اندر بہ ادارن جا ڊانچا، اختيار ۽ وسيلا جاگيرداري سماج جي ڊانچي وانگر مٿان کان هيٺ سرشتي ۾ ڪم ڪن ٿا. يونيورسٽين جا انتظامي ڊانچا جاگيرداري طرزِ عمل وانگر آهن، جنهن جي مٿان هڪ وڏو جاگيردار وينل آهي. ڪيس جديد زماني ۾ چانسلر سڏجي ٿو، جيڪو پنهنجي ماتحت هڪڙا ننڍا وائيس چانسلر/جاگيردار/ڪمدار پنهنجي پنهنجي جاگيري علائقي ۾ سندن لياقت، وفاداري، خدمت ۽ غلاميءَ جي تجربي آهر پرتي ڪري ٿو.

جاگيرداري بادشاهت جي اندر بہ جاگيرداري نوعيت ۽ ماهيت ادارن جي اندر بہ ساڳي صورتحال آهي. ادارن جي اندر بہ جاگيرون ننڍين ٽڪرن ۾ طاقت ۽ اختيارن ۾ ورهايل آهن. يونيورسٽين جي اندر بہ ننڍا ننڍا ڪمدار پنهنجي من پسند علاقن ۾ ورهائي ڏنا ويا آهن. انهن کي موجوده زمانن ۾ اوهان ڊپارٽمينٽ يا فيڪلٽيون چئي سگهو ٿا جن تي جاگير جي ڪمدارن جو قبضو آهي. سندن جاگير ۾ طاقت ۽ اختيارن جو استعمال جاگير جي عالمي اصولن، جهڙوڪ: صاحب بهادر جي نوڪري ۽ چاپلوسي ڪرڻ، وفاداري ۽ جفا جا پئمانا عهدا ائين ڪم ڪن ٿا تہ جيئن پنهنجن مالڪن ۽ آقائن کي خوش ڪري سگهجي. جاگيرداريءَ جي اها شڪل پنهنجي علائقي ۾ علائقائي نوعيت جي هينئين سطح جي آهي، جاڪاڻ تہ اصل طاقت جا سرچشما اختيار جاگير جي اصل نمائندن وٽ يا حد جي سياستدانن وٽ هوندا آهن، جاڪاڻ تہ آقا جو حڪم ۽ طاقت خاص طور هينانهين سطح تي ننڍين ننڍين جاگيرن ۽ سندن رکيل

ڪمدارن ۽ خاص ماڻهن جي هٿ هيٺ هوندو آهي، انڪري ان جي دلچسپي ايتري ته هوندي آهي، چاڪاڻ ته آقائن کي خبر هوندي آهي ته جاگير جي انتظامي معاملن کي هلائڻ لاءِ ڇهن ڪمدارن ۽ واڻن جي هڪ وڏي فوج تيار ٿيل آهي، جيڪا ڪمال مهارت سان جاگير جي علائقي جو انتظام ۽ جاگير جو تحفظ ڪرڻ ۽ هلائڻ جي بنيادي ڄاڻ رکي ٿي.

يونيورسٽين جي اندر رکيل نندا جاگيردار پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ اختيار جو ناجائز استعمال ڪرڻ سان گڏ پنهنجي پسند جا ملازم، آفيسر، استاد ۽ ٻيو عملو رکڻ ۾ ڪمال جي مهارت سان پرتي ڪندا آهن ۽ ان ڳالهه جو يقين ڪندا آهن ته موجود ۽ نوان پرتي ٿيندڙ آفيسر، استاد ۽ ملازم پنهنجي اجوري جي موٽ ۾ وقت بوقت نه رڳو جاگير جي آقائن جي خوشامد ۽ وفاداريءَ جي فن ۾ پڙ هجن، پر وقت بوقت آقائن جي شان ۾ قصيدا به ڳائيندا هجن. ظاهر آهي ته کين اجرت ئي ان ڪم جي مليل آهي. يونيورسٽين ۾ رکيل ڪمدارن کي جاگير جي مڪمل ڄاڻ، جاگيري اخلاقيات ۽ قدرن جي چڱي خاصي ڄاڻ هوندي آهي ته جاگير تي ڪنٽرول ڪيئن قائم رکجي، غلامن، ڪمدارن ۽ وهائو مزدورن کان انتظامي ڪم ڪيئن ونجي. تقريباً سمورن ڪمدارن کي پنهنجن وسيلن، ڏانچن، اختيارن جي مڪمل ڄاڻ هجي ٿي.

سندن مڪمل ڪم هي آهي ته پنهنجي چاهيندڙن، خوشامد پسند لاڙڙين ۽ واڻن جي اڳواڻي ڪيئن ڪرڻي آهي. کين پنهنجي آقائن جي عظمتن، وفادارين جي ڪنيل قسمن جو پرم ڪيئن رکڻو آهي، ته جيئن آقائن جي روحاني تسڪين لاءِ وقت اچڻ تي پنهنجين جانين ۽ رت جي قربانين ڏيڻ کان به نه ڪيڻائين.

ڪمدارن کي پنهنجن آقائن لاءِ جاگير جي فني حساب ڪتاب، مالي ۽ انتظامي معاملن تي نظر رکڻ لاءِ اهڙي انتظامي مشينري تمام ضروري آهي، جيڪا وقت سر پنهنجن آقائن جي عظمت جو بار بار ورجاءُ ٻه ڪندي رهي.

سنڌ ۾ يونيورسٽيون مٿين طاقت جي ڊانچي جو حقيقي عڪس آهن. سنڌ ۾ يونيورسٽيون بينڪي ۽ جاگيري نظام جون سڀ پڇ حقيقي مظهر آهن، جن کي وقت جا سياسي بادشاهه ۽ آقا وقت جي وهڪري جي ابتڙ پنهنجين خواهشن، جاگيري اختيارن، ذاتي پسند ۽ ناپسند، گهٽي پاڳي علم ۽ اخلاق کان وانجهيل، غير تعليم يافته ڪرپٽ ڪمدار يونيورسٽين تي مڙهيل آهن، جن جو تعليمي لياقت، اڳواڻي، ڏاهپ، سوچ ۽ علمي لياقت سان گهٽي پاڳي واسطو ئي نه آهي.

اهڙا ڪمدار عوام جي اکين ۾ ڏوڙ وجهي، بظاهر عوامي اشتهارن جي ذريعي پر پنهنجين اوطاقن جي اندر فيصلا ڪري ۽ پاڻ کان مٿانهن آقائن جي راضپي ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر پرتي ٽيل آهن. توڙي جو ادارن جي اندر ٻه ڪم ڪندڙ تعليمي ۽ تحقيقي ڪائونسلرن ۽ سينيٽ جي ميمبرن جي پرتي ٻه آقائن جي پنهنجي پسند ۽ ناپسند تحت ٽيل آهي. دنيا جي عالمي اصولن مطابق يونيورسٽيون استادن، شاگردن ۽ ملازمن جو خود اختيار، طاقت ۽ اختيارن جي ذريعي هلائڻ جون روايتون آهن. اهڙن معتبر ادارن ۾ پرتي ٽيلن جون جيڪڏهن اخلاقي تعليمي قابليتون ۽ تجربا جاچي ڏسجن ته خبر پوندي ته گهڻن جا هٿ مالي ۽ انتظامي بدعنوانين ۽ ڪرپشن ۾ ڪارا نظر ايندا.

سچي ڳالهه هيءَ آهي ته اعليٰ تعليم ڪڏهن ٻه حڪمرانن/پاليسي ساز ادارن جي ترجيحن ۾ نه رهي آهي. هميشه

ملڪ جي سيڪيورٽي، دفاع ۽ ٻين خطرن جي پيشِ نظر وسيلن جي اٽاڪ جو سبب ڄاڻائي سياست جي نظر ڪيو ويو آهي. ان ۾ ٻه ڪو شڪ ناهي ته اعليٰ تعليم ملڪ جي ترقيءَ ۽ واڌاري واري حڪمت عمليءَ کان ڪٽيل ۽ ڏار ڪيل آهي. ملڪ جي وسيع ترين قومي مفادن وٽان ٻه نہ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پوئتي پيل سماج ۾ پوئتي پيل يونيورسٽين ۾ تعليمي پروگرام، تحقيق جا معيار، سهولتون ۽ نصاب ٻه پوئتي پيل، غير معياري ۽ مدي خارج آهن. انهن جو وقت جي مطابقت سان ڪو تعلق ئي نہ آهي. يونيورسٽين جي بجيٽ پهريان ئي نہ هئڻ جي برابر آهي، ويتر انهن جي ڪرپٽ ۽ غير معياري اڪواٽين، استادن جي پگهارن، انتظام هلائڻ ۽ واڌو روزگار تحت پرتين رهيل سهيل ڪسر ٻه پوري ڪري ڇڏي آهي. هينئر ته يونيورسٽين کي پنهنجي عملي ۽ استادن ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پگهارون ۽ پينشنون ڏيڻ جا ٻه پئسا ڪونہ آهن. يونيورسٽين کي اعليٰ تعليمي ادارا ناهڻ ته نهيو، انهن کي بين الاقوامي معياري ادارن جي ماپن ۽ تورن تي بيهارڻ اڃان ٻه پري جي ڳالهه آهي. سنڌ جون يونيورسٽيون ته قومي ادارن جي لسٽ ۾ ٻه پوئتي پيل آهن.

هئڻ ته هينئن ڪپندو هو ته يونيورسٽيون ڄاڻ، تحقيق ۽ نئين علم پيدا ڪرڻ جون فيڪٽريون هجن ها، جتي بحث مباحثو ڪرڻ، اختلاف ڪرڻ، ملڪ ۽ قوم جي تقدير سنوارڻ سان گڏ علم، فڪر ۽ روشنيءَ جا درياهه وهڻ گهرجن ها، جتي شاگرد ۽ استاد بي خوف ٿي پنهنجن ۽ پراون، دشمنن ۽ دوستن، هم خيالن ۽ فڪرن کي پکيڙين ها، ڇپائين ها ۽ ان جي تشهير ڪري سگهن ها.

پر ان جي جڳهه تي يونيورسٽي علمي طرح پوئتي پيل، فڪري پستي، تعليمي آزاديءَ جو نہ هجڻ، شاگرد يونين تي اڻ

اعلانيل بندش، استادن ۽ شاگردن جي حراسمينٽ، قتل ۽ خودڪشين جا واقعا، بدعنواني، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ، بي قائدگيونان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿيون ته يونيورسٽيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو صحيح نه آهي.

يونيورسٽين کي پرائمري اسڪول ۽ ضابطي وارا جيل ڪري هلايو وجي ٿو، جتي سيڪاريندڙ ۽ سکندڙ جي وچ ۾ سکڻ جو عمل سندن ضابطي ۽ ڪنٽرول هيٺ نه آهي.

بدقسمتي چئجي يا ڏڪ ڪجي ته 72 سالن ۾ بيپناهه ٽيڪنالاجين ۽ فني ترقين جي باوجود اسان جي حڪمرانن نه ته تاريخ مان سکيو آهي ۽ نه ئي وطن، قوم ۽ عوام جي باري ۾ سنجيده رويو رکيو آهي. حڪمرانن جو يونيورسٽين ڏانهن رويو ڏسي ۽ استادن ۽ پروفيسرن جي حالت مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حڪمران اڄ به يونيورسٽين جو اڳواڻ/وائيس چانسلر انهن کي مقرر ڪندا آهن جيڪي خاص ڪري رٽائرڊ ڪامورا هوندا آهن. رڳو ان مان ئي حڪمرانن جي اعليٰ تعليم ڏانهن رويي ۽ سوچ جي آسانيءَ سان نشاندهي ڪري سگهجي ٿي.

حل ڇا آهي؟

سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي پوئتي پيل صورتحال کي غور سان جاچجي. پوري نظام ۽ سرشتي جو قبلو درست ڪري ۽ صحيح رخ ۾ هلائڻ لاءِ:

- ان کي وطن ۽ قوم جي اهم منزلن ۽ مقصدن سان ڳنڍجي.
- ان جي گورننس جي انتظام، ادارن ۽ اڳواڻيءَ جي لياقتن کي بهتر بڻائجي.
- يونيورسٽين جي مدي خارج انتظامي ڍانچن ۽ ان جي ڳاڻاپن کي ٽيڪنالاجي، نصاب، پڙهائڻ جي فلسفن، سهولتن ۽ بين الاقوامي معيار تي لاهڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙجي ۽ رٽابندي ڪجي.

- هڪ طئي ٿيل ڊانچو ۽ منزل ۽ مقصدن جو تعين ڪري هن سسٽم/نظام کي بدلائي 21هين صديءَ جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ وارين يونيورسٽين ۾ تبديل ڪجي، جيڪي وطن ۽ قوم جي وسيع مفادن جي ويجهو هجن، ان لاءِ ٿوري ۽ ڊگهي عرصي جي رٿابندي ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ وري سياسي ارادي جي ضرورت آهي. بدقسمتي آهي تہ اسان جي حڪمرانن ۾ "سياسي ارادي" جي سخت کوٽ آهي.

ڪاوش اخبار 16 ڊسمبر 2019ع

سماجي شعبي جي بدحالي ۽ انسانن جي "صحتمند" هجڻ وارو سوال!

پاڪستان جو سماجي شعبو 72 سالن کان رياست جي مجرماڻي حد تائين غفلت جو شڪار آهي. ان جا ڪيئي سبب آهن، خاص طور انساني وسيلن ۾ سيڙپڪاري ۽ خاص طور صحت جو جيڪو حال آهي اهو ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي. صحت جي شعبي جي صورتحال ڏينهون ڏينهن بدتر ٿيندي پئي وڃي. حڪومت جون سموريون نيون ۽ پراٽيون صحت پاليسيون ناڪام، مدي خارج، حقيقت کان ڏور، انتظامي طور پوئتي پيل ۽ وقت جي رفتار کان ڏور نظر ايندیون. پاڪستان ۽ خاص طرح سنڌ ۾ صحت جا انگ اکر ڪي بنيادي طرح چگا نظر نہ ٿا اچن، مثال طور: 2018ع جي انگن اکرن مطابق 936 انسانن جي آبادیءَ تي صرف هڪ ڊاڪٽر آهي، تقريباً 9413 جي آبادیءَ تي هڪ ڏندن جو ڊاڪٽر آهي ۽ تقريباً 1600 آبادیءَ تي هڪ بسترو آهي. 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي موت جي شرح هڪ هزار جي آبادیءَ تي 74 ۽ ٻارڻن جي 1000 جي آبادیءَ تي موت جي شرح 62 قومي ۽ سنڌ ۾ 82 ۽ نون پيدا ٿيندڙ ٻارڻن جي موت جي شرح 42 سيڪڙو هڪ هزار نون ڄمن تي آهي. پاڪستان صحت جي شعبي ۾ سرڪاري شعبي ۾ خرچ تمام گهٽ، بلڪ نہ هئڻ جي برابر ڪري ٿو. سراسري عمر جي حد 66.6 سال آهي. عورتن ۾ ويم دوران، نئين ٻار جي ڄم جي موت جي شرح 1000 جي آبادیءَ ۾ 178 آهي. آبادیءَ جي واڌ جي شرح سراسري طرح 2 سيڪڙو آهي. پاڪستان صحت جي شعبي ۾ سراسري ڪل قومي پيداوار جو 0.97 سيڪڙو خرچ ڪري ٿو،

جيڪو هڪ سيڪڙو کان به گهٽ آهي. سنڌ ۾ تاريخي طرح صحت تي مجموعي خرچ 2017_18ع ۾ 88 ارب روپيا آهي. پاڪستان ۾ رجسٽرڊ ڊاڪٽرن جو تعداد به لک ويهه هزار آهي ۽ ڏندن جا ڪل رجسٽرڊ ڊاڪٽر 2259 آهن. نرسن جو تعداد تقريباً هڪ لک 8 هزار آهي. سنڌ ۾ بيمارين، اسپتالن جي حالت ۽ انتظام گهٽو ڳجهو ناهي. الٽو سرڪار پنهنجي ذميواري نيائٽ بدران صحت جي ڪجهه شعبن کي ڪمپني ايڪٽ تحت قائم ٽيل ادارن ۽ نجي سيڙپ ڪارن جي ذمي، ڪن پرائيويٽ ڪميٽين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. پرائيويٽ صحت جون خدمتون تمام مهانگيون آهن، جيڪي فطرتاً منافع بخش ڪاروبار لاءِ ڪم ڪن ٽيون.

سوال هي آهي ته سنڌ جي صحت جي باري ۾ سرڪار کي سنجيدگيءَ واري سوچ، مستقبل جي رٿابندي ۽ ڳٽتي ڪيتري آهي؟ صحت خالص انساني مسئلو آهي. صحتمند معاشرا صحتمند قومون پيدا ڪندا آهن. اسين ڏينهون ڏينهن صحت جي شعبي ۾ اڳتي وڌڻ بدران ڏکڻ ۽ اوپر ايشيا جي ملڪن جي پيٽ ۾ ڪافي پوئتي پئجي ويا آهيون. صحت جي باري ۾ ڪا واضح، عمل جوڳي پاليسي، ويزن، ڏسڻ ۾ ڪونه ٽي اچي. سول بيوروڪريسي ۽ سرڪاري ٽائيم پاس، غير سرڪاري مهارت وارو عملو، صحت جي باري ۾ وڏيرڪي سوچ ۽ عمل جو مظهر، پنٽي پيل ۽ دقيانوسي آهي. ائين اسين پنهنجن موجوده نسلن ۽ ايندڙ نسلن کي غير صحتمند، ڪاڌ خوراڪ جي گهٽتائي ۽ وبائي بيمارين سان گڏ، جهالت ۽ خطرناڪ موذي مرضن سان 21هين صديءَ ۾ داخل ٽي رهيا آهيون.

صحت جي باري ۾ دنيا جي ڪجهه ملڪن حيرت انگيز ڪارنامه سرانجام ڏنا آهن، انهن ۾ هڪ ميجيل ملڪ ڪيوبا آهي.

اولهه جا ملڪ ۾ عالمي ادارا ان ڳالهه تي يڪراءِ آهن ته سماجي ترقي ۽ خاص طرح صحت جي شعبي ۾ ڪيوبا جون ڪاميابيون بي مثال آهن. ڪيوبا اهي ترقيون ڪيئن ماڻيون ۽ طب جي شعبي ۾ سماجي ترقيءَ سان گڏ ڪيئن حيرت انگيز ڪارناما سرانجام ڏنا. ڪيوبا غريب ملڪ هئڻ جي باوجود، صحت جي شعبي ۾ 10.5 سيڪڙو سراسري مجموعي قومي پيداوار جو سالياني خرچ ڪري ٿو، پر غريب ملڪ هئڻ جي ناتي 8 ارب ڊالرن جو غير ملڪي سرمايو صحت جي شعبي مان ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن جي صحت جي خدمتن مان ڪمائي ٿو. ڪيوبا جي صحت جا بنيادي انگ اکر سڌريل ملڪن کان به وڌيڪ بهتر آهن، مثال طور: ڪيوبا جي 1000 جي آبادي‌ءَ تي ۽ نون ڄاول ٻارن ۾ موت جي شرح 6 سيڪڙو آهي. هڪ هزار جي آبادي‌ءَ تي 7.59 ڊاڪٽر ۽ فزيشن آهن ۽ 10 هزار جي آبادي‌ءَ تي 75 ڊاڪٽر آهن. جڏهن ته عالمي شرح 42.5 ڊاڪٽرن جي آهي. ڪيوبا ۾ عام ماڻهن جي سراسري عمر 79.1 سال آهي، جيڪا آمريڪا جي مقابلي ۾ هڪ سال وڌيڪ آهي. ياد رهي ته پاڪستان ۾ هڪ هزار جي آبادي‌ءَ تي صرف هڪ ڊاڪٽر آهي.

ڪيوبا صحت جي شعبي ۾ بي پناهه ترقيون ڪيون آهن، ڇاڪاڻ ته صحت جي شعبي جو نظام رياست جي هٿ ۾ آهي ۽ رياست نفعي بدران بيمارن جي تيمارداري‌ءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿي. ڪيوبا جو صحت جو نظام اولهه جي نجڪاري/ صنعتي صحت جي نظرداري‌ءَ جي مقابلي ۾ بنيادي بيمارين جو خاتمو، پروينٽو يا پهرين بچاءَ وارين دوائن جي اهميت کي سمجهڻ ۽ اجاگر ڪرڻ، بهتر جراحي يا سرجيڪل ٽيڪنالاجيون متعارف ڪرائڻ ۽ ڪميونٽي تي ٻڌل صحت جو نظام، ڪيوبا جون اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. ڪيوبا جي شاندار ڪارنامن ۾ گردن ٽوڙ بيماري‌ءَ جو

ٽڪو يا ويڪسين ايجاد ڪرڻ، منهي پيشاب واري بيماريءَ ۾ پير نہ ڪٽڻ جي ٽيڪنالاجي، سوريا سز ۽ وٹلائيگو (چمڙيءَ جون بيماريون) جي بيماريءَ جو علاج، ايڇ.آءِ.وي جي بيماري ماءُ کان ٻار تائين ڦهلجڻ کي روڪڻ جو علاج، ڦڦڙن جي ڪينسر جي ويڪسين يا بچاءَ جو ٽڪو ايجاد ڪرڻ شامل آهي. ڪيوبا ۾ بيمارين تي ڪنٽرول، سڄي ڪيوبا جي سموري عوام تائين صحت جي رسائي ڏيڻ ۽ تيمارداري ڪرڻ جي ذميواري کڻڻ شامل آهي.

ڪيوبا پنهنجي صحت جي ڊاڪٽرن کي "اڇي کوٽ واري فوج" سڏي ٿو. اها فوج نہ رڳو ڪيوبا پر لاطيني آمريڪا، آفريڪا ۽ ڪيترن ئي ايشيائي ملڪن ۾ صحت جون خدمتون سرانجام ڏئي ٿي. ڪيوبا جي ميڊيڪل اسڪولن ۾ ان جا لڳ ڀڳ 20000 ڊاڪٽر پڙهي نڪتا آهن ۽ سڄي دنيا جا 11 هزار ڊاڪٽر تعليم پرائي رهيا آهن. ڪيوبا جي صحت جو خرچ عالمي معيار مطابق مجموعي قومي پيداوار جي 10 سيڪڙو جي برابر آهي. آمريڪا 17 سيڪڙو مجموعي قومي پيداوار جي خرچ ڪرڻ باوجود ڪيوبا جي صحت جي نظام کان ڪافي پوئتي پيل آهي، جوتہ صحت آمريڪا ۾ منافعي ۽ ڏنڊي جو نالو آهي. ڪيوبا سڄي لاطيني آمريڪا ۾ تقريباً هڪ ڪروڙ ماڻهن جي اکين جون آپريشنون ڪري 'آپريشن معجزو' قائم ڪيو آهي. ڪيوبا ۾ هڪ ڪروڙ آباديءَ تي 33 ميڊيڪل اسڪول ۽ ڪالیجون آهن، جتان پڙهندڙ سڄي دنيا ۾ ڪيوبا جي بي مثال سالميت واري خوبيءَ هيٺ ڪم ڪن ٿا. توڻي جو ڊاڪٽرن جي پگهار 50 ڊالرن کان مٿي نہ آهي پر سندن خدمت ۽ جذبو اعليٰ انساني قدرن جي طرف اشارو ڪري ٿو. مٿي آيل انگن اکرن ۽ انهن جي پيٽ ڪرڻ جو مقصد آهي تہ

ڪيئن نہ غريب ۽ پوئتي پيل ملڪ جيڪڏهن سياسي ارادي سان پنهنجي وطن ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ چاهين ته اهو ناممڪن نہ آهي. اسان جي پوئتي پيل سماج ۽ ان جي صحت جي شعبي جي باري ۾ سنجيده رويو رکندي، دنيا جي بهترين ۽ قابلِ عمل تجربن مان سکڻو پوندو، جنهن لاءِ پهريون شرط 'سياسي ارادا' ۽ غيرت جو هجڻ لازمي جز آهي، پر بدقسمتيءَ سان اسان جي حڪمرانن ۾ سياسي سوچ جي گهٽتائي آهي. سندن نظر محدود ۽ عوام جي باري ۾ ڳڻتي ۽ فڪر نہ هڻڻ جي برابر آهي.

پاڪستان ۾ جي اسين صحت جي مسئلن کي لسٽ جي صورت ۾ پيش ڪريون ته اسان کي اها خبر پئجي ويندي ته اصل حقيقت ڇا آهي؟ اهي مسئلا سنڌ ۾ ته اجا بہ پيانڪ آهن. حڪمران طبقن وٽ توڙي سنڌ حڪومت وٽ اها اوليت آهي ئي ڪانہ ته هن ملڪ ۾ ڪي انسان رهن ٿا. پاڪستان ۾ ٻارن جي موت جو تناسب سموري دنيا ۾ ٽئين نمبر تي آهي. جيڪي 15 وڌا صحت جا مسئلا آهن، انهن ۾ مليريا، ٽي.بي، ڊينگي، ايڇ.آءِ.وي يا ايڊز، دست، دم، نمونيا، ساهہ جي نلڪي ۽ ڦڦڙن جو بيماريون، ڪامڻ يا جيري جي هيپاٽائيٽس، دل جون بيماريون، اسٽروڪ، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ذهني صحت، شگر جي بيماري، بلڊ پريشر اچي وجن ٽيون. سنڌ ۾ ته ڪاريءَ وارا ڪڪ آهن. ٻهراڙيءَ جي بيسڪ هيلٿ يونٽ ڪان وٺي، يونين ڪائونسلن، تعلقن ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۽ آخر ۾ ٽئين درجي جي ضلعن جي وڏين اسپتالن ۽ ٽيچنگ اسپتالن تي موجوده دٻاءُ، پوليو جي بار بار ڪيسن جي موجودگي، ايڇ-آءِ-وي ۽ ڪامڻ جي ڪيسن ۾ واڌ ۽ سموري سنڌ بلڪ پوري ملڪ ۾ ٽراما سينٽرن جي ڪوٽ ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون ڪوٽون اهو سمجهڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن ته دراصل پاڪستان ۾ نہ ته ڪا واضح

صحت پاليسي آهي، نہ ئي ڪو مشن يا وِزن آهي. ويتر 18 ترميم کان پوءِ صحت هڪ صوبائي معاملو ٿيو آهي تہ سنڌ حڪومت وٽ صحت جي شعبي واري ڪارگردگي هڪ نيچ درجي تائين موجود آهي، يعني اها هڪ بدترين ۽ خراب حڪمرانيءَ جي صورت ۾ موجود آهي، يعني اسٽاف جي ڪوٽ، هنرمند ۽ تربيت يافتہ طبيبن ۽ ٻئي اسٽاف جي ڪوٽ، جديد ليبارٽرين جي ڪوٽ، ايمبولنسسن جي ڪوٽ، ڏورانهن علائقن ۾ صحت جي شعبن جو نہ هجڻ، صحت جي ناقص ميڊيڪل جي تعليم، نجي اسپتالن جو ڪاروبار ۽ نقلي دوائون، طب جي شعبي جي غير اخلاقي پريڪٽس ۽ دوائن جي ڪمپنين سان ڏي وٺ، ٻاهرين ملڪن جا دورا ۽ صحت جي شعبي ۾ بجيٽ جي صرف 2.6 سيڪڙو تائين سيڙپ ۽ ملڪ جي 60 ملين کان ٻہ وڌيڪ غربت جي لڪير واري آبادي، اهي سڀ ڳالهيون هڪ نئين صحت جي پاليسي، بجيٽ جي وسيع واڌ، نون معيارن جي صحت پاليسي، سرڪاري صحت جي پوري هڪ نيٽ ورڪ، جنهن ۾ ڳوٺن کان سمورن شهرن ۽ لنڪ روڊن جي اندر ٽراما سينٽرن جي هڪ پوري نظام جي گهر ڪن ٿيون. اندازو لڳايو تہ اڃڙو ٽر، غيبي ديرو، ڪاڇو ۽ سمورو ٽرپارڪر، جتي پاڻي ٻہ اڍ لڀ آهي، اتي لکن جي تعداد ۾ ماڻهو صحت جي سهوليتن کان ڪيترو نہ پري خانہ بدوش ۽ ڏکي زندگي گذاريندا هوندا ۽ ايمرجنسيءَ جي حالت ۾ ايمبولنسن کان، هنرمند اسٽاف کان ۽ دوائن کان وانجهيل هوندا ۽ موت جي منهن ۾ پيا هوندا. اهوئي سبب آهي جو سرڪار جيان سموري گورک ڏنڊي جي ڪري عوام سرڪار نامدار سان اٽڪڻ جي مقابلي ۾ اتي وينل طبي عملي سان اٽڪي پوي ٿي ۽ آئي ڏينهن جهيڙا ٻہ ٿيو پون ٿا ۽ مارڪس جي تصور بيگانگي وانگي هو سيٽ جي مقابلي ۾ مل يا

ڪارخاني کي بند ڪري پنهنجي باهه ڪيي ٿو ڇڏ ته ائين ڪرڻ سان مزدور خوش ٿي ويندو يا طبي عملي سان اٽڪڻ سان صحت جو نظام بهتر ٿي ويندو.

دراصل اسين مليريا ۽ ٽي.بي ۾ ٻه مٿين پنجن ملڪن جي لسٽ تي بينا آهيون. ڊينگي جي بخار ۾ 2010ع کان ورتل آهيون، جنهن هزارين ماڻهو ماري وڌا آهن. چاتيءَ جي ڪينسر ٻه هڪ موتمار صورت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ڦڦڙن ۽ چاتيءَ جو ڪينسر ٽاپ تي آهي. هڪ اندازي مطابق هر سال 40000 کان ٻه مٿي مايون چاتيءَ جي ڪينسر ۾ مريو وجن ٿيون، جيڪا هڪ خطري جي گهنٽي آهي. ٻئي طرف تماڪ، ٻيڙي، نسوار ۾ پاڪستان سائوٿ ايشيا ۾ سڀ ڪان اڳتي آهي. گهٽڪي، پان پراگ ۽ سوپارين جي استعمال ۾ سڌ اجان ٻه اڳتي آهي. ڪاڌي جي کوٽ ٻارن ۾ ننڍي قد وارن ۽ ذهني طور پوئتي پيل ٻارن جو تعداد لکن ۾ پيدا ڪيو آهي. سڌ ۾ اها صورتحال سمورن صوبن کان خراب آهي. ٻئي طرف ماحول جي گدلاڻ، دونهين، خراب کاڌن، گندي پاڻي، تماڪ، دل جي اٽيڪ وارين بيمارين يا دل جي موتمار دورن ۾ اضافو آندو آهي. تازو سيٽلائيٽ دل جي مرڪزن جي ڪري سڌ ۾ ڪجهه فرق پيو آهي، نه ته اهي ماڻهو وات ويندي ئي دل جي دوري ڪري مري ويندا هئا. ٻئي طرف دماغي رڳ جو ڦاٽڻ ٻه موت جو هڪ وڏو سبب آهي. هر سال 350000 کان ٻه مٿي دماغي رڳ ڦاٽڻ جا ڪيس رپورٽ ٿين ٿا، جن کي پهرين سنيال سان گهٽائي سگهجي ٿو پر اهي شعبا ٻه نالي ماتر آهن. صحت جي شعبي ۾ پهرين ٽڪا هٽائڻ، مرگهي جو مربوط نظام نالي ماتر عمل پذير آهي. ماڻهن کي جاڻ ڏيڻ جو ڪو وڏو نظام نه آهي. ملڪ جي سماجي انتشار ۽ دهشتگرديءَ ٻه هڪ ذهني دٻاءُ پيدا ڪيو آهي، جيڪو ٻه ذهني رڳن

ڪي انتشار ڪري ڦاڙي وجهي ٿو. ان کان سواءِ هر ڏهون ماڻهو شگر ۾ ورتل آهي. هڪ تحقيق مطابق 2030ع تائين پاڪستان دنيا جو سڀ کان پهرين 5 نمبر وارن شگر وارن ملڪن ۾ ليکيو ويندو.

ٻئي طرف سنڌ دنيا ۾ هيپاٽائٽس بي ۽ سي ۾ سڀ کان اڳتي آهي. صرف بلوچستان جا ڪجهه علائقا ان سان مقابلي ۾ آهن ۽ ان جو ڏو سبب خراب رت جو اهو نظام آهي جنهن سان اهو وڌيڪ ڦهلجي ٿو. پلي ڪٽي اهو خراب رت ٻئي کي ڏنو وڃي يا ٻئي جو رت خراب هجي ۽ اهو ڦهلجي. اهڙيءَ طرح ايڊز، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، نمونيا، دم ۽ ڦڦڙن ۽ انهن جي نلين ۾ خرابي ۽ هڪ خطرناڪ حد تائين آهي.

هتي اسين آخر ۾ ذهني صحت جي ڳالهه ڪريون ٿا تہ لڳ ڀڳ 60 ملين ماڻهو ذهني بيماريءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن حالت ۾ ورتل آهن. اها ڳالهه خطري کان خالي نہ آهي. ٻئي طرف نشي جي حالت وارا ماڻهو ۽ ڪافي تعداد ۾ آهن. اهڙن نشن ۾ تازو آئيس وارو نشو، هيروئن، شراب ۽ ٻين ۽ ڪيترن ئي قسمن جا نشا آهن. اهو سڀ ڪجهه سنڌ ۾ اڃا وڌيڪ ئي آهي، ان ڪري سرڪار جي صحيح صحت پاليسيءَ کان سواءِ اها خرابي ختم نہ ٿيندي. هن ڏاڪي تي صحت جي بهتريءَ لاءِ ڪجهه تجويزون عرض رکجن ٿيون:

1. سنڌ جي مجموعي صحت جي باري ۾ هڪ واضح نقطہء نظر، فڪر، سوچ ۽ مسقبل جي واٽ چٽي ۽ واضح هئڻ گهرجي.
2. سنڌ ۾ صحت جي باري ۾ پاليسيون ڏيڻ ۽ نندي مدت واريون ناهيون وجن ۽ ان ۾ پروگرام ۽ عمل جا ڏانچا واضح هجڻ گهرجن.
3. صحت جي شعبي ۾ ٿيندڙ خرچ ۽ سياسي ارادي جو اظهار ايندڙ پنجن سالن تائين پنجوڙو ڪيو وڃي.

4. صحت جي شعبي ۾ گهربل انساني وسيلا، هيئيون ڊانچو، ٽيڪنالاجيون، تربيت يافته عملو، انتظامي ڊانچو ۽ قابل، مهارت ۽ لياقت رکندڙ عملي جي گهرج پوري ڪئي وڃي.
5. دنيا جي ٻين ملڪن ۽ صحت جي شعبي ۾ غير معمولي ترقي ڪندڙ ملڪن جي تجربن مان سکي هڪدم اهي پاليسيون لاڳو ڪيون وڃن. صحت جي شعبي ۾ تعليم ۽ تربيت جا عالمي معيار مقرر ڪيا وڃن ۽ اهڙا ئي معيار يا دارا قائم ڪيا وڃن.

Daily Kawish, November 11, 2019



ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو معاشيات جي عالم ۽ پروفيسر، تحقيقي اسڪالر آهن. سندن جنم سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ 1968ع ۾ ٿيو شروعاتي سنڌي، سيڪنڊري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائون. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ايم. اي معاشيات، سنڌ يونيورسٽي مان معاشيات ۾ پي. ايڇ. ڊي جي سند سال 2000ع حاصل ڪيائين. گلاسگو انگلينڊ مان سال 2006ع ۾ پوسٽ ڊاڪٽوريٽ جي سند حاصل ڪيائون. سال 1990ع کان 1998ع تائين سنڌ حڪومت ۾ ليکچرار معاشيات، ڪنسلٽنٽ، ايڊوائيزر رهيا. سال 1998ع ۾ سنڌ ڊولپمينٽ اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ۾ ماسٽر پروگرام ۾ بطور ماهر معاشيات خدمتون سرانجام ڏنائون

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو جن جي بنيادي علمي، ادبي، سياسي تربيت ترقي پسند تحريڪ، عوامي تحريڪ جي علمي، عملي مرحلن مان گذري ڊاڪٽر هڪڙي انگريزي، سنڌي، ۽ بيشمار علمي، سياسي، معاشي مضمون، تحقيقي مقالا لکيا. ٽن ڪتابن ٿي ڪتاب "ٽن ڪتابن هڪ پي ڊانتظامي" سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن" اسلام آباد، انگريزي، پيو ڪتاب "21هين صدي ۽ اوهان مسئلا، مشڪلاتون" نيوا پبلشر آمريڪا مان 2019ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر هڪڙو ملڪي، بين الاقوامي سطح تي ڪيترن ئي ادارن، تحقيق ڪندڙن جي اڳواڻي ۽ نگراني پڻ ڪئي. ڪيترين ئي مادر علمين کي بهتر بنائن لاءِ تجويزون آڻيون، ريسرچ پن ڪئي. پاڻ هن وقت به مختلف شعبن ٿي تحقيق ڪندا رهن ٿا. جن ۾ بين الاقوامي معاشيات، پاڻي، سياسي معيشيت، ماحولي گدلاڻ، وڃ اوپر جي ملڪن ۾ معاشي، حفاظتي اقدامات وغيره شامل آهن. ڊاڪٽر هڪڙو هن وقت وڃ اوپر، سلطنت اومان جي ڪاليج ۾ ايڊمو سيئيٽ بين تحقيق، پروفيسر آف ايڪنامڪس طور خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. هو هن وقت سنڌ کان ٻاهر آهن، پر سندس ڏينهن جو ناتو ڌرتي، ۽ ان جي عوام سان جڙيل آهي. هو پروگريسو ڪنگرس فورم سنڌ جي پليٽ فارم تان، ميڊيا وسيلي، انسان ذات، ڌرتي، سنڌي عوام سان جڙيل آهي. پڪول لاڪيئي لطيف جي "سچن، سائين، ڪنهن آساسي، وسري" (شاهه) راحيلا گهمرو ايڊووڪيٽ

ڊاڪٽراحمد نواز هڪڙي جي تحقيق، قلم جا موضوع ٽمار گهڻا مختلف، ڳوڻا ڳڻن آهن. سندس ڏانهوارات، ڪيتواس ٿي معاشيات، سياست، عورتن جي آزادي، ڪردن جي تحريڪ، امريڪي الڪيشن، سياست، تعليم، سنڌ جون مادر علميون، سنڌ جي تاريخ، تهذيب جا، سوين رنگ چٽيل آهن. هو جيڪا به گالهه ڪري ٿو، ان جي ثبوت طور هو ڪٽين انگ اکر پيش ڪري ٿو. ان ڪري سندس ڪيل گالهه کان انڪار ڪرڻ ڪنهن به ماڻهو لاءِ ٽمار گهڻو مشڪل هجي ٿو. (ڊاڪٽر سڪندر مغل)

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو هن ڪتاب ۾ سياسي، سماجي، معاشي، علمي، عالمي موضوعن تي ڪيل آهن سندس ڪتبن ۾ ٽمار گهڻي گهرائي آهي. هن ڊ. صرف مختلف موضوعن متعلق پڙهندڙن کي معلومات ڏني آهي پر سڀاڻي وقت حڪومتن جي غلط پاليسين تي شديد تنقيد پڻ ڪئي آهي. ان کان علاوه هن ان جي حل لاءِ تجويزون پڻ ڏنيون آهن. Dr. Ikhtiar Ghumro, SALU Khairpur

ڪرونا، سياسي معيشيت" ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جو هي هڪ اهڙو علمي، نظرياتي پورهيو آهي جيڪو پڙهندڙ جي ملڪي توڙي بين الاقوامي سياسي معيشيت بابت ڄاڻ کي سمجهن ۾ وڏيڪ مدد ڏئي ٿو. ڊاڪٽر ذوالفقار علي راهوجو

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاپ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book